هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه...

ماڙيوالا

ھڪڙي ڏينھن جي ڳالھ.......

مصنف

چيتنرام ليکراج ماڙيوالا

اتهاس اڌياپڪ،

جئه هند ڪاليج،

چرچگيٽ، بمبئي – ٢٠

جنوري ١٩٧٥ع

ملھ پنج رپيا

ڇاپو پهريون

مهاڳ

مون کان جيڪڏهن پڇيو وڃي ته هن جيون ختم ٿيڻ تي هوند ڇا چاهين، ته مان هڪدم وراڻيان ته مان هوند وري منش-جنم وٺي، هن دنيا ۾ موٽي اچان. حياتيءَ جي هر روز نت نئون ۽ نرالو ناٽڪ پيو رچجي، جنهن ۾ هرهڪ جيو کي پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻو آهي. انهيءَ ڪري ئي حياتي رنگين ۽ رسيلي بڻجي ٿي ۽ اُن ۾ خاص طور پنهنجو پارٽ روچڪ نظر اچي ٿو. پارٽ جي نامياري ليکڪ، ڊي ايف ڪراڪا، جنهن جي مهاتما گانڌيءَ جي عمدي ۾ عمدي جيوني ”مٽيءَ مان منش“ لکيل آهي، تنهن پنهنجي تازو ڇپيل جيون پاترا ”پوءِ حضرت علي نظر آيم......“ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته منش جي زندگيءَ جو سار ڪن ساعتن ۾ ئي سمايل ٿئي ٿو. اهي اهميت-ڀريا لحظا خاص طور سندس لاءِ ئي ملهائتا ٿين ٿا؛ پوءِ چاهي اهي پلڪ پيار، جذبات، شوق، موج ۽ ڪاميابيءَ جا هجن، جن جي ڪري منش ڦوليو نه سمائجي، ۽ جن جي اظهار کان هوُ پاڻ روڪي نه سگهي، يا وري اهي گهڙيون ناڪاميابيءَ ۽ شڪست جون هجن. انهن پوئين ساعتن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪيتري قدر اندر جي جهوريءَ تي قابو پيو آهي ۽ پنهنجي اکين ۾ پوڄي آيل آب کي لڙي اچڻ کان روڪڻ ۾

Printed by Asudomal Rochiram Punwani
at the CROWN PRINTERY, Sane Guruji Road, Bombay 400 011
Published by Prof. C. L. Mariwalla, Hari-Kripa, Block 7,
Behind Market, Sion, Bombay 400 022

ونود، آرؤن

۽

ٻين ڏوهٽن پوٽن جي وندر لاءِ

ڪهڙي حد تائين ڪامياب ويو آهي. منش جي جيون آهڙن پلڪن جوئي جوڙ آهي."

پنهنجي وچولي جيون واري پنجيهن ورهين جي عرصي مان پنجاهه ڏينهن چونڊي، انهن جي انوکي لطف جو هت ورنن ڪيو اٿم ۽ انهن مان حاصل ڪيل آزمودن جو نقش پڻ چٽيو اٿم. مان هڪ ساڌارڻ منش ٿي آهيان، ۽ پنهنجي جيون مان هي ۽ لطف پريا پلڪ انهيءَ مراد سان پيش ڪيا اٿم ته پل ته سنڌي- جن- جن ۾ وڏا ماڻهو پڻ اچي ٿا وڃن، جو ته منجهن پڻ ساڌارڻ منش سمايل آهي- پنهنجو ڪجهه وقت وندر ۾ گذارين. ساڳئي مقصد سان ٿي ڪي سال اڳ "سانئڙ جي درسنيءَ تان" نالي ڪتاب شايع ڪيو هوم، جنهن ۾ انديڻ جون تصويرون پيش ڪيون هيم. آرزو اٿم ته شل هيءَ "هڪڙي ڏينهن جون ڳالهيون" پڻ ساڳيءَ ريت سنڌي سڄڻن جي طبيعت کي تفريح ڏين.

٢٦ جنوري ١٩٧٥ع،
"هري- ڪرپا"،
سيان، بمبئي-٢٢.

چيتن ماڙيوالا

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه..........



C. L. MARIWALA Esq., B. A.,

First Sir Evan James Prizeman after many years.

Since its institution in 1925, the Sir Evan James Prize offered every two years for the best essay on a subject connected with the History or Literature of Sind, has not been awarded to a single candidate. The reasons are significant:—Either no Essays were received, or, the attempts submitted were not deserving of the award in the opinion of the Judges. The Prize, offered again in 1937, after an interval of five years, was carried off at last by Mr. C. L. Mariwala with his brilliant Essay on "Ancient Sind Civilization, as known from Recent Archaeological Excavation."

Mr. C. L. Mariwala who holds the Post of Tutor in History in the College, and was the Sind delegate to the recent History Congress held at Lahore, is a prolific contributor to Indian Historical Journals, and an assiduous worker on the Ancient Records of this Province.

جڏهن اِنعام کٽيم - ص ٢١

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه......

١. مڱڻو طيءِ ٿي ويو

روزمره موافق باوا جن (منهنجو ڏاڏو) شام جي چانهه ورتائي، ڪٿا تي لکڻ ويا. ٻاپي ڏر مداس جن تازو ڪراچيءَ آيا هئا ۽ اسان جي گهر جي ويجهوئي ڪٿي لٿل هئا. ٻاپي جن جي گيان گوشت مان بابا جن کي خاص آنند ايندو هو. ان ڪري جڏهن ڪو ٻاپي جن ٻاڙي ۾ اچي سهڙيا هئا تڏهن ڪو باوا جن چار وڃن پڻ خاطر سندن سنمک ويندا هئا. اڄ پڻ اوڏانهن ئي ويا هئا.

منهن اونداهي ٿي تہ باوا جن موٽي آيا، پر هونئن کان اَلبت چڙڪو. اَڄ باوا جن اَلبت چست ۽ سرها ٿي لڳا. آءٌ باوا جن کي لوڪريءَ تي ويندو ڪين سڃيران. ننڍي هولڊي کين پنڪو سو ڀهرئل ڏنو هوم، باقي لوڪريءَ واري سمي جي ٻـي ڪاٻہ نشاني ڪين سڄهيم. پنڪو ڀهرئل باوا جن چڱا ڪڙا لڳندا هئا. پر جلد ٻوءِ گهر ۾ جو هڪ ٻئي پنيان قضيا ٿيا- وڏو پٽ، ننڍو پٽ، ننڍي ننهن، پوٽو...... تنهن جڻ سندن چيلهه ڀڃي وڌي. صبر ۽ سنتوش باوا جن برابر ڪين ڇڏيو، پر آندر ۾ لڳل چٽڪ جي لهس جا چنهه سندن چهري تي چٽا ظاهر ٿي بيٺا هئا. باوا جن هاڻي پنڪو

هو، جنهن جو حل سولو ڪين ٿي سجهيو؛ اهڙي ڪا
ڳالهه هئي جنهن ۾ پيءُ پٽ سهمت نٿي ٿيا ۽ ان
سبب قصو اڙو اينگهجي پيو هو.

ڪجهه ويرم بعد دروازو کليو. بابوُجن هونءَ کان وڌيڪ
گنڀير ٿي لڳا. موکي ڏسنديءَ ئي اشاري سان موکي
پاڻ وٽ سڏيائون. منهنجي اَچرج جي حد نه رهي.
آخر وڏن جي ڳالهين ۾ منهنجو ڪهڙو واسطو! وسوسا
وڌهي ويم ته موکان ڪا اَربع خطا ته ڪانه ٿي گذري
هئي، جنهن ڪري اهي ڪن سن جون ڳالهيون ڇيڙيون
هيون!! پر موکي اهڙو ڪجهه به خيال ۾ ڪين آيو،
مورڳو من جو مونجهارو لهائين وڌي ويو. بابوجن موکي
پاڻ وٽ گهرائي، پنهنجي پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي
وهڻ لاءِ چيو. منهنجي اُڻ تڻ چوٽ چڙهي وئي.
بابوُجن چيو، "باوا جن چاهين ٿا ته توکي مڱائجي."
ڳالهه چٽي هوندي به موکي سمجهه ۾ ڪانه آئي. اهو
ڪيئن ٿي ٿي سگهيو! مان ته اَڃا ڪاليج ۾ ٿي پڙهيس،
پوءِ مڱڻي ۽ شاديءَ جو سوال اُٿيو ئي ڪٿي ٿي! ائين
نه پڙهڻ ۾ رخنو پئجي ويندو!! مان جڏهن مئٽرڪ
پڙهندو هوس تڏهن اَميءَ جي اُڇي دل سرڪي ته
ڇوڪر مڱايان. پر بابوُجن اعتراض ورتو هو- سبب
اهو ئي ته اهڙيءَ حالت ۾ پڙهڻ ۾ رنڊڪ پوندي.
ڪاليج پڙهڻ جو شروع ڪيو هوم، سو موکي اُن کان

ڦهرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ اُن بدران ڪاري ٻنگلوري
ٽوپي پائڻ لڳا هئا.

پر اَڄوڪي ڇٽي ۽ منهن جي مهڪ سندن اَڳين
ڪڙائيءَ جي ياد کي تازو ڪرڻ کان ڪين رکيون.
ڪوٺيءَ ۾ ڪپڙا بدلائي، باوا جن رنڌڻي وٽ اَچي،
ڏاڍي پاٻوهه مان تنهن کي سڏيو- ٽن مان اِها هڪ ئي
سڌوري ته وڃي ٻچي هين-، ”ڪنوار ڳالهه ته ٻڌ.“
اَميءَ، ڪم اَڌ ۾ئي ڇڏي، باوا جن جو سڏ اوناڻي،
سندن ڪوٺيءَ ڏي وک کنئي. باوا جن جي چوڻ تي
هن ڪوٺيءَ جو در ڪٽي ٻيڪڙيو. هيءَ در-ٻور ڪانفرنس
اَسانجي ڪٽنب ۾ شايد پهريون ئي دفعو ٿي هئي-
اِهو هڪ عجب اِسرار هو. اَندر ڪهڙي چرچا ٿي،
تنهن جي ڪل فقط تنهن ۽ سهڙي کي؛ ٻي خبر
ڏٽيءَ کي.

در جهٽ ئي کليو. منهن ۾ تنهن جي ٻتار لـي
عالي سرڪار جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ جا حڪم تعميل
ٿيا. ٻابوُ جن (منهنجو چاچو ۽ گر-پتا) سڏ ٿيڻ تي هڪدم
باوا جن وٽ ويا. وري دروازو بند ٿي ويو. هيئن
اَسان جي گهر ۾ ڪڏهن ڪين ٿيو هو. هنن ڳجهه
ڳجهاندڙ ڳالهين جو آخر پريوجن ڇا؟ مطلب ڪهڙو؟
ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين آيو. هن دفعي دروازو ڳچ
دير تائين بند رهيو. شايد اَهڙو ڪو پيچيدو مسئلو

ڇوڪري ھتان ڇڏڻ نہ گھرجي. جڏھن ٻاوا جن پڻ چاھين ٿا تہ تنھنجو مڱڻو اُتيءَ سان ٿئي تہ توکي ڪوبہ اعتراض ھئڻ نہ گھرجي. وڏن جي ڳالھہ کي وزن ئي ڏيڻ گھرجي."

جڏھن گھر جي ڀاتين جو رايو ساڳيو وڃي بيٺو تہ مان لاچار ٿي پيس. منھنجا اعتراض ھڪ ھڪ ڪري اُڏامندا ويا ۽ "ھا" ڪرڻ کانسواءِ مون لاءِ ڪوبہ چارو ڪونہ رھيو. ٻاٻوجن منھنجو اندر جھٽ پرکي ورتو ۽ اسين ٻئي ٻاوا جن وٽ وياسين.

ٻاوا جن ڀاسي ۾ وھاري ڏاڍي ڀاٻوھہ مان شام جو جيڪي ٿي گذريو ھو، سو مونکي پيرائتي ريت ٻڌايو- شام جو ڀائي ڌرمداس جي ڪٿا لاءِ جڏھن ھين سندن ميزبان جي گھر جو در وڃي ڪڙڪايو تہ اُھو ڪنھن ليڊگر آچي پٽيو. ليڊگر کي ڏسندي سندن دل سرڪي وئي تہ ڪيس پوئي ڪھوار ٻڌايان. ڪٿا پوري ٿيڻ تي ٻاوا جن شب ۾ ڇوڪريءَ بنسبت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ پڪو پھ ڪيائون تہ ڪيئن بہ اُھو سڱ ضرور ڪبو. جڏھن ڳالھہ سرٻستيءَ طرح ٻڌائي پوري ڪيائون، تڏھن ڳراٽڙي پائيندي، ٻاوا جن چيو، "ڇوڪري ڏاڍي سباجھي ھئي، تنھن ڪري مونکي ھڪدم پسند آئي؛ وچتر جو پڇا مان پتو پيم تہ ڪنھن جي ڌيءُ آھي تہ باقي رھيو کھيو حجاب پڻ ڪافور ٿي ويو. ٻار اڪثر طرح

وانجهڻ لاءِ بابوُجن هرگز تيار نہ هئا. اِنهيءَ سبب قصو اُتيئي ختم ٿي ويو. بابوُجن تڏهن نہ ڀال جو ڪم ڏنو هو. پر هيئنر سندن رخ ڪجهہ قدر بدليل هو. بابوُجن مونکي ڳالهہ پيرائتيءَ ريت سمجهائي- ”باوا جن چون ٿا تہ مان هاڻي ڪافي پيرسن ٿي چڪو آهيان ۽ پوين پيا پونم تہ گهڻو وقت جٽاءُ ڪين ڪندس. سالن کان هڪ ٻئي پٺيان ڏک پئي سٺا اَٿم. منهنجي آس آهي تہ پوٽو مڱائي، ڪجهہ دل کي سيتل ڪريان.“ آخر فيصلو مونتي ڇڏيو ويو. منهنجي منهن ۾ اَعتراض جو ريکائون مڙنديون ڏسي، بابوُجن چيو، ”مان خود هن ڳالهہ جي برخلاف آهيان. پر باوا جن جي خواهش بہ اَڻ واجب ناهي. هن وهيءَ ۾ کين ناراض ڪرڻ واجب نہ ٿيندو. مون تنهنجي پاران هڪ شرط وڌو آهي تہ شاديءَ لاءِ زور اَصل نہ ڪندا جيسين تو بي. اي پاس نہ ڪئي آهي. باوا جن خاطري ڏني آهي تہ ”مان فقط مڱڻو ڏسڻ ٿو چاهيان، مان شاديءَ لاءِ اَصل ڪين چوندس.“ اَسان پاڻ ۾ وينٺي ڳالهايو تہ اَمي بہ ڪمري ۾ گهڙي آئي. سندس منهن تي مٺي مرڪ ٽهليل هئي. چوڻ لڳي، ”متان ناڪار ڪئي اٿيئي. ڇوڪري اُها ساڳي ئي آهي، جنهن جي ماڱڻيءَ بہ سال اَڳ آئي هئي، جڏهن تون مئٽرڪ پڙهندو هئين. منهنجي تہ تڏهن ئي مرضي هئي. اَهڙي گل جهڙي

٢. وڏيءَ ور نہ سياڻو

منهنجو مڱڻو ني ڏينهن مهمل رکيو ويو. ڇو! آسان وٽ تہ مڱڻو پسند هو. ڪنوار وارن کي بہ ڳالهہ خاص طور وڻي هئي. هنن تہ بہ سال اڳ ڳالهہ ڇوري هئي، پر آسان ني "نہ" ڪئي هئي، جو مون اڃا مئٽرڪ ني ڪانہ پاس ڪئي هئي. هاڻي جڏهن پئي ڌريون راضي هيون تہ باقي دير جو ڪارڻ ڪهڙو؟ ڇڱي ڪم ۾ دير اَصل نہ وجهڻ گهرجي! پر بابُن جو ڇوڙ هو تہ جيستوڻي ڇوڪر، ڇوڪري ڏسي، "ها" نہ ڇئي آهي، تيستوڻي مڱڻو ڪين ڪبو. وقت ڦيرو کائي ڇڪو هو. ڇوڪرين ڏسڻ جو رواج شروع ٿي ويو هو. وڏن لئي چاهيو تہ ڪڏهن بہ لنڊا مٿن ميار رکن تہ سندن قبوليت کانسواءِ کين گهنڊڻي پڌائي وئي هئي. هوڏانهن منهنجا خيال ڪجهہ نرالائي هئا. مانٽ پارکي ڪس تورونئي لائيندا. باواجن جي/تہ ڇوڪري ڏسڻ سان ني دل سرڪي هئي! اَميءَ تہ اِها ليکو سالن کان ني آک ۾ رکي هئي! تنهن کانسواءِ منهنجي وڏي پيڻ کي بہ تہ ڇوڪري وڻي هئي. باقي مون کي ڏسڻوئي ڇا هو! تنهن کان سواءِ ڪنهن کي هڪ دفعو ڏسڻ سان تورونئي عمر پر لاءِ ڪو فيصلو ڪري سگهبو! سو بہ جي اَڳلي کي اَڳواٽ اِطلاح مليل هوندو تہ هوُ ڇنجي ڏکجي وهندو ۽ حد خبرداريءَ سان پيش ايندو. اِهيءَ حالت ۾

ماءُ پيءُ ٿي ئي وڃي ٿو. ڪلوليت مائٽن جا ٻار ڪڏهن ڪسا لٿا ثابت ٿين. منهنجي حياتي اَڃي پَئي آهي. دل هيم ته گهر ۾ ڪو ته ننڍو وڏو جشن ڏسي وڃان- حشر ته حشام ڏٺا اَٿم. هاڻي تنهنجي مرضي ۽ سڀ واڳون تنهنجي وَس ئي آهن.” باوا جن جڏهن سڀ ڪجهه چئي پورو ڪيو ته ڏٺم ته سندن اَکيون پُرجي آيون هيون.

انهيءَ وچ ۾ اَمي به چپ چاپ ۾ منهنجي پَر ۾ اَچي بيٺي هئي. مولڪي فيصلي ڪرڻ ۾ ويرم اَصل ڪانه لڳي. منهنجي لاءِ ٻيو ڪجهه پسند ڪرڻ جي واهه ؤسيلو ڇڏيو ئي ڪٿي ويو هو! سڀني کي ناراض ۽ نراس ڪرڻ سان سک ماڻڻ جو آسرو خير ٿي نظر آيم. تنهن ڪري ڏاڏي جو چوڻ مڃيم ۽ مڱڻ قبوليم. سچ ٿو چوان ته وڏن جي صلاح وٺڻ ۾ ڪس اَصل ڪانه لڳي اَٿم، ڪسرئي نصيب ٿي اَٿم.

ڪرڻ لٿي گھريو، تنھن ڪري ڪڇيم ڪين، پر اَندر ۾ ڪاميس ضرور، جو مون ھن ڏي- وس جي سخت خلاف ھوس، ۽ ساڳ فقط ھڪ طرفي. پر ڪڏھن غم ڪانڌوني ٿو پوي. جنھن چاھ ۽ چوج مان اَميءَ مولڪي پاليو ڪانيو ھو، ۽ پاڻ ھٿائي مولڪي ھيڏو ڪيو ھو، تنھن جي خوشيءَ ۾ رخنو وجھڻ مولڪي ڪين ٿي آئڙيو. تنھن ڪري صبر ۾ رھيس. نيٺ صاحب منھنجي ٻڌي- ھفتي ڪن ڪان پوءِ ڪورٽ جي وئڪيشن پوري ٿي، جنھن ڪري منھنجا ساھرا پنھنجي ماڳ- وريا ۽ روزانا ٿالھ اَچڻ کي ناپر آئي.

اِئين وقت وھامندو رھيو، ٿانجو سال ڪن ته واھ جو گذري ويو. ھڪڙي ڏينھن شام جو ڪا ٽڪڙي شيءِ گھربي ھيم، سو سنڌي وڃي ۾ ئي لڪري پيس پاسي واري ڳالڌي بازار ۾. اَچا ھڪ ڇوسول ٽپي اَڳٿي تيس ته چيناڻند گڏيو. چيناڻند منھنجي ماروٽ جو گھوٽ ھو. مون کي جو ڏٺائين ته پريان ئي ڪيڪاريائين. ھوُ قرب پيار ڪانسواءِ ٻيو ڪين ڄاڻندو ھو، تنھن ڪري سندس صحبت ۾ اَنوکو لطف ھو. مان پڻ ڪيس پاڻوھ مان وڃي گڏيس. ھڪ ٻئي کان حال اَحوال ورتوسين. سانڀس ڪا ليکو گڏ ھئي. پر جڏھن ته ھن ڪاھ واقفيت ڪانه ڏني ته مون پڻ ھن ڏانھن ڪو خاص ڌيان ڪين ڏنو. ھوءَ اَڻسچائي ليکو چيناڻند جي ڪٻي کان ٻئي

ڪهڙو فيصلو ڪري سگهبو! ساهيڙپ سنگت ۾ گڏجڻ مسجڻ سان آڳاٽي جي سياءِ فضيلت، پنگ ٻول، وغيره، جو ڪجهه مڙهوئي تڏمينو لڳائي سگهجي ٿو؛ باقي هڪ دفعو گڏجڻ سان نالو به ڪجي ۽ ڪو خاطر خواهه فيصلو به نه ڪري سگهجي، ته اُن مان سُود ڪهڙو! تنهن ڪري منهنجو اهوئي ويچار هو ته مون لاءِ ڇوڪري ڏسڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي، خاص ڪري جڏهن منهنجي گهر جي ڀاتين کي ڇوڪري پسند هئي ۽ ڇوڪريءَ جا مائٽ ناتيءَ پيڙهي پٽ هئا. پر بابوجن کي اها ڳالهه قبول نه هئي، جنهن ڪري مڱڻو مهمل رکيو ويو. اها رد بدل ٿي ڏينهن هلي. جڏهن مان پنهنجي ارادي تي اَڏول رهيس، تڏهن لاچار بابوجن کي مڙڻو پيو ۽ مڱڻي جي رسم اَدا ڪرڻ جي موڪل ڏنائون. مان جو پنهنجي هرڏ تي قائم رهيس ته هوءَ پڻ مات ۾ رهي، ڇو ته ڇوڪرين جي ڪڇڻ جو زمانو اَڃا ڪونه آيو هو. ان ريت ٻنا ڏٺي هڪ ٻئي جو خيالي چٽر چٽيندا رهياسين.

پڪ جا ٻه روپيا رپيا، مصري، ناريل، وغيره، ڏيڻ سان ڏيتي ليتيءَ جي جڻ ٻيگهي مڃي ويئي. هر روز سڄ اولهه طرف ٿيو ناهي ۽ ساهرن وٽان مال مليندا آيا ناهن - نت نوان، نرالا ۽ لذيذ! مولکي ڳالهه اَصل نه پيئي وٽي، پر اَمي طعام ڏسي پيئي ٿڙي!! مون کيس ناراض

ڏيان ڇو ڏيان؟" جيئنانند ڏوهٽيءَ کان وڌيڪ
ڪونئيندي پڇيو، "ڪيئن ٿي چئين ته هُو اوپروءَ پرائو هو؟
هُو پنهنجو ئي ته هو. تو جو اَک کڻي به نه نهاريس ته
هُو وري ڪيئن ڪڇي. اهي تنهنجا ڪم آهن نه!
تون اَچا پاڻ کي ننڍڙي پيئي سمجهين!" ليڊگو
اَبوجهانيءَ مان ڇيو، "ماما، اَچا پيا مولسان ننڍي
هوندي وارا چرچا ڪريو. پوءِ به چئو ٿا ته وڏي ٿي
وئي آهيان. جي هُو پنهنجو ئي هو ۽ مون نه سڃاتو ته
توهين ئي ڪڻي ٻڌايو ته هُو ڪير هو؟" الهيءَ تي وراڻيو،
"هُو ته تنهنجو ئي نه پنهنجو هو" ۽ ڪمرو ٽهڪڙي
سان ڀڪي اٿيو.

هلي ۽ مان سندس ساڄي پاسي هوس، تنهنڪري پڻ اَسانجو هڪ ٻئي ڏانهن ڌيان کين ڇڪيو. هن نڪي مونکي ٻڌايو ته هو ڪٿان اَچي رهيو هو ۽ ڪيڏانهن ٿي ويو ۽ نه مون ئي وري ڪانئس ڪا اهڙي پڇا ڪئي. ٻيون ايتريون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ هيون جو هن پڇا ڪي وارو ملڻ وارو ڪين هو. ڪجهه وکون مس ڪنيونسين ته ٻيو ڇوسول به اَچي ويو. مونکي ساڄي طرف ڦرڻو هو ۽ جينانند کي سڌو اَڳتي وڃڻ جو ويچار هو. شايد اَڳيان وڌي اَڳئين اسٽاپ تان گهر لاءِ بس پڪڙڻي هيس. ان ڪري ڪانئس موڪلائي، مون پنهنجو رستو ورتو ۽ هو پنهنجو گس وٺي، راهي ٿي ويو.

ڏسڻ ۾ ٿو اَچي ته منهنجو اَنومان بلڪل سچو نڪتو- جينانند برابر بس ۾ وڃي چڙهيو. گهر پهچڻ سان سندس اشاري تي گهر جا سڀ ڀاتي ڪمر ڪري اَچي ڪمري ۾ ويٺا. مس ڪري سندن ڏوهٽيءَ ماءُ پيءُ کان سواءِ ٿي نانا ٽي ڏکڻ قبوليو هو. اِلهيءَ ڪارڻ سڀاويڪ سڀ خوش ٿيا- هرڪو پنهنجي سر ساڻس ڳالهائڻ لاءِ منتظر هو. جڏهن سڀني پنهنجيون پڇائون پوريون ڪيون، تڏهن جينانند پقاتِ کان پڇيو، ”تو هوُ ڇوڪر سڃاتو ته ڪير هو؟“ ڇوڪر ورندي ڏيندي چيو، ”مونکي ڪهڙي سڌ! مان پراون ڇوڪرن ڏانهن

ڪجي، اوتري رقم ۾ اڳتي مڙئي هيرا ملي ويندا هئا.

هر قسم جي تياري ٿي چڪي ۽ شاديءَ جو ڏينهن پڻ مٿان اچي سهڙيو. سات سڳڻ ته اڳئين ڏينهن کان ئي شروع ٿي ويا هئا. گهوٽ ماءُ گهڙي ڪٺي پنهنجي لاءِ اچي ساڙهي سيٺن کان چڪائي. گهوٽ جو هوس ته مولڪي ڪالي ڏني وٺي، جا جيءَ سان جڙي رکيم؛ ۽ پيٽيوليو مون لاءِ آهنر (رکوال) ٻڌجي، پوري سجاڳ رهيو. مت مائٽ سڀ اچي ويا ۽ ڏينهن رات لاڏن جي ڌم مچي رهي. اهو ڏينهن ته آلائي ڪيئن جهٽ ۾ لنگهي ويو. پاڇولا لڙڻ لڳا ته گهوٽ جي گهوڙيءَ تي چڙهڻ جا سانباها ٿيا- گهوڙيءَ جو رواج البت گهٽبو پئي ويو؛ هاڻ موٽر جي سواريءَ جو دستور پئجي چڪو هو.

اهيءَ ڏينهن آلائجي ڇو صبح کان وٺي اندر ۾ ڪنهن قسم جي ڌرڪڻ مچي چڪي هئي ۽ ڪجهه اڻ تڻ ۽ اتاولائي. وڏيڪ ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين ٿي آيو. شايد اهيءَ ڪارڻ ئي شاديءَ جي هر قسم جي سانباهي ۾ اڳرو ئي ثابت ٿي ٿيس. بالپڻ ڏک لاءِ آيو ته مان بلڪل ئي تيار هوس؛ سينگاريل موٽر در تي مس بهتي ته مان اُن ۾ براجمان ٿيڻ لاءِ هڪدم هڪيو اچي حاضر ٿيس.

٣. ليکا پاڻي لوچ

ٻه سال جهٽ پٽ گذري ويا ۽ مان بي اي جو امتحان ڏيئي آيس. اڃا نتيجو ظاهر ئي ڪو نه ٿيو هو ته چٺي آئي ته شادي جلد ڏيو. البت عجب لڳو ته سڄا سارا ٻه سال ترسڻ تي ڪو به اعتراض ڪين ورتو ويو، باقي امتحان جي نتيجي تائين ترسڻ محال ٿي چڪو هو! اسان بنا ويرم چٺيءَ جي ورندي ڏني ۽ ڪين ڪجهه وقت ترسڻ لاءِ لکيو. لکڻ جي نوع مان اڳلا سمجهي ويا ته انڪار ڪرڻ مان خاص ڪجهه ورتو ڪين هو، تنهن ڪري وڌيڪ لکپڙهه ڪانه ٿي.

جڏهن ئي امتحان جي خبر پيئي ته شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ رقعو آيو. هاڻ اسان کي شادي وڌيڪ وقت ترسائڻ جو ڪو به عذر ڪين رهيو، نڪي ڪي ورڻ اسان جي ڪا اهڙي نيت ئي هئي. برهمڻ کي مهورت ڪڍڻ لاءِ لکيو ويو ۽ ڪرشن-جنم جي شب ڏينهن شادي رٿي وئي. اهڙو اطلاع سيٺن کي موڪليو ويو ۽ شاديءَ جون تياريون شد مد سان شروع ٿي ويون. انهيءَ وقت ۾ ڪنوار جو زر زيور ۽ ڪپڙو لٽو ساهرا ئي ٺهرائيندا هئا- تنهن پاڻ سينگاري وٺي اچڻ ۾ ئي فخر ورتو ويندو هو، ۽ نه هاڻي وانگر ڪنوار پيتا لڏ به ڏين لڏاڻي به ڏين. انهن ڏينهن ۾ سستائي به چڱي هئي- جيتري رقم ۾ اڄ هڪ سٺو هيرو ٿو خريد

شروع ٿي ٿي ته منهنجي دوست نارائڻ اچي ٻڌايو ته منهنجي اُهنر پيٽيوئي جون پينر رسي، موريڙوئي گهر جو گس وٺي وڃي رهيون هيون! هاڻي ته قصو ٿي ڪڙيو. اڳ ۱ ٻُئي ڪجھه ٿوري ڪوڙت ٿي پئي هئي، مٿان جو هيءُ ڇوڪريون رسي وڃي رهيون هيون ته اُلديشو اهو هو ته اُهنر جو خود شاديءَ مهل وگهن ڪاهجي پوندو. ان ڪري دوست کي منٿ ڪيم ته تون ڪيئن به ڪري کين وڃي سرچائي وٺي اچ. مس ڪري ڪٿڪيو لٿو ۽ شاديءَ جي سرگس هلي. شرناڻيءَ وارن به سر آلاپيو- ”گهوٽ چڙهيو گهوڙيءَ تي، هوجمالو.“

ڍ ڍمڪ ڍ ڍمڪ ڪندي ٻتين جي جهڳهه مڳهه ۽ بيئن باجن، دهلارين ۽ ڳائڻن جي راڳ-۱ ۽ جهمر سان ليٽ اچي ساهري گهر لٿس. وقت ٿي جڻ وڌي پيو. شروعاتي ڪٿ پٽ سبب جو گهران لڪتائي ڇرڪو هئاسين، سو ساهري گهر سڀ ڪجھه لڪڙو ٿيڻ لڳو، پر مولڪي لائين پٽي لڳو ته اجائي اينگهه ٿي رهي هئي. ساهري پهر آءُ پاءُ ۽ آجيان ڪرڻ مان ڪٿي لٿي پڳي، ته به آنڙي ڪجھه نه پيو. لنيڙي ۽ هڪڙائي سالي اچي پر ٻه بيٺي. ڏاڍي پابوهه مان پيٺي پيش اچي، اهڙي خوش جو جڻ سندس لاءِ آسمان مان ڪو تارو هيٺ لهي پيو هو- پلا نئون دادا جو ملپس ٿي، سو ڪپڙن ٻه نه پيٺي مايي، ته به مولڪي اُجهي ڪي کين پيو.

موٽر ۾ اچي وينس ته پيئرن جو پڙڻ شروع ٿيو- منهنجون پيئر، منهنجي پيءُ جون پيئر ۽ منهنجي اَهنر جون پيئر- هوڪنهن جي حجت اها ته مان گهوٽ سان موٽر ۾ چڙهان!! آخر هڪ موٽر ۾ گهڻا ماڻهو چڙهي سگهندا. منهنجو اَهنر ته ضرور موٽر ۾ چڙهي، ڇو ته هُوئي ته منهنجو رکوال هو. پاڻ ۾ ته هڪڙوئي هوم، تنهن کي ڀاڻ واري موٽر ۾ وهڻ کان ڪيئن واڃهيان. ننڍي گهوٽ پڻ ته ضرور ساڻ چڙهي، جو ڪنوار جو زر زيور ۽ ٻيو هار سينگار جو سامان وٽس ئي هو ۽ ساهري گهر سان سڳڻ لاءِ هوءَ ئي هٿيڪي گهرجي هئي. موٽر ۾ وڏيڪ ماڻهو چاڙهڻ ته هو ڪجهه ڪرڻو. هاڻي ڪجي سو ڪجي ڇا؟ ڪنهن کي ناڪار ڪجي. وڏن ته وڏي عقل ڪارڻ ڪٺي چپ ڪئي. ٻين باجا، ڍهل دمام، شرنايون ۽ واڄٽ وڄڻ شروع ٿي ويا، پر ڄڃ اَڳتي وڌي ڪيئن؟ آخر مولڪي ئي ٻيرو ڪرڻو پيو. مولڪان هاڻ ڍير سهڻ مشڪل ٿيندي آئي وئي. مون رايو ڏنو ته گهوٽ جي موٽر ۾ فقط گهوٽ جون پيئر چڙهن، ٻيون يا ته پنهنجن پاڻون جي شاديءَ پيري وارو ورتو هو يا هن ڪان پوءِ ونڻ واريون هيون. منهنجي ليکي ته معاملو طيءِ ٿي ويو. پر نه. مون نه فيصلو ڏنو، پر ڪي واسطيدار ڇوڪريون اهو ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪين هيون. زالن جو زور ٿيندو آهي رسڻ تي- ڄڃ هاڻ

۴. انعام ڪيئن کٽيم

مان هوس ڏاڏي-پوٽو پهريون، سو لاڏلو ئي هئس. پر الائجي ڇو ڏاڏي کي ڏوهٽا، پوٽن کان وڌيڪ پيارا هئا. هو مٿانئن اهڙو نه ڪين هو. هو هميشه سندن ساراهه جا ٻول پيو ٻڌندو هو، ۽ آن مان ٻڌندو ئي ڪين هو. مونکي انهيءَ تان سخت چڙ لڳندي هئي. ڏاڏو هميشه پيو چوندو هو، "هيءَ ڏسو منهنجا ڏوهٽا!" مونکي عجب پيو لڳندو هو ته ڏاڏي صاحب منهنجن مٿان الائجي ڪهڙي ڏٺي آهي، جو ڪين پيو ڀانئي!! وڌ ۾ وڌ منهنجن کي اسان کان عمر ۾ ڪجهه وڏا هئا ۽ انگريزي سيڪنڊ اسان کان مٿي پڙهندا هئا؛ باقي پڙهڻ ڪرڻ ۾ هنن ڪو خاص پوئتو ڪونه پاريو هو؛ پوءِ ايڏي آڌار ڇو؟ اڄ ادب قاعدا پيا هئا. وڏن جي منهن سامهون ڪين ٽپو هو؛ سوڙ پي وڃبو هو. پر اڄڪين ته ڪيترو وقت ڦريو!!

هڪڙي ڏينهن باواجن وٽ ويٺا هئاسين ته ساڳي ڳالهه نڪتي. باواجن چوڻ ته ڏوهٽن جي ڳالهه ڪندا هئا ته پٽن جي ڪاميابي پڻ ساڻن ڳنڍيي ويندا هئا. چوڻ لڳا، "منهنجا ڏوهٽا ڏسو، پٽ ڏسو، ڪيترا نه انعام کٽيا اٿن، سونا پدڪ حاصل ڪيا اٿن؛ توهان ۾ ته مان اهڙو افعال ڪين ٿو ڏسان." مان هوس سو اچا ننڍڙو، مگر جوش جهٽ وٺي ويندو هوم. سو هي

آخر جڏهن هٿيالو ٻڌو، تڏهن دل جي ڌڙڪڻ پنهنجو پاڻ ٻوري ٿي ويئي. پر هڪ اُٿڻ آچي ورايو ته، جا منهنجي جيون ساٿڻ ٿي ٻڻي تنهن کي جو هيلتوڻي ڏٺوئي ڪونه هوم سو هيئر هڪ دفعو ڏسائس ته سهين! پر ڏسان به ڪيئن؟ هيترن ماڻهن جي منهن ٿي ڪيئن ڪنهن کي چتائي ڏسي سگهبو!! سو هيڏانهن هوڏانهن نهاري، جڏهن ڏٺم ته ٻين جو ڌيان آسان ڏانهن ڪونه هو، تڏهن ڪڻي ڌائيءَ کي ليئو پائي ڏٺم. اِهائي منهنجي شادي هئي! اِهائي ته منهنجي هرروز نت نئين شادي ٿيندي رهندي آهي، جو هرروز انهين ليئڙن سان ليئا پائي پيو ڪنوار کي ڏسندو آهيان، ۽ مونکي منجهس ڪا نه ڪا خوبي نظر ايندي ئي رهندي آهي، جا دل کي شاد ڪندي رهندي آهي. جي ايشور ٻي-اَنت آهي ته اِنسان پڻ گڻن جي گهٽ کاڻ ڪانهي!

متحان جو نتيجو ظاهر ٿيو ته مون ۾ ٻئي ڏاڍي ٻوڻي
يئڙو انگريزيءَ ۾ سڀ سيڪڙي کان ٻه سوايون
ارڪن کنيون، ڏاڍو گدگد ٿيو ۽ اسانکي پوڇاڻي
ندؤ سونارن جي دڪان تان هلي چانديءَ جا ٻلا قدر
ور وٺي ڏنائون!! تنهنجي هوندي جو ته انعام ماڻ ٻوسين،
قي رهيو وڏي هوندي جو اقرار!

مان ڪاليج ۾ ٻئي پڙهندو هوس ته باواجن ٻولوڪ
ڏاريا. سؤٽ جيئڙو ٻڻ مئٽرڪ ۾ ٻي هو تنهن اسان کان
ميشه لاءِ موڪلائي ويو، جنهن ڪري ڪيل قول مون
ان ئي لاڳو رهيو. ڪاليج ۾ منهنجو پڙهڻ ۾ اهڙو ڌيان
لڳو جهڙو ٻين ڪتابن، رسالن ۽ مورتن وارين مخزنن
رف ٿيو. تنهن ڪري پڙهڻ ۾ وڏن وانگر ڪو ٻڙنو
ڪونه پاريم. بي- اي جو امتحان ته ساڌارڻ ريت پاس
ڪيم. پر دل ۾ تنهنجي هوندي جي ڏاڍي سان هنيل
اڙ هرڪڻ لڳي. انڪري سوچيم ته ڪو انعام ضرور
ٽيندس ۽ ڪيل اقرار پاڙيندس. پر ڏاڍو ڪٺي حياتي
ڪونهي، هو جتي به هوندو اتي انعام کٽڻ جي سڌ
ٽڻي، سندس روح خوب راضي ٿيندو. پر نه ته منهنجي
ندر جي آرزو ملائڪن جهڙي. منهنجي ڪاليج وارن
نعام جي آڇ جو اشتهار اخبارن ۾ وڌو. پراچين سنڌو
ييتا تي هڪ چڱو چوکو مقالو لکڻو هو. اهو مقالو فقط
ڪاليج جا سڀن سالن اندر ٿيل گريجوئيٽ ئي لکي ٿي
گهيا. واه جو وجهه ٿي آيو! ڀلا مان ڇڏيو پيو ته هيءَ

لنڊي سارا مونکان سٺي ڪين ٿي. مون ۽ چٽي ڏنو مان
"هيءَ جو هر روز ڏوھن کي پيا پڙھايو ۽ اسانکي
گهٽ ڪريو، سو اوھانجي ڏوھن کھڙا ميڙ مار يا آھن
هوءَ عمر ۾ جو اسانکان وڏا آھن، سو اسانکان ضرور مٿي ٿي
پڙھندا؛ باقي منجھن خاص کھڙو نيڙ ٿو نظر اچي
پنھنجن پٽن جي پل ڳالھ ڪريو، جيءَ پري ڳالھ ڪريو
ھنن بيشڪ پاڻ موکيو آھي. پر ھنن جي پيٽ ۾ اسين
اچا گڏ ۾ گتا پيا آھيون؛ وڏو سو ٿيڻ ڏيو، پوءِ پاڻيھي
ڏسندا ته اوھانجا پوٽا پڻ پٽن وانگر ڪيئن زتا جس
ڪٽن. ھرو پرو ته اتاولا نه ٿيو نه. اسانکي ته ڪجھ اسرڻ
اھرڻ نه ڏيو!" باواجن کي نه خواب خيال ۾ ته ڪونه ھو
ته سندن پوٽو ائين اُپري ايندو. چوڻ لڳا، "منھنجا
پٽ ته ننڍيي هوندي کان ٿي هوشيار ھئا. انگريزيءَ ۾
چا ته مارڪون کڻي ايندا ھئا! اوھان اڄ سوڏو کھڙي
ڪيمپ ڪڻي آھي. اجايو سڪٽو جوش." پر مان ۽ مچڏو
هوس، سو جواب ڏيڻ کان ڪٿي ٿو ھٽڪان. چيو مان،
"اسان مان ڪس کھڙي لڳي اٿو. انگريزي سڪٽي
سال ۾ مس ٿيو اٿون. ساليانو امتحان ٿيو ڪي ٿيو.
پاڻيھي پتو پئجي ويندو ته کھڙي پاڻيءَ ۾ آھيون.
باقي وڏي هوندي جا پاڳ وڏي هوندي. ننڍھن هوندي
۽ ھيڪڙو ٿي خاطري ٿو ڏياڙو ته وڏي هوندي ۽ ناموس
وجھڻ ۾ اسين پيڻن کان پٺتي ڪين پوندا سين." مس
ڪري ڏاڏي جي منھن تي مرڪ آئي. جڏھن ساليانو

و. خط ڪولي پڙهان ته اڪيل هو ته فاضل مصنف انعام
ء مونکي ئي لائق ٺهرايو هو!
پر ڏٺو اهو انعام پڻ ڪين پيم. وڏن سان ڪيل
ل جو پاڙيو هوم ته سندن جي مون لي وڏي آسيس
ٽ ٿي. ڇو نه ته مصنف ڪاميٽيءَ لي ڪاليج جو الهاس
و اَڌ ياپڪ پڻ هو. منهنجو مقالو پڙهندي، انعام مونکي
ڻ ڪانسواءِ هن پيو ته هڪ اهم فيصلو ڪري ورتو.
س پراچين سيٽائن سيکارڻ لاءِ قابل ماڻهو مقرر ڪرڻ
ڪافي آرچڻ لي رهي هئي. پر منهنجو مقالو نظر مان
ڪيندي هن هڪدم محسوس ڪيو ته سيٽائن جي
شيه خاطر ڪيس مونکان بهتر شخص ملڻ مشڪل هو!!

نعام ھارائي سال اُرڙھن سالن لاڪر آڇيو پئي ويو ھو، پر ھيلتائين اھو ڪنھن کي بہ پلئہ ڪين پيو ھو. ھن حقيقت تہ تيھائين انعام کٽڻ لاءِ منھنجو چاھ وڌايو. جو انعام پيو کونہ کٽي سگھيو ھو، سو کٽڻ ۾ وڌيڪ ئي شان ھو. سو جنبي وس ڪم ڪي.

گوڏا کوڙي ڪم ڪرڻو پيو. ايڏا تہ وڏا پستڪ واچڻا پيا جي لک رپئي جي آچ تي بہ ھوند نہ ڇھان! وڻندڙ ڪم ٿوروئي ھو. پنج ھزار ورھيہ اڳہ ماڻھن جي سڌڙ واديءَ ۾ جيون کھڙي ھئي، تنھنجي کوج ڪرڻي ھئي. ودوانن جي مت-ڀيدن ڪانسواءِ سڙي ڪان، سو ڪنھن نہ ڪنھن ڳالھہ تي اچيو اٽڪن. انھيءَ ۾ ھوءُ پنھنجو شان ٿا سمجھن! مشاڪوہ جو ڪم ھو. پر منھنجي لاءِ اھو وڏو امتحان ھو. اُنجي نتيجي تي وڏن جي اندر جي ٿرٽيءَ جو مدار ھو. تنھن ڪانسواءِ مقالي جي وشيہ قومي نقط نظر کان پڻ ڪافي اھميت واري ھئي، تنھن ڪري ڪم ۾ چاھ قائم رھيو. ڪھي وڃي موھن جو دڙو ۽ پيا دڙا نظر مان ڪيڍي آيس، جنھن منھنجو حوصلو وڌايو ۽ اتساھ آيارڻيو. محنت وٺي وقت سر مقالو تيار ڪري، ڪاليج وارن کي پھچائي آيس. مقالن جو قدر ڪرڻ لاءِ ٽن ماھر ڄاڻن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. ٽنھي ۾ چڱا ھفتا لڳائون. آخر فيصلو ظاھر ڪرڻ جو ڏينھن بہ اچي سھڙيو. ٿپالي لفافو ڪٽي

هيو هوم ۽ هوند ماستر ٿيان. اسان جي ڏينهن ۾ ڇا
ماسترن جي فلڪ هئي! ڇا سندن رعب هو!! خاص
ري سرڪاري اسڪول ۾، جتي مان پڙهندو هوس،
ج جڻ چڙهيو لٿو ماستر جي موڪل سان ٿئي! تن
ڏينهن ماسترن جي وڏي عزت هئي. انگريز جو راڄ
، جنهن ۾ انتظار جو مان هو ۽ ننڍي وڏائيءَ جو خيال
ڪٿو ٻوندو هو. مائٽ خود ماستر جو وڏو مان ڪندا
تا، ڇو ته کين سمجهه هئي ته ٻار جي سڌاري جو دارو
دار ماستر جي چٽ چماٽ ۽ ڏنڊن تي هو. انهيءَ ڪري
پڻ اهائي اوت وٺندا هئا، ”جي ڏاڇي هٽي ڏهه،
لوڏو هٽي ليرهان.“ تنهن ڪري شان مان جي لحاظ
ن ماستري ڪڙي نوڪري هئي، سو ماستري ڪرڻ جو
ه پڇاڻي، گهر ۾ ڳالهه ڇوڙيم؛ پر ڳالهه ڪنهن کي نه
سند ڪين آئي. اسڪول ۾ مغز ماري وري اچي گهر
مشڪون ۽ ڪاپيون جاچ؛ نور نچوءِ- پوءِ به ملندو ڇا؟
هئي ۾ مٺيون پنجيتاليهه نڪريون! گهر جي ٻارن کي
ار هيءَ ڳالهه نه وڻي ڇو ته پگهار جي رقم کين آخر ۾
کين ٿي آئي؛ پر کين اهو خيال ۾ ڪين ٿي آيو ته
لڪ ۾ کهڙو پارڻ پري چڪو هئو. نوڪريون هيون
ڪڙي! پنهه آڪاس لڳي پيئي هئي!! ويچارا جوان آئي
ي همت ڪرڻ لاءِ حيران هئا.

خير، مان جو هڪ ڀيري ٻئي ته سوال اٿيو ته
استري نه ڇڏي، پر اسڪول ڪهڙي ۾؟ پرائيمري هاءِ

خيرن سان بي. اي پاس ڪيم ۽ شادي به ٿي مدام، پر پوءِ ڇا؟ اهو سوال مون لاءِ خاص اهميت پيدا ڪيو هو، ڇو ته مائٽن جو ڇوڪرو هوس ته جيستائين ڪنهن سٺي نوڪريءَ جي آڇ نه ٿئي آهي، تيستائين مائٽ ڪري ويٺو هجان. ننڍڙي نوڪريءَ جي تانگهه ڪانهي، ڀڃي جي ڏاجهه ڪانهي، جو جهڙي تهڙي نوڪري، جيڪا منهن سامهون اچي، تنهن کي ئي چهٽي پئجي. مائٽن جي فراخدلي ته، اهڙي. سو مان ڏنو مانجهاندو ڪيو ويٺو رهيس. انهيءَ عرصي ۾ ڪنهن مقرر وقت تي ليک (مقالي) لکڻ لاءِ انعام آڇيو ويو، سو دل ۾ سوچيم ته بيڪار ويهڻ بدران ڇو نه ڪين انهاسڪ ڪوچ ۾ وقت صرف ڪريان! انعام جو پاڳي ليکڪ ۾ ته پاڻ شرف ۽ شان آهي!!

ان طرح سڄو سال ٽپي ويو. لکڻ جو ڪم پڻ پورو ٿي ويو. هاڻي ته بلڪل ئي واندو هوس. مٿان "بابا" ليڪ جي نوبت پڻ اچي سهڙي. تنهن ڪانسواءِ مون کي ڏهه واندو ويهڻ اچي ڪين. ڪو ڪم، ونڊر لاءِ ئي سهين، ڪيم ضرور. هونءَ به سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي، "ويٺي کان وڳندي ڀلي." سو ندا ڪرت، پر جوڙ لڳي پيا. سوچڻ لڳس ته ڪهڙي نوڪري منهنجي دل وڻان ليندي. ترت ئي آيم ته ندبي هوندي کان ئي پئي

پوري قدر ڪجهه مانڊ آنڊ جي اندر! ٿيندي چاڻ ب
پرناراء. ٻت ماءِ جي ٻيءَ ويس لنگهي خاطر ڻ
ٻه اسينگ جا ڪالي تعليم! سڃاڻي نه ڪير ڪي ٽيءَ
هٿا وهندا ٿي ڪڙا، ٻڙي ڇڙڪ ٻڌندي نالي ڊس!!
وڻائس نه ويس لنگهي ڪارڻ انهيءَ وت ماءِ ي
ماءُ. اچان سمجهي سگهي، اصول جا پاڙهڻ ٿي مر ي
قدر گهٽي ٻر، ٿيو ٻه ٻر اڄرج قدر ڪي ٽسي ڪي
جو جهڙي اهڙي چڙهڻ تي منهن سندس. ٿيو هو
نه هو- سڪيا جو سڪاڻي هو، گهٽ ڳالهه ڪانه هٿي!!
ٿين، "ڪر خبر، مس ڪري ٻير وڏا ڪيا اٿيئي؟"
ه ٻيرانتي ڪري ٻڌائيمانس. واٽي ٽ ٿانئين، "ڳالهه
ٽڙي!" پوءِ نه ٻاڻ ٿيو اسٽان ۾ ماء ٽيس سندس
رد. سڪيا جا اصول سراسٽيءَ رهت سمجهائيندو
ر، اهڙي سرل رهت، جو اهي عمر نه وسرندا.
ٽول ڪارائي، واٽ مٿو ڪرايائين، جنهن تي ٻيمٽ
ٻه ڪجهه جهلو مليو ۾ اندر ٻر ٻه ڪجهه ساه ٿيو.

پوءِ سائين تي "انٽرويو." وڏي ماءِ وٽان تـسي
ڻ ڪارڻ منهنجو حوصلو بيشڪ وڏيو هو، سو جڏهن
ڪي سڌ ٿيو نه مان بي- فڪر ۽ ڦڙٽائيءَ سان ڪمري
لنگهي ويس. سا ساهون هڪ وڏي ڪايا وارو سرڪاري
سر ڪردو ويٺو هو. مونکي ايندو ٽسي ساموهون پيل
ر ٽسيءَ تي وڃڻ لاءِ چيائين. پوءِ درخواستن جي دفتر

اسڪول جيتوڻيڪ وڏي ڌڙاڌڙيءَ ۾ کليو هو، ته به جهٽ ۾ نالو چڱو ڪڍيو هئائين. سو دل هيم ته ماستري ڪندس ته انهيءَ اسڪول ۾. وڌيڪ جو پتو پيم ته اسڪول جو پرنسيپال هو انتظام جو ڪوڏيو، سو مون جهٽ فيصلو ڪري ورتو ته ڪنهن به ٻئي اسڪول ۾ آءٌ نوڪري ڪين ڪندس. تازو ئي نوان ماستر مقرر ڪرڻ لاءِ اسڪول وارن اخبار ۾ اشتهار وجهايو هو. پر جيستائين مان درخواست تيار ڪريان تيستائين درخواستون موڪلڻ جي آخرين تاريخ گذري ويئي. جيتوڻيڪ منهنجي درخواست اسڪول وارن کي دير سان پهتي، ته به اها ردي ڪاغذن جي ٽوڪريءَ حوالي ڪين ڪئي ويئي، انهيءَ لحاظ کان جو منهنجو گرو پڻ پرسڌ پروفيسر ۽ ناميارو ودوان هو. ڪجهه ڏينهن ۾ اسڪول وارن وٽان ورندي آئي ته فلاڻي تاريخ فلاڻي وقت "انٽرويو" لاءِ اسڪول ۾ اچي حاضر ٿج.

"انٽرويو" جو نالو ته ٻڌو، پر منهنجي اندر ۾ جنسي ڏڏلو مچي ويو. پگهار ٽڪ ۾ ٿي پئد رهيون، تنهن لاءِ وري "انٽرويو!" وڏين نوڪرين لاءِ سي "انٽرويو" پڙهيا هئا، ماستريءَ لاءِ ڪهڙي "انٽرويو" ٿيندي!! ڀلا نوڪريون ٿوريون، گريجوئيٽ گهڻا، ته اڻڌواه ڏيندڙن جا من ته وڌندا!! وڏو سوال ته اهو ٿي اٿيو ته "انٽرويو" ۾ آخر الائي پڇندا ڇا؟ منهنجي شخصي "انٽرويو" ٿيندي، يا ته جاچان منهنجي علمي ڄاڻ جي

ڪاري سگهندس، (جو انهن وشين جو وشيه پڻ ءِ مڌهڃو
س ڪيل آهي)، پر خاص انگريزيءَ جي ايماس
و گرئجيوئيٽ انگريزيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪي ڪين
ڪاري سگهندو."

صاحب جواب ڏني، ٽڙي پيو. چيائين، "بس، بس،
ن سمجهيو. اسان کي تو جهڙا ئي ماستر گهرجن. تون
سپاٽي ڪان ئي اچي نوڪريءَ تي چڙهه."

جا ڪاغذ اُٿلائيندي سوال پڇيائين: ”اسان تہ فقط انگريزي وشيہ وارن گريجوئيٽن کان درخواستون گهرايون هيون. اوهين اتهاس ۽ ماليءِ علم ۾ گريجوئيٽ آهيو. پوءِ اوهان درخواست ڪهڙي ويچار سان ڪئي آهي؟“ منهنجون تہ ٻہ ٻہ وييون، ڇهہ ٻہ وييون؛ پر هڪو ٻڪو ٿيڻ آءٌ سکيو ئي ڪين آهيان. هن قسم جي سوال جو جواب ديسي ڪتابن ڪي نہ ڇڏيو، ولائت جي ڪتابن ۾ بہ ڏنل ڪونہ هو. هاڻي جواب ڇا ڏيان! ان ڪري ڪٺاڙي ڪنهڻ لڳس تہ جواب جهٽ سجهي آيو. تنهن پٺ چيومانس، اوهان جو چوڻ سورهن آنا ٺيڪ آهي، پر جئن تہ اوهان کي ماستر جي ٿي گهرج هئي تہ مون سوچيو تہ اسڪول لاءِ فقط خاص انگريزيءَ جي ايپاس واري گريجوئيٽ کان مان وڌيڪ ڪارائتو ٿيندس.“ جواب ٻڌي صاحب جي منهن تي مرڪ ڦهلجي وئي. حقيقت ۾ پهرين سوال جو خاص جواب تہ هوئي ڪونہ، پر جوان جو نڪتو ڦڙت، سو صاحب جي دل سرڪي وڌيڪ سوال پڇڻ ٿي. جواب جي موٽ ۾ مون کان پڇيائين، ”سو وري ڪيئن؟“ انهيءَ جو جواب تہ مون وٽ تيار هو. وراڻي ڏنيمانس، ”انگريزي، جنهن جو عام اَيپاس سڀني گريجوئيٽن لاءِ لازمي آهي، سا تہ مان آسانيءَ سان پاڙهي ويندس. پر اُن ڪانسواءِ اتهاس، ڀونءِ وديا، وغيره، پڻ مان ڪاميابيءَ ۽ سولائيءَ سان

ڪاني لڳي. اڃا پندرهن منٽ ئي مس گذريا ته
والي اچي سماءُ ڏنو ته ڪو ماڻهو مون سان ملڻ آيو هو.
ن ڪجهه. واڻڪو نه پيس ته ڪهڙي ماڻهو منهنجو واقف
و ته مونکي هتي گڏجڻ چو آيو هو، ڇو اچي ها نه؛
جي هوءَ اڻواقف هو ته مون سان گڏجڻ آيو ئي ڇو هو!
ن اڃا سوچيم ئي پئي ته هڪ ماڻهو ڪمري ۾ پيهي
و ۽ ساڻس هڪ ڳنڍڙي پڻ ساڻ هئي. هاڻ سمجهي
س ته ڪنهن ٻار جو مائٽ ڏانهين ئي آيو هو.

آيل ماڻهوءَ جو آءُ ڀاءُ ڪيم ۽ کيس پاسي ۾ ويهل
ڪرسي وٺڻ لاءِ آڇيم؛ پر مڙس وهي ڇو ئـو! ڇي،
آفيس وڃڻ ۾ دير ٿي ٿيم." دل ۾ چيم ته جي دير
ٿيس ته هوءَ آيو ئـي ڇو هو؛ مون ته کيس اچڻ لاءِ
ماڻهو ڪونـه موڪليو هو! پر ٻاهرئون پيو رڪي، وري
وهڻ لاءِ چيومانس؛ ته به جڏهن مڃي نه ٿيو، پر ٻه هٿ
ي هوا ۾ پيو اڏامي!! اُنهيءَ لڳي مان اَلبت هٻڪي ٻيڻ
ڪس، ۽ پڇيومانس، "آخر ڪهڙي پنڌ ڪيو اٿـوَ؟"
هن چيائين، "زمانو سڌري ويو، پر ماستر صاحب ڪين
رهيا!" مونکي اُنهيءَ لــي ذرا چڙ آئي ۽ اُنڪري
ڪجهه ڪڙڪيءَ سان پڇيومانس، "ٺيٺ ڳالهه ته ڪندا،
ڪين رڳو فيصلا ۽ رايا ئي ڏيندا ويندا. آخر آهي خير!!"
هن مس ڪري مڙس ڪجهه ٿامبو؛ پر تنهن هوندي
جوش مان چيائين، "سچو ڏينهن آفيس ۾ ڳهي، شام
ڪجهه ساهه پٽڻ لاءِ اچون گهر، ته ڏانهون لـه ڇڻ

٦. پڙهڻ

سڌ ڪرڻ نه سولي، پر اُن مان آس پوري ڪرڻ ڪڏهن مشڪل ٿيو پوي. ماستر نه ٺهيس، پر پوءِ ٻي سڌ پيئي ته ماستري ڪا گُلن جي سيج ڪانه هئي! مون سمجهيو هو ته ڪا راجائي وڏي، ماڻهپي، ٻارن تي رعب رکبو ته سڀ سٺائي ٿي پوندي. پر زمانو ڦري چڪو هو. ٻار ته سياڻا ٿي ويا هئا، اُنهن رعب رکڻ ڏين ڇو ٿا! ماستر جي عزت ۽ مان جو مدار سندس سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ ۽ ٻارن جي ڌيان ڪيڏيڻ تي ئي هو. ڦران دائيءَ جو ڪاڪرو ڪيو هوم، سو آواز هوم ٻلند ۽ پرجستو، ويتر جو پيشو ته پڙهڻجي پسنديءَ، چاهه ۽ ڇوڄ مان چونڊيو هوم، سو سچائي تہ شروع کان ڇڏي ڏني هُئي، جنهن ڪارڻ ٻارن ڪسي انتظام ۾ رکڻ مون لاءِ بلڪل ئي آسان ٿيو، پر هيءُ جي ٻاهريان مٿي جا سوُر ڪاهي پيا هئا، تن ماستر جي گديءَ ۾ ڄڻ ڪنڊا اُپا ڪڙا ڪري ڇڏيا هئا. گانڌي مهراج جو آزاديءَ جو آندولن شروع ڪيو هو، تن مائٽن ڪي ڇيڪ ڇيڙي ڇڏيو هو- گهر کان وسن تہ ڪاهه ڪن اسڪولن تي ۽ غصو اُڇيو ماسترن مٿان ڇنڊين.

هڪڙي ڏينهن مس ڪري هڪ پيريڊ پاڙهڻ کان فارغ ٿيو هوم، سو ماسترن جي ڪمري ۾ ڪجهه آسائش لئي ويٺم، جئن پنهنجان چار لاڳيتا پيريڊ پاڙهڻ ۾ ڪجهه

يءَ کان پڇيو. ”مار ٻاهت سمجهائڻو وري ڇا آهي!“
ذرا خفي ٿيندي چيو، ”مار معنيٰ ڇگيون ڇماٽون،
ن، ٽونشا، وغيره.“

”جي اِئين آهي ته جڏهن ته اوهين ٻڌندڙي ٻار کي
وٺي آيا آهيو ته هو شاهد پڙهي، اسڪول ۾ دوسڻ
۽ گهر هلي ماءُ کي ٻڌائي ته سندس ٻيءُ سندس
تر کي سخت ڌمال چاڙهي هئي، ته اوهين ٿي آمين ٿيو.
کان منهنجي منهن تي پڇو ته سهڻن ته سائين ۽ توکي
ڙي مار ڏني؟“ ڳالهه واجب سمجهي، مائٽ پٽ
ٻاڻ وٽ سڏيو ۽ پڇيائينس، ”ماستر صاحب توکي
کيو؟“ ٻهراين ته ڇوڪر ات اٿيو بيٺو رهيو، ٻر ٻيءُ
ٿڙي ڪيڻ ٿي مس چيو: ”ماستر صاحب مونکي
ڇماٽون لڳيتو واهي ڪيائون.“ انهيءَ تي مون مائٽ
منت ڪئي ته جتي هيتري مهرباني ڪئي آتو آتي
ا، ڪٽي پڇوس ته ماستر آخر ڇماٽون هڻيون ڇو؟
ت ٻهراڻ وار ۾ جو هارايو هو، چاڪاڻ ته سندس ٿه
يءَ موجب ته ٿي ڇماٽون مار کين ليکجي، سو ڪافي
سيو، ۽ پٽ کان پڇا ڪيائين- ”آخر ماستر جي مار
ي نازل ٿي ڇو؟“ انجي ورنڌي پٽ ڏٺي ڇو تو!
و ڪيڇي جهڙي پت. نيت دڙڪي مڙط تي ڇڏن ۾
ط لڳو، ”مون ٿي مهدا في ڪانه پري آهي، ٿن
ن کان مٽي کان وٺي رپورت ڪاپيءَ تي اوهان کان

هڪيون حاضر ٿي رکيون آهن.“ اندر ۾ ڇيم ٿي پيائي
گهر جون ڳالهيون هت اَلائي ڇو ڪرڻ آيو آهي. پر
ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي، هو ڳالهه جي ڳانٺي ٿي
آيو. ”ڪالهه شام جو جيئن گهر موٽيس ته، گهر واريءَ
روئڻهارڪو منهن ڪري چيو، ”موهن ماستر جي مار
کائي اَڄ مٺو ٿيو اَندر پيو اَئو.“ اَوهانجا ٻه اِنصاف چئبا!
سرڪار ٻارن کي مارڻ برخلاف جي هدايتون ڪيون
آهن، تن جو ٻه توهان تي ڪو اثر ڪونه پيو آهي؟“
اثر ڏيندي چيومانس، هن ٻاري ۾ ته ڪوبه سرڪاري
سرڪيولر ڪونه نڪتو آهي.“ ڳالهه ڦيرائيندي چوڻ
لڳو، ”ولائت ۾ ته ماسترن جي مار تي ته بنهه بندش
پيل آهي.“ ورندي ڏيندي سوال ڪيومانس، ”اَوهين
ولائت مان ٿي آيا آهيو ڪيئن؟ يا ولائت ۾ سکيا تي
خاص ۽ تازا ڪتاب پڙهيا اٿو؟“ مڙس ٿري ويو. ٻوٿي
ٿي لهي ويس. اِنهيءَ جو عمدو فائدو وٺندي چيومانس،
”اَوهين جو اڪڙجي آيا آهيو ته اوهانکي آفيس ۾ دير
ٿي ٿئي، پر اوهان کا گهر ۾ پڇا ڪئي ته ماستر آخر
ٻار کي ڪهڙي ڪارڻ مار ڏني هئي؟“ ”پڇا وري
ڪنهن کان ڪريان؟ ڇوڙو اوُنگهه پيو هو.“ ڀلا اَوهان
کي ڪي اهڙا اَرڪان نظر آيا ته ٻار کي سچ پچ کا مار
ملي هئي؟“ مڙس وري اڪڙجي ويو. ”زال چيو، اِهو
ڪافي نه هو ڇا؟“ ”اِهوني ته رولو آهي نه! ڀلا ”مار“
مان اَوهان جو ڪهڙو مطلب آهي؟“ مون پڇندي

سان پڙهي ٻڌايم، جيئن اهو سڀني ذهن ۾ چڙهو
۔ اسڪول وارن گهرجائو ٻارن کي ڪا سهوليت
۾ گهري، جنهن لاءِ هن سرڪيولر د واران ٻارن
درخواستون گهرايون ۾ وييون. سرڪيولر ۾ ڳالهه
يءَ ۽ چٽيءَ ريت ڄاڻايل هئي. مون پڻ ٻارن کي
ڪيولر وڏي آواز ۾ ۽ آهستگيءَ سان پڙهي ٻڌايو.
هن ان قسم جي منجهيل يا مبهم ڳالهه نه هئي ته
۔ مون سرڪيولر لئي صحيح وجهي، پڙهوالي کي
اماڻيو، جيئن باقي وقت پاڙهڻ جي وشيه کي گهلي،
ب پورو ڪريان. اڃا ڪند مٽي ڪٽان ته جوڙو آيو
ايندو هو. جوڙو جسم جو جاندو، پر قد جو بلڪل ٺي
ٻو هو. هو ڏيت ۾ اول نمبر جو هو. جي ڪا ڳالهه
غ ۾ نه وڃيس ته وٺي ڏينگ چڙهندو. ٺوڊ پڻ
ڪڙوئي هو. انهيءَ ڪري ڪير به ڪيس ايندو نه سهندو
هو جوائي ايندو هو نه ڳالهه اصل ڪين آئڙيم. اشارو
ٽي جوڙي پڇيو، ”سائين، درخواست ڪير ڪري؟“
ٺي خفي ته ٺي چڪر هوس، مٿان جو جوڙي پڇيو
ل ۽ سو به وري نجسائيءَ جو، ڏنهن ته مونکي جڏسي
يءَ ڪان ٻاهر ڪيڏي ڇڏيو ۽ جوش مان چيومانس،
ڙهڻ.“

جواب ٻڌي ٻارن جا ٽاڪ لڳي ويا. پر جوڙو اٿين
ت ٺيڪ وارو ڪٽي هو. مونهن ڳاڙهي هٽي ويس ۽

صحيح ڪانه ورلي آئم ۽ لڳو پڳو ايتري عرصي لاءِ ڪر گهر جا ڪم ڪونه ڪري سگهندو آهيان.”

”انهن مڙني خطائن خاطر فقط ٽن ڇهائن جي سزا جڙي ۽ تعميل ٿي آئس. هاڻ اوهين خود امين ٿيو؟” مائٽ جي منهن جو پنو لهي ويو ۽ هو ٻيا ڪجهه وڌيڪ ڪڇڻ جي ۽ ٻيا موڪلائڻ جي آفيس راهي ٿي ويو.

هيءَ آسائش ٿي نصيب ٿئي!!

انهيءَ ڏينهن ۾ ڪو ڏساءُول ويٺو ٿي، ڏٺو. مصيبتون ۽ مٽي جا ڍُور اڪيلي سر ڪين اچن؛ اهي هميشه هڪ ٻئي پٺيان وار ڪيو اچيو ڪڙڪن. اها سڌن ريت ۽ ڌرت آهي. ڇهه پيريڊ ختم ٿي چڪا هئا ۽ ستون شروع ٿيو هو. اسڪول وارن جا ۾ انصاف هئا جو هر هڪ ماستر ٿڌان هميشه پيريڊ ڪٽي مڙهيا هئائون! رڳو پاڙهڻو ۾ نه هو، ۽ پاڙهڻ جي پڻ هڪ وٿي به ڪانه هئي- همت ۾ لائي لڳي پيئي هئي. تنهن ڪانسواءِ ڇوڪرن جي انتظام ٿي ۾ ۾ ڌيان ڏنو هو. ٿڌان جو هڪ ٻئي پٺيان پيريڊ هلندا ٿا هلن ۾. اهي لاڳيتا پيريڊ ماسترن جي جسمي جان ڪڍيو ٿا ڇڏين. خاص طور پڇاڙيءَ واري پيريڊ ۾ ته اصل جس ڪين رهي. ان ڪارڻ اُن ڏينهن پڇاڙيءَ وارو پيريڊ جڻ لاچار ٿي پاڙهيم، جسم مان جسمي ساهه ٿي نڪتو، ۾ پنيوالو سر ڪيولو ڪٽي آيو. سر ڪيولو پارن لاءِ ٿي هو، تنهن ڪري اهو ڪين

سؤمان جو سوال

ٻار سنڀالڻ ڪو سؤلو ڪم ڪينهي؛ پر وڏا سنڀالڻ
ڪافي ڪٺن ڪم آهي. اها چوڻي گهڻي قدر درست
ي ته ”ڇوڪر ڇتيءَ ذات جا، ٻئن ٻوڻ ڪن ٻازار
“ وڏ ٻارڙين ڪي، خاص طور اسڪول جي وچولن درجن
ن، قاعدي قانون ۾ هلائڻ لاءِ طرز کپي. مانڊت ته
ڏٽي ڪيو ڦڏا ڪن، پوءِ جند ٿي وڃي آڻائن ۽ ماسٽر
سٽر ٻاٽين جي. استاد پنهنجي پنهنجي نموني پنهنجي
ت هيٺ ٻارن ڪي قابو ڪيو وٺن، پر هوُ، جن ڪي
تياريءَ وارا ڪري ٿو سڌجي، لڪي سرچاڻ جهڙي
ورا ٻي ڪانهي. ڀلا سمجهن ٿا ته اسين آهيون اَن-داتا،
هيءَ ماسٽر ڪير، جي اسانجي سامهون ڪر ڪڻي
ن ۽ سيڌو ساهين! سندن دماغ هلي ٿي الڳ ٻئن ٽان
. ٻين ۾ خود-داري ڪين اصل ڪين آنري، ٻٽيءَ
بين ياءَ ٻوڻ. ڪٿي ڪا لاٽ اسر ندي شل نه ڏسن،
ن مٿان الٽي ويندس جيئن ڪيهر شينهن!!

سوم جو ڏينهن هو. آرتوار جي موڪل ڪالهي، ڪجهه
ت ۾ آچي، ڪم لي چڙهياسين. اندر ۾ انساه ۽ دل ۾
ه ته ٻارن جي ذهن ني لهاس جون ڳالهيون ۽ هٿيٺٽون
ڙيءَ رٻت درج ڪريان جو ڪين ٻٽيءَ نه وسرن. اڃا
هڻ مس شروع ڪيم ته مٿان پرنسپال صاحب جو
والو اچي سهڙيو- ”ٻرا صاحب ٻلا رها هيءَ.“ وڏي

هڪدم چيائين، ”سائين ڇڱو ڇا ٿيا؟“ مان ته سمجهي ويس ته ڇوڪر ڪٿان ٿيو اچي. تنهن ڪري زوردار نوع ۾ چيومانس، ”درخواست پڙهين ته ڪندو ته تون ڪندين؟ پوري لکڻ ايندءِ سهين؟“

جواب ٿي جوڏي جي منهن جو رنگ مٽيو. مرڪندي چيائين، ”سائين، ڳالهه ڦيرايو ڇو ٿا!“

ڀاري آهي، ڪڙو ڪو ٻين جي عزت جو خيال رکي.
ڦسري ويس، هيءَ اسان جي سؤمان جو سوال هو.
ن ڇڙهون ڪالي اڄ لاءِ مان پڙهيءَ ليار نه هوس. سو
يءَ وڃار سان نه صاحب کي وڏي واڪ ڏجي نه پل
ڙيون ڪيڏي ڀڙ ڪري، پوءِ نوڪلو سائس ڳالهه
نهه ڪجي، مان ماسترن جي قطار ۾ هڪل ڀيڙيءَ ۾
جي ٻڌس.

حيرن سان آخر مهنجو وارو آيو. ڪمري ۾ پهچ
ن پرنسپال صاحب کيڪاريو ۽ سامهون خالي ڪرسيءَ
وهڻ لاءِ چيائينم. اهو سندس نيم ۽ سڀاءُ هو. اڳلي
ان پهرئين آءُ ڀاءُ ڪري، ڪيس اڌو ڪجي، ۽ پوءِ
س وار ڪجي. ڪرسيءَ تي ويٺس مس نه سوال جواب
وع ٿي ويا. پاسي واريءَ ڪوٺيءَ مان ٻڌ دروازي
ي شيشن مان اسڪول جو ڪلارڪ آلمارام سارو لقاءُ
سي رهيو هو.

”توهين ڪالهه ڊيوٽي تي ڪونه آيا هئا، ڇو؟“

مون اندر ۾ چيو ته هيءَ جو وڃي ٿو ڏاڙهيءَ کان
ه نون مورڳو وٺيس سگهن کان. سو سوال جو سڌو
واب ڏيڻ بدران مون مورڳو ڪانئس سوال پڇيو:

”سائين، ڊيوٽي ٿي هئي ڇا؟“

”ڇو اوهانکي خبر ٿي ڪانهي ته ڇنڇر ڏينهن ڪا
يوٽي هئي؟ اسڪول ۾ ڪين هئا ڇا؟“

مون ورندي ڏني: ”اها نه اوهانکي به سڌ آهي

صاحب کي صبوح ساڍا اَلائي کهڙي ويچار اچي ورايو
هو، جو ڪمهلو سڏايو هئائين! ٻارن جو پيڙو سير لٿي،
آءٌ ڪپڙا ڇنڊيي، هليس وڏي صاحب جي سلام لي.
سندس ڪمري وٽ پهتس، ته ڇا ڏسان! ماسترن جي
سموري لڏ ڪمري جي ٻاهران بيٺي آهي ۽ واري وٽيءَ
تي هرهڪ ماستر پيو اندر وڃي ۽ منهن ۾ ڇنڊ کائي،
منهن پيلو ڪيو پيو ٻاهر نڪري!! هيءُ اسرار سمجهه ۾
ڪين آيم جو آءٌ اَچا نول هوس. ڇهه مهنا ماستري ڪئي
مس ٿيا هئم. نيٺ خبر ڪيم ته هيءُ حشر ڇو مٿو هو.
گذريل ڇنڇر تي هيٺين درجن جي ٻارن جي تقريري
چٽاڀيٽي (ڊبيٽ) ٿي هئي ۽ هيءُ سڀ ماستر اُتي غير
حاضر رهيا هئا. انڪري ڪاڻن پڇا ٿي رهي هئي، ۽
جيئن ته وٽن غيرحاضريءَ لاءِ ڪو وزنائتو عذر هوئي
ڪونه، سو صبوح مرداني جو صاحب جي ڇڙي کائي،
منهن تي موچڙو چاڙهي، پنهنجي پنهنجي ڪلاس ڏي
روانا ٿيندا پئي ويا!!

مونکي هيءَ ڳالهه اصل پسند ڪين آئي. هيءُ جو
ماستر صاحب اٽل منهن سان شاگردن وٽ ويندا، ته ڇا
شاگرد ٽاڻي ڪين ويندا ته "سائينءَ" سان مڙيوئي ڪا
تعدي ڪئي ويئي هئي! شاگرد به اُستاد آهن، ڳالهه
جهٽڻ ۾ ڪين ڇڏ وسرمرئي ڪين لڳي. پوءِ پڻا ٻارن ۾
ماسترن جي عزت ڪهڙي رهندي، ۽ هوُ ڪين ضابطي
۾ ڪيئن رکي سگهندا!! پنهنجي عزت ته هرڪنهن

خبر ملي ٿي، باقي اوهان ٻڌائين اها ڪانه پڇي! اها نه ڄاڻائيٽي ڳالهه، ڇڏيو،" رعب ڄمائڻ ڪاڻ مون ڏي ٽوڪي وٺندي صاحب چيو.

"اوهانجو انومان ٺيڪ ئي ٺهيل آهي. پاڻ ٿي نه قبول ڪيو آهي ته ڊبيٽ جي مڙني سرڪيولرن مان هڪ ٿي. نه منهنجي صحيح ڪانهي. ورلي ئي ڪهڙي ثابتي گهرجي،" مون نه ڦهڪائيندي چيو،

"اهو ڪداچت ٿي نٿو سگهي ته اوهان کي ڊبيٽ جي خبر ڪانه هجي."

"اها نه عجيب ڳالهه آهي. ڊبيٽ جو هڪڙو سرڪيولر ٿورو ئي نڪتو هوندو. گهٽ ۾ ٽي سرڪيولر نڪتا هوندا. پر جي اسڪول ۾ پر پهچ اٽڪيو هوندو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟"

"بس هاڻي ته ثابت ٿي چڪو ته اوهانکي ڊبيٽ جي سڌ هئي، نه ته جي ٽي سرڪيولر نڪتا، اُن جي اوهان کي ڪل ڪيئن پيئي؟"

"بلڪل آسانيءَ سان. منهنجي ماستر مون ٿي اچڻ کان اڳ اوهانجي اسڪول جي ڊبيٽنگ سوسائٽي سانس ۾ هئي. منهنجي اچڻ تي اهو، اُنکي جيئارڻ جو ڪم، مونکي سونپيو ويو. مون سڄي سال جو پروگرام تيار ڪري، اُنجا نيم ۽ دستور ٺاهيا هئا. اِنڪري مونکي خبر آهي ته ڊبيٽ جا ٽي سرڪيولر نڪتا هوندا."

"اوهان سان پڇڻ محال آهي."

ته مونکي ٽيسٽ جي ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي.“

”سو وري ڪيئن؟“

”ٻالڪل سولي ۽ سڌين سنواٽي ڳالهه. اوهين ڪنهن کي ڇيڇاڙڻ کان اڳ سڌس سڌو پوءِ تاميل ڄاچيندا آهيو. سو اوهان ٽيسٽ جي باري ۾ نڪتل سرڪيولر ضرور نظر مان ڪڍيا هوندا، جن مان اوهان کي پتو پئجي چڪو هوندو ته هڪ ٽي ته منهنجي صحيح ڪانهي. پوءِ مونکي ڪيئن سڏ پوندي ته اسڪول ۾ ڪو اهڙو شغل رٿيو ويو آهي.“

صاحب مرڪي ڏنو. ”ها، اهو مون ڏسي ته رکيو آهي. انهن سرڪيولرن مان هڪ ٽي ته توهانجي صحيح ٽيل ڪانهي.“

”جڏهن مونکي اطلاع ئي مليل ڪونه هو، ته مان ايندس وري ڪيئن؟“

”پر اوهانجي ڪلاس جي ٻارن کي ته سڏ هئي! اوهانجي ڪلاس مانيٽر موليءَ ته هٽ ۾ ٻُرڪ ٻهرو ورتو. پوءِ اوهانکي خبر ڪيئن نه پيئي؟“

”اها خبر خاوند کي. پر جن ڳالهين جي سمڪ منهنجن شاگردن کي آهي، تن جي سڏ رکڻ لاءِ مان ٽوروئي بدل آهيان. ڪين فلمي اداڪارن جي چگي چوڪي ڄاڻ آهي، پر مونکي ته انهيءَ باري ۾ خبر ڪا خبر آهي.“

”اها ته اوهانجي اڄائي هوڏ آهي. شاگردن کي

٨. مڙس ٿي ڏڏي ويو!

ٻيا اسڪول ڇڏي جو مون پرائمري هاءِ اسڪول ۾
ماستري ڪرڻ لئي هرڪ هاريو هو تنهنجو مول ڪارڻ
هو اسڪول جو انتظام. انهيءَ سبب ٿي اسڪول جي
ساريءَ سنڌ ۾ هاڪ هئي. اسڪول جو پرنسپال نه فقط
پاڙهڻ ۾ هوشيار هو، پر انتظام رکڻ ۾ پڻ پڙ هو. انهيءَ
لاچار جي ڪري ئي سنڌ جي هاءِ اسڪولن جي هيڊ
ماسترن ۽ پرنسپالن کيس اچئي وشو ودياليه جي وڏان
سڀا ۾ پنهنجو عيوضي چونڊي موڪليو هو. وشو ودياليه
جي وڏان سڀا جي ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيڻ ڪارڻ آسانجو
پرنسپال پئي ڇـوٽين مهني چند ڏينهن ڪاڻ اچئيءَ
ڪهي ويندو هو.

هڪ اُهڙي ميٽنگ ۾ اهرو وڃڻ لاءِ هوُ هيل اسـ تيار
ٿيو. پر وڃڻ وقت هوُ هڪ نادري حڪم ڪيئي ويو.
ان سلسلي ۾ پئي ڏينهن مونکي وائيس پرنسپال جو
سنڌ ٿيو ۽ مونکي چٺيءَ رات پڙايو ويو ته پرنسپال صاحب
جا حڪم هئا ته سڀني اسڪول ۾ شاگردن جي
”لوڪ سڀا“ ٻرپا ڪئي وڃي ۽ سندس اچڻيءَ کان
واپس ورڻ کان اڳ ئي اسڪول پارليامينٽ جو ڪاروهار
جاري ٿي وڃڻ گهرجي. انهيءَ ٻاري ۾ پرنسپال صاحب
جون وڌيڪ هدايتون هيون ته شاگردن جي هيءَ ٺٽين

"هن ۾ ڀڄڻ ڪرڻ جي ڳالهه نه آهي ٻي ڪا نه." پاڻ اوهانکي اسانجي عزت ۽ سڦمان جو ويچار رکڻ گهرجي. جي ڏوري لوزي ماسترن جي ٻچن ۾ ڀيو هٿ پوندو ته هو پاڙهڻ تي ڌيان ئي ڪهڙو ڏيندا. هو ٻچن ڀاڻان لاءِ فڪر ۽ تنخواه وصول ڪرڻ جي اوني ۾ ٿي رهندا. ٻيو شاگردن جو ڀيو ڀلو. رڳو ڏيڙ ڏس، ڏباءُ ۽ ڏهشت سان ڪم ڪين هلندو."

"مون ته اوهانکي اڳي ئي ٻڌي ڇيو آهي ته توهين اسان وٽ آهيو سانگي ٻکي؛ انهيءَ ڪري اِئين جيڪي اڇيو ٿو سو ڇيو وڃو".

"انئين آهي نه ڪونه، پر جي اوهين اِئين سمجهو ٿا ته ان ڪارڻ ئي مون سان ٻين جهڙي ورتي ته اختيار نه ڪئي وڃي نه."

"خير توهان جيڪي سول اُٿاريا آهن، انهن تي جوڳو ويچار ضرور ڪيو ويندو."

اُڀيان هٿ ڊگهو ڪري ٻيو؛ مٿان چوڪسيءَ ڪاڻ هڪ خاص ٽيوالو رکيل هو، جو چڪر ماري جاچ ڪندو هو ته ماستر سڀ ٻچ ڪم پيا ڪن، ڪين کاٽيون ڪري پيا ڪم ڦٽائين؛ خالي ٻيو ٻه ٽي سنڌن اسڪول کان ٻاهر وڃڻ تي بندش پيل هئي. ماستر نه هئا، اسڪول جا پڳا ٻانها هئا. ٻه ٻه مهنا کي وت ڏبو، شاگردن اڳيان سيٽيا پئي هليا. هاڻ اهو ٻاهريون مان شان پڻ ٻهار جهي آسي وين. حق اسي مڏجهن وانويلا مٽي هئي. حالتون برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي چڪيون هيون.

پر ويچارا ماستر آخر ڪن ته ڇا؟ پرنسپال صاحب جي مرضي کان اڳتي ته پارليامينٽ جو ڪاره چالو ٿي وڃڻو هو! هڪ دفعو پارليامينٽ بڻجي چڪي، ته ان تي ٻوءِ کهڙي بندش پئجي سگهندي! ٽيهي ڪري ڪنهن ارت آدارڪ جي ٿي دڪار هئي. پارٽي پارليامينٽ جي اگرن نتيجن جي انديشي کان ماسترن ۾ جهسي ڏاه پئجي ويو؛ هو ٻيڪارگيءَ پٽيءَ ۾ اچڻ لاءِ مجبور ٿيا، ته ان ڇهه مهنا اڳ اسڪول جي هڪ ماستر کي جڏهن پرنسپال رخصت ڏني گهر جي فرصت وٺائي هئي ته ڪنهن ٻه ماستر ٻيڪڙو ته ڪين ڪيو هو ۽ بڪ ته نه بولي هئي، جيترو ٻيڪ ماستر سان نسورو ناحق ڪيو ويو هو. هاڻ ته جڏهن سڀني مٿان ٻري آئي هئي. سو ماسترن ٻدا دلر ٻڪمٿ لئي، ٻڌهڻي جماعت

"ماجرا" ٻڌي منھنجي سر لئي ھڻي وئي. سو مان ھڪدم
پنھنجي ننڍين جوابداري سنڀالڻ ۾ جنبي ويس. ڪم جو
ٽرت راس ڪرڻو ھو سو فرصت جو سڄو وقت اُن ۾ ڏئي
ڇڏيو رھيس. مونکي ھيئن ڀڄندو ڏسي، ماسترن مون
کان پڇيو ته ھيڏي مشاڪوه ڇا لاءِ ڪري رھيو آھين؟
مون کين سڄي ڳالھ پيرائتي ڪري ٻڌائي ته مٿس ٻگڙ جي
ويا، ٻيھر ڪي جلسي پاھ لڳي وئي. ٽنا ڪي اُڳيئي
ويٺا ھئا، مٿان آيل ھيءَ ٻھرڪو! اسڪول جي ٻارن
ڪي لئي ڏجي پارليامينٽ! ٻيءَ ماسترن جي ڏاڙھي ڏئي
وڏ ٻارلين وھيٺي!! ھونءَ ٿئي ھڙ ماسترن ٻسيٺ پيا
ٻڪن ٻيٺين؛ ھاڻ موڙيو ٿيو خواه مخواه کين ھٿ ۾ ھٿيار
ڏيڻو. پارليامينٽ ۾ ھڙ ڪنھن جي ٻه ٻڳه ۾ ھٿ وجھڻ
کان ڪين رھندا ۽ انھيءَ ٻاري ۾ جيڪڏھن ڪين
ڪٽي ڪجھه ڇڏيو، تہ ٿيه ٻھ چوندا "اسان ته اڳو رڳو
مسخريءَ ۾ ڇيو، سائيبا ۾ ٽوروني." ماسترن ٿي جي
ٿنوليون ٿينديون ته سندن عزت آبرو ڪھڙي رھندي.
تنھن کان سواءِ چرچي مان سائيبا ٿيڻ ۾ دير ڪھڙي
لڳندي."

ماسترن ۾ ھاھ گھوڙا مچي وئي. ماستر اُڳيئي ٽنا
ويٺا ھئا، مٿان ڇا ھيءَ سندن عظمت لئي ننڍين ھلان
ٿئي ٿي، تنھن جڻ کين ٻانولو ڪري ڇڏيو. پيٽ جي
پالڻا ڪاڻ کين ڪيڏا نه عذاب ٿي سھڻا پيا. اسڪولي
ڪم خاطر ٻئي پينسل ۽ مس قلم لاءِ ٻڄ کين ٿورنسوال

آخر حالتن تي قبضو حاصل ڪرڻ لاءِ مٿس هڪو
ڪري چوڻ لڳو، "اوهان کي ٿي ڇا ويو آهي."
پرنسپال صاحب جا هيءَ سخن سڻي ماستر مرڪڻ لڳا.
هو پاڻ نه مڙي پر ۽ اڏول هئا، ويتر نه هئي وڏي
استاد سان! ٻين کي ڏڏائيندڙ اَج پاڻ ڏڏي رهيو هو-
همت پئي لڏ يس، ٽنگون پئي ٿڪيس، ۽ ڳالهائڻ ۾ پڻ
پئي ٿڙيو ۽ ٿاٻڙيو. چوڻ لڳو، "مونکي نه ڪا خاص پڪ
ڪانه پيئي هئي، جنهن تي هيترو لهي اُٿيا آهيو.
شاگرد مون وٽ ميڙاڪو ڪري آيا هئا ۽ مون سندن
گهر واجب سمجهي، ڪين فقط دلاسو ڏنو هو ۽ وائيس
پرنسپال کي پڻ رڳو هدايت ڪئي هيم ته هن باري ۾
عملي قدمن جي جاچ ڪري." ماستر ادهه پرسري اُٿيا.
ڪمرهه شينهن مثل ڪر ڪڻي گجڪارون شروع ڪري
چيائون- "نسورو ڪوڙ. اوهان جون هدايتون بلڪل
صاف هيون ته پارليامينٽ فورن چالو ڪئي وڃي."
"شاگرد آهن اسڪول جا اَن-داتا، اُن جي ته مٽي ٿي
پوندي؛ ماستر آهن پيٽ جا ڪتا، اُن جي کهڙي
رکڻي هئي. تنهن واءُ لڳي رهيو آهي، تنهن کي پٽ
ڏيڻ خاطر جي ڳڳدام ماستر صدقي جي هڪري ڪيا
ويا ته کهڙو مڙڻ مٽو هو!" "وائيس پرنسپال وڏي
صاحب واري چٽڪي پيش ڪري ته ٿيئي ڳالهه ٽرنٽ
ٿي ويندي." وائيس پرنسپال ويو چٽڪيءَ جي تلاش

(آسوسيئيشن) برپا ڪري ورتي. رائو واهه قاعدا قانون ٺهي راس ٿي ويا، عهديدار چونڊجي ويا ۽ ٺهراو پڪراءِ بحال ڪيا ويا.

پرنسپال صاحب جو ٻمبئيءَ مان موٽي اچي ڪم تي چڙهيو ته ميز تي مٿان ئي منهنجي صحيح ڪيل خط ۽ ان سان شامل ڪاغذن تي هڪدم نظر چڙهيس. جيئن ته ماسترن جي لهرڪ ۾ مون اڳ ٻڌو ورتو هو، ان ڪري پڪراءِ موڪلي ئي ماسترن آسوسيئيشن جو سيڪريٽري ڪري چونڊيو هو. ڪاغذ پڙهي هن موڪلي سڏايو ۽ ماسترن جي ميٽنگ ڪوٺائڻ لاءِ چيو، جو ته اسڪول جي ماسترن جي ڪامن روم جو سيڪريٽري پڻ موڪلي ئي مقرر ڪيو هئائين.

ماسترن جي ڪمري ۾ هرڪو وقت سر اچي سهڙيو. چوطرف واهڙو منڊل ۽ چڪتاڻ ڇانئجي چڪي هئي، سناٽو ڇانيل هو. آخر پرنسپال صاحب ڳالهه جو ذڪر ڇيڙيو. بس، ڄڻ بند ڀڄي پيو. جتي اڳي پرنسپال صاحب جي حاضريءَ ۾ ماستر ڪوئن مثل پيا هڪ ٻئي پٺيان لڪندا هئا، سي اڄ ستل شينهن وانگر جاڳي اٿيا هئا. جنهن کي جيڪي ۽ جتان ٿي آيو، تنهن اتان ئي زباني فاير ڪيا. هيءَ رواڪار ڏسي پرنسپال صاحب جي منهن جو رنگ ئي اڏامي ويو؛ سمورو رعب غائب ٿي ويس. ڪيڏانهن ويئي مڙس جي دهشت، ڪيڏانهن ويئي سندس حشمت!

٩. نصيب ڪليم

دل ڏاڍي هئم ته چاچي مٺل مان پڻ پروفيسر بڻجان.
هن پڻ مون لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ وسئون نه گهٽايو،
پر ڀاڳ ڪيم ڀرايو. منهنجي ڊگري آهڙي زوردار نه
هئي جو پروفيسر جو پد ڪٽي ماڻهان. آخر آسرو ڀلي
وايي رهيس، ۽ پيو ڪو چاڙهو نه ڏسي، ماستريءَ تي
وڃي چڙهيس. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪاليج ۾ جاءِ خالي
ٿي، پر جيئن ته اتهاس جي اڌياپڪ اٿهيءَ جي آڄ
منهنجي ڀيٽرو ٿي ڪي ڪئي هئي، انهن ڪري مون
همٿ پير ڪين هلايا ۽ پنهنجي ڀاڳ تي پيو رهيس.

پر ڏٺيءَ ڪئي پيو ڪجهه منظور هو. ٽئين سال ۾
ڪاليج ڪلاڻ ۾ باقي ڪي ڏينهن وڃي بچيا هئا ته هڪ
ڏينهن چاچو صاحب ۽ اتهاس جو اڌياپڪ ڊاڪٽر ڊوڙارت
جو اسانجي گهر جي نزديڪ ٿي رهندو هو، پرنسپال
سان صلاح مصلحت ڪرڻ ڪاڻ گڏجي نڪتا. ٿئي
منهنجي ناٿي مونيا. چاچي صاحب، ٻنا ڪنهن لڪ
ڏڻ جي مونکي فقط اهو ٻيانو ڏنو ته اتهاس جي اڌياپڪ
چاهيو ٿي ته مان ڪيس پنهنجا جدا جدا رسالن ۾ لاڙو
چيبل اتهاسڪ ليک پڙهائي اچان. مونکي ڪجهه ا
سمجهه ۾ نه آيو. جوان پيو ته مونکي کهڙي پئي آهي
جو ڏر لٿيءَ جو ٻير سازي، اتهاس جي اڌياپڪ کي
پنهنجا ليک هيئر ڏيئي اچان، خاص ڪري جڏهن

۾. پيلا هئي ڪاغذ جي نـدارد ٿڪري سا سٽرو ليٽي چڙو ٿـي!! آخر همت آئي ۽ لاچار صاحب کـي ڪدڻ جهڪائڻو ٿي پيو.

تڏهن ته مڙس هڏ هڻا ڪين ڇڏيو. موريو وڏيڪ فضول اٺتار ڪرڻ ۽ پاڻ کي وڏيڪ ڦاسائڻ لڳو: "مون کو شاگردن کي خاطري ٿوريائي ڏني آهي. آءُ ڪڏهن سان ته پڪو انجام ڪين ڪندو آهيان!!" ماسترن جا هڪواريءَ بازي ماري هئي، سو هاڻ هوُ ڪجهه سٽڻ وارا نه هئا. لاچار جڏهن پرنسپال هٿ ٽان هيٺ لٿو ۽ صاف لفظن ۾ قصي جي پڇر ڇڏيائين، تڏهن مس وڃي ماستر ملايم ٿيا ۽ سندن پريو آندر ٿريو. انهيءَ ڏينهن واه جو مير ماري، مٿهن مٿي ڪيوسين!

نا هئا، ۽ ٻه هن ڪٽي رستي ۾ کانئس پڇيو، ”هالي
۽ ڪنهن کي نا ڏيو؟“ ۽ هن ٻي ڏڙڪ کيس چيو ۽
ون پنهنجو ارادو ٻڌايو آهي. مان اها جاءِ تنهنجي
ٽي کي ڏيڻ نه گهران!“ چاچو صاحب اهو جواب
ي، واتڙو ٿي ويو ۽ الهاس جي اڌياپڪ کي چيائين،
و ڪجهه سوچيو آهي ته ائين ڪرڻ سان تون منهنجي
ر ۾ گهر ڌالو ڪاهي وجهندين؟ توکي جي ائين ڪرڻو
ته منهنجي گهر جي ڌاتيءَ کي دلاسو نه ڏين ها.
نڌر هر ڪهڙو اهو ٿي آگم ٻڌهندو تـه ڌاتيءَ کان پاڻٽيو
ڏ ڀڪ پيارو لڳس، جنهن ڪري هن کي راٽي، پاڻٽي
ب نوڪري وٺي ڏنائين. مون لاءِ ته ٻٽي هڪ سرڪا
ن - هڪ هڪ پاڻ جو پٽ، ٻيو ٻٽي پاڻ جو ڌاتي. ٻ
ا اها ڳالهه سمجهن ڇو ٿا!“ انهيءَ جـو الهاس جي
پاپڪ نڌارڪ ٻڌايس، ”توهانجي ڌاتيءَ کي نوڪريءَ
دلاسو ۽ مون ڏنو هو ۽ ناڪار ڀڻ مان ٿي ڪندو سانس
کيس طري ڏيارندس ۽ انهيءَ فيصلي ۾ اوهانجو
واءِ هٿ ڪونه هو.

ٻئي ڏينهن ڪاليج پهتا ۽ الهاس اڌياپڪ پنهنجي
ادي کان پرنسپال صاحب کي واقف ڪيو ۽ زوردار
ارش ڪٽي ته هن صفا نابري واري: ”مان ڪاميٽيءَ
اها ڳالهه بحال ڪرائي نه سگهندس.“ انهيءَ اـي
اس اڌياپڪ اچي مٿيو. چي، ”اوهانجي دل سرڪي

منهنجو سائنس ڪو خاص تعلق ئي ڪونه هو. پر وري
سوچيم ته متان ڪٿي انهيءَ ڪري ته ڪو مطلب وڪيل هجي،
سو چپڙيل ليک ڪجهه به ڪري، تنهن ڪري اُس پر، جڏهن
ڪانو جي اک ٽي نڪتي، تڏهن مان نڪتس الهاس
آڏيابڪ سان سندس گهر ۾ گڏجڻ. سندس گهر پهتس
ته ڇا ڏسان ته دلاڻ ۾ هوءَ ڪنهن شينهن جيان پيو اچي
وڃي!! دل ۾ چيم ته اڄ خير ڪونهي.

در ڪڙڪائڻ تي هن اچي لهو پڇيو ۽ پوءِ پٺي اچي
ڪوچ تي ويهاريائين. هن ليک مونکان وٺي ميز تي رکيا
۽ منٽ اڌ پڪ ٽڪ منهنجي منهن ۾ نهاريو. هو ڪرستان
هو ۽ سنئون سڌو ماڻهو هو. منهنجي منهن ۾ ڪابه خاص
ريکا نه ڏسي، مونکان پڇيائين، "ڇو، چاچهن جيڪي
ڪاليج ۾ وهيو وارو هو تنهن کان واقف ڪين ڪيئه
ڇا؟" مون ته ڪجهه به نه سمجهيو، سو وائڙن جيان
ڏانهنس نهارڻ لڳس. انهيءَ تي، ڪاليج ۾ جيڪي
ڪجهه ڏينهن جو ٿي گذريو هو، سو هن مونکي سراسٽيءَ
ريت ٻڌايو.

هو ۽ منهنجو چاچو پنهنجن ڪالن ۾ جاڻ پڇاڻ لاءِ
پرنسپال صاحب سان گڏجڻ ويا هئا. جيتوڻيڪ چاچي
صاحب کي خاطري هئي ته الهاس ڪاٽي جي خالي جاءِ
گهر جي ڪانيءَ کي ملئي هئي، ڇاڪاڻ جو الهاس جي
اڌيابڪ هن کي اهڙو پڪو دلاسو ڏنو هو ۽ مون ٽي
ڪيس ڪاليج لئبرريءَ مان ضروري ڪتاب ڪڍائي

الهاس آڻ ياپڪ پاران ته ڳالهه ٻاڪل ٿي لڳي هئي،
ر فيصلو ٻڌندي ٿي منهنجي پيٽيوٽي جي پيرن هيٺان
مين جنسي کسڪي ويئي. هن جي پروفيسر پڇڻ
ي خاص دلي چاهنا هئي. ٽڻ ٿي ٻه سڌو آيو هو. ڪيس
اُف امه. اي جي ڊگري به هئي، ته به سونو وجهه
ڙ ڪي ٿي ويس! سو هٿ ۾ ڪٻيل ڪم آڏ ۾ ٿي چڏي،
وڙيو گهر، ۽ اڻان چڏي ڪڙي، پڳو سڌو پاڻڻ وٽ.
'مهراج اوهان چيو ته پڪ پروفيسر ٿيندين، پر هاڻي ته
رگهن ڪاڄجي پيو آهي. هڪ پيڙو چڱايپٽيءَ لاءِ ڪڙو
ٿي ويو آهي. ٻڌايو ڇا ٿيندو؟" پراهڻ سمجهائيندي
چيس، "وديا پسيت منهنجا گره پلوان لڳم، منهن
ڪري توکي آهڙي خاطري ڏني. پر اهيءَ جو مطلب
اهو ڪين هو ته پئي ڪنهن جا گره منهنجي گهرهن ڪان
وڌيڪ پلوان ٿي نٿا سگهن!! توهان مقابلي ڪندڙ جو نالو
ٻڌاءِ ته اُن جو اُن تو حساب لڳايان ته ٻڌهي مان ڪير
ڪامياب ٿيندو؟" پر هو نالو ٻڌائيس ڇو تو!! اهو پراهڻ
آساڻڪي پڻ چڱيءَ ريت سڃاڻندو هو ۽ واجهڙائيءَ ۾
منهنجي چڏي ڇاڇي هٿائين، جي منهنجي پيٽيوٽي نالو
ته ٿي ٻڌايس، ته پاڻڻ ڪڄهه به نٿي ٻڌائي سگهيو!
گهٽيائي رد بدل هلي. پراهڻ منهنجي پيٽيوٽي کي
ذهن نشين ڪرايو ته جيسين هن نالو نٿي ٻڌايو ليسين
هو ڪڄهه به ٻڌائڻ لاءِ آسمرٿ هو، ڇو ته نڪشٽرن جو

ته ناچن ۽ ناٽڪن کي به نوڪريءَ ۾ رکو، پوءِ پيل سڌن ٻگري کڙي ٿي. هيٺين طبقي (درجي) جي هجي، باقي اسانکي ڪو ڪارگر ماڻهو سمجهي، ته اوهانجو نئو آڪر ٿيوٽي رکيو آهي!" اتهاس اڌياپڪ جو پرنسپال صاحب گهرو دوست هو، سو نه فقط هن گفتار تي غم ڪاٽي ويو، پر ڏس ڏنائين ته هو ڪيئن پنهنجي دل پوري ڪري ٿي سگهيو: "ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي تون خود سمجهائين؛ تون ڪين وڃي ڏس؛ جي هو سر ڇڏي ته منهنجون اکيون ٽڏيون." انهيءَ ڪري ٿي اتهاس اڌياپڪ مونکي ڏر ٽئيءَ جو ڏورڙايو هو.

هو ڏانهن هو منهنجي پيٽيوٽي کي پڻ موٽندي گڏيو آيو هو ۽ ڪيس سرسٽي ڳالهه ٻڌائي، ڪانئس اوسيڙي ۽ تڪليف لاءِ معافي پڻ ورتي آيو. هن ڪيس سمجهائيندي چيو، "مون جڏهن توکي دلاسو ڏنو هو تڏهن منهنجو تنهنجي سالي ۾ ٽو مالر ٿي. چاه ڪونه هو. پر هيءَ جا تازو اتهاسڪ مقالن جي چٽاپيٽي ڪٿي وئي هئي، تنهن لاءِ مان به هڪ جج مقرر ڪيو ويو هوس. سندس مقالو پڙهي مان حد خوش ٿيس ته جنهن خاص ڪم پاڙهڻ لاءِ مونکي ماڻهو کپندو هو تنهن لاءِ هن مقالي جو ليکڪ ٿي بلڪل ڪارگر ٿيندو. مقالن تي ليکڪن جا نالا ڏنل ڪين هئا. پڇا مان ٿي پتو پيم ته اهو دلپسند مقالو تنهنجي سالي جو لکيل هو. الڪري مون پنهنجو ارادو ڀاڻ ڦيرايو هو."

١٠. ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن

ڪاليج ۾ نوڪريءَ جي آڇ اڄ غيبيءَ اچي پلاند ۾ پئي. احساس جي اڻ ٿاڪ جي ڪوشش هٿي وٺي هٿ ڪيو. هڪ ڏينهن اسڪول ۾ پئي پاڙهيم ته اوچتو موٽر ۽ نياپو آيو ته سگهو، ٻه منٽ ٿي سهين، ڪاليج مان اچي ٿي وڃ. مان ته سڀ ڪجهه سمجهي ويس. دل ٽپا ڏيڻ لڳي. اٽڪل ويهائي، اڌ ڪلاڪ جي، اسڪول مان موڪل وٺي، ڪاليج ۾ آيس. پرنسپال صاحب سان ملاقات ٿيم. سڌو سوال پڇيائين، "ڪاليج ۾ نوڪري ڪندين؟" اها ڪا پڇڻ جي ڳالهه هئي! ڪاليج جي نوڪريءَ لاءِ ماڻهو ٿا سڪن؛ ٿورن ٿو آسرو ملين، ته وٺي ٿا سڪائون لاهين!! نصيب کليو هوم. جيئن ايم-اي وارن پئي ٿاٻا جهليا، اسي اي- اي وارو چڙهي ٿوي، قسمت ڀيو ڇاڪي چڱو آهي! مون هڪدم "ها" ڪئي. منهنجي آنهه ڪرڻ ۽ ٻئي سوال جو اٿڻ، "نوڪريءَ لئي ڪڏهن اچي چڙهي سگهندين؟" اسڪول مان جند ڇڏائڻ سولي ڳالهه ٿورئي هئي. اها ڳالهه ته مونکي ڪاليج ۾ نوڪري ٿي ملي، سا پڻ شايد اسڪول وارن کي پسند نه اچي! حسد!! سو ڪي قدر هٻڪندي چيم، "جيترو جلد ٿي سگهيو. اسڪول وارن جي راضپي سان ٿي سڀ ڪجهه ٿيندو." دلداري ڏيندي ڪاليج جي پرنسپال چيو، "اسڪول جي نوڪري ڇڏڻ جو

حساب ناليءَ تي ئي منحصر هو. آخر ٻي ڪا واهه نه ڏسي، پيٽيوالي صاحب لاچار منهنجي ناليءَ جا پهريان اکر ظاهر ڪيا. ٻراهمڻ پڻ ورم ڪانه ورتي. چيائينس، "مون هن جي چٽي ٽاڙو ڏني آهي. هن جا گره ٺهنجن گرهن کان گهٽ ٻلوان آهن، نوڪري هنکي ئي ملندي!"

لائين، ٻيا درخواست، ڪاليج ۾ نوڪري ملڻ.

ڏينهن ۾ نئون پيريڊ شروع ٿيڻ وارو آهي. اهو وڃي
ٽ." ڪم لي چڙهڻ جا حڪم ملي ويا. مان گڏگڏ
يس. ڪاليج پرنسپال جي آڇ لـه اسڪول ۾ به پل
ماستري ڪندو رهان، مونکي ڪانه آئري، ڇو ته اسڪول
ڪاليج جي پڙهائيءَ وچ وڏو فير آهي، پنهنجي هنن
پاڙهڻ سان پنهنجي پاسي نڪار ثابت ٿيڻ جو انديشو هو!
سان فقط ڪاليج جي نوڪريءَ ۾ ئي خوش هوس-
ڪاليج جو نالوئي ڪافي هو، پوءِ پگهار ڇو نه ڪيترو
ه ڪٽي گهٽ هجي!

گهنٽ لڳو ته مان ڪلاس ڏانهن ويس. ڏٺم ته هيءَ
ڪلاس ته نجو ڇوڪرين جو هو!! رڳو ڇوڪريون سنڀالڻ
ذرا ڏکيرو ڪم هو، پر همٿ ته هوئي ڪونه. سو پڌا
هيڪ ڪلاس ۾ گهڙي ويس. ڇوڪريون اَلبت واڙيون
ئي ويٺيون ته هيءَ نئون پروفيسر ڇو آيو آهي. پر جهٽ
ياد آين ته اِلهاس اَڌ پاڪ کين اڳوات اطلاع ڪين ڏنو
هو ته جلد کين هڪ نئون پروفيسر اَچي پاڙهيندو! اِها
ڳالهه ياد ڪندي، سندن رخ ڦريو- هڪ نئين پڙن پڙن
شروع ٿي وئي. "پروفيسر ته ننڍو آهي؟" "هيءَ
ڪيئن اسانکي پاڙهيندو؟" وشيه هيڏي وڏي (وشو
الهاس جي) ؟ پروفيسر اولروئي نڊيڙو!" ڇوڪرين ۾
ان رمت سر پر هلندي هلي. مون پڻ کين وڏي واڳ
ڏني تـه پل پاڻ ۾ ڳالهائي پيون. تنهن وچ مونکي پتا
ڪلاس جو جائزو ملڻ جو وجهه ملندو ؛ پاڻپي وتندس

ٿو؟ هتي ڪو خاص پگهار ٿورو ئي ٿو ملي! پر اسڪول ۾ ته ماستري چالو رک ۽ ڪاليج ۾ به اچي پاڙهه." دل ۾ چيم، "ڪاليج جو پرنسپال ڪيڏو نه قدردان ۽ فراخدل آهي! شل اسڪول جو پرنسپال دل وڏي ڪري!!" اسڪول وارن پڻ گهڻو ڪين ستايو. وڃي اسڪول جي وائيس پرنسپال کي لڳس. هن اُنجي اهميت محسوس ڪئي ۽ چيائين، "اهڙو وجهه ڪو هر گهڙيءَ ٿورو ئي هٿ ايندو. مان پنهنجي پاران ضرور ڪجهه ڪندس، پر موڪل ڏيڻ ته پرنسپال صاحب جي ئي وس ۾ آهي نه. مان سمجهان ٿو ته هو وگهن ڪونه وجهندو." وائيس پرنسپال ته واه جي دل وڌي ۽ دلاسو ڏنو، پر پرنسپال چوي ته مهني جي نوٽيس جي عرصي عيوض موٽ ۾ ڪو ماستر ڏي! هاڻي مهني لاءِ ماستر مان آڻيان ڪٿان!! اچي ياد آيم ته منهنجي دوست ڪرتار اُنهيءَ سال بي-اي پاس ڪئي هئي ۽ اَڃا گهر ۾ ويٺو هو. ڇو نه چڙهي وٽس ويس ۽ ڳالهه ڇوريمانس. هن چيو ميو، ڇو نه هڪ ته هو بيڪار ويٺو هو ۽ ٻيو ته هو اسڪول جي بلڪل نزديڪ ئي ته رهندو هو. اِنڪري هفتي اندر اسڪول کي اَلوداع ڪري اچي ڪاليج ۾ حاضر ٿيس.

ٻهرن ويس پرنسپال صاحب وٽ. هن چيو، "اَڄ کان ئي وڃي ڪم تي چڙهه. اِلهاس اَڌياپڪ کان وڃي پڇ ته ڪهڙا ڪلاس وڃي وٺان." آيس اِلهاس اَڌياپڪ وٽ ۽ ڳالهه ڪئيمانس، ته مرڪندي چيائين، "ها. ڏهن

...اشڻ لس هلندو هليو، اکيون هڪ طرف ڪان ٻئي طرف
...ر ندبون رهيون، ٻانهون ۽ هٿ پاشڻ کي وزائتو ڪرڻ
...ڪاڻ ڪڇندا رهيا؛ ڪنهن کي به ڪو وجهه نه مليو، نه
...ري ڪنهن کي ڪا سس پس ڪرڻ جي همت ٿي
...ي. سڀ ٿامڇي پاشڻ سڻندڀون رهيون، ايتري قدر
...و جيتوڻيڪ طنزي نوع ۾ ڪين ٻڌايم ته انسان ٻولڙي
...جو اولاد آهي ۽ ان ڪارڻ ٿي مڏڇهن اهل ڪرڻ جي
...ندرني علت ٻيل آهي، تڏهن ٻڻ ڪنهن پڻڪو به ڪين
...ڪيو. پاشڻ لڳ ۾ هلندو هليو، تان جو ٻيرڀ ٻوري
...يڻ جو گهنڊ ٻڻ وڳو ۽ مان ڪم ٻورو ڪري ٻاهر آيس،
...ه به ڪلاس ۾ اڄا سانت ٿي ڇانيل هئي - ڇوڪريون
...شايد اڄا سوڌو انهيءَ ئي ٿي اڇرج ڪائي ۽ سوچي رهيون
...هيون ته سوچيو ڇا هوسين ۽ ٿي ڇا ويو!!

ته آخر هوءَ ڪهڙي ٻاٽيءَ ۾ آهي. ڪين اُٻهرو روڪڻ مان سندن مَن ورڻ جوڳي اَنديشو هو، اِنڪري ٻڻ ڪين ڪجهه چوڻ ڇڏيم.

مونکي جنهن وشيه پاڙهڻ لاءِ ڇيو ويو هو سا هڪ ته وسيع هئي؛ ٻيو ته مان جيڪي چار سال ڪاليج ۾ هوس، تنهن عرصي ۾ اِها ڪانه سيکارڻ ۾ آئي، جنهن ڪري اُنجو اَڀياس مونکي ڪين نصيب ٿيو هو. مونلاءِ اِها بلڪل نئين وشيه هئي؛ مان پڻ نڪورو پروفيسر ٿي ته هوس! پر پڙهيان هٺو ته هو ٿي ڪونه. سو مان ڪتاب چڱيءَ طرح پڙهي، تيار ٿي آيو هوس. مون جو ڇوڪرن کي ڇيڪ ڇڏيو هو ته هوءَ پاڻهي ماٺ ڪري واريون ته هيون ٿي ڪين، سندن ڀُون ڀُون بند ٿئي ڇو ٿي–”اسان کي پاڻ مزو. هن پروفيسر کي ٻاٽڻ اَسان لاءِ آسان ٿيندو. هڪڙو آهي ٻڍڙو، ٻيو اَسين سڀ آهيون ڇوڪريون، سو هن لاءِ اَسان سان پهچڻ محال ٿيندو!“ بس، هاڻ گهڻو ٿي چڪو. وڌيڪ بيهودگي سهڻ لاءِ مان هرگز تيار نه هوس. اِنڪري هٿ سان اِشارو ڪيم ته ”چپ ڪري وهو.“ اَلانجي ڇو ڪلاس ۾ هڪدم سانت ٿي وئي. ڇوڪرن شايد سوچيو ته جي ماٺ نه ڪبي ته پروفيسر کي ٻاٽيو ڪيئن! پل ته ڳالهائڻ شروع ڪري!!

ڇوڪرن ڏانهن سڌو ۽ ڪي قدر ڪرڙائيءَ سان نهاريندي، مون پنهنجو ڀاشڻ بلند آواز ۾ شروع ڪيو.

ڏاءُ وارا اُڏ پاڪ انگريزي راڄ جي فائدي ۾ يا اُنجي خلاف، ڪيتن ڳالهائي رهيا هئا. هو مونکي سخت ڪٽر ٻاٽي لڳو.

پهريان خيال آيم ته ڪيس جهٽ ۾ اماڻي ڪيان. هن کا ڪاليج جي في ڏورپائي پري هوندي، جو منهنجو پاشڻ پتڻ آيو هو! اي دل چيو ته لڳي شريف ٻيو ۽ هيڏي ساري ڪي هڪالي ڪيڻ سهٽو ڪين ٿي لڳو. تنهن ڪانسواء مان ته اُصلي قرمي وڇارن جو هوس. جيٽوڻيڪ اُنگريزي لباس جي ٻچر اُچا ڪانه ڇڏي هيم. سو خيال آيم ته جي هو منهنجن وڇارن کان واقف ٿيندو ته سندس پرچار سبب منهنجو به ناماچار وڌندو! انهيءَ سمي شروعات ۾ ذاتي ڪيڻ جي تمنا ضرور هيم!! سو پاڙهڻ شروع ڪيم. سچو پير پب پاڙهي ته ويس، پر اندر ۾ اُڻ تڻ ضرور رهي. ڪلاس پورو ٿيو ته هو پاهر اچي مون سان مليو ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڏنائين، جنهن مان پتو پيم ته هو عمر ۾ مونکان پنج سال وڏوئي هو! پر رڄ ڇگو مڙس ڪو. چيائين، ”سائين، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪندو آهيان. ڪانگريس هلچل ۾ سرگرم پهرو وٺڻ سبب ٻرنگ جو نيرسڪ پڻ ڪري آيو آهيان. انگريزي سڌيم ٿي ساڌو ڪانگريسي ڪري. سيڪريٽريٽ ۾ ڪنهن ڪان به پڇندا ته هو مون وٽ پهچڻ جو جهٽ ڏس ڏيندو. ڪوبه ڪم ڪار هجيو ته حجاب نه ڪجو. حاضر آهيون. اوهانجي هاڪ ٻڌي هيم، اَڄ اُها هاڪ

١١. سائين! مڃي!!

مان جڏهن پروفيسر مقرر ٿيس تڏهن ڪاليج ۾ ڏهه ڏکهه ڇوڪرا هوندا هئا، ڇاڪاڻ ته ڳچ شاگرد نوڪريون به ڪندا هئا ۽ پڙهندا به هئا. اهو رونشو تازو شروع ٿيو هو. ان ڏينهن ڇوڪريون اڪثر نوڪريون ڪين ڪنديون هيون ۽ انڪري هو ڪاليج ۾ ٿوريون ٿوريون ئي اينديون هيون. باقي ڇوڪرا به وڏي وهيءَ ۽ وڏي ڪهيءَ وارا هوندا هئا. ڪي ته ڏاڙهيءَ ڏاڙهيءَ هوندا ۽ ڪي وري اڌيڙ لڳندا هئا. ڪن کي ته وسهڻ ۾ ڪين ايندو هو ته هو ڪو ڪاليج جا وديارٿي هوندا. مهال وٺو ساڳو ڪانگريسيءَ جو! هڪڙي ڏينهن جو ڪلاس ۾ ويهان ته پهرئين ئي پهرئين بينچ تي هڪ ڪرڙو کاڌي پوش ويٺو هو. مٿي تي گانڌي ٽوپي براجمان هيس ۽ چشمن تي پوري شيشن وارو چشمو، جهڙو ڪاڪا پائيندا هئا. چڱو ابڙ ۽ پوشيدو پئي لڳو. کاڌيءَ جو ڪوٽ پيل هوس، پر پيرن ۾ بوٽ بدران چمپل هوس. ڪٽر ڪانگريسي پئي لڳو. مان کيس ڏسي، منجهي پيو رهيس. ڪير کين چوندو ته هو ڪو ڪاليج جي پهرئين سال جو شاگرد هو! مونکي ائين ته هو ڪو واٽهڙو هو، جو رستي تان لنگهندي ڪلاس ۾ گهڙي آيو هو. شايد ڪاليج جي حاطي وٽان لنگهندي کيس ولهار آيو هو ته ڏسان ته هيءَ سومت

ظ جي هجڻ نٿي آئي! وسهڻ جهڙي ڳالهه نه ڪين
ب لڳي، پر جي هن کي ڇپيو نه ڪوڙ ته ڳالهائين نه
صي ڪرڻ جو امڪان هو. هو ۽ سندس دوست هيڏي
اري دو-دوستيءَ جي عزت جو سوال اٿاريندا؛ واد وواد
روع ٿي ويندي، ۽ ڳالهه نهڻ پدران پگڙ جي ويندي.
ر رستو هو ته مان کيس چوان نه هيءَ ڪو اسڪول
ر وٺي هو، جتي هجي ڪري پڙهائجي. پر انهن ڪرڻ
ان شاگردن ۾ اهو گمان جاڳي ٿي سگهيو ته شايد خود
ائينءَ کي به هجي ڪانه ٿي اچي ۽ انڪري ٿي اسڪول
و عذر ڪاهي وڌو اٿس. پنهنجي گهٽتائي ڪير ڪرڻ
يندو! هن قسم جي سوال پڇڻ جو هڪ ٻي مطلب ٿي
تو ته حيلي بهاني ڪلاس ۾ ٺهڪڙو مچائجي. ڪڏا
وفيسر ۽ ڪڏا هجيئون!!

ٺهڪڙي جي برخلاف نه مان به ڪو نه هوس، پر
ي مان ڇوڪر جي چوڻ موجب هجي ٿو پڙهان ته،
يپٽي منهنجي ڦلهڙائپ لي ٿي هسيون اڏائيندا، ڪير
ڻ ڪلائيندو، ڪير پاڻ لي ٺهڪڙو مچائڻ پسند ڪندو!!
نهنجي نه مرضي هئي نه ڇوڪر انهيءَ اڳر جيڏي
جانئي مڙس لي کلن ۽ نه مون لي!! پر اهو ڪيئن ٿي
ي سگهيو؟ سوچڻ جو وقت هو ڪٿي!! پر چاهندا جا هيم
ارچي ڪرائڻ لي نه طرفو پڻ جهت سڄهي آيم. گنڀير
ي ڇوڪر کي چيم، "ٺيڪ، توکي هن لفظ جي هجي
ڪانه ٿي اچي! مان سمجهان ٿو ته تون انهيءَ ۾ پلپل

سچي ثابت ٿي ۽ دل شاد ٿي اُٿم. اسين اوهان جي
خدمت لاءِ هميشه حاضر رهنداسين ۽ آزمائي ڏسجو. ان
کري اسانکي اُستاد جي شيوا جو پڻ وجهہ ملندو."
ساڏو اها حيات آهي ۽ جتي ٻہ ڏسندو آهي تہ سعيو
کري اُچي قرب سان گڏيو آهي.

ٻہ سيئي قدآور ۽ گاما جهڙا شاگرد هڪ قسم جا
ٽوروٽي ٿيندا آهن! اُنهيءَ ڏينهن جو ڪلاس ۾ وچان تہ
سارو ڪمرو شاگردن سان ٺمٺار ڀريو پيو هو. شاباس هجي
شاگردن جي صبر کي جو هڪ خشڪ وشيہ ٿي پاٺ پڙهڻ
جو شوق رکيو هئائون. ڳالهايم ٿي دنيا جي اُصلوڪن
رهاڪن تي! خير. پاڙهڻ شروع ڪيم. پاٺ فصاحت
سان پئي هليو تہ اُچانڪ ڪلاس ۾ ڪنهن همٿ مٿي
ڪئي. هوءَ پڇاڙيءَ واري قطار ۾ ويٺو هو. پڇيو مانس،
"چاهي؟" تہ ورندي ڏنائين، "سائين اِهو وڏو اکر
ڪهڙو ڳڌو؟ مونکي اِنهيءَ جي هجي اُچي ڪانہ ٿي.
مهرباني ڪري ٻڌائيندا؟" سوال ٻڌي سيئي جي منهن
تي مرڪ چانئجي وئي. ٻر مان مدبهي پيس. ڪلاس
ڏانهن نئين سر نهاريم تہ هڪ نئين رونق نظر آيم-
ڪلاس جا سڀ مؤلائي مڙس اڄ ٻوٽين قطار ۾ ويٺا هئا!
لڳو اِلين پئي جڻ سندن من ۾ ڪا شرارت هئي. جنهن
شاگرد سوال پڇيو هو سو قد بت ۾ مونکان ٻيو نہ، تہ
پيٽو تہ ضرور ٿيندو. هن کي نوڪري ڪئي پڻ ڳچ
سال تہ واهہ جهڙا ٿيا هوندا. تنهن هوندي بہ ڪيس هن

ڀريات جا سوُر

مونکي ڪاليج ۾ نوڪريءَ تي چڙهئي مهينو مس
۾ هڪ وڏو ڪارنامو ٿي گذريو. منهنجي پيريڊ
وع ٿيڻ ۾ اڃا ڪجهه وقت هو، تنهن ڪري مان
وريءَ ۾ ويهي رهيس. اتين ٿي اوچتو هڙٻڙي جو آواز
ن ٿي ٻڌم. سياوڪ منهنجو ڌيان ان طرف ڇڪيو.
از ڪنهن ڪلاس مان ٿي آچي رهيو هو. سمجهيم ته
گرد ڪنهن پروفيسر کي تنگ ڪري رهيا آهن - اهو
هُو پنهنجو مرڪ ڪري سمجهندا آهن. ايتري ۾
از ڪجهه قدر گهٽيو ۽ چانگ ڇوڪرن جي لئبرريءَ
پيهي آئي. ڀيا گلر گلر ٿي، ٻاهر سبز گاهه جي پٽ ر تي
ي پکڙي وڃي ويٺا. ڪنهن ڇوڪر کان پڇيم ته گوڙ
جو هو، ته هن ٻڌايو ته فلاڻي پروفيسر کي ڇوڪرن
پٽايو. پر اٿين ڇڏي هن بس ڪانه ڪئي. ڳالهائڻ جو
سلو جاري رکندي، هن چيو، ”شاگردن ٿي چيو ته
ي پيريڊ ۾ باقي هن تنهن پروفيسر کي سيکون ڪرائيون!“
بءَ ڳالهه ٻڌي مان ڪي قدر ٿيءَ ۾ پئجي ويس، پر
ن اڳوات مليل اطلاع ۾ اهي ڳالهيون ڇڱيون ڪيون -
ڪڙو ته مان نهري سڄاڳ ٿي ويس ۽ سائي وقت
ماغ کي ٺڌو ۽ سالم رکڻ جو پڪو ارادو ڪيم.
ـيو، وقت وهامي ويو ۽ گهنڊ وڳو. مان اٿيس ۽
ڪلاس طرف وک کنيم. اٿي آچان، ته مار! مورچو

آهين. ڇگو، ٻوڪي جي هنجي ٻڪيءَ طرح ياد ڪرڻي آهي، ته تون جيئن هنجي ٻوڪي ايندي هنجي تيئن ڪري ٻڌاءِ؛ جتي ته غلط وڃين، اُتي مان ٻوڪي درست ڪندس. ٻوءِ ته بس!" منهنجي اِئين چوڻ تي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو، جنهن تي ٽيڪو ذرا واڙو ٿي ويو، پر جيئن ئي ڳالهه سمجهيائين تيئن ڪاڻس ٻڻ ڪل ڇٽڪي وئي. چيائين، "سائين، اوهين بيشڪ اُستاد ٺڪڻا. مون هنجي ٻچڻ کان هميشه لاءِ "هان" ڪئي."

ص هئي!! پل ٻاهر نڪري ٻيا ٻالڪن چٽين ۽ اُٻاسيون
ين. پر شاگردن کي انهن سانت اچي چڙو لڳي! سو
جهانئين پر چار وڏي اچي دروازي وٽ بيهي رهيا-
ضي هئين ته پروفيسر اسانکان کي ڪجھ پڇي ته ڳالھ
ريون! منهنجو ته سندن سان ڪو وير وروڌ ڪونه هو،
سائن ڳالهائڻ ڪري منهنجي ڪالهي ڪانه ٿي پيئي.
ومان، ”اِڻي اُهين ٻٽ ٿيا ڇو بيٺا آهيو؟“ وراڻي
زائون، ”شاگرد اوهان سان ڪجھ ڳالهائڻ ٿا گھرن.“
ڇي ۽ ٿي چيومان، ”ڳالهائڻو ڪين آهي، تنهن لاءِ مان
ن کهي وڃان! اهو سندن مطلب هو ڇا؟“ ”نه نه،
ين هرگز نه، اجازت ڏيو ته سڀ اندر اچي وهون ۽
يالن جي ڏي-وٺ ڪريون.“ ”اندر اچڻ جي نيندي
گهنب اوهانکي اڳيئي ڏني آهي. وڏا نام نياڻا چئبا
و آيا نئين نولي جي آسري ۾ لڙسي بيهي رهيا آهيو!
ڪجھ ٻه چوٽو آئو ته اندر اچي ڳالهايو نه! سڀ اچي
ڪلاس ۾ وهو، پنهنجا عيوضي ۽ اڳوان چونڊيو، پوءِ
يڪي واجب هوندو، سو ڪبو.“

هو ايتري لاءِ ترسيا ويٺا هئا. منهنجي ڪين
سلي ڏيڻ ۽ ٻ مبلي جو ٻ مبلو اچي اندر ويٺو. پنهنجو
اسو ثابت نموني پيش ڪرڻ خاطر پنهنجا ماڻهو مقرر
ڪرڻ ۾ دير ڪين ڪيائون. معاملو هن ڳالھ تان اچي
تو هو جو مون ڪانسواءِ اڪثر طرح پروفيسر شاگردن
وي حاضري پيريڊ جي شروع ۾ ئي وٺندا هئا ۽ حاضري

ڪلاس ٿي بند لڳو پيو هو!! ڍليس اصل ڪين. هڪدم آفيس ۾ موٽي آيس ۽ هيڊ ڪلارڪ، مسٽر لمڪيءَ کي وڃي چيم، ”ڀائي، ڪلاس ته کولائي ڏي، نه ته ڀاڙهيندس ڪٿي!“ لمڪي صاحب ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ پٽيوالن کي هڪل ڪيائين. پاڻ خود وڃي ڪلاس کولرايائين. ڪلاس ۾ شاگرد ئي ڪونه- سڀ ڀڄي واڪا ڪيا. سڀ شاگرد ٻاهر سرسبز گاهه تي ويٺا هئا. مونکي ڪلاس ۾ اڪيلو ويٺل ڏسي، هُو ٺهه ٺهه ڪري کلڻ لڳا. انهيءَ تي مسٽر لمڪيءَ کي ذرا خيال ٿيو- پروفيسر نٿون، پرنسيپال ويو هو بمبئي وشو ودياليه جي ٻيٺڪ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ اِنڪري ٿي شر شاگردن جي مٿي هئي بيگهي! هُو مون وٽ وڌي آيو ۽ واهر ڪرڻ جي آڇ ڪيائين. مون انهيءَ تي سندس مهرباني مڃي ۽ چيومانس، ”تون آفيس ۾ وڃي ويهه. مونکي گهرج پيئي ته توکي سڏ ڪندس.“ هُو موٽي ويو ۽ مان وري پنهنجي ڪرسيءَ تي اَڏول ٿي وڃي ويٺس.

شاگردن جي ٺهه ٺهه جو مون تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو، ۽ وٽن به جو کلڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو شستر ڪونه هو، ته هُو ڪجهه قدر ششدر ٿيڻ لڳا. دل جو دل ۾ چوڻ لڳا، ”هيءَ ته عجيب قسم جو پروفيسر ڇٽيو! شاگرد ڪلاس کان ٻاهر ويٺا آهن، تن کي سڏي به نٿو!!“ مان ڇو سڏيان! گهنڊ ڪين ڪين سڏيو هو ڇا!! جي ڪين منهنجي پرواهه ڪانه هئي، ته مونکي وري سندن ڪهڙي

ڻ پنهنجي خوشيءَ آيا هئا، ليڪن منهنجي خوشيءَ
ئي ويو. نڪا مان ٻوهان سان ڌانڌل ٿو ڪريان ۽ نه
هين وري ڪو ڏوڙ ميڙيو." انهيءَ تي سمجهه آيم ۽
پ ٻڪساهيءَ ڪلاس ڇڏي هليا ويا ۽ مان وري
پنهنجي ڪرسيءَ تي اڪيلو ۽ اڏول ويٺو رهيس.
چو ڪرن سمجهيو هو ته مان ضرور مڙندس، پر مان
هنجو اڏ ڪار ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوس. اتي پيرڊ پوري
ڻ جو گهنڊ لڳو، اڏهن منجهانئن ٻه ڪي ٽي ڄڻا مون
ف وڌي آيا. اچي چيائون، "سائين پيريڊ ته انهن ٽي
ڪلي ويو پٽي واري ڪان اسين سڀ باقاعدي اوهان
ي پيريڊ ۾ اچي حاضر ٿيندا سين." مون وري ڪين
داري ڏ ڀيندي چيو، "اهو ته ڏاڍو سٺو. پر وري نه
ءانجي مرضي."
ٽي واري ڪان سڀني ٻيڻگرن منهنجي پاشڻ پڌڻ
اڻ نڪين ٻيڻهن سان اچڻ شروع ڪري ڇڏيو.

وٺڻ اڃا چالوئي هوندي هئي ته، ڇوڪرا ڪو ڏاڍي
ٻاهر هليا ويندا هئا. پوءِ پڙهڻ کي ڀيو سلام. هنن جي
مرضي هئي ته مان پڻ ٻين موافق حاضري شروع ۾ وٺي
ختم ڪريان ته هو شغل ۽ شڪار لاءِ نڪري وڃي سگهن!
پر چڪر چاريءَ يا ٻاهر تماشي جو ته هو ذڪر ڪيڏي
نٿي سگهيا، سو سندن طلب هئي ته، مان پڻ ٻين جي
دستور موجب هلان. منهنجو چوڻ هو ته شاگردن کي
اهڙي حجت اٿارڻ جو ڪو، سبب ڪونه هو. حاضري
وٺڻ پروفيسر جوئي خاص اختيار آهي، ۽ انهيءَ ۾ دخل
جو شاگردن کي ڪوبه حق ڪونه هو. انهن ته شاگردن
کي ڪنهن ذهن ويچار ۾ ايندو ته اچ يوناني اتهاس بدران
ايراني اتهاس جو ابياس ڪجي، ته ڇا پروفيسر کين ايراني
اتهاس پاڙهيندو ڪيئن؟ باقي سوال رهيو سندن سهوليت
۽ سک جو. سو حاضريءَ مهل مان ته ڪو اعتراض
اٿاريندو ئي ڪونه هوس- ڪنهن ڪان کين پڇندو هوس
ته هو ڪلاس ۾ ڪيڏي مهل اچي ويٺو هو. پوءِ باقي
اُرچڻ ڇاجي؟ جنهن مهل مون حاضري ٿي پڙهي تنهن
ويل جيڪو به حاضر هوندو اُنکي حاضري ملندي. پر
شاگردن کي اها ڳالهه ڪين آئڙي. سمجهيائون سڀ
ڪجهه ٿي، پر پنهنجي هٺ تان هيٺ لهن ڪيئن!
دليل ته سڀ ختم ٿي ويا، باقي زور رهيو گوڙ ڪرڻ
تي. مون انهيءَ تي ٺلهي آواز ڪرڻ ڪان کين باز اچڻ
لاءِ چيو: ”اوهانکي جي منهنجي ڳالهه پسند ناهي، ته

ڇاريندو. روز مره موافق اُنهيءَ ڏينهن ۾ مان ڪلاس
ويس. سڀ ٺهي ٺڪي پاڻ پڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا.
ن ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اُن سان لاڳيتو ٻيو سر ۾ آلاپڻ
وع ٿي ويو. اهو رنگت وري ڇاجو هو، سمجهه ۾ نٿي
ٻيو اچي. هينگ نه، نه هڻي، نه هڻي هٽڪار؛ سر ٿي
الو! سو به ڪٿي ڪنهن خاص طرف کان ايندو هجي،
۽ ٺهيو؛ اهو هڪ ٿي وقت هر طرف کان اچي رهيو
و!! منجهي، ٿڪجي رهيس. اُنهيءَ جو ڪارڻ سمجهڻ
ڪاڻ دماغ ڊوڙايم، پر سمجهي ڪجهه به نه پيو. اُنهيءَ
ڪري ٻيو ڪو تدارڪ نه ڏسي، گفتار وري شروع
ڪيم. مون جو مانڪ ڪٿي هڻي ته اهو نرالو سر ۾ سانت
اچي ويو هو. مون اُنهيءَ مان اُنومان ڪيو ته ڪڏهن
ڪڏهن شاگردن کي جن ڪٿندو آهي پروفيسر کي ڪجائڻ
و. پر اهو ٿورو وقت هلي، ايتهي ختم ٿي ويندو
هي. ايترو عقل شاگردن کي ضرور آهي - چرچي جو
ٽو چار منٽ، وڌيڪ اينگهه ٿي پوندي. سو ڪجهه
ريم گذري ته مون وري پڙهائڻ شروع ڪيو. پر اَج
شاگرد شايد گهران رسي آيا ٿي ڏنا، سو پڙهن ٿي نه
ڇڏين. مان ڳالهايان ته "ٽان ٽان" ـ شروع ٿي وڃي؛
مان بس ڪريان ته اهو به ٽالو سر به بند ٿي وڃي! هيءَ
، وڏي جٽ ٿي!! شاگردن کي گهڻو ٿي سمجهايم، پر
اَج هو پڙهڻ لاءِ هرگز تيار ڪين ٿي ڏنا - سندن مزاج
اَج ڪجهه اوَر ٿي نظر آيو. هن وقت سر سر بند

١٣. ڪلاس ۾ ڏيڏر!

اِئين چوڻ ته ڪنهن پروفيسر جو هر ڪو پيرڊ ناپسند ٿئي ٿو، اِها به اَجائي ڳالهه آهي. ڪا ڪا اهڙي خشڪ وشيه سامهون اَچيو وڃي، جنهن کي وڻندڙ بڻائڻ مشڪل ٿيو پوي. ڏائڻ کي ڪهڙو ڏيک ڏيئي سگهبو! ڪڏهن وري پروفيسر جو مزاج ڪنهن ڪارڻ پاڙهڻ تي مائل نه هوندو ته انهيءَ ڪري پڻ وشيه جي وياکياڻ ۾ جس نه رهندو. ڪڏهن وري خود وديارٿين جي دل ۽ ڌيان پڙهڻ ۾ نه هوندا، ته به مزو نه ٿيندو. سو ڪنهن به ڪارڻ جي چوڪرن کي پاشڙ پاءِ نه ٿيو ته ٻُڙن ٻُوُن شروع ڪري ڇڏيندا.

انهيءَ ڪري ئي ته سنڌيءَ واري چئي ڦٽو ڪيو:

”ڇوڪر ڇٽي ذات جا، ٻُوُن ٻُوُن ڪن بازار ۾.“

سا ٻُوُن ٻُوُن به وري اَهڙي جو بازار مٿي تي کنيو ڇڏين. جي مَن مستيءَ کٽين ته پاڻ جو ٿيو حشر! جي پروفيسر جو پاڻ طبيعت تي نه پوين ته ڪٽي ”ٽا، ٽا“ ڪري هليا وڃن، ته به جڻ لِک ڪٽيا، پر هوُ اٿين ڪن چوٽا! هوُ پنهنجو شغل شروع ڪري ڇڏيندا!! پوءِ ڀل ته پروفيسر پنهنجي، پاڻ جي به ڪري ۽ هڏن جي ڀي-سرائيءَ کي به منهن ڏئي!!

اَهڙو ڪارنامو ڪنهن مهل به ڪنهن به پروفيسر اَڳيان پيش ٿي ٿو سگهي، پوءِ اُنجا نازڪ ۽ اڳرا نتيجا وت

...ئين قطار ۾ ٻئي هئا. پٺيان پٺ تي ٽيڪ ڏنو، انهيءَ
...ڌار تي، پر ڪنهن جسماني چرپر جي، هو ڏيڏر وڄائي
...ي سگهيا. ساڳئي وقت جدا هنڌن تان ڏيڏرن وڄڻ
...ڪارڻ گڏيل آواز ۾ ڪنهن خاص ڏيڏر واري کي پڪڙڻ
...ڪافي ڪٺن هو. پر ڪنهن رات منجهانئن هڪ کي
...ڪيئن نه همت ضرور ڪرڻو هو. هڪڙو ڄڻو جهليو، ته
...ڏوني ليءِ ۾، هين ڄڻ بازي هارائي.

اِي ڳالهه جا ڪلاس ۾ ڏسڻ ۾ آئي سا اها هئي ته
...انهن شرن جي منهن تي هلڪي مرڪ ڇانيل هئي.
...انگريزي شاعر شيڪسپيئر انهن تي ته ڪين چئي ويو
...آهي ته مرڪي منهن ملوڪ ڪري، پر شر لڪي ٿو!
...ڪ ٿي وير نه حريف اهڙ ٿي هئا. هاڻ منجهانئن فقط
...هڪ چونڊڻو هو، جنهن جي اڱڻ سان ڏيڏر ڏيکاءُ
...ڏني! ان ڪري ورتي ڪين ور جائي نظر مان ڪيائين، ۽
...هوءِ جو اکين جي ڊاڪٽر جو فرزند ويٺو هو، تنهن کي
...فورن هڪل ڪري چيائين، "تو ڦلاڻا، منهنجي ڪلاس
...مان ٻاهر نڪري وڃ." منهنجي همت پرائي حڪم تي
...هن ڊيو-مڙس جو هڏياءُ ڪاڄي ويو ۽ هو ٻاهر نڪرڻ
...ڪاڻ اٿي کڙو ٿيو. هونءَ نه نه ضرور همت ڪري ها
...له چو نڪران؛ پر انڌر جو پولس، سو آڻ مڃي ٿي
...پيس ۽ جيئن هو پنڌ پيو: ليئن سندس جيءَ ۾ اڪل
...ڏيڏر، سر آلاپڻ لڳو! انهيءَ جي پوٺ پڌ ڪرڻ خاطر

ڪرڻ جي واهه جي رمز پڪڙي هئي، ڇو ته پروفيسر لاءِ هڪ ئي وقت ٻه ڪارڻ اُڪلائڻ، پاشڻ ڪرڻ ۽ ساڳي مهل شاهيدگن کي جهٽڻ، مشڪل هئا. انهن ڪري هُن "ڙان ڙان" فقط پاشڻ هلندي ئي ڪئي، مٿان ماٿ ۾ پروفيسر ڪنهن شرطاڪ کي پڪڙي ورتي!!

هيءَ ڄڻ لڪ-ڇپ راند هئي. "ڙان ڙان" شاگردن پاڻ نه ڪئي ڪانه ئي، اُهيءَ لاءِ هوُ ٻين جا ڏيڏر ڪٽي آيا هئا. هڪڙو ڏيڏر وڄڻ جي حالت ۾ سگهه لئي وڃائيندڙ کي پڪڙي سگهجي ٿو، پر جي سيڪي پاسن کان ٻڪساهي ڏيڏر جا آواز اچڻ شروع ٿي وڃن ته پتو لڳائڻ بنهه مشڪل ٿيو پوي. شاگردن جي، روش مان اهو پڻ ڇٽو پئي ڏنو ته جيستوڻي ڪين پڪڙبو نه، تيستوڻي اهو رندگت چالوُ ئي رهندو، بند اَصل ڪين ٿيندو. پر جي ڪنهن کي پڪڙيو نه، ته اهو اڳتي وڌي، پئي پيري کو وڏو وڻاءِ ڪري وجهي، اُنجو پڻ کهٽو آنديشو هو. انهن ڪري قصو ٻروقت ئي ختم ڪرڻ جي سخت درڪار هئي.

ڪو خاطر خواه نتيجو ڪرڻ خاطر مون ڪلاس ۾ ويٺل شاگردن ڏانهن ڇتائي نهاريو. هڪ ڳالهه ته ڇٽي نظر آئي. ڪلاس جا جانٺا جوان هڪ ئي قطار ۾ وچو ٻين ئي ويٺا هئا. اِنهيءَ مان اهو ئي اَنومان ٿي نڪتو ته هيءُ ڪارنامو سندن ئي سٽيل هو. شر شاگرد ويٺا ٻه

...۰ سوٽهن جو مسئلو

... روز مره موافق اٺين ڏينهن شام جو ٻه لکڻو هوس ...ڪر ئي. ڪاليج روڊ ايندي جيئن گانڌي-هال وارو ...روڙ ٽپي ڏٺائين ته ڪنهن پاسيرو سڏ ڪيو، "سر." ...قيمتي ارادي کي جڏهن اچانڪ ٻرڪ اچي ويو ۽ آءٌ ٻيهجي ...يس. "مان ٻاهر توهان وٽ پئي آيس،" هن منهن ...مهون ڏيندي چيو. "ڇگر ئيو جو رستي ۾ گڏجي ويا، ...له نه تواس ٿي واپس وڃڻو پوي ها." ڇوڪر کي مون ...ڪدم سڃاتو. هوءَ اسان وٽان بي-اي پاس ڪري، هاڻ ...ب. ايچ. ٽي لاءِ جبرو مقالو لکي رهي هئي. بمبئي ...ٺو وديالي جي بي. اي ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ سنڌ مان ...و چڙو پاڻ و ايندو هو. سو هن جو بي. اي فرسٽ ...ڪلاس سان پاس ڪئي هئي ته سڀاويڪ مونکي هن ...ي ڇڏي ياد گيري هئي، ۽ ويتر جو ٻڌي ته اڻهاس ...حاصل ڪئي هئائين، جنهن ۾ آءٌ اڌ پاڻ هوس، ته ...رئي مان هنکي ٻلڪل ٿي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس. ...هن ڪانسواءِ هوءَ ٻهرئين سال کان اسانجي ڪاليج ۾ ٿي ...ي هئي، ڏينهن ڪري نه ليهائي هوءَ منهنجي وڏ پڪ ...وقف هئي ۽... مطلب ته هن کي گڏجڻ ٿي مونکي ...شي ٿي ٿي، جيتوڻيڪ منهنجي گهمڻ ۾ البت رخنو ...و. پر اهڙو رخنو آرمان جو باعث بڻجي نٿي سگهيو.

اوچتي گڏجاڻي جهڙت موزون ملاقات ٿي پيئي ؟

۽ شير مڙس وٽ ڪو وسيلو ئي ڪونه هو!!

بس، هڪ ڇٽو لڌو ۽ سڀ سٽائي ٿي پيئي. پاڻ نئين سر شروع ڪيم ۽ سڀ چپ چاپ پڙهڻ لڳا، تانجو گهنڊ وڄڻ تي ڪم سر انجام ڪري مان ڪلاس مان نڪري آيس. ان ڏينهن واه جي سوڀ ڪئيم! هن ڪانپوءِ شاگردن وري مونکي تنگ ڪرڻ جي پچر ئي ڇڏي ڏني.

دفتر نظر مان ڪڍڻ لاءِ مونکي موڪل ملي، تہ
رين تہ اهو عملدار مونکي پير رکڻ نہ پيو ڏئي. الٽو هن
اوهانکي ڄيم ۽ اُوهانجي سفارش ۽ ٻي ڇو ڇاءِ لي
س ڪري موڪل ڏنائين. پر منهنجي آفيس ۾ وڃڻ
ط ميز ڪرسيءَ کي پنهنجي ڪنڊ مان سيري، اهڙي
ڊ لي آڻي رکيو ويو، جو هوءَ ڪاغذن مان ڪنڊ مٿي
ي تہ نظر سڌو مون تي پوي. مون ميز ڪرسيءَ جي
ليل جيڪي، خلاف جوڳا دليل پيش ڪيا، پر هن هڪ
نہ ٻڌي. چوڻ لڳو تہ سرڪار وٽان تازيون هدايتون
ل آهن تہ شاگرد جيڪي جهونن سرڪاري دفترن تان
ڪجهہ نقل ڪن ٿا، انهن لاءِ چوڪسي رکڻ گهرجي،
غيره، ۽ انهيءَ ڪارڻ اها ميز ڪرسي جنهن جاءِ تي
ڪي وئي آهي سا اتان ڦيرائي نٿي سگهجي... خير،
هيءَ ڪري مان پنهنجي ماستر کي ساڻ وٺي وڃڻ
ڳيس. هن هلڻ کان ناڪار ڪانہ ڪئي، پر جيئن تہ هوءَ
آهي پير مرد، سو سندس گهڻو وقت ٻيا ڪنهن ڪم
ڪار جي وهڻ ڏکيو ٿي پيو. انهيءَ ڪارڻ ڪجهہ وقت
ڇاڻان مونکي اڪيلو ئي وڃڻو پيو. بس، منهنجو اڪيلو
ڃڻ ۽ هن جي جڳهہ پرکهي مٿي وٺي - سڄو وقت
وٽ لي سگريٽ چڙهي پيئي آهي، ڪم ڪار جو ٻيو
لوءِ سڄو وقت مون طرف وٺو نهاري!! مان ڪوشش
ڪري پنهنجو سارو ڌيان سرڪاري دفتر نظر مان ڪڍڻ
پيئي لڳايان، پر هوءَ جو فقط مون طرف پيو نهاري تہ

مون يڪدم پڇيومانس، "ڪيئن ٻڌڻ ڪيو هوءِ؟" جواب ڏيڻ ۾ البت هٻڪي. مدت کن اڪر نه ڪين اُڪليس؛ پر پوءِ پاڻ پختو ڪري، سادارڻ نموني حقيقت پيش ڪيائين. چيائين، "توهان تڪليف وٺي مونکي سرڪاري ڪالي ۾ جهوني لکپڙه نظر مان ڪڍڻ جي رخصت نه وٺي ڏني، پر هاڻ مون کان پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ ٻنهه ڪانه ٿي پڄي!" "ڇو، ايتري ۾ ٿي ڪک ٿي پيئي آهين، ڪهڙي اڙچڻ ڪا هي پيئي آهي؟" مون ڪانئس پڇيو. اُن ڏيندي چيائين، "انهيءَ ڪاڻ ٿي نه اَوهان وٽ اچي رهي هيس، جو سمجهيم ته اوهان کان سواءِ ٻيو ڪو به منهنجو مسئلو حل ڪري ڪين سگهندو." عجب ۽ حيراني وٺي ويم. ڪجهه اُڻ تڻ ۽ اُتاولائي پڻ وڌي ويئي. سمجهي ڪين سگهيس ته مان ڪاليج جي اَڌ ٻاپڪن جي ڏاڪڻ ۾ اچا بلڪل ٿي هيٺئين ڏاڪي تي نه هوس، سو مان ڪهڙي باغ جي مُوري، جو هن نينگر جي سهائتا ڪري سگهان!

پڇيومانس ته آخر آهي ڇا، ته ورنديءَ ۾ پنهنجي وڏڻ پيرائتي رٿ ورنن ڪري وئي: "رڪارڊ آفيس واري سپرينٽنڊنٽ ته مونکي ٻنهه ٻر ۽ ٻور (bore) ڪري ڇڏيو آهي. شروع ۾ شاگردن لاءِ ميز ڪرسي ٻاسيوڙي ٻيل هئي، جنهن ڪري ودياڙتي ٻدا رنڌڪ ۽ پنهنجي مهڙ ڪم ڪري ٿي سگهيا. جڏهن مون درخواست ڪئي ته رڪارڊ آفيس ۾ رکيل جهونا سرڪاري لکپڙه

ندي هئي. اِس، پروفيسر جي ڪمري ۾ سندس
دارجا ۽ سندس آجيان ۾ سندن اُٿي بيهڻ!! پوءِ جي
محمد اَحسان سنديس ايڏي خاطرداري ٿي ڪئي ته
ڻيءَ ۾ عجب ٿي ڪهڙو!!!

پر هاڻ ڪجهه مڙئي ٿي ڪرڻو ضرور هو، جنهن ۾
الهه رهجي اچي - چوڪر بي. اي. - ٻي لاءِ مقالو لکڻ
ر ۽ ڪاميابُ ٿئي ۽ محمد اَحسان پڻ ورچي نه. وڏي
سوچ ۾ پئجي ويس، ڪلاونتي واهه جي ڪمال وديارٿڻ
هئي ۽ هزارن ۾ هڪڙي. چا ته سندس لکڻي هئي! نه
ڳو ڪاليج جي پهرين سال ۾ سڀني کان گوءِ کڻي
وئي هئي، بي. اي. امتحان ۾ پڻ پهريون نمبر ايندي!!
ڪلاونتي هر حال ۾ فرسٽ ڪلاس هئي. ڪاليج ۾
يندي هئي ته مون سان ملڻ ڪانسواءِ اَصل نه موٽندي
هئي، ته ته مان ڪاليج ۾ اَڃا جيتامڙو ئي نه هوس. جي
هن جو مون ۾ وساهه هو ته سياوڪ منهنجو ۽ هن ۾
چاهه هو. شاگرد آهن ٻالڪن مثل؛ ٻار وڏڙن سان ۽ جي
آڌياپڪ ڪين پنهنجو ڪري نٿا ليکين، ته پوءِ ڪين
پنهنجو پيشو بدلائڻ ئي گهرجي. پر هن حالت ۾ چا ڪرڻو
هو، تنهن لاءِ ترت تيار جواب نه هوئي ڪري. ساڻس
ڳالهائيندو نه رهيس، پر منهنجو دماغ هن جي مسئلي
حل ڪرڻ ۾ رڌو ٿي رهيو! آخر هڪ تجويز سجهي
آيم، پر اُن جو نيڪر سان ذڪر ڪرڻ ۾ ذرا هٻڪيس.
هن زور پڌو ته ”اَوهان ڪانسواءِ نه مان ڪنهن سان آئندر

ڪنهن ڪنهن ويل منهنجو ڌيان ٽٽيو پوي! سو به ٿيو.
پر پيءُ جا ماجرا اُتس، تنهن ته مونکي اپائي ڪيو آهي...
ڪن ڪن ۾ پيو پئجي: "ڪجهه پيئندڙن ۽ - چانهه، سوڊا، ليمن،
آرينج، وغيره، وغيره!" مون هزار ڀيرا چيو ٿيماڻس ته
مونکي ڪجهه ڪين گهرجي؛ مان سڌو گهران ٿي اچان،
جنهن ڪري ٿي چار ڪلاڪ ته مونکي ڪنهن به شيءِ
جو ڪم ڪين ٿو پوي، ۽ جيڪڏهن ڪجهه گهرجم به
ته ڪي چونديس، اِها دلجاءِ ڪر. پر هوءَ اِها ڳالهه سمجهي
ڪٿي ٿي؛ سندس رنگت هليو اچي، جنهن ڪري
جنهن ڪم سانگي مان سرڪاري دفتر ۾ وڃان ٿي،
سو به ڪين ٿو اُڪلي. اهڙي عذاب پري پي- ايڇ-
ڊي وڃي ڪهه پوي. مان ته بلڪل بيزار ٿي پيئي آهيان."
نيڻگر بنهه ششدر ٿي چڪي هئي.

ڇوڪر جي ڪهاڻي ٻڌي مونکي ڏاڍو اَرمان ٿيو،
پر اُنکي اندر ۾ دهرائيندي مسئلو البت پيچيدو نظر
اچڻ لڳو، جنهنجو حل لهڻ اهڙو آسان ڪين هو. ڪجهه
مهل ته مان پڻ ٽپيءَ ۾ اٽڪي ويس. اِنهيءَ کان ته اِنڪار
ڪري نٿو سگهجي، ته ڪلاونتيءَ لي سونيا جي جنسي
ورڪا ڦيل هئي- سؤنهن منجهانئس ٽپڪي ٿي اُٿي.
جئي ٿي هوءَ پرگهٽ ٿي، اُتي سڀني جون نظرون وڃي
ٿي منجهس کتيون! ڪاليج جا ڇوڪرا ته ڇڏيو، پروفيسر
پڻ ڪيس گهٽو گهورندا هئا. بي- اي پاس ڪرڻ کانپوءِ
به هوءَ صلاح مصلحت لاءِ ڪڏهن ڪاليج ۾

ي اَوهانکي اعتراض نہ هجي تہ مان هڪ ٻہ ڏينهن
ر ڪٽي وڃان ۽ سومر ڏينهن ساجهري واپس
ي اچان، اوهانجي اچڻ کان ٻہ اڳ." مون اڃا ڪجھ
ڏيڪ چوڻ ٿي چاهيو تہ ڪلاونتيءَ مونکي اُٿ ڀري
ڇي چيو، "اهو نہ محمد احسان ڪداچت ڪين
ڏيندو. سرڪاري دفتر آفيس کان ٻاهر ڪٽي وڃڻ جو
عدو ئي ڪونهي." چوڪر کي ٻڌائيندي، مون چيو،
محمد احسان مونکي تہ اها سهوليت ڏيندو هو! تو ڀ جو
و اهڙو چاهہ ٿو رکي تہ توکي تہ اهڙي سهوليت اوس ڏيندو.
ن ڏيڻ کان هو اصل نہ ٽرندو." ڪلاونتي ذرا شرمائجي
ئي. مون کيس آئت ڏنو، "تنهنجي حالت ۾ ڪليو
لهائڻ ڪانسواءِ ڪم ٿئي ئي نہ سگهندو! ايشور توکي
دڙي سونهن ڏني آهي ۽ هن عملدار کي انجو پورو
حساس آهي؛ تنهن ڪري انهيءَ سونهن جو سهارو
ڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي." ڪلاونتي ڳالهہ تہ هڪدم
مجهي وئي ۽ جيتوڻيڪ مون واري تجويز کيس دل
مان ڪانہ آئڙي، تہ بہ مون ۾ جو وشواس هوس، سو
ٻيائين تہ مان اوهانجي تجويز عمل ۾ ضرور آڻيندس ۽
وهانکي انجي نتيجي کان پڻ پڪ واقف ڪندس."
هو ختم ٿيو؛ نيئڳر مون کان موڪلائي هلي وئي ۽
ۦ پنهنجي پنڌ تي راهي ٿي ويس.

منهنجو ڏسيل علاج ڏاڍو جو مؤثر ثابت ٿيو. محمد
حسان کي جو روڻ ونتي ڪلاونتيءَ واٽ وڌو، سو

اوري ٿي سگهان ۽ نه ئي ڪنهن مان واهه ڏيکارڻ جو آسرو ٿي رکان." مون ۾ سندس ايڏو ايمان ڀڄهيل ڏسي، منهنجي رهيل کهيل همٿ پڻ ڀُر ڪري اڏامي وئي ۽ مون پنهنجي رٿ سندس اڳيان رکي.

چيومانس: "ڳالهه ٻڌ. جيڪا تجويز مون کي سجهي آهي، سا جيڪر مان سڳي ڌيءَ کي ڏيڻ ۾ پڻ هوند هٻڪان. ٻر ڀيو چارو ئي ڪونهي. تو جو مون ۾ هيڏو ويساهه رکيو آهي ته انهنجي حمايت ضرور ڪبي. تون رڪارڊ آفيس ۾ ٻين ڏينهن اندران فقط ڪنهن ڇنڇر تي ٻارهين ٻجي کانپوءِ وچ ڪلاڪ کن جيئن تيئن ڪري دفتر ۾ منهن ته وجهي وٺي رهه. ڏيڍ ٻجي ڌاري تون پنهنجي جاءِ تان اٿي اچي محمد احسان کي چئج، "صاحب، هتي جي جهونا دفتر رکيا آهن، تن مان ته اُٻس پئي اچي، جنهن ڪري ڪم ۾ من لڳائڻ محال آهي." هُو هڪدم ورندي ڏيندو، "اُنهيءَ کي مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟" تون تهه پڇ، چئجانس، "اُنهيءَ ڏس ۾ جيڪي اوهين ٿا ڪري سگهو، سو ٻئي ڪنهن لاءِ محال آهي. اوهين وڏي وس وارا آهيو." اهو ٻڌي هُو گدگد ٿيندو، ۽ هڪدم پڇندو، "سو وري ڪيئن؟" تون چئجانس، "اهو ته بلڪل ئي آسان آهي. هينئر ڏيڍ ته لڳو آهي. ڇنڇر هئڻ ڪارڻ اڄ آفيس ٻي ٻجي بند ٿيندي ۽ باقي رهيل اڌ ڪلاڪ ۾ هنن پراڻن ڪاغذن جي ڪنهن کي غرض ڪانه ٻوندي. سو

١٠ پروفيسر

شل جڳ جيئي نالو جمشيد جو! ڇا مان، ڇا ڪري
ڪاريائين!! هونءَ ته ڪراچيءَ جو شهر ڪياماڙي ٻندر
ن شروع ٿيندو هو ۽ هڪ طرف گانڌي باغيچي، ته
ي طرف صدر ڇانوڻيءَ سان وڃي ڇيهه ڪندو هو.
يٽوٽيڪ اُنجي ٺريان آڻاه زمين پيئي هئي، جنهنجو
نگ جيل سان لڳي وڃي ٿيو، ته ٻه اهي ميدان اُهڙا
ڀران لڳا پيا هوندا هئا جو سنجها ڪانهوءَ ڏينهن ٻرني
ڏانهن اڪيلي سر وڃڻ جي جان نه ٿيندي هئي.
مشيد نسروانجي مهتا، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ٻهريون
ٿيو هو. من ۾ اچي ويٺس ته اهي ويران پٽ وسايان.
وراند يش، دل ۽ دماغ وارو مڙس هو. واه جي رٿ
ٿيائين!

انهن ميدانن کي رٿائتي ريت وڙاهي، ٽڪر ٽڪر
ڪري، سستي اگهه تي شهر جي نگرواسين کي آڇيائين
الي فرصت سان جايون اَڏي، واڪا ٿي اچي وهن.
ٽهوره، ڪي آئا ويٺا هئا، سي هٿ پائي ساري زمين
ر بند ڪري، ويا جايون ٺهرائيندا. جايون نه، پر بنگلا،
رهڪ ڪي پنهنجو خلاصو حاطو، جنهن گهر جي ٻارن
ي راند روند لاءِ رستن تي ڀٽڪڻو نه پوي ۽ نه وري
هر اندر گهمسان مچائي، وڏن جو سک ڦٽائين. ٿورن
ي سالن ۾ ويرانيءَ ۾ اُها وسونءَ لڳي ويئي، جو ٻاهر

مڙس ٻڌي پيو. چوڻ لڳس، "اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي! اڄ ته ڳالهه ڪرڻ ها ته ڪڏهوڪو تنهنجو ڪم پورو ٿي وڃي ها. پراڻو سرڪاري آفيس ۾ ڪم ڪرڻ جو وارو متبدل آهي ڪٿي! توکي جيترا به فائيل کڻڻ، اوترا پنهنجي گهر کڻي وڃ، پر سومر ڏينهن سوير وٺي اچي سڀ آفيس ۾ پهچائي وڃڻ گهرجن." ڪلاونتيءَ گهر ۾ فائيل آڻي، سگهه ڪري پراڻن پرڻن مان ڪم لاٿو. پوءِ اچي هندستان پاڪستان ٿيو ۽ اسين سنڌ ڇڏي بمبئيءَ هليا آياسين. نيڪر پنهنجي پي. ايڇ. ڊي هت اچي ورتي ۽ اهو مقالو هاڻي تازو ١٩٧٣ع ۾ دهليءَ مان ڇپجي ظاهر ٿيو آهي.

چون ٿا ته ڪلاونتي دهليءَ ۾ سرڪاري دفتر ۾ ڪنهن چڱي عهدي تي آهي. دهليءَ خاص وڃڻ ڪونه ٿو ٿئي، پر جي ڪنهن ويل ڪجهه عرصي لاءِ ويس ته ڪلاونتيءَ جو هاڻوڪو رعب ڏسڻ ڪان پاڻا کي رهڻ ڪين ڪندس.

ت چاڙهي ڇڏي- گراهڪن جي رنگ ۽ روش اُن
ي ٻهڪ کي ڪٽي ڏنو هو. "نيو ٽائون" ۾ اهڙو ٻيٺل
ٺهو ڪونه هو جنهن پنهنجا چرن لالا اسٽور تي کين
ماڻا هئا!!

سوابر هزار جا سڪر ماڻهو پڻ خريداريءَ خاطر لالا
سٽور تي کهي ايندا هئا، پوءِ چاهي کين اسڪوٽ
ڪليٽ گهرجا هئا يا پائوڊر ڪريم، وغيره، يا پيٽ
جا لڌ ٻڌ اسم ڪهڙا هئا، چاهي هار سينگار جون
چيز ۽ نراليون شيون.

سوابر هزار ۾ مسٽر کهانيءَ نالي سرڪاري انجنيئر
هندو هو. پنجابي سک، هـڌ قد جو ڊگهو، جريت
يو ۽ مڙس ماڻهو هو. اهي ٻئي سنڌس گهر جي مڙني
ئين ۾ هئا. هوءَ جا سنڌس ڪـپي اُمرت ڪور ڪاليج
پڙهندي هئي، سا پڻ قداور، ڪڻڪ رنگي ۽ ٻر جسي
ندگر هئي- ڪنهن جي وٽ جي ڪين هئي. کهاڻي
احب جو بنگلو ذرا اوجهو پاسي هو، تنهن ڪري شام
و گهمڻ ڪارڻ يا ڪجهه ڇوٽي موٽي خريداري ڪرڻ
ڪاڻ هوُ پاڻ ۾ ٻه چار گڏجي نڪرندا هئا. لالا اسٽور
ي ڇا نه ملندو هو! ويتر جو دڪاندار کي خبر هئي
کهاڻي صاحب ڪير هو، نه هو سنڌس گهر وارن جي
اص خاطري ۽ سنڌن وڏو آءُ ڀاءُ ڪندو هو. انهيءَ
ڪري کهاڻي ڪٽنب وارا لالا اسٽور ائين اورانگهي

جا ماڻهو اهو اچرج ڀريو لقاءُ ڏسڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان کهي اچڻ لڳا. هڪ نئون شهر اَڏجي ويو- ننڍين جو نه، پر بنگلن جو، جنهن تي نالو پئجي ويو "نئون شهر"- "نيو ٽائون".

اهو نئون شهر جدا جدا ڪالونين جو ٺهيل هو- پارسي ڪالوني، ٽڪي ڪالوني، عامل ڪالوني، سيوهاڻي ڪالوني، اپر سنڌ ۽ شڪارپوري ڪالوني، گجراتي ڪالوني، ڪاسماپاليٽن ڪالوني، وغيره. انهن مان پهرين ڪالونيءَ جي رهواسين کي ڇڏي، باقي سڀ، گهر جي رواجي خريداري اڪثر طرح گانڌي بزار ۾ ڪندا هئا. گانڌي بزار، جنهن کي ڪي ماڻهو گانڌي-هٽ پڻ ڪري سڏيندا هئا، اڌ گول جي شڪل ۾ پکڙيل هئي، جنهن ۾ نه رڳو پڪوڙاين، حلواين، اَن ۽ ڀاڄين وارن، وکر وارن، وغيره جا هٽ هوندا هئا، پر ايراني ۽ سڪي چانهه وغيره جون هوٽلون ۽ ٻه چار عام خريداريءَ جا دڪان پڻ هئا. ويجهوئي ٽپال آفيس، ڪوئلن، وغيره جا دڪان پڻ هوندا هئا. انهيءَ ڪري صبوح ۽ شام گانڌي بزار ۾ واهه جو چهچٽو لڳو پيو هوندو هو. هر روز شام جو اُتي ٻي مثل رونق لڳندي هئي. انهن گانڌي هٽن ۾ لالا اسٽور پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ ته ايهڪ ڪيس ڪنيو بيٺي هئي- بزار جو نڪ هو، هٽن جي قطار ۾ ٺهه وچ تي، ڪشادي سڙڪ تي ٺهيل هو- ۽ ٻيو جو سامهون هيس عامل ڪلب، تنهن ڪري سندس گراهڪي

ن طرف ڇڪيو. ڏسان ته هڪ جوان جماٽ نيڻگر ساٿس
ڀال مائٽن ۾ ٻيٺي لڪي. هوءُ سپ وانڱا ٿي ويا ۽ پڇيائونس
آخر آهي ڇا؟ جواب فقط ڇپن ۾ ڏنائين، "پروفيسر!"
ڻن سيڻي دڪان ۾ چوطرف نظر ڊوڙائي ۽ جهٽ ۾
ڇيائونس، "هتي دڪان ۾ ته ڪوبه پروفيسر ڏسڻ ۾
ڪين ٿو اچي. خواب ٿي لهين ڇا؟ آخر هوءُ آهي ٿي
ڪٿي؟" ڀڄل هرڻيءَ مثل ڦرڪندي، ورندي ڏنائين،
"ڏسو ڪين ٿا هوءُ سامهون ٿي ته بيٺو آهي!" وري
سيڻي چوڌاري نهاريو، پر ڪين ڪوبه پروفيسر نظر نہ
يو. آلائجي پروفيسر جي ڪا خاص نشاني يا پلو، يا ڪا
پوشاڪ يا ڊيگهه ويڪر ٿيندي آهي، جا ڪين دڪان
ر نظر نہ آئي!! امرت ڪؤر ڪي ته مون پريان ٿي سڃاتو.
هيءَ سس پس ۽ اشاري بازي جهٽ پاڻئي ورتم ۽
مون ڪان ڪل نڪري وئي.

اصل ڪين وٺندا هئا. پيو تہ، تہ ڪيترا ڪمينڙا نٿي ڪٽي خريد ڪندا هئا.

مان ميٽرڪ ۾ هوس تہ اسان گاڏي-کاتو ڇڏي، اچي "نئون شهر" وسايو هو. لالا اسٽور وارن کي مان چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس ۽ هنن جو مون ۾ وڏو ويساھ هوندو هو. دڪان جو مالڪ لڳ ڀڳ منھنجي ئي عمر جو هو ۽ منھنجي ساڻس دوستي اچي وئي هئي. هن جو مون ۾ اهڙو تہ ايمان هو جو دڪان تي ويھي يا پير مھل هو مونکي نقدي سنڀالڻ لاءِ چوندو هو. لالا اسٽور تي منھنجو اچڻ وڃڻ چڱو ٿيندو هو. ڪنھن مھل بہ ڪا شيءِ کٽي، تہ لڳڀڳ وڃبو هو لالا اسٽور تي.

جيئن ئي مونکي ڪاليج ۾ پاڙهڻ جي نوڪري ملي، تيئن ئي منھنجي گهر-پٽا، جو پاڻ پروفيسر هو، تنھن مونکي هدايت ڪئي هئي تہ انتظام ۽ عزت جي خيال کان ٻاهر وڃڻ وقت ٿهي ٺڪي نڪران. پر مونکي اها ڳالھ ڪٿان ٿي آئڙي! سو هڪڙي ڏينھن شام ڌاري سنڌي وڳي ۾ ئي نڪري ويس لالا اسٽور تي. جيئن تہ اُن مھل دڪان تي گراهڪ سرس هئا، تنھن ڪري دڪان جي مالڪ مونکي پئسن سنڀالڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ گراهڪن جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ رڌل ويو. اُنهن ئي گهڙيءَ ماڻهن جو ٺهه ٺهه ڪندو دڪان تي چڙهيو. آءٌ سڀ دڪان تي چڙهيا ئي ڪين هئا تہ ڪلڻ ڳالهائڻ اوچتو بند ٿي ويو، جنھن ڪري سڀاويڪ منھنجو ڌيان

د انتظاميءَ کي روڪڻ جو فيصلو ڪيو. ڪلاس جيئن
يا خالي ٿيندا، تيئن شور ويو وڌندو. آخر شاگرد مون
اري ماڙي تي اچي ويا. هاڻ آواز ايڏو ته وڌي ويو
جو ٻاڌڻ مشڪل هو. پر ائين هوندي به مون ڪلاس
ڇڏي نه ڏنو. شاگردن کي اشاري سان ويٺو رهڻ لاءِ
جيم. هوءَ به آهڙا سڌورا ٿي ڏنا جو منهنجي چوڻ موجب
منهنجين جاين تي ويٺا رهيا. شايد ڪين تماشو ڏسڻو هو
ـه پروفيسر ڇا ٿو ڪري. مان آواز ويجهو آيل ڏسي،
ڇي ڪلاس جي دروازي وٽ بيٺس.

انهن ئي جوانن جو انبوهه مون طرف ڌوڪيندو آيو.
ـر مان پنهنجي جاءِ تي پختو بيٺو ئي رهيس. شاگردن
جو سرڪردو ڪيرت هو. جڏهن هو منهنجي ٻڪل
نزديڪ اچي پهتا ته مون هڪل ڪئي، ”ڪيرت، خير
ـه آهي! ڇا توکان وسري ويو آهي ته تون منهنجو شاگرد
آهين؟ پوءِ به تون هيئن ٻيا موڪل منهنجي ڪلاس ۾
ڌوڪيندو ٿو اچين؟“ ڪيرت ٿامجي بيهي رهيو. انهيءَ
ـي مون ڪانئس پڇيو، ”آخر آهي ڇا؟“ جيتوڻيڪ
ڪيرت جانٺو مڙس هو؛ ودياٿين جو اڳوان هو، ته به
ساڃهه اڃا ڪانه وڃائي هئائين. هن چيو، ”سائين، سرڪار
وڌيڪ اڳوان گرفتار ڪيا آهن. اسين سرڪار جو هيءُ
قدم نندڻ ٿا چاهيون. اسان وٽ هڙتال ڪرائڻ ڪانسواءِ،
ٻيو ڪو هٿيار نه آهي ڪونه. انڪري ڪاليج بند ڪرائڻ
لاءِ ڪهي آيا آهيون.“ مون گفتگو جو سلسلو چالو

١٦. هڙتال

١٩٤٢ع جو زمانو هو. سرڪار سڀني قومي اڳواڻن کي ڪيو بند هو. انگريزن سمجهيو هو ته ديش جو ٻوُٽ اُٿين سولائيءَ سان بند ٿي سگهندو. پر سرڪار اِنهيءَ ۾ بلڪل پليل نڪتي. مورڳو ڳالهه هٿان ڪان ٻاهر نڪري ويئي. جنتا جنسي چڙي پيئي. جڏهن سرڪار فضيلت جو ليڪو لتاڙي، اڳواڻن کي ڪٽي نظربند ڪيو، ته جنتا ڇو سرڪار جي رکي. اهڙي ظالم سرڪار ڪئي جنتا اڏائڻ جو قسم کنيو. نه رهيو قاعدو قانون، ۽ نه رهيو ڪو انتظام!! جنهن کي جيڪي ٿي آيو، تنهن ائين ٿي ڪيو. اِنهيءَ ۾ شاگرد ٻڻ پٺتي ڪين پيا. هنن جي ته ڄڻ ٻيگهي مچي ويئي. هر هنڌ هڙتالن جي ڌم لڳي ويئي. شاگردن کي حيلي بهاني جي ڪا کوٽ! اسڪول ڪاليج بند ڪرائڻ لاءِ عذر ته وٽن تهيوئي رکيو هو، ڇو ته،

”مولا مينهن وساءِ، ته ڪانئر ڇڏن ڪم ڪون.“

هڪڙي ڏينهن هل هنگامو مچي ويو. هڙتال جو حڪم نڪري ويو. نعرا لڳڻ چالو ٿي ويا. ڪاليج تي شاگردن جي ڪاهه شروع ٿي ويئي- ڪلاسن ۾ گهڙندا وڃن، ڪلاس ڦٽائيندا وڃن ۽ اِهي خالي ڪرائي اڳتي ٿندا وڃن. مون مٿي ويٺي پاڙهيو. مونکي هيءَ روش اصل ڪين پسند آئي. ان ڪري مون هن

ائين ڪئي رپورٽ ڪيو ته هڙتال ڪجي ۽ ان ڪارڻ
هانکي اُن مان ٿي نڪري اچڻ لاءِ نياپو موڪليو اٿن.
هو ڪيتري قدر واجب آهي؟ اها ڪهڙي فضيلت
هي جو ڪلاس ۾ اچو ۽ پڙهجي خوشيءَ ۽ نڪري
وڃو پڙهجي رضامنديءَ سان، جڻ پروفيسر هيڏانهن
ڙانهن آيو آهي. جيڪڏهن پروفيسر جي عزت جي
وهانکي اون اصل ڪانهي ته هو اوهانکي پاڙهڻ ۾
اه ڪهڙي منهن سان وٺي؟”

الي ڪلاس جو هڪ شاگرد اٿي بيٺو. هو چوڻ لڳو،
هڙتال جو اعلان جڏهن نڪرندو، تڏهن ته هڙتال
ندي نه؟” انجي جواب ۾ مون چيومانس، ”ڪلاس
ري ٿيڻ تائين هڙتال ترسائي نٿي سگهجي ڇا؟ ڇالو
ڪم ۾ وگهن وجهڻ سان ڪو خاص پريوجن سڌ ٿيندو
جي نه مڃجي.” شاگردن طرف نهاريندي خاطري ٿيم
جيڪي ڪجهه چيو هوم تنهن شاگردن تي پوريءَ
رح اثر ڪيو هو ۽ هو مون سان ٿي شامل راءِ هئا.

انهيءَ تي ساٿين ٻي هڪ ڳالهه پڻ چوريم- ”تهي
ڙتال ڪرڻ مان خاص ڪو ڦل نٿو نڪري، ڪو ڪارڻ
ڌ لئي ڪونه ٿو. ڪلاس ڦٽائي، شاگرد ڪٿي ڪنا
ـي ڦوي ڪارڻ لاءِ ڪجهه رهين ته. اها ڪارگر ڳالهه
ٿبي. پر جي رڳو ڪلاس اَتي ۾ ڇڏيي، رلبو پڙبو ۽
ڇيون ڪڍبيون ۽ گهر هوءَ کان ڏيـر سان پهچبو،
انهيءَ مان ڇا ورندو؟ انهن ته اوهان ۾ فقط بد انتظاميءَ

رکندي ڪيس ورندي ڏني، "ڳالهه ۾ ايتري! ان لاءِ ايڏو شور!! توهانجو مطلب آهي ته منهنجا شاگرد به هڙتال ۾ اوهان سان شامل ٿين. ائين نه؟" ڪيرت ڪنڌ سان "ها" ڪئي. انهيءَ تي مون چيومانس، "تون جي مونکي ائين ٿي نيائو ڏيڻ لاءِ آڇي ڇڏين ها ته مان ناڪار ڪريان ها ڇا؟" ڪيرت ورندي ڏني، "هڙتال مهل ڪلاس ڦهائڻ هڪ دستور ٿي ويو آهي. تنهنڪري توهانجي ڪلاس ۾ پڻ ائين ڪرڻ جو ٿي ويچار هو."
"پر جي مان اوهانجو نيائو ورهائين کي پهچائي ڏيان ته پوءِ ته توهانجو مطلب سڌ ٿي ويندو نه؟"

ڪيرت لاچار ائين ڪرڻ قبوليو. مون کيس ۽ سندس سائين کي پڪين ڏياريو ته سندن نيائو اڄهو ٿو شاگردن کي پهچي وڃي ۽ انڪري هو پڪتي موٽ ڪائين. پهرين ته هنن جو خيال پڪو هو، ڇو ته کين اهو ٿي انديشو هو ته مان سندن سڀهو شاگردن کي ڏيندس ٿي ڪونه. پر ڪيرت کين ٻاز آندو ۽ هو گهڻي پاڻي پڪتي هٽي ويا. پر منجهانئن کي ڪجهه پاسيرو لڪي بيهي رهيا ته خاطري ڪريون ته پروفيسر جيڪو چيو آهي ليڪن ڪري ٿو کين نه. مان ڪلاس ۾ اندر آيس ۽ ايندي شرط ڪيل قول پاڙيم. پر ان سان گڏ شاگردن کي به ٿي پيون ڳالهيون پڻ سمجهايم. چيومان، "مان اوهانکي پاڙهڻ لاءِ گهران تيار ٿي آيو آهيان. اوهين پڻ پنهنجي خوشي رضامنديءَ ڪلاس ۾ آيا آهيو. پر ائين ٿي اوهان جي

۱. امتحان ۾ ڪاپي

ڪاليج ۾ جا نوڪري مليم ۽ پڙهڻو پاڻ يونيورسٽي
امتحانن ۾ ون پارٽين تي امتحان مهل جاچ رکڻ ڪاڻ
سپروائيزر ٿيڻ جي ٻڌ آچ لڳي. خبر ناهي ڇو اڄ پڻ
ڪرن نوڙي چوڪرين کي شوق ٿيندو آهي تہ
امتحانن ۾ سپروائيزر ايهڙي. سڀا سارا ست ڪلاڪ ستي
ڪندي پيٽي اچ وچ ڪجي، پر اُهائي سؤ نوٽڪن
ي صحيح ڪجي ۽ اهڙي ساري جاکوڙ لاءِ روز جا
ٿندا رپيا ساڍا ست، جڏهن ۾ ڏيڍهن جي ماني، چانهہ
چڙي چوڙي جو خرچ ئي لاوڻ! باقي گراني سا آهي -
راني ساڻ پيو اچ وچ ڪر ۽ اهو سارو وقت شاگردن
سو ساه مٿ ۾. پر سڪٽي گراني مان سؤد ڪهڙو!
ڀانگو سود و چئبو. پر جيئن تہ هي مون لاءِ نئين ڳالهہ
ئي، سو اُن جو مزو وٺڻ لاءِ سپروائيزري جي آچ
و پڪار ڪيم.

امتحان باقاعدي پوري وقت تي شروع ٿيو. سڀني
اگردن کي پيپر وراهي ڏنم، ۽ پوءِ ولڪس سندن
ڏهن نڪڻ. آسانڪي پهر باڻين ٿي هدايتون مليون هيون
، پهريون ڪلاڪ شاگردن تي سخت چوڪسي رکڻ
ڪل ٿي ضروري آهي، جيئن هو سمجهي وڃن تہ
سپروائيزر پوري سڄاڳ آهي، ۽ ڪين ڪاپي ڪرڻ جي
مت اصل نہ ٿئي هڪ دفعو شاگردن تي رعب جمي

جي ھير ڦيرجي ويندي! اھا ڪا وڌندڙ روش ڪانھي!!"
شاگردن جي ڪنڌ ڌوڻڻ مان ظاھر ھو تہ جيڪي مون
کين چيو، تنھن سان ھو سھمت ھئا. تنھن ڪري آخر
ريت مون کين چيو، "تنھن ھوندي بہ اوھين جيڪڏھن
چاھيو تہ پنھنجن ٻاھرين ساٿين سان وڃي شامل ٿي سگھو ٿا."
منھنجي ڪلئي نوٽي ڏيندي بہ ھڪ بہ شاگرد ڪلاس
ڇڏي، ٻاھر ڪونہ ويو. ھن ڪانپوءِ منھنجي ڪلاس جا
شاگرد ڪڏھن ڪين ھڙتال وارن سان وڃي شامل ٿيا،
جنھنڪري ھڙتال ڪندڙن مونکي ۽ منھنجن شاگردن
کي ھلاڪ ڪرڻ جي پڄر ٿي ڇڏي ڏني.

سفيد رومال مٿان هوس. امتحان جي ڏانگهه ۾ پلا اوچاڳا
ا ڪيڏا پون ۽ راتيون ٽيون جاڳيون پون، پوءِ پيو نه،
ه اکيون ۽ نڪ نه ضرور ڪي قدر انهيءَ جاکوڙ جي
ساک پر پيدا، شاهدي ڏيندا! ظاهري نه ڪجهه نظر ڪين
آيو جو ڪنهن شڪ جو سبب هجي، پر ڪنهن سو پر
جو ڌيان ڇڪايو هو، سو ڪجهه ڪرڻ نظر رکڻ لازم
هئي. مون واري ڪلاس ۾ پنج هڪ ٻئي پٺيان ڪجهه
ڇاهين لي رکيل هئا ۽ منجهن پاسي کان وٽيءَ ۾ نديا
ڏاڪا هئا، جي چڙهي، ماڻهو پهاڙيءَ واري پنج لوٽي
پهچي لي سگهيو. مون ويچار ڪيو ته اهي ڏاڪا چڙهي،
مان مٿي وڃي بيهان ۽ انهيءَ اوچائيءَ تان ڪجهه وقت
ود يارڻين لي نظرداري ڪريان. اتان مٿان نظر ته سڀني
ي سولي پئجي سگهندي ۽ هر ڪو جو پنهنجي ڪم ۾
منهن وجهيو رڌل ويٺو هوندو ته ڪنهن ته شڪ ۾ هلت
جو جهٽ پٽو پئجي ويندو. انهيءَ خيال سان، ماسٽ
هيٺ ۾ پير پير ۾ ملائيندي مون ڏاڪا چڙهڻ شروع
ڪيا. پر جيئن ئي مون پنهنجو پهريون پير اڳيان وڌايو
ته هن نينگر جي مرڳهه نڪن منهنجو قدم هڪدم جهليو
۽ انهيءَ ئي دم هن پنهنجو سڳين سفيد رومال ڪڍي
پنهنجي ڪوٽيءَ جي مٿين خال ۾ اڙڪايو. مان نه مٿي
چڙهي ويس ۽ اتان ڳچ وقت تائين سڀني تي نظر رکندو
رهيس. آخر آهستي آهستي هيٺ لهڻ شروع ڪيم.
ڳ نر ته هن نينگر پنهنجو رومال ورائي ڪڍي نوٽبڪ

ويو ته باقي وقت سهنج سان نباهي سگهجي ٿو. انگريزي مون پڻ سڌي ڪنهي اچ وچ شروع ڪري ڇڏي. شاگرد سمجهي ويا ته سپروائيزر جي مٿن تيز نظر هئي ۽ هو لڪڻ کي لڳي ويا.

منهنجي ڪلاس ۾ گهٽيون ٽيهون ڇوڪريون هيون. مٿن نظرداري ڪندي ڏٺم ته جيتوڻيڪ هو امتحان ڏيڻ آيون هيون تنهن هوندي به جسم جي ڍاڪ ڍوڪ لي ڪافي ڌيان ڏنو هئائون. پر ڇوڪرن پڻ ڪنهن قسم جي ڪسر ڪانه ڇڏي هئي. هڪ شاگرد منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو. شڪل جو سانورو، جسم جو ٿلهو، پر ڪرڙو ٿي لڳو. ڦڻي ڏيئي، وارن کي خوب ٺاهي آيو هو. جيئن ئي مان سندس ويجهو آيس ته منهنجي نظر سندس چوٽيءَ تي پيئي! چوٽيءَ مان انومان ڪيم ته هو شايد براهمڻ آهي. پر چوٽي واه جي ڪري آيو هو! ڇوڪرن کي چوٽيءَ تي محنت ڪندو ڏٺو اٿم، پر هن مسر جي چوٽي زنانن زلفن کان گهٽ وڌيڪ زيبدار هئي.

اکيون تيز ۽ ڪن سرلا ڪيو ڪلاس ۾ ٽي چڪر مارم ته انهن اوچتو ڪنهن ڇر پر جو ڪن تي پڙلاءُ پيم. پڙلاءُ آڌلڪوئي هو، پر پيو ضرور، ۽ ڪن هڪدم کڙا ٿي ويا. چوطرف گهوري نهاريم ته نظر وڃي ڪنهن سفيد ساڙهيءَ واري سندريءَ ۾ کتي. پر هوءَ ته نظر پنهنجي نوٽبڪ ۾ وجهيو، ڪنهن وڏي ويچار ۾ غلطان هئي. هڪ هٿ ۾ قلم هوس ۽ ٻيو هٿ هڪ ڳلن پرلل

ڪلاس جو چڪر هڻي جڏهن واپس مون وٽ پهتو
جڏهن چيائين، "تون جيڪي چئين ٿو، سو بلڪل ٺيڪ
آهي. پر خبر اٿيئي ته هيءَ چوڪر آهي ڪير؟" مون
انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، جيتوڻيڪ مونکي رڳو ايتري
خبر هئي ته هوءَ اسانجي گهر جي ويجهو ئي ڪٿي
رهندي هئي. گربخشاڻي صاحب انهيءَ لاءِ چيو، "هوءَ
ڪراچيءَ جي ميئر جي ڌيءَ آهي. جي ڪيس پڪڙيو
ته ڳالهه لڪائي ڪين رکي سگهبي ۽ اخبار وارن کي ته
اهڙيون سنسنيخيز خبرون کپن! جي ڳالهه ظاهر ٿي،
ته سخت ڏوراپا ملندا ۽ دشمنيون شروع ٿي وينديون!!
پر جي تون مونکي دانهه ـ دستيءَ دانهن ڏيندين ته
مونکي ڪيس پڪڙڻو پوندو. انڪري مان ڏنو
ضرور ڏيندس." مان منجهي پيس. پرهڻجي صاحب
جي ڪير گهٽتائي ڪرڻ گهرندو؟ انڪري پڇيومانس،
"اوهانجي ڪهڙي صلاح آهي؟" چيائين، "اسانجو ڪم
آهي جاچ رکڻ، جيئن ڪاپي نه ٿئي. تون چئين ٿو ته
چوڪر کي ڪاغذ برابر ساڻ آهن، پر اهي هن اڃا ڪم
ڪين آندا آهن." مون هڪدم وراڻيو، "ها، سائين،
هن اڃا ڪاپي ڪرڻ شروع ڪانه ڪئي آهي." "ته
پوءِ ته ڳالهه بلڪل ئي سولي آهي،" ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ
صلاح ڏيندي چيو. "تون هيئنر ڪان هن لاءِ اهڙي تيز
چوڪسي رک جو هوءَ ڪاپي ڪرڻ جي جرات ئي نه

تي رکيو هو ۽ اُن مٿان سندس کاٻو هٿ رکيل هو. مان لهندي هن ڇوڪر جي منهن پٺيان اچي بيٺس. بنا ڪنهن جي شڪ جاڳائڻ يا ڌيان ڇڪائڻ جي مون چوطرف نظر ڦيرائي. هيٺيرو نهاريم ته مار! اُن خال ۾، جتي هن نيگر پنهنجو رومال اٽڪايو هو، اُن ۾ هيٺئين ڪجهه سنها ننڍڙا ڪاغذ سوگها رکيا هئا ۽ سندس هٿ هيٺان رکيل رومال جي اندر ۾ پڻ اهڙو هڪ ڪاغذ هو، جنهن تي ڪجهه لکيل هو! ڇوڪر بيشڪ اُستاد نڪتي. سندس جگر کي شاباس هجي! مان هيءَ روئڪار جاچي، جلد هيٺ ليٿي آيس.

هونءَ ته مان ڇوڪر کي هڪدم اتي ئي پڪڙي ٿي سگهيس، پر ڇوڪرن جو ڪجهه وڌيڪ لحاظ رکڻو ٿو پوي. اَسانجي سماج اهو داغ ڪڏهن به پلجي نه سگهندي- ساري عمر هن لاءِ اهو هر قسم جي واڌاري ۾ اَڏ ٿي پوندو؛ ڪنهن کان اهو وسرندو اُصل ڪين. ڇوڪرن جي حالت ۾ ائين ڪينهي. هنن جو ٻڪ پڪجيو وڃي. پر انهيءَ جو اهو مطلب نه هو ته هنکي ڇيڪ ڇڏي ڏجي ته پل وٽي ڪاپي ڪندي. اڪري ماڻهو موڪليم هيڊ سپروائيزر کي. سرڳواسي ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جهٽ اَچي سهڙيو. در کان ٻاهر ٿي کيس ٻڌاري، حاضر "ماجرا" کان کيس واقف ڪيم ۽ پنهنجي سر پڪ ڪرڻ جو عرض ڪيم. ٻوءِ هوءُ اندر آيو ۽ ڪجهه ڳالهيون پولهيون ڪري اڳيان وڌيو.

... سفيد چمڙي

مان جڏهن ڪاليج ۾ نوڪريءَ لاءِ چڙهيس (١٩٤٠ع)
...هن پروفيسرن جا پگهار تمام گهٽ هئا. گهٽ ۾ گهٽ
... اي پاس ڪيل ٿي ليڪچرر مقرر ٿيندا هئا ۽ ڪين
... مهني موريءَ ۾ ملندا سؤ رپيا ۽ ڪين هئا! تڏهن
...ري ١٩٤٦ع ۾ جڏهن اٺن سالن ۾ پنج ڀيرو ٿي پگهار
...ايا ويا ته پروفيسر ڪيڙن ۾ نه ٿي ماپيا. پرنسپال
...حب تان پگهار پيا وڃن! خير ان سان سيني کي اضافو
...يو. فقط مان ۽ هڪ ٻه پيا رهجي ويا. ٻين کي چڙو
...ڻيو ويو اها ڳالهه نه ٿي نرالي، باقي مان پٺيان رهايو
...و هوس چاڪاڻ ته منهنجي ڊگري ساڌارڻ ۽ سادي
...ي. اها ڳالهه سڻي منهنجا ته طاق لڳي ويا. سڻن
...ان ڪانپوءِ پروفيسر جي پگهار جي اُپراسي ۾ ڊگري
...ڇوڙي ڏسڻي هئي!! ڊگري جاچڻ جو سوال اَڪثر
...ت اُٿندو آهي ڪڏهن ڪي ڪڏهن پد تي مقرر ڪرڻ
...ل؛ باقي پوءِ ته سندس واڌاري جو مدار سندس ڪم
...ڪاميابيءَ تي ٿي هئڻ گهرجي. گذريل سٺن سالن ۾ مون
...ڻ چڱو موقعو هو. وديارٿين ۾ منهنجي پڙهائي ڪافي
...سند پيئي هئي. تڏهن ڪانسواءِ مون سنڌ جي اِتهاس
...ي کوج (Research) شروعات ڪان چالو ڪئي هئي ۽
...نهنجا ليک روزانين، هفتيوار ۽ ماهوار مخزنن ۾ ڇپجڻ
...روع ٿي ويا هئا، جي عام جنتا ۾ اڪثر وائيءَ قبول پيا

ساڙي سگهي." "اوهين انهيءَ کان ڇڙا آهيو؟" مون کيس خاطري ڏيندي چيو.

ڊاڪٽر صاحب ويو، مونکان موڪلائي هليو ويو ۽ مان ننڍين اميدن ۽ آساءِ سان پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويس. منهنجي مٿس سخت جاچ رکڻ ڪارڻ نينگر سڀ ڪجهه سمجهي ويئي، جيتوڻيڪ ٻئي ڪنهن ٻي اثر کي انجي سڻس يا سهڪ نه رهي. هرڻيءَ مثل ٻاليون پولين اکين سان هوءَ مون طرف نهارڻ لڳي. جيئن ته مون ٻيو ڪو وڌيڪ قدم ڪونه کنيو اڌ هن مس ٻيٽ ۾ ساهه پيس، پر ڪجهه ٻه وڌيڪ لکي نه سگهي ۽ اڇاترا صفحو ٻه جيڪي اڳي ئي رهڙيا هئائين، اُتي ئي قصو ختم ڪري، ٻيهر مونکي ڏنائين، هوءَ هلي ويئي.

هاڻ جڏهن ته هوءَ مونکي ڪٿي ڏسندي آهي ته هڪدم سندس چهري تي هڪ معنيٰ ڀري مرڪ ڇانئجي ويندي آهي ۽ ڪنڌ جي لوڏ سان مڃيندي آهي ته ڪو مٿس ماڻهو ڪيس مليو ضرور هو!!

ته ڪنهن جي ٻڌندڙي ڪين هو ۽ چاچي صاحب
، پر ڪنهن سان خاص لڙهه وڌڻ ڪانه هئي. پوءِ
ٺيڪيت جي ڪنهن مان اميد رکجي ته ڪيئن!
ر ۾ سڙان پوءِ سڙان پيو. پيا سڀ چڙهي ويا، مان
ئن ني ٻڌي رهجي وڃڻ سهاري سگهيس!! انڪري
ن سڀ ڳالهيون وسري ويون، سڄو وقت انهي
ٺيڪيت جي لاءِ سٽائيندي رهي. اهڙو ڪو
داهو گره آچي ويٺو هوم، جو ڪو به سوجهڙو نظر
ي آيو.

آخر جڏهن دماغ کي زور ڏئي ويٺس تڏهن هڪ
ه خيال ۾ آئي. سنڌ سرڪار جي چيف سيڪريٽري
ن ڪجهه ڏيٺ ويٺ هيم. هو سنڌ جي اتهاس متعلق
ي ڪم ۾ چڱو چاهه وٺندڙ هو، جو ته شخصي طرح
هاس ۾ سندس خاص دلچسپي هئي. ڪجهه وقت اڳ
ري ڪيس متعلق جو پڙتال ٺاهي ڪري چونڊيو ويو
. هن ڳچ پيرا متعلق ۾ مون کي ڳالهائيندو ٻڌو هو.
ن انگريزن جي سنڌ سان لاڳاپي واري وشيه تي
ص طور کوج ڪئي هئي، ۽ مون - سنڌ جي حاڪمن-
ان سندن روش تي ڪافي ڪڙي نقطه چيني ڪئي
هيم. تڏهن هوندي به گوري چيف سيڪريٽري، مسٽر
ب ميجر کي منهنجا مقالا خاص طور وڻيا هئا، چاڪاڻ
مون هر ڪنهن حقيقت لاءِ جوڳيون ثابتيون ۽ سندون
ش ڪيون هيون. سو ويچار ڪيم ته وٽس لنگهي وڃان

ھئا ۽ ھر ھنڌ منھنجي ناموس ڦھلجي چڪي ھئي. ڪراچيءَ جي نامي گرامي روزاني اخبار "ڊيلي گزيٽ" پنھنجي مھيني چٽڪن ۾ اتھاس جي کوج لاءِ سرڪار کي آپار ڏيندي مونکي سنڌ جي اتھاس جي کوج ۾ پڻ ڪامياب ۽ ناميارن ڄاڻن مان ھڪ ڪري مڃيو، ۽ مون سان شامل ڪيو ويو ھو منھنجو مربي پروفيسر، ڊاڪٽر ڊُو آرٽ!! تنھن ڪانسواءِ سنڌي خواندن جي سھوليت خاطر، تہ ھوءَ پڻ منھنجي اتھاسڪ کوج جو لطف ماڻين، مون سنڌيءَ ۾ پڻ ڳچ ليک لکيا، جنھنجو قدر سڃاڻي، ١٩٤٢ع ۾ سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ (سرڪاري طور مقرر ٿيل، جيڪي ڀارت ۾ ھاڻي ساھتيہ اڪيڊمي آھي) منھنجي "ھمايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم" واري ڪتابڙيءَ کي اُن سال جي بھترين ڪتابن ۾ شمار ڪري، مونکي انعام عطا ڪيو ۽ وري ٻيھر پڻ "تاريخي مضمون (١٩٤٥ع) تي بورڊ وٽان انعام جي نوازش ٿي. پر اھي سڀ ڳالھيون آسانجي ڪاميٽيءَ جي آخر ۾ نہ ھيون- ھنن وٽ ڊگرين جوئي ملھہ ھو. منھنجي ڊگري ھئي پلبڙي ۽ اُن ڪري ئي اُن کي ڪنھن معتبر جي سفارشي سرٽيفڪيٽ جي پشٽيءَ جي ضرورت ھئي.

مون وٽ تہ ڪوبہ سرٽيفڪيٽ ڪونہ ھو، نڪي ڪي اھڙو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ جو ڪو آسرو ئي ھوم. خوشامد ڪرڻ تہ اسانجي رت ۾ ئي ڪانہ ھئي.

جي ڳالهه پڌرائي ڪري ٻڌائي ۽ کيس سفارشي خط
ءِ واپس ورتم. ورندي ڏنائين، "اوهانجا ڪاليج وارا
وهانجا ئي ته ماڻهو آهن. پوءِ پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ
ان جو ڪين لکو ڇٽي وٺين؟" انهيءَ جو اُتر ڏيندي
ون چيو، "ها، هو اسانجائي ماڻهو آهن، پر منهنجي
ڪنهن به اهڙي وڏي ماڻهوءَ سان واقفيت ڪانهي.
ون لاءِ اوهين ڪي ڏاڍا ڪين آهيو. اوهان کي سڃاڻان
اوهين پڻ مونکي سڃاڻو؛ انڪري اوهان وٽ ڪهي
يو آهيان. تنهن ڪانسواءِ سوراج لاءِ ٻرابر ڪوشش ڏي
هي آهي، پر اڃا سوڌو ڪارن ڪان گورن جي چڏيءَ
جو وڏو مان آهي ۽ اهو وڌيڪ ڪارگر ٿي ٿئي." پير
پير صاحب اهو ٻڌي کلي ڏنو. هڪدم چيائين،
توکي ڇٽي ڏيان ٿو پر ته مونکي گهڻي خوشي ٿيندي.
ون گهڻو ڪارگر ڪم ڪري رهيو آهين. اڄ نجي ڇو
اوهانجا ماڻهو تنهنجي ڪم جو قدر ڪين ٿا سڃاڻن!"
انهيءَ جو ڪوبه جواب نه ڏيندي مون کانئس پڇيو ته
ڪڏهن اچي ڇٽي وٺي وڃان؟ هڪدم چيائين، "تون
ڙ اچين، مونکي رڳو ٻڌاءِ ته سڀاڻي ڪهڙي وقت
ڪاليج ۾ هوندين. مان توکي پنهنجي سوار هٿ پاڻهي
ڇٽي ڏياري موڪليندس."

ٻئي ڏينهن ٻپهرال وقت ڪي سرڪاري سوار، گهوڙي
ي ٽاپ ڪندو ڪاليج ۾ آيو، ۽ گهوڙو ٻاهرو ٻڌي،
هو پروفيسرن جي ڪمري ۾ آيو. سڀ وائڙا ٿي ويا.

۽ ڪانگريس کا سفارش ھٿ ڪري اھا ڪري، ڪاليج وارن اڳيان پيش ڪريان، جيئن ٻين سرلو اضافو نصيب ٿيم.

اسانجو سرڪاري دفترن سان ڪو خاص تعلق ھو ڪو نه، انڪري اتي وڃڻ ۾ ڪجھ اڙچڻ محسوس ڪيم. تنھن ڪانسواءِ ڪنھن جي سلام تي وڃڻ نٿي ڪين سگھيو ھوس، جو ٻاٻو توڙي ٻاٻو آھڙي گھٽتائيءَ کان گھڻو ونءُ ويندا ھئا. انھيءَ ڪري پڻ چيف سيڪريٽريءَ سان وڃي ملڻ تي ڪجھ ھٻڪ ٿئي ٿي. ٻيو ڪو واھ وسيلو نه ڏسي، دل ٻڌي، ھڪ ڏينھن منجھند ڌاري سرڪاري دفتر ۾ لنگھي ويس. پنھنجو ڪارڊ چپراسيءَ کي ڏنم ته وڃي صاحب کي ڏئي. چپراسيءَ آھستي چيو، "صاحب ماني کائي، ڪجھ آرام پيو ڪري. ان ڪري ڪجھ دير ترسو." صاحب، جو آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو ھو، تنھنجا تنھن ويل ته ڪن سرلا ھئا- انگريز جي راڄ ۾ سرڪاري چٽ ڀرڻ کا سٽڙي ڳالھ ڪانه ھئي! سو ھڪدم اٿي اچي ميز تي ويٺو ۽ گھنٽي وڄائي، چپراسيءَ کي سڏايائين. پڇا ٿي ھن منھنجو ڪارڊ ڪيس ڏنو، جنھن تي مونکي ھڪدم اندر گھرايائين. خوش خير عافيت ڪانپوءِ مون کان پڇيائين، "اڄ ڪيئن مس ڪري پير وڏا ڪيا اٿيئي، سو به ڏرٽيءَ جو؟" مون ورندي ڏيندي چيو، "ھا، توھان ۾ ڪجھ ڪم ھوم، ۽ چيم ته ڪنھن نوڪلي وقت اچي اوھان سان گڏجان." ھڪدم چيائين، "ھا، چؤ." مون ڪيس

…اا. سانوڻو سڄاڻ

…سالن لاءِ هڪ دستور قائم ٿيو ويو هو ته جيڪو
…ڙوڪ پارٽي اڳوان ٿيا نيتا ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ جي، سو
…ٿارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ ضرور چڪر گهمائي ۽
…د يارٿين کي ڀاشڻ ڏئي. هن ڳالهه ۾ نه رڳو ڪاليج وارا
…فخر ڪندا هئا، پر انهيءَ ۾ اڳوان پڻ پنهنجو شان سمجهندا
…هئا. ڪراچي ڪاليج ۾ نه پڙهڻ جي پارٽي نيتا سنڌ
…جو دورو ڪرڻ اڻ ٿورو ۽ اڻ وڻو سمجهندا هئا. هيءُ دستور
…قرار رکڻ لاءِ ڪاليجي ود يارٿين ۽ مڪاني اڳوانن وچ
…ڇڪيون ڇتاڻيون ۽ سخت ڇڪرايون لڳنديون هيون.
…ان جڏهن ڪاليج پڙهندو هوس ته سنڌ ود يارٿين جو
…جو سميلن ڪراچيءَ ۾ ٿيو ويو. انهيءَ لاءِ پارٽ جي
…ڙوڪ فصيح زبان پارليامينٽيرين سري ايس. سٽيه
…مورتيءَ کي گهرايو ويو هو. سميلن جي مکين چونڊيل
…وڙي ڪانگريسي اڳوانن جي اصل مرضي ڪانه هئي
…ه کو شري سٽيه مورتي سنڌ ڪاليج ۾ شاگردن کي
…اشڻ ڏئي، ڇو ته ان حالت ۾ سميلن کي ڪافي شڪست
…چڻ جو انديشو هو. پر اسان لاءِ اهو ڪاليج جي آبروءَ
…جو سوال هو. سميلن وارا مونکي شري سٽيه مورتيءَ
…سان گڏ ڇڏڻ نه پيا ڏين. پوءِ ڪو واهه وسيلو نه ڏسي،
…آهر واڪي ڪرڻ جي دڙڪي سان کين همٿايم، تڏهن هو
…مس مڃيا. شري سٽيه مورتيءَ سان ڀاشڻ جي ڳالهه ڇوريم ته

پڙها ڪري وڏو سلام ورائي، هن سرڪاري لفافو ون
کي سونپي ڏنو. وري پڻ سلام ڪري سوار راهي ٿي
ويو. مون آيل سفارشنامو ڪاليج وارن کي هدا دير پهچائي
ڏنو. ڏسهہ جادو ٿي ويو! هدا وٽ هڪ ونوم وٽڻ جي
ڪاليج جي ڪارپردازن مونکي اِضافو ڏنو. سفيد چمڙيءَ
واه جو ڪم ڪري ڏيکاريو!! ۽ وري سندس فضيلت
ته ڏسو ته سفارشي چٺي وٽڻ لاءِ مونکي ڪين ٿي وڙايائين،
اِها پاڻ مونکي پهچائي ڏنائين! اَنگريز جي اَسان تي
راڄ ڪيو ته حق ٿي!! زوراوري سا ڪيائين، پر اسان
کي ڪجهہ ناهي ٿيڻي ۽ سيڪاري ضرور ويو!!! پر اَسان
اَنگريز مان خاص ڪين آهي.

و نئون ويو. جڏهن جواهرلال نهرو ڪاليج ۾ آيو هو
ٽهڻ اُس لڳي پيئي هئي. هتان وري ٽڪر ميڙاڪو
ڪري پئي آيا ويا، اڪ-چپ راند رمي رهيا هئا. مان
پڻ سرڳو صف ۾ سڏائي ٿي پيئس. واري وٺيءَ تي
هرڪو تصوير ڇڪيندو ويو، ۽ مهنجو فوٽو ٽڙني ڪان
سندو پيئو ۽ ان ڪارڻ اهو ٿي ڪاليج مخزن ۾ ڇاپيو ويو.

فوٽن ڪيڻ ڪانسواءِ فوٽن تي آٽوگرافن جون صحيون
وٺڻ جو ذوق پڻ ٿن ڏينهن ٿي جاڳيم. جڏهن جواهرلال
نهروءَ کان فوٽي تي صحيح گهرڻ ۽ فائونٽن پين وري
مون کان گهرائين ۽ جڏهن منهنجي ولائتي پين لکڻ
کان نابري واري ته مٿن تي گهمڻ پائي، منهنجي مٿان
۾ سوال جي نشانيءَ طور گهورڻ لڳو. مون به ٿڌي پڇ
ڇڏي ڏنو مانس: "ديش جي شيدائن جي هٿن سان ونيشي
پين لکندي ڪيئن! اُنکي اٽرو ته حياءُ نه پوندو!!"
مانجهي مٽس موڪي ڏنو. نيتاجي پوس جي صحيح
ڪارڻ ملير کهي ويس، جو ڪراچيءَ اسٽيشن تي پهه
۾ ڇپيائون وڃڻ جو انديشو هو. ريل گاڏيءَ جي ملير
اسٽيشن تي اچي پهچڻ تي مان سندس گاڏي جو در
پهچي اندر ليس ۽ صحيح گهريمانس ته مٽس اچي ڏمريو،
"مونکي پيو ڪم ڪار ڪونهي!" سڄڻان جو شيدائي
اهڙي شوق سهي ڇڏ ٿوا! مان هڪدم هيٺ لهي آيس
۽ صحيح وٺڻ جو ويچار دل تان صفا لاهي ڇڏيم. پر

هن هڪدم ۽ وڏي خوشيءَ سان ”ها“ ڪئي ۽ جڏهن ٻڌائين تہ ڪيئن مڪاني مکين مونکي ساڻس ملاقات کان محروم رکڻ جي سر ٽوڙ ۽ ذري گهٽ ڪامياب ڪوشش ڪئي هئي، تہ هن کي سخت ڇنڇيائين. ان طرح دستور قائم رهيو ۽ هلندو آيو.

ان دستور پٽاندڙ جڏهن خبر آئي تہ ڀارت جي جڳهہ پرسڊ ۽ نامڪنيو ويچارڪ ڊاڪٽر سروپلي راڌاڪرشنن ڪراچيءَ اچي رهيو آهي تہ کيس ڪاليج پروفيسرن سان چانهہ-نوشي ۽ ڪاليج ۾ ڀاشڻ ڏيڻ جي هاردڪ نيمنڊ موڪلي وئي، جا هن سويڪار ڪئي. هن ٽاڻي مان ڪاليج ۾ اڌيائڪ هوس. جيئن تہ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ڀارت جي پراچين آدرشن جو حامي هو ۽ مان پهريون دفعو هن جي سمپڪ ۾ رهيو هوس تہ منهنجو اُتساهہ چوٽ چڙهي ويو. سو ٺهڪ ٺهڪندو وڳو پهري مان ڪاليج ۾ وقت سر اچي سهڙيس. اوچتو منهنجو جهونو شوق پرڙڪو کائي اٿيو. ڪاليج پڙهندي مون ۾ فوٽن ڪڍڻ جو ڏاڍو شوق جاڳيو. چئن سالن ۾ ڪيئي فوٽا ڪڍيم. ڪاليج جي سونهري جشن پيري فوٽن جي نماءَ ۾ مونکي پهريون نمبر انعام مليو. ڪاليج ۾ خاص طور اڳوانن جا فوٽا ڪڍندي مونکي خاص مزو ايندو هو. اهڙن موقعن لاءِ چٽاڀيٽي بہ خوب لڳندي هئي. ڪوشش اجائي هوندي هئي تہ فوٽو اهڙو ڪشش ڀريو ڪڍجي جو ڪاليج مخزن جي سالياني انڪ ۾ شايع ٿيڻ ڪاڻ

عظيم شخصيت کي ڪيئن عرض ڪبو ته ترسو ته فوٽو ڪڍان! ودوان پرش کي اهڙي ننڍي شيءِ جي ڪهڙي ڪاڻ!! خير فوٽا ٿئي نڪتا. اُن مهل شام جا چار، ساڍا چار لڳا هئا ۽ ڊاڪٽر سروپليءَ سان هڪ طرف سنڌ ڪاليج ٻاران پرنسپال ڀُلاچندگهه آڏواڻي ۽ ٻئي طرف سوامي رنگنٿن آنند، رامڪرشن مٺ جي ڪراچي شاخ جو پرمک، سندس ميزبان، ساڻ هئا.

جلد چانهه اَڪلائي، سڀ اُٿيا پاڻ لاءِ. چانهه لئي چڱين ٿي ڳالهين جي چرچا ٿي، جنهنجو سيڙي ٿي گهرو پرڀاو پيو ۽ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن کي ٻڌڻ لاءِ هرڪو ٿئي کان وڌيڪ منتظر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جو پارٽي سپيتا ٿي پاڻ شروع ڪيو ته هرڪو هن کي چت سان ٻڌڻ ۾ اهڙو لين ٿي ويو جو وقت جي ڪنهن کي به نه سمڪ ۽ نڪا وري ڪا پرواهه ئي رهي! سڀ ٻڌن شانتيءَ ۾ ڪيس ٻڌندا ئي رهن ها جيڪڏهن سروپلي راڌاڪرشنن پنهنجو ڀاڻ پورو نه پانـي ها!! هڪڙو: سندس آواز هو ملند ۽ چٽو، پيو وچار پڻ هئس اعليٰ؛ مٿان جو سنسڪرت سلوڪن جو ڦهڪو ٿئي پيو، تـ، سڀ رنگ رهجي ويا. جيتوڻيڪ سنسڪرت کان ماڻهو سراسر اَڻواقف ٿي هئا، پر ڊاڪٽر اهي سلوڪ اهڙي شد نموني اچاريا جو اُنهنجو مطلب پنهنجو پاڻ جڻ پوسند ٿي ٿي ويو. دل جون دل سان ڳالهيون برابر پڻ پيون

ڊاڪٽر هاسارام پمناڻي، جو سي گاڏي ۾ ساڻ هوس، تنهن سنڌ ڪيم ته جڏهن فوٽو نيتاجيءَ ڏانهن وڌايم ته مرڪندي دستخط ڪيائين ۽ اها مرڪ سندس سڄي چهري تي رونقدار نموني پکڙجي ويئي!! خان عبدالغفار خان، اهنسا جي مجسم، ته ماٺ ميٺ ۾ خدائي خدمتگار جيان صحيح ڪري ڏني جڏهن منهنجو سندس ڪڍيل فوٽو کيس صحيح لاءِ سپرد ڪيم. اهي سڀ فوٽا مون سانڍي رکيا آهن، جي ٿي شايد ملڪيت طور منهنجن پوين کي ورثي ۾ ملندا.

پر جڏهانڪر ڪاليج ۾ پاڙهڻ شروع ڪيو هوم، تڏهانڪر اها فوٽن ڪڍڻ جي پاڻي پاڻمرادو ڇڏائجي ويئي هيم. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جي آمد تي ڏاڍي ڪشش ٿيم ته هڪڙي ودوان جي تصوير ڪڍجي، ان تي سندس صحيح وٺجي. پر انهيءَ مهل ڪئميرا اچي ڪٿان! واٽڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريم ته سامهون منهنجو ڇهيوان شاگرد ماڌو موٽڻداس ڏٺم. ڪئميرا ڪلهي تان لٽڪي رهي هئس. سڌ ڪري ڪانئس ڪئميرا گهريم ته چيائين، "سائين، باقي ٻن فوٽن جي فلم بچيل آهي. فوٽا پل اوهين ڪڍو، پر مونکي انهن جون ڪاپيون ضرور ڏجو." ڳالهائڻ جو ته وقت ڪونه هو. معزز مهمان اچي سهڙيو هو. سٽ ڏيئي، دڳ جهلي، ڪئميرا ٽاڪي بيٺس. هڪ فوٽو ڪڍي، ٻئي لاءِ ڌڪو پٺيان هڻيس. هڪڙي

ي، انهن سندس رنگ ۽ ڍول آهڙا اجاري ڇڏيا
ا جو ڦرڻي ۾ هوءَ ڇگو موهيندڙ پيئي لڳو!! ان حسين
ڪس جي ڪري ٿي اهو ڦوٽو مت جي هر شاخ ڏي
ڪاڻ جو پڇ ڪيو ويو هو!!!

سوامي رنگلن آنند هن وقت سڀي ڀارت جي
ڪرشن مت جو سر سنگهه چالاڪ آهي ۽ پنهنجي ٽازو
ڪيل پستڪ "بدلجندڙ سماج لاءِ أمر آدرش (قدر)"
ڪارڻ دنيا ڀر ۾ پرسڌ ٿيو آهي.

ٻڌيون آهن، پر دماغ جون دماغ وسان ڳالهيون هن دفعي ٻڌي سگهياسين! ڇا نه انوکو لطف پيو! ماڻهن جو تعريف ظاهر ڪرڻ لاءِ تاڙين جو وڄڻ شروع ڪيو، سو ڄڻ بند ٿيڻ جوئي نه هو!!

فلم ڏسڻ وارن سان پتو پيو ته فوٽا وٺڻ جا نڪتا هئا. سيگهه ڪري هڪ فوٽو تيار ڪرايم ۽ ٻيا ڪنهن ڏينهن جي اهو ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ۽ سوامي رنگنٿن آنند جي صحين لاءِ رامڪرشن مٺ ۾ ڏياري موڪليم؛ جن فوٽي تي صحيون هڪدم ڪري موڪليون. پر ان سان هڪ چٺي پڻ شامل ڪئي ويئي هئي ته مٺ وارن کي ڀارت ۾ مٺ جي سيني شاخن لاءِ هن فوٽي جون ڪاپيون گهربل هيون. ڪاپيون ڪڍائي موڪلڻ لاءِ مان پڻ خواهان هوس ڇو ته ان ڏوارا مونکي پنهنجي هٿ پورڻ جي پڻ پڪ ٿي. پر مون ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته مون وارو فوٽو مٺ وارن کي ڇو اهڙو پسند پيو هو. منهنجو انومان هو ته هڪ ته ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جهڙو مهاودوان ۽ فيلسوف اتي اچي رامڪرشن مٺ ۾ هو ۽ ٻيو وري مون واري فوٽي ۾ معزز مهمان ۽ سمورس ميزبان ٻئي نظر آيا، ان ڪري ئي مٺ وارا مون واري ڪڍيل فوٽي تي مشتاق ٿيا هئا! پر پڇا مان پتو پيم ته هت ته قصو ئي نرالو هو! سوامي رنگنٿن آنند هو شڪل جو سانورو، پر لهندڙ سج جي روشنيءَ جا سمورس چهري تي ڪجهه قدر اڏي ٿي

تنهنجو مزو آهي. خير، سائنس يا آرٽس ٿي پڙهين؟"
چندرا جي منهن جو رنگ بدلجي ويو. وراڻيائين،
"پيارا، اَلائجي ڪيئن ٿا چئين! منهنجو اڳ ۾ ته ڪو
جوءِ سان آئيو ئي ڏنو. هن سال جو پڇي نه سگهيو ته
ڪسرون وري منهنجي سائنس پيءُ مان وڃي ڪڍيائين!
هيٺي پاتال ڪري ڇڏيائينم- پنجونجاهه مارڪن جون
پورين پنجٽيهه!! پر وري به شڪر جو پاس ته ڪيائينم؛
نه ته اَج تو وٽ ڪهڙو ڪنڌ کڻي اَچان ها!" سندس
دل ونئدي گليءَ چيو، "اِهي آنٽي ڪي اهڙا. قياس
جو منجهن قطرو به ڪونهي. مون سان پڻ اِئين ٿي ڪـ
وئل وهيو هو نه؛ مان نه ته پڙهڻ جي اهڙي جڏي
ٿورياڻي هيس! مارئن منهنجو، ڪاليج پڙهڻ ٿي وڃائي
ڇڏيو." انهيءَ تي چندرا ساک ڀري بدلي چيو، "ڊيڊي
سليٽي اوهانجي هميشه ساراه ڪندي آهي. سو سائنس
جي بجر ڇڏي، وڃي آرٽس جي پڙهن لي پيئي آهيان."
گلي: ارمان ڇا جو ٿي ڪرين؛ آرٽس ۾ ته پاڻ موج
مزا آهن. سائنس ۾ سڄو وقت ڪاليج ۾ پيو ڳهه ۽ گهر
موٽڻ تي جهٽ ۾ ڪم اڪلائي وري ويهه نئون نچوڻ.
باقي آرٽس ۾ ته فرصت ٿي لڳي پيئي آهي- ڪهڙي
لعين ڇاڪ، ڊيل وانگر پيو هرهند ٿهل، پوءِ به ٿورو ٿي
پدا اُٿلائي پاس ٿـي وڃ!! ڪيئن، ڪاليج ۾ اَج ڪاله
مزو آهي؟"
چندرا: واه! موج لڳي پيئي آهي. گهران نڪر،

٢٠. گليءَ جي ساهيڙي

گلي منهنجي پيڻ پارٽيءَ جي نراڻ ٿي. جيترو
هوءَ ڪاليج ۾ پڙهي، نه ته هر ڳالهه جو ڪيس اهڙ
ٻول ۽ ڏانءَ آهي جو ڪنهنکي هوند ايڪ ۾ هوي
هوءَ ڪا اڏو پڙهيل ڪينهي. راڻي مڻي پڻ هيڪڙ
آهي. سياڻ پڻ اهڙو وڏندڙ آلس ۽ ڳالهائڻ جي پڻ اهڙي
چتر ۽ مٺي آهي جو هرڪو ڏانهنس کينچيو وڃي
وري ڳالهين جي ته جا آهي ڳوڙي ۽ چرچي گهڻي
ڪوڏي، سو سائس ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو هجي،
ته ڪڏ اهل ۾ ٿجي- سچو وقت وندر ۾ گذر
وڃي ۽ سمي جي سمجهه ئي نه رهي. سندس عقل
فهم، چرچي ۽ ٺهڪ ۽ آءُ ڀاءُ ڪارڻ سالن جون ساهيڙيون
سائس گڏجڻ اچن ۽ هوءَ پڻ سندن واءُ سڌاءُ
آپ - ٺوڪ بيت ۽ ناز نوازي ڪيو وڃي.

ننهن ڏينهن سندس ساهيڙي سلطيءَ جي نندي
پيڻ چندرا وٽس آئي. اوڀاريون لهواريون ڪندي گليءَ چند
کان پڇيو، "مٺي، هاڻي ڪٿي پڙهي آهين؟" چند
چيو، "چو ڏيڏي، توکي خبر ڪانهي! مون هن سا
مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ هاڻي ڪاليج جي پهرئين سال
آهيان." گلي ڏاڍي سرهي ٿي، "ڏاڍو سٺو، مٺي
مئٽرڪ پاس ڪيئه نه مڻائي ته ڪانه ڪارائه. مڻائيءَ جي
ڪنهنکي ٻڪ ڪانه پئي آهي، پر واٽ مٺي ڪرائڻ

چندرا: آواز اُنس ٻڌڻ، سو ڳالهائيندي ڪاٿو وڃي.
ڙو ۽ جسم ۽ زوردار ڳالهائيندو آهي جو مستي ڪرڻ
دل ڪٽي پئي ٿي، نه نه همت نه هيو ٿي.

گلي: ڇو ڳالهائڻ نه ٿا چڱو نه. سڀ ڪجهه سولائيءَ
ن سمجهه ۾ ٿي ايندو ۽ ذهن ۾ به جهٽ وهي ويندو.

چندرا: واه واه! اسان سان انگريزي جيڪا وڏن
ندي آهي، سا ڪا سمجهو ٿا!!

گلي: سو وري ڪيئن؟

چندرا: هوءَ جو ڳالهائي ته اسان کي پوءِ پڌي ڪيس
ي پڌو پوي. اهو سوڌو اسان کي مهانگو نه ٿو پئي.
سان کي ماٺ ڪري ويهڻ ايندو ڪٿي آهي. اسڪول
۾ نه سڀ مٿا هٽي پيا، پر اسان جي علمت مٽائي، ٿورو ئي
گهيا!! پر هن جي حاضريءَ ۾ ڳالهائي ڪير!

گلي: ڇو؟

چندرا: ڳالهائيندو ته ٿانئن سهڻن، پوءِ خير ڪونهي.
س پس نروگهت کان وٺي نگهوسار ڪرڻ کان سواءِ
ڇڏيندو ڪين.

گلي: مٺي، سو وري ڪيئن؟

چندرا: نظر اهڙي تکي اٿس جو سندس لالٽين
فانوس جي شمع وانگر اکين جي شعاع کان ٻاهر وڃڻ
محال آهي. اکيون ٻئي اهڙيون تيز اٿس جو هردي ۾
ڏيهو وڃن ۽ ايڪس ري X-Ray جي ڪرڻن مثل

پوءِ ڪلاس ۾ وڃ يا ڪئنٽين ۾، ڪير پڇڻ وارو آهي؛ مرضيءَ جون مختيارڪار ٿيون آهيون. جيتوڻيڪ ڪئنٽين ۾ وڌيڪ چهل پهل آهي، ته به ڪلاس ۾ پڻ چڱو چهچٽو لڳو پيو هوندو آهي.

گلي: سو وري ڪيئن؟

چندرا: پروفيسرن کي پڙهائڻ ۾ مزو ناهي!

گلي: ڇو، پروفيسر اهڙا ڀُڏو آهن ڇا؟

چندرا: هو، ته ويچارا ڪن ڇا! ڏيڍ سؤ جوان جوانڙيون سنڀالڻ ڇا سولو ڪم آهي ڪيئن؟

گلي: پروفيسر کي پڙهائبو وري ڪيئن؟

چندرا: بلڪل آسان. وچ ۾ سوال پڇين ته جواب ڏيندي اصلوڪي ڳالهه صفا وسري ويندن! پوءِ ڇوڪرن جي کل ۽ ٽهڪ، جيستائين سائينءَ کي ياد اچي ته ڇا ٿي پئي ڳالهايائين!!

گلي: بس!

چندرا: واهه واهه. پڙهائڻ جا هرروز نوان نمونا پيا تيار ٿين. پروفيسر شل بورڊ طرف نهارين، پوءِ پنن جا تير، واس ڌوپ جون اگربتيون، وغيره، مٿن ورڪا ٿي ويندا هون.

گلي: پوءِ اوهان کي ڪير ڇوڙي ڪين؟

چندرا: گهٽي پاڳي ته. پر هو جو نڍيو نيٽو، بندرو ۽ سنهڙو پروفيسر آهي، سو ته بلا لڳو پيو آهي.

گلي: سو ڪيئن؟

٢. مير صاحب سان ملاقات!

سنڌ ۾ الهاس جي ڪا خاص ڪوج ڪانه ٿيل هئي،
هن ڪري انهيءَ ڏس ۾ ڦواڙهه وجهي ناموس ڪيل
سان هئي. الهاس ۾ منهنجو اُستاد ماستر وڙهيمل اسڪول
ان ڏينهن ۾ ئي جاڳايو هو. ويتر جو موهن جي دڙي
ي سڀيتا جو اڀياس ڪري، اُن تي مقالو لکيم ته ماڻهن
ڳو قدر ڪيو، جنهن ڪارڻ حوصلو گهڻو وڌيم ۽ وڌيڪ
وج تي چاهه ٿيم. الهاس جي ڪيل ڪوج جا نتيجا وڙ زانتي
طور پيش ڪرڻ خاطر سنڌ الهاس منڊل ۾ گهڙيس. سنڌ
الهاس منڊل ۾ سنڌ جا ڪي گورا عملدار خوب ڀاڱو
وٺندا هئا. سنڌ الهاس جو اڀياس مشاهرو ئي هو، پر
اُستاد جهجهو هون.

اُنهن ڏينهن ۾ هڪ نئون ڪتاب نڪتو هو-
”اَنگريزن جا سنڌ سان ناتا ۽ نيتي“. ڪتاب اُچالو
لکيل هو، پر چالاڪڻ ته اُجو ديباچو هڪ ”سر“ صاحب
(سر شفعت اَحمد خان) لکيو هو، جنهن ۾ ڪيل ڪوجنا
کي هن ڪٽي آسمان تي چاڙهيو هو ۽ ليکڪ کي خوب
ڀڏايو هو ته سياويڪ هن ڪتاب سنڌي جو ڌيان ڇڪايو.
ڪتاب پڙهي ليڇ ڏان ڪڏ هيٺ ٿي ويم ۽ ايڙا ڪان
اندر پوسرڻ لڳم. ليڇ ان ڪارڻ آم ته اسين سنڌي ٿي،
سنڌ ۾ رهي جڪ ماري رهيا هئاسين ۽ هيءُ پنجاب
جو ماڻهو اسانجو ميدان ماري، اسان کان گوءِ ڪٽي ويو هو!
ايڙا ان سبب جاڳيم جو هيءُ ”ڌاريو“ ماڻهو اسان کي

جيڪي اسانجي اندر ۾ پيو وهي واپري، سو جهٽ پرکيو وٺي.

گلي: پوءِ، ڇا گهٽ وڌ ڳالهايو ڇا؟

چندرا: اصل نه! پر ٽوڪ هڻڻ ۾ لريناڪ آهي؛ ڪن جو سخت سڙيل. ڇاڇي ٻڌي ته سڀ ڪجهه ٽو-ڪلاس ۾ ٻوڙي ٻاهر. پٽڪو نڪتو ناهي؛ هن اهو جهٽيو ناهي. بس، پوءِ ڪٽي وجهه مليس ته هڪ قابل سرجن جيان اهڙي نشتر ٽمبيندو جو خلل واري هنڌ پهچي، هميشه لاءِ صفائي ڪري ڇڏيندو.

گلي: اوهين سڌر نديون لائين ٿي!!

چندرا: نظر ٻوڙي ٽوڪ اهڙيون تيز آٿس جو مان چوندي آهيان ته هن کي ٻانهن ڏيندو ڪير؟

گلي: مٺي، ماٺ ڪر ته ڪير ٻڌندي نه!

چندرا: ڇو؟

گلي: هوءَ منهنجي ڀاڄائيءَ جو ڀاءُ آهي. پر تنهنجي پٽ ٻارائي مان ورٽو ڪي ڪينهي. هوءَ اڳ ۾ ئي سگهڙو ٿي چڪو آهي؛ چار ٻار ڄڻ آٿس.

چندرا: سچ! مونکي اڳ ۾ ڇو ڪين ٻڌايو. اوهانجي ڀاڄائيءَ ڪجهه ٻڌو ته ڪين؟

گلي: ڇو؟

گلي: هوءَ جي ڀاءُ کي ٻڌائيندي ته منهنجو خير نه آهي.

گلي: تون فڪر نه ڪر، مان ڀاڄائيءَ کي سمجهائي ڇڏيندس.

اِلھاسڪ قولھ، تي جنھن مضمون تي لکيو، چوڻ لڳو، "ٽالپرن - انگريزن تعلقات جو مون پڻ چڱو اڀياس ڪيو آهي، جنھن تي مونکي هميشه ناز رهندو آهي، پر تو تہ اسانجون اکيون ۽ ڪپاٽ کولي ڇڏيا آهن ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هيلتوڻي اسان فقط ڏاڪوڙا ڏيئي هنيا آهن - تون ئي اونهي پر پهتين، مهراڻ جا تہ سچا موتي کڻي آيو آهين." منهنجي کوجنا جو قدر-شناس، مسٽر لئمبرڪ - جنهن پوءِ "سر چارلس نيپيئر ۽ سنڌ" تي انگلنڊ ۾ هڪ چڱو ڪتاب لکيو، جو هاڻي ناياب ٿي چڪو آهي - منهنجو دوست ٿي ويو. مون اڳتي وڌي، ساڳي وشيه، "انگريزن جي سنڌ ڏانهن نيتي" تي اَٺ ڏهن پيا مقالا تيار ڪري ورتا، جن جي شايع ٿيڻ تي مان راتو واه سنڌ جو هڪ پورو اِلھاسڪار ڪري ڄاتو ويس.

سنڌ جي اِلھاس جي کوج ڪندي، خاص ڪري ٽالپرن جي زماني جي، مونکي حيدرآباد جي مير نور محمد خان بابت وڌيڪ جاچ ڪرڻ جي ضرورت ٿي. وجهہ وٺي انهيءَ بابت مسٽر لئمبرڪ سان ذڪر ڇيڙيم، جنهن تي هن هڪدم چيو، "اهو تہ تمام آسان ڪم آهي. مان تو مير نور محمد جي پوٽي ڏي چٺي لکي ڏيان ٿو. هو مونکي ڀليءَ سڃاڻن. توکي جيڪي ڪاڻ پڇڻو هجي، سو خاطريءَ سان پڇجان." مسٽر لئمبرڪ هڪ چڱو عملدار هو. چهرو گورو تنهن جي

آفس تي ڏيئي ويو. سنڌ سان واسطو رکندڙ ڪاغذ پٽ سڀ سنڌ ۾، تنهن هوندي به هُو پنجاب جي دفترن جي آڌار تي سنڌ تي ڪتاب لکي ويو! اوڏيءَ ويل فيصلو ڪري ورتم ته ان وشيه تي وڌيڪ وزنائتو مقالو تيار ڪري، سنڌن سان ڏاهپ ڪندس ته هيءُ هڪ پنجابيءَ جو سنڌ تي لکيل ڪتاب هڪ سطحي معيار جو هو ۽ ساراه لائق خبر ڪي هو. سنڌ ۾ اتهاسڪ کوج جون سهولتون جئن تان گهٽ هيون، پر جان سان جا اَڇي لڳي، سا ڪٿي ٿي وهڻ ڏئي! اُن سمي ٻمبئيءَ ۾ ڪنهن سان ڪا خاص واقفيت ڪانه هيم ۽ ڪلڪتو ته موريو اسانجي دائري کان ٿي ٻاهر هو. تنهن ڪري جنبي ويس سنڌ ۾ موجود اتهاس جي وسيلن جاچڻ ڪي. سرڪاري دفتر ۾ جيڪي فائيل ڪڍهن ڪنهن پل ڪان به ڪين اُٿلايا هئا، تن تي نوُر نچڙئي، هڪ مقالو تيار ڪري ورتم: ”١٧٩٩ع وارو انگريزن جو سنڌ ۾ ڪارنامو.“ سنڌ اتهاس منڊل اڳيان اهو اَڇي ٽڙهيم ته واه واه پئجي ويئي. جنهن ڳالهه کي پنجاب واري ڪتاب ۾ فقط سٽن سٽن ۾ اُڪلايو ويو هو، اُن تي سڄا سارا ويهه صفحا ٽائيپ ٿيل بيان پڙي، ڳالهه جي حقيقي اَهميت محسوس ڪري، سڀ حيران ٿي ويا ته ڪراچيءَ جي ڪنڊ ۾ ويٺي مان ڪيئن هيءَ کوج ڪري سگهيو هوس! گورا آء. سي. ايس عملدار ته مون تان جنسي قربان وڃڻ لڳا!! مسٽر ايچ. ٽي. لئمبرڪ منهنجي

زيباور ڊگري سگهان. ان ڪري سندس پيءُ مير
مراد علي خان ۽ ڀاڻس مون مان اُلفت رکڻ لڳا." مونکي
مسٽر ايمبرڪ ٻڌايو هو ته "نور محمد خان جي تصوير
هاٿوڪي مير وٽ آهي، جا مير صاحب جا پويان سانڍيندا
۽ هميشه لڪل رکندا اچن، پر جيڪڏهن مون کين
چوندس، ته منهنجي صدقي اها ٿوري ڏيکارڻ ۾ مير
صاحب نه هٻڪندو. مون مير صاحب کي انهيءَ تصوير
ڏيکارڻ لاءِ وات وڌو. پهرين هُو ذرا هٻڪيو، پر گوري
جي ناراضگيءَ کان ڀاڻ ڇپائڻ خاطر هن اها اسان کي
ڏيکارڻ قبولي. هُو اُٿي اندر حويليءَ ۾ ويو ۽ گهڙي ويرم
کانپوءِ مس موٽيو. سندس هٿن ۾ هڪ سهڻي صندوقڙي
هئي، جا هن آڻي ٽپائيءَ تي رکي. پوءِ اُن کي کولي
هن اُن منجهان هڪ مخمل ۾ ويڙهيل آلبم جهڙو ڪتاب
ڪڍيو، جنهنجي ڪولن سان اندر هڪ عمدي مڙهيل
تصوير نظر آئي. مير نور محمد خان هروڀرو ڪو الهصورت
ڪين ٿي لڳو، باقي پاڻ مير نصير خان جي پيٽ ۾
ڪجهه قدر ايتر نق برابر هو. مير صاحب آلبم کولي
اسانکي تصوير سه ڏيکاري، پر انهيءَ دم سٽ ڏيئي
ڍڪڻ و آلبم بند ڪري، صندوق حوالي ڪري ڇڏيائين.
مير صاحب کي گهائل مائل ڏسي مون ڪري ساڻس
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. منهنجي زبان مان اکر اڪليائي مس
هئا ته ڦرڪو ڦري ويو. مير صاحب جا رخ ۽ مزاج اٿي
بدلجي ويا. مونکي پارسي سمجهي، هن مون سان

وچ ۾ ڳتيل ڪارين مڇن جو مڇو، هلڪي اَنڌاري ۾ هوُ هوند جهڙو ڇيتو لڳي! اَهڙي هئي سندس شوخ شڪل ۽ خندڪيءَ وارو وري اَهڙو هوندو هو جو ٻيا گورا عملدار پڻ ڪانئس ڪن هٽندا هئا!! اُن وقت کيس سنڌ ان پير پاڳاري جي حرن جي شرارت جي پاڙ پٽڻ ڪاڻ خاص مارشل لا آفيسر ڪري مقرر ڪيو ويو هو. هر ڪو ڪانئس ٿر ٿر ڪنبي رهيو هو. رهيل ڪهيل ۾ پڻ سرڪاري شڪ هيٺ اَچي چڪا هئا.

لئمبرڪ صاحب چٺي لکي ڏني ۽ چيو، ”هوُ تولاءِ سڀ ڪجهه ڪندا، اُنهن ڪرڻ لاءِ هوُ ٻڌل آهن.“ مان چٺي وٺي دوست مروءَ کي ساڻ ڪري، مير صاحب جي ڊيري ڏي هليس. پنهنجي اَچڻ جو مون کيس اَڳواٽ ئي اطلاع ڏنو هو ۽ مير صاحب منهنجي خط جو پڻ خاصو جواب ڏياري موڪليو هو. هن منهنجي آڪهه ڪارڻ مونکي ڪو پارسي عالم ڪري سمجهيو هو ۽ گوري صاحب جي چٺيءَ کي مان ڏيندي، مير صاحب مون سان وڏي اَدب آداب سان اَچي مليو. هن مون سان هندستانيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون خاص طور مير نور محمد خان جي صورت ڏسڻ ٿي چاهي. ڊاڪٽر جيمس نرس پنهنجي ڪتاب، ”سنڌ دربار جي دوري تي“ ۾ هڪ هنڌ لکيو هو، ”مون وٽ ڪوبه اَهڙو علاج يا ڪا جادوءَ جي اکڙي ڪانه هئي جنهن جي اِستعمال سان مان هوند نور محمد جي بدزيبي چهري کي بدلائي

٢٢. ڏاڍو ٺيڪ ٿيو!

هندستان - پاڪستان جو ٿيو ته پهرين، ته سرڪاري ملازمن جي لڏ پلاڻ ته ضرور شروع ٿي. ماڻهن جي انهيءَ مٺا سٺا سبب پاڙيسري ڪجهه قدر مٺيا، پر عاقبت اچا خير ڪا آئي؛ اسين اڏول ويٺا رهياسين. منهنجي سس ته اڳي کان اڳري رهي؛ کيس وطن ڇڏڻ جو ويچار اصل ڪين ٿي آيو. هوءَ پنهنجو ڇنو ڇڏڻ لاءِ هرگز تيار نه هئي- جاڪي ته سندس جان هئي، سندس اجهو؛ اٿو هئي. ماڙيءَ ۾ ماڻ ڏيءَ رهندڙن هيون؛ هنن جاءِ جي مسواڙ مان سندن اچيو ڪا سٺي پئي نڪرندي هئي. پر حالتن ڦوٽ ۾ دير ڪانه لڳي. منهنجي سس ڏسي سڀ ڪجهه پئي، پر پورو ڳاڻاٽو ڪري نه پئي سگهي. منهنجي سهڙي جي سوٽ جڏهن کيس ساڻ وٺي وڃڻ جو ذمو کنيو، ته هوءَ هڪدم تيار ٿي ويئي. هوءَ جهونن خيالن جي هئي- انهن، ساهڙن ۾ ٿي سونهي؛ کيس نانيءَ سان نڪرڻ ۾ خيال ٿي ٿيو. خير، پر جڏهن جاءِ جي نيڪال جو سوال آيو ته صفا ناٻري واري ويٺي. چي، ”هن روزيءَ لاءِ هٿ ڪيئن ڪٽينديس؟ مونکي ڪارائيندو ڪير؟ ڄاڻو ٿي ته منهنجو ڪاٿو پٽ آهي.“ مونکي پنهنجي پڪ ڪانه هئي ته ڪراچيءَ ۾ ڪيترو عرصو جالڻ ٿيندو، سو هميشه لاءِ سس جي ملڪيت سنڀالڻ جي جوابداري مان ڪيئن ٿي پاڻ تي

اٿمبرڪ صاحب جي نالي کجهه ادب جو رخ اختيار ڪيو هو، پر جيئن ئي هن کي پتو پيو ته مان سنڌي آهيان تيئن ئي مونکي پنهنجي رعيت سمجهي پاڻ رئيس ٿي ويو!! منهنجو ڪم ته پورو ٿي چڪو هو، تنهن ڪري ڪانئس ٽڪڙو موڪلائي، مان ۽ منهنجو دوست هليا آياسين، پر مير صاحب جو نوڪر اندر اوسيڙو ڪيندو ئي رهيو ته ڪڏهن ٿو مير صاحب مهمانن کي سندس تيار ڪيل چانهه پيئاري!!

ھي ڏاھ." مسٽر صدقي سنڊس پائيوارڊ جو ٻہ حساب
پڙھو پيو، ۽ سڀ ٺيڪ ڪري پڙھيم. آخر پنڌ سڄايا ڏيا
باقي رقم ونڊ جي نسبت اچي سهڙي، ۽ اھا رقم
رجسٽرار اڳيان ٿي ملڻي ھئي. مقرر تاريخ کان ٻہ چار
ڏھن اڳ ھن پائيوارڊ جي نالي مون کان طلب ڪئي
. جنهن صورت ۾ جاءِ ھاڻ نيڪال ٿي ڪئي ويئي
جنهن صورت ۾ سنڊس مسٽر کي اھائي سؤ رپيا، جي
ن ھوادار طرف واري جاءِ کڻڻ پيئي منهنجي مسٽر
ي ڏنا ھئا، سي ھاڻي واپس ڪيا وڃن. مون لائين
ڪرڻ کان صفا نابري واري چالاڪ ۽ ھوا وارو طرف
ھو ھن ھيترا سال ماڻيو ھو، سو اھائي سؤ رپيا تہ
ڪڏھو ڪو چڪتو ٿي چڪا ھئا ۽ انهن جي واپس ڪرڻ
۽ سوال ٿيڻ ٿي ڪين ٿي. ان ڪري چالاڪي ڪري
ڏؤ جاءِ جي خريدارن کي گهران ڏاھي آھو تہ رجسٽرار
ي حضور ۾ سڄي رقم ڪيس ٿي ڏني وڃي. ھؤ ۽ ھئا
ڪي پورڙا، سو اٿين ڪرڻ قبولياٿون. ٻيو سنڊس
صواي لي پاڻي ڦري ويو، ڇو تہ سنڊس مسٽر ڪيس
پئي، دستاويز لي صحيح ڪرڻ جو حق پنهنجي پاڻ
ي ڏيئي ويئي ھئي، ۽ منهنجي مسٽر سنڊس پاران
صحيح ڪرڻ جي اختياري مونکي لکي ڏني ھئي،
جنهن ڪارڻ رجسٽرار ھٿايا جي سڄي رقم مونکي ٿي
پاراٿي!! منهنجي مسٽر جي نراڻ جي نالي ڪي انهيءَ
ي خيالي وٺي ويئي، ۽ مڙس جو وس ٿي ڪو نہ ھليو،

هموار ڪري سگهيس! جڏهن سمجهايومانس ته جاءِ سنڀالڻ لاءِ سر جو آهر نه ڪين ڪٽيندس، تڏهن مس ڪري وڃي مڃيائين.

حقيقت ۾ سڄي جاءِ منهنجي سس جي ڪانه هئي؛ لاڳيتو اڌ سندس ڏڪ گهٽ نراڻ جو هو، جنهن ڪري نه منهنجي سس وانگر پٽ ڪونه هو؛ آءٌ ٻرٽيل هئس. هير، جاءِ جو سودو ٿيو؛ ڪل رقم جو ڳچ حصو مليو- ڪجهه نقدي ۽ ڪجهه چيڪ جي صورت ۾. هوشياري ڪري چيڪ وارا ڏهه هزار رپيا پاڻيوارڻ جي ناتيءَ ڪنيا ۽ نقدي رقم سس پاران مونکي ڏيارائين. هن نقد پئسا ان ڪري ڪين ڪنيا جو اهي بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ ڪٽي ويندي ڦرجي وڃڻ ۽ انهن بسبب سرڪاري پڇا ڳاڇا جو ڪافي انديشو هو. مان دل پٽي سس جا پئسا بئنڪ ۾ ٻياري، رسيد وٺي آيس. جلدئي منهنجي سس پنهنجي ڏڪ گهٽ ڏيڍ سان موروثي رواني ٿي ويئي.

پاڪستان سرڪار، جائداد جي وڪري تي ڳچ بندشون وڌيون- جائداد بنا نفعي جي وڪڻڻ، انڪم ٽئڪس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ، وغيره. سس لاءِ ته مان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هوس- منهنجي ماءُ ٻي! منهنجي ڪنوار جي ماءُ ٻي!! ويچو نه هوئي ڪونه. ۾ هوءَ جو اڌ جائداد واريءَ جو ناتي هو، سو نه گهوٽ ٻيءَ ٿي ويهي رهيو، ڇو، "منهنجي سس جا ڪاغذ نه لون

ڏانهس نه ڪرڻ. پاڻ ڏهه هزار چيڪ رستي شروع ۾
ر ڏنائين ۽ جونڪي فقط ٽيايا آٺ هزار روپيا رجسٽرار اڳيان
ليا! انهيءَ حساب سان منهنجا وٽس هزار روپيا نڪرن!
ون ٿي آمين ليءِ نه رقم ڪير ٿو ڦٻائڻ گهري ٿي؟"

هيءَ خبر پڙهي، فريادي پيرو ليءِ ويو، ڇو ته مون
ڄ ڪا نقد رقم ڏياري هئائين سا موڙيءَ ڪسان مٿي
واري رقم هئي، جنهنجي نڪا رسيد نڪا ڪا ٻي
ثابتي. آئي هئي سگهن ڪي، ڪن نه ڪهاڻي ويئي. رقم
وصول ڪرڻ نه پري رهي، مورڳو هزار روپيا ڪاوڙ ٿي
يس. مختيارڪار دهلجي، دنگ رهجي ويو. سس
جي پاڻ کي وچي منٿون ڪيائين. ڏڪ گهٽ سالي جو
وات وٺو، ته مون رقم هڪدم ڪيڏي ڏنيمانس. هڪ
فعو اهين ڏاهو ليٽو ٿيو، ڇو ته سياڻن جو فرمود و
هي: چڪر سان لٽڻ پيو!

جيستوڻيڪ عهدي پٺاندڙ هؤ مختيارڪار هو. مون گهڻوئي سمجهايومانس، پر مڙس مڃي ٿو نه! جوش مان چيائين، ”انهن اَپائي سون ئي اوهانکي ڪيو، اَڌڪار ڪونهي؛ آءٌ اوهان کي ڏسي وٺندس.“ مون وري به کيس ٺڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُلٽو پڻ چيومانس، ”جي هو ويو تون ناراض ٿو ٿين ته اهي اَپائي سڀ لهڻجي مانت وٽ امانت ٿا رکون؛ هن انهن پئسن جي اَڌڪار بابت جيڪو به فيصلو ڏنو، سو مان سوڪار ڪندس.“ پر هؤ ٿو ٻڌي لائن ڏئي ڪٿان ٿو! جيستوڻيڪ مونکي جهڳڙو جهڳڙو اصل پسند ڪين ايندو آهي، پر جڏهن هؤ اِت هٽي بيٺو، تڏهن مون به کيس چوٽ چڙي ڏنو. هن واقف وڪيلن جا در پٽيا، پر دوس ڪنهن ڪونه ڏنس. پوءِ وري هڪ پئي هوشياريءَ کان ڪم ورتائين- نارائڻ وڪيل کي وڃي دانهن ڏنائين ته فلاڻو مونکي رقم هڙپ ڪري ويو آهي!

هڪ ڏينهن نارائڻ- جو هاڻي گجرات ۾ جج آهي- مونکي رستي ۾ گڏجي ويو. سخت ڏوراپو ڏنائين. ڏنم ته هن مونکي سڀ جي نراڻ جي نانيءَ مونکي بدنام ڪرڻ ئي ئي سعدو پڌو هو! انهيءَ لاءِ مان هرگز تيار نه هوس. پر ڪو چارو نه ڏسي ڏاهو ٿيٺو ئي پيو!! مون مورڳو نارائڻ کي ڏوراپو ڏنو، ”پائي، انصاف ٿنهنجا ته ڪين وڃائبا. جيڪي ڪنهن ڪجهه چيئه، سو ڪري ڇڏيو پڌو. حقيقت ۾ پاڻ مونجا پئسا

ڪاليج روانو ٿي ويس ۽ ڪم پورو ڪري منجهند ڌاري
گهر موٽڻ ڪاڻ اچي بس پڪڙيم. بس بونس روڊ وارو
چونڪ لتاڙي فريئر روڊ ورتي جڏهن وڏي ڪورٽ
جي سنموڪ ۾ ٽاپي وٽ اچي بيٺي ته منهنجي نظر
ڪنهن طرف ڇڪجي وئي، جو انهيءَ پاسي دونهين
جون لاٽون ۽ پنيت زمين تان اُسري آسمان سان ڳالهيون
ڪري رهيا هئا. انهيءَ طرف اکال پونگي جو گرد ڦارو
هو ۽ اوڏانهن دونهون اهڙو گهاٽو هو جو ڏينهن اونداهو
ٿي ٿي ڏنو. منهنجو من هن ڀيانڪر نظاري ڏسندي ٿي
پنواڻي ڏاڻي ڀيري ٿي پوڻ ٿي هو، پر ڀاڳ سنڀالي ورتم.
ساري بس ۾ نظر ڦيرايم ته مڙني پاسينجرن ۾ موٽڪي
فقط هڪ هندو ڌرمي ڏسڻ ۾ آيو ۽ هو به مون طرف ٿي
نهاري رهيو هو! ٻيو ته سڀ خير، دل جي دڪ دڪ
زور وٺي وئي. شايد اها ڀيري ٿي وڃي ها جيڪڏهن
حقيقت جي پروڙ پئي ها، پر تصديق ڪجي ڪنهن
کان؟ تنهن ڪري آڌا اُتا خيال ايندا رهيا تان جو ماڳ
اچي پهتس. وڪ وٺي ٻڌو اچي گهر وارد ٿيس،
پر اندر ڪنهن سان ڪين سليم ۽ گهر جو هيٺيون دروازو
پختي ريت بند ڪري ڇڏيم.

ان ڪلاڪن ڪن گذرڻ بعد نڪتس ڇانهه ڀيٽڻ. ڇٽين
لڳي چار ٻار پوسٽ آفيس ۾ گڏ ڇانهه ڀيٽيندا هئاسين-
مان، پوسٽ ماستر، جو پنجابي مسلمان هو ۽ ٻه ٻيا
پاڙيسري. سڙڪ تي سانت لڳي پئي هئي ۽ آءٌ گهر

٢٣. اُهو اوندهو ڏينهن

١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع تي ڀارت جو ورهاڱو ٿي گذريو. لڏ پلاڻ ۽ ڪڍڪو شروع ٿي وئي هئي. پنهنجا پراوا ٿي ويا، جنهنڪري دل الجهه سسڻ لڳي ۽ هتان هتان جي خبرن سبب دل ۾ ڦڙڪا اچڻ لڳا، جي ڪي قدر سک ڦٽائڻ لڳا. تنهن هوندي به دل ڏاڍي ڪري اسين ڪراچيءَ ۾ ٽِڪي ويٺا رهياسين. گهر اکوڙڻ شايد سولو هجي، پر پوءِ ڪٿي هلي اُهو اَڏجي ۽ اُتي ٺاهيڪو ٿي ويهجي، ڪافي ڪٺن ڪم آهي. دل گهٽو ٿي چڪي پيئي ڏٺي ته گانڌي مهراج ۽ نهروءَ جي نزديڪ ٿئي، پر اسان لاءِ اُتي ڪي طعام ٿورو ٿي تيار رکيا هئا، جي هلي ورٺاڻا هئا. تنهن کانسواءِ آسرو اهوئي هو ته حيواني جوش آخر ٺروئي ٿيندو ۽ جنهن ويل اُن جي جاءِ هوش ورتي ته اسان کي ڪوبه لهر لوڏو ڪونه هو. باقي مال ملڪيت نيڪال ڪري نقد ناڻو هٿڪيو رکڻ ضروري هو. ڪنهن ويل به جي حالتون بگڙي وڃن ته "ڏنو پٽ چٽي جو، ذات جو آسودو" ٻانڌڻ پيسو ٿي ڪارگر ٿي سگهي - هُنر ۾ ڪي هريا وُن هوندا يون نه ڪتب اچي سگهندا يون. آئينده لاءِ اهڙي تياري ضرور ڪئيسون.

ٽئين سال شروع ٿيڻ سان اچا ڪارا چٽا ظاهر ٿي پيئا. روزمره موافق ڇهين جنوريءَ تي مان صبوح ساڻ

ڪيئن اچي ويندو آهي. نيٺ سج لهڻ کان ٿورو اڳ
فوجي سپاهي اچي سهڙيا. ڏٺيءَ جا ٽورا ميڙيندي اسان
ساميءَ جو ساهه ڪڍيو. اسانجي لاءِ خبر ڪل ٿيءِ، ٻر ٻوءِ
ڻ لڳا وٺي وئي. نه خبر ناهي ٻين مٽن ماڻهن جو ڪهڙو
حال ٿيو هوندو. ان سان گڏ هئي اِها آنڌ مانڌ نه آخر ٿيو
ڇا ۽ ڪيئن!! پر ڪجهه به هڪدم معلوم ڪرڻ ناممڪن
هو، جو فوجي قاعدو لاڳو ٿي چڪو هو ۽ ماڻهن جي
گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي بندش وڌي وئي هئي.
اهي ڏينهن صبوح جو فقط ٻه ڪلاڪ ٻاهر نڪرڻ جي
موڪلت ملي. ڏڪانن ۾ مارڪيٽ مان ڀاڄي ٻڪو وٺي،
بازار مان واءِ سواءِ لهي، جهٽ اچي گهر ۾ ڦڙا ٿياسين.
ماڻهن کي ٻه چيڪي ٿي آهو سو ٿي ٻوليانون. اهي اڻپڙهانگه
ڳالهيون ٿي ڪيانون جي هوند وسهڻ ۾ ڪين اچن. انڪري
خاص خبر نه لهي ڪين سگهياسين. فقط ايترو سو معلوم
ٿيو ته ماڻهو خاص طور ڪين ماريا ويا هئا، باقي ڦرمار
ڪل نموني نگر-پٽماڻي تي ٿيل هئي. هڪ ڏينهن
ٿوءِ ٻاهر نڪرڻ جو وڌيڪ وقت مليو، جڏهن ڪري
ست سواءِ لهڻ جو چڱو ني وجهه نصيب ٿيو. ويجهو رهندڙ
مٽن ماڻهن مان ٻيو ڀيو نه ڀيو ڪو عزيز خاص طور نه ڪين
ڦريو هو، باقي راميءَ جو گهر سو ضرور ٻهارجي ويو هو.
ڏٺيءَ جا ٻه اسرار ڇنڊا جو ٻيا سٺيا سٺابا گهر اورانگهي،
ڦراياڻين وري وهي منهنجي وڏي ماسات جو گهر!
ويچاريءَ کي عيال هو وڏو ۽ پئسو به ٿورو سارو. هن

ساموهون ميدان لتاڙي، سڙڪ اڪري اچي پوسٽ آفيس ۾ پهتس. هميشه موافق چانهه نوشي ڪئيسين ۽ وارو آيو پٽ شٽ جو. پر اڄ مون موٽڪي پاسيرو ڪري ڇڏيو، "ديوان، منهنجي صلاح آهي ته سيگهه ڪري گهر موٽي وڃ، رهاڻ پڻ ڪنهن ٻئي ڪنداسين." وڃڻ وقت چيائين، "جيڪڏهن در ودت نالي جي ٻلي ليڪل هجيئي يا پاڙي ۾ ٻين ڪن هندن جون ڦرهيون ٽنگيل هجن ته اهي پڻ هڪدم لهرائي ڇڏج ۽ دروازا پڻ پوريءَ ريت ڏئي ڇڏج." مونکي پهرين ته پوسٽ ماسٽر جي هدايتن تي اچرج وٺي ويو، پر جهٽ منهنجي وارو نظارو اکين اڳيان تري آيو ۽ سمجهيم ته اڄ خير ڪونهي؛ ڦهو اجهو ڪڙڪيو ڪي ڪڙڪيو!

گهر پهچڻ سان پوسٽ ماسٽر جي چوڻ موجب پيرائتي ريت اپاءَ اختيار ڪيم. اڃا انهن منجهان وانده وٺي مس ٿيس ته مٿان موت جا پرلاءَ ڪن تي پوڻ لڳا. هن ويل ڪا دشمني ڏيکارڻ ڪاهلي هئي، تنهن ڪري مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ گهر ٻار ميڙي، هڪ هنڌ تي ويهاريسين. ٻارن جو ڌيان ڪنهن ٻئي طرف رکڻ خاطر پڻ پٽن کيوسين. ايتري ۾ چوطرف اوچتو سڏاڻو چانئجي ويو، چپ چپات لڳي وئي، جڻ راڪاس گهمي ويو. اهڙي سانت ٿي وئي جو ڪهڙو به جهيڻو آواز چٽو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. ٻرڪان ڪرڪٽي جا آواز پئي آيا. اهو وقت هو جڏهن آزمود و مليو ته ساهه مٺ ۾

انگريزي لاچار ٿي جي پاڪستان ۾ رهي پيو ته، اهو غلامي اختيار ڪرڻ ڪانسواءِ سنڌ لاءِ ڪو به چارو ئي نه رهي. اهڙي حالت ۾ جي. ايم. سيد جو قول سچو ٿي ٿي سگهيو ته انهن ڏينهن، جن هيلئو ٽي جاوا ٿئي ڪا آهن، انهن ڪان پخالن ڪٽڻ ۽ ڪانئين پوڻ جي ذلت پوري حياتي ڪانئي.

بس! هاڻ سنڌ رهڻ جوڳي ڪين رهي. بيعزتو ٿي حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ کان موت بهتر هو، جو ته مومن نازل ڪرڻ کان ناهري واري. باقي ڀارت ۾ پوشارت ڪري بهنڌي جيون نئين سر جوڙڻ جي آشا هئي. وطن ڇڏڻ مشڪل هو، پر عزت ۾ خلل اهو ممڪن ٿاٽي ڇڏيو. جيڪي نئي ڪرڻ ڏهر پوسين، سو انهيءَ اونداهي ڏينهن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. پنهنجيون ٻاڙون هڪ ڏينهن جي رڻ ٻڌي ڇڏيون.

ڦرمار سبب سنڌس ڪهڙي حالت ٿي هوندي، اهو خيال ڪندي اکين اڳيان آنڌي اچي ويئي. گهڻائي ڪوشش ڪيم ڪيس گڏجڻ جي، پر اهو ممڪن ٿي نه سگهيو، جو پڌم ته ڪيس هڪدم هندستان روانو ڪيو ويو هو. پتو پيم ته جڏهن ڦورو سنڌس گهر چڙهي آيا تڏهن ڪک به نه ڇڏيائونس. هنن بسترا ته گهلي ويس، پر پراڻي چمڙي به ڪين ڇڏيائونس، نظر جي عينڪ به ڪين ڏنائونس!! دادا رامچند کي پڻ ڦريو ويو. ڦرمار ويل پاڻ حقو ويٺي ڇڪيائين. صندل تان اٿاري، پٺو ته سڀ ڪنيائونس، پر پيرن وارا پراڻا پاڏر به نه ڇڏيائونس!! ڦري پيندگو ڪرڻ جي ست سنڌل ٿي ڏني. مار پائون فقط انهن کي ٿي، جي سنڌن سامهون ٿي بيا، جن سان سيٺو ٿي ساهيو! ڦورن کي هڪ ڳالهه لاءِ داد ضرور ڏيو ته سڀ هڪ صف ۾ ايندا رهيا، ۽ جيڪي ڪين سامهون هٿ ٿي چڙهيو، سو کڻي، رمندا ٿي رهيا. مفت جي مال تي هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪير ٿي ڪيائون ته ڪنهن کي قيمتي مال مليو ۽ ڪنهن کي ڪين جهڙو. تنهن کان سواءِ فقط ڦرمار ڪرڻ ۾ سنڌن هڪ ٻيو پر پوچن به سڌ ٿي ليو. ڦري ڪنگال ڪرڻ سان ماڻهو ٻنهي جهانن کان ٿي ويو. ڪنگال هئڻ سبب ڪير به هن جي ويجهو نه ايندو ۽ سنڌس هندستان وڃڻ به مشڪل ٿي پوندو. ڪو جيڪڏهن مفت جي ٽڪيٽ تي اوڏانهن روانو به ڪڻي ليندو ته اتي به سنڌس جيابو ڏکيو ٿي پوندو.

نظارن ۾ ساڳيو اثر نه هو ۽ اڳي وانگر هر شام جو هواخوريءَ لاءِ جبل جي پٺيان ويندا هئاسين. جبل جي ٻاهران جبل جي ڊاڪٽر نهالچند جا ٻار جي راند ڪندا ڏٺا هئاسون- جي هاڻ پنهنجي حق ۾ ڊاڪٽر ٿي چڪا آهن- سي جبل ولان لنگهندي هميشه جيان ياد ايندا هئا. گهٽي پاڳي پيو سڀ ڪجهه پڻ ساڳيو ئي هو- پبلڪ پارڪ ناما رال (ٽرام) ۾ ساڳي، اسٽيشن ۾ ساڳيون، گهوڙي گاڏين ۾ ساڳيون. حڙ علي بهادر گاڏيءَ وارو ۽ سندس پاڻيو علؤ جتي ۾ گڏيا هئا ته ڏاڍي قرب ۽ فضيلت سان ڪيڪاريندا هئا، ۽ اسين ۽ اسان جون زالئون ٻيا هرج ۽ حجاب جي، اي ڏڙڪ سندن گاڏين ۾ چڙهي ڪم ڪار جهت ۾ اڪلائي ايندا هئاسين. جڏهن گهٽي پاڳي سڀ ڪجهه ساڳيو ئي هو ته وطن ڇڏڻ جو ڇڻ سبب ئي ڪين ٿي نظر آيو.

باقي جڏهن ڪي مانت وڃڻ کان اڳ موڪلائڻ ايندا هئا، سي البت دل مايوس ڪندا هئا. پر ڀارت ۾ اسان لاءِ ڪو سيٺو گرهه ٿيو ته ڪين رکيو هو! هر ڪا ڳالهه سوچي ويچاري ڪرڻ ئي سڙنهي. پر وقت گذرڻ سان ڪجهه هراس مڙلوئي من کي ستائڻ لڳو. ڳالهيون ٻڌيون ڪين پونديون هيون- قرمار جون، بدفضيلت جون، وغيره، وغيره. اهو نه سپاويڪ هو. جيڪي پنهنجو اگر لگو وڃائي آيا هئا، تن ۾ ته ولر وروڌ جڻ پڙيو پيو هو نه! پوءِ وجهه ملندي آندر جي جاڻ جڏهن اگرو روپ

٢٤. وطن جا وڻ ڪياسين پار!

آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ جڏهن ديش جو ورهاڱو ٿيو ته اسانکي وطن ڇڏڻ جو ويچار ڪرڻو هو. ٻاهر ڪراچيءَ ۾ ٿوري سمي ۾ ڪيترا ٻاهريان ماڻهو اچي رهيا، پر هوءَ کي خراب ڪين ٿي لڳا. سنڌين مهانڀا سي نوان هئا، مگر منجهن انسانيت جو جزو اسان جهڙوئي ٿي نظر آيو. انهن ته پاڙيسري به ٻيا وقت تي منجهن، پر وقت پئي اهي اڳين کان به وڌيڪ مددگار ثابت ٿين. تنهن ڪري آدم جي بدل سدل سبب کو خاص ڦير ڪين پيو. ها، اسانجا ڪيترا دوست ۽ عزيز نوڪريءَ جي بهاني ڀارت هليا ويا، جنهن ڪري ڪجهه قدر ملولائي ضرور وئي ويئي. پر ان ڪارڻ وطن جا وڻ ڇڏڻ جو ويچار من تي اصل ڪين آيو.

حياتيءَ جو ڪاروان اڳي جيان هلندو هليو ـ دڪاندار ساڳيا، چانهه وارا ايراني ساڳيا، پوسٽ ماستر ساڳيو ۽ پوءِ سڪ ڦٽي ڇو! تنهن ڪانسواءِ عزيز خويش ڪي سڀ ٿورو ئي الڏي ويا هئا. هر وڳ ته اڳي وانگر هر روز گڏ ٿو هو. ڪاليج ۾ پاڙهي گڏجي ٻاهر نڪرندا هئاسين ۽ جيڪي ڪجهه رستي تي ملندو هو، سو چڙ چڙ به ڪندا هئاسين. هوءَ ديو به ته ساڳيوئي هو. هوءَ اڃا به ٿوري گهڻي چوڻ ۽ چڙچي تي ڳاڙهو پيلو ٿيندو هو ۽ اسين اهڙو موقعو اڃا ٿوري ڪڏهن به هٿان مان ڪين وڃائيندا هئاسين.

جي اسان وٽ ڪتابن جا ڍڳا لڳا پيا هئا، سي ڪيڏانهن ويا! مون نه ڪڏهن مسواڙي جاءِ ۾ وڃي لڪايو، پر ڪتابن لاءِ جاءِ هٿ ڪرڻ مشڪل هئي. آخر هڪ حل سجهي آيو ۽ ان مطابق ڪتاب ڪاليج ۾ نيا ويا ۽ ٻي الماري لئبرريءَ جي خالي ڪٻٽن ۾ اهي ڪتاب پاسيرو رکيا ويا.

هڪ لڳا ڪنهن ڪتاب جي گهرج پئي، سو ساڳو پٽيوالي کي چيئي اهو ڪٻٽ پٽائيم جنهن ۾ اسان وارا ڪتاب سنت ٿيا رکيا هئا، ۽ پوءِ ويٺس ڪتاب ڳولڻ. مون اچا گهڻا ڪتاب ورتي ڳوليو نه ڪڏهن نو-ودياڙيءَ مونکي ڏاڍي ورتو. هن مونکي ڪجهه ڪين چيو، مون کان پڇيائين ته ڪين نه آخر مان ڇا ۾ رڌل هوس. اٽڪ ٿيٽ ڪري هو هليو ويو ۽ ٿورن ٿي منٽن ۾ پروفيسر ٽي. ايم. آڏواڻيءَ کي، جو ٿوري وقت لاءِ پرنسپال مقرر ڪيو ويو هو، واردات ٻڌي وٺي آيو. ٽي. ايم. نه مونکي نڌڻي هوندي کان سڃاڻندو هو- سندس بنگلو اسانجي بنگلي پٺيان، سڌ پٽ ٿي ٿي نه هو. تڏهن ڪانسواءِ هو مونجي چاچي جو دوست هو. ٻئي ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهيا هئا ۽ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت اڌ ٿي ٿي پروفيسر ٿيا هئا. ٽي. ايم. ڏاڍي پاٻوهه مان مون کان پڇيو، "ڇا ويٺو ڪرين؟" مون ٻڌايومانس ته هي اسان جا خانگي ڪتاب هئا جن مان ڪو خاص گهڻا ڪتاب ڳولهي رهيو هوس. ٽي. ايم. کي نه اعتبار آيو، پر هن

وڃندي ھُئي نہ نتيجي طور ڪجھہ. اتفاق يا حادثو پڻ پيو ايندو ھو.

اِئين وقت وھامندو رھيو. پر جيئن ئي سياري جا سيءَ شروع ٿيا تيئن نوان پڙاون پوڻ لڳا. ڪڏھن مھل نہ مھڻ مڃي پوي. ان ويل سر شايد پلئہ پوي، باقي گھر جاءِ تان ھٿ ڪڻڻو ئي پوندو، اھڙا آرڪان ڏينھون پوءِ صاف نظر اچڻ لڳا. تنھن ڪري گھر وارو بنگلو نيڪال ڪري نقد ناڻو ھٿ ڪرڻ عقل جو ڪم ڀاسڻ لڳو. ڪڏھن نہ حالت ۾ جي پڇڻو پوي، نہ پئسي کانسواءِ نہ ڪير ڪڏھن ڪي پڇڻ وارو ڪين ھو! تنھنڪري جن دلالن کي آسان ھيلڻوٽي ڪنھن ڏوڻ سان ناڪار ڪري نراس پئي ڪيو ھو تن جي راھہ تڪڻ لڳاسين. اسانجو بنگلو ھئو ڪشادو، ۽ وڏيڪ آڏاوت لاءِ اڃا پٽ پيو ھئو، سو جھجھن گراھڪن جي دل ھرکي ھئي، پر اسانکي جو لڏو پوڻ جو ويچار نہ ڪو نہ ھو، تنھن ڪري دلالن کي موٽائڻو ئي پيو ھئو. تنھن وچ ۾ وڏا گراھڪ وڏا بنگلا ۽ جايون خريد ڪري ٽانگيڪا ٿي ويٺا ھئا ۽ جيسيتوڻي اسان بنگلي نيڪال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تيستوڻي سٺيا گراھڪ گھٽا ڏھڪجي ويا. ان ڪري ھاڻي دلال اسانکي منھن ئي ڪين ڏيڻ لڳا! خير نيٺ گراھڪ ھٿ آيو ۽ ان سان چڻ ٿڦلن مٺ، ڪوشش ڪھرن ٿي سودو طيءِ ڪيو ويو.

پيو نہ سب نيڪ ٿيو، باقي سوال اچي اٿيو نہ ھيءَ

٢٥. احسان ڪيئن وڃائبا

آب مان ۽ ايمان کانسواءِ زندگي بي-سُود ۽ بي-معنيٰ آهي. جڏهن پنهنجي ڏيهه ۾ ئي پراوا بڻجي پياسين ته اُتي هڪ گهڙي گهارڻ به مشڪل ٿي پيئي. اُن ڪارڻ ئي ته وطن جا وڻ ڪياسين پار. پر پارس جي پنڌ-پوهيءَ ۾ مٺي مرحبا به ڪين ٿي اُڪلي. پنهنجي سرجوشيءَ کانسواءِ پيو حيلو ڪونه هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ ڪري خنده جا نشان پڻ بڻياسين. مثال طور پهرئين چؤماسي جي نزديڪ اَچڻ تي برسات کي منهن ڏيڻ خاطر هرڪنهن همت ڪي پنهنجي بڌي ۾ چٽي، ڪوٽ ۽ رٻڙ جو بُوٽ ضرور خريد ڪيو. جسم جي بچاءَ جو اهو پربند ڪيوسين ته مڪاني ماڻهوءَ اسان تي مسخريون ڪرڻ لڳا - "ڏسو، وَچڙو ٿا لوواسي!!" اهو بدي اُٺر پنيان وراڻي پوندي هئي ۽ پاڻ کان سوال پڇڻو پوندو هو - پنهنجو ڪير ۽ پراڻو ڪير؟ انهيءَ نسبت ۾ نيوُ ٽائون پوسٽ آفيس جو نظارو هڪدم دل تي تري ايندو هو.

انهيءَ ڏينهن مان ڪاليج مان اَلبت چرڪو واپس موٽي رهيو هوس ته بس ۾ ياد آيو ته اَميءَ ڪنهن شيءِ آڻڻ جو تاڪيد ڪري ڇڏيو هوم. ڳالهه ته دل تان صفا لهي وئي هيم. پر جڏهن ياد آيم ته بس مان لهي گهر طرف وڃڻ بدران گانڌي بازار ڏي رخ رکيم. منجهند

شاهينگ شاگرد کي خاطري نه ٿي. انهيءَ تي ٽي. ايم. ڪتابن جي هر هڪ ڀڃيءَ مان ڪو ڪتاب ڪڍي کولي ڏنو. مٿي ۾ اسانجي مالڪيءَ جا ثبوت آئيندي جيان چٽا پئي ڏنا. ڏينهن هوندي به هو چوڪر به به همت مٿي پيو اڏامي ته هيءَ پاڪستان جي ملڪيت هڙپ ٿي رهي هئي. شاگرد جي هيءَ روش ڏسي، منهنجي دل ڪڇي وئي! اهو وطن ٿي گهوريو جتي اسين پاڻ پنهنجا ۽ اسانجي ملڪيت پرائي!!

مان جو گهر موٽيس ته منهنجا پير ڳري پيا. سامي نهالسنگهه کي ڇٽي جهاز جون ٽڪيٽون وٺيم ۽ جهٽ وطن جا وڻ ڪياسون پار! جتي انسانيت ئي نه رهي، اُتي رهي ڇا ڪبو. جيئن ئي انگلستاني جهاز منهوڙو لنگهي، اونهي ۾ اوهڙيو، ته مان پنهنجي فرسٽ ڪلاس جي ڪوٺڙي گديلي تي ڏانئيڪو ٿي ويٺس روزاني "ڊان" اخبار پڙهيا. اخبار کوليندي منهنجي نظر هڪدم وڃي اکرن تي پيئي- "پاڪستان کي ڌاڙو، ڪاليج جا ڪتاب غائب.." سرو پڙهندي ئي اڇانڪ منهن کان نڪري ويو: "هاڻ جيڪا ڪاهڻي اٿو، سا ڀل ڪاهيو!"

ڏئي ۽ ڪجهه دير ترسڻ لاءِ چئي، مان پوسٽ آفيس ۾ گهڙي ويس. پوسٽ ماستر واقف هو، سو وڌو ڏوراپو ڏيومانس – واهه پوسٽ ماستر واهه! اڳيون پوسٽ ماستر بدري ناٿ منهنجي هيڏي پارت ڪري ويو، اٿهيءَ جو اُجورو اِهو ته ڏيو جو هوءَ منهنجي ڳوٺاڻ پيرسن اُس ۾ بيٺي، سڙي، ۽ اُن جو ڪو تدارڪ ڪين ٿا ڪريو! پوسٽ ماستر ڳالهه ٻڌي مرڪي ڏنو. چي، ”دوستيءَ ۾ ٻڌائڻ ٿا گهرو؟ اوهين ته پنسا وٺي روانا ٿي ويندا، پٺيان پنسا غلط ماڻهن کي ڏيڻ جي تهمت هيٺ جيڪا اسان تي پوي ايندي تنهن ۾ ڪير اسان جو ڀاڱي ڀائي ٿيندو؟ هن پيرسن عورت جي صحي صفا ڪين ٿي ملي. مٿان جو صحي ڪري ٿي گرمڪيءَ ۾ ته اسانکي تيهائين وٽ يڪ جهوڙي ونيو وڃي. هاڻ جيڪا اوهانجي صلاح.“ پهرين ته مان پڻ منجهي پيهي رهيس، پر جهٽ ڪيس ريجهائڻ جي رمز سجهي آيم. چيومانس، ”پاڻ تي نالو رکايو اٿو محمد احسان ۽ احسان ڪرڻ کان ڦرڻ ٿا وڃو. هيءَ ويل اٿو خير-ڪٺڻ جي، ڦري اهڙو وجهه مشڪل ملندو.“ کلي ڏنائين. ”چڱو ڀائي، جيڪا تنهنجي مرضي. تون مائيءَ جي صحيءَ جي تصديق ڪر ته اُن جي آڌار تي مان ڪيس هينئر ئي ٿو پنسا ڏيان“- ائين چوندي هوُ پنهنجي ڪرسي ڇڏي ٽاڪ ڏرتيءَ جو ٻاهر آيو ۽ مائيءَ کي پنسن ڪيائڻ جو ٿون فارم هٿ ۾ ڏيندي، چيائينس،

جي مهل هئي. نظر اُس ڪارڊ تي آئي- ڪانءَ جي
جنسي اک تي نڪتي. پوسٽ آفيس وٽان جو لنگهيس
ته اُتي ڀيڙ لڳي پئي هئي- ماڻهو ايترا ته هئا جو اَندر
سمائجي نٿي سگهيا ۽ ڪيترائي ٻاهر اُس ۾ اُسڙڪي
رهيا هئا. اُنهن ٻاهر بيٺل ماڻهن مان هڪ پيرسن عورت
جو مهانڊو اَلبت ڏٺل پئي لڳو. چتائي نهارڻ سان
ڪيس سڃاڻڻ ۾ دير ڪين لڳي- هوءَ ڪاڪي سڪرامداس
جي گهر واري نئي ته هئي. ڪاڪو سڪرامداس ته
ڪڏهوڪو سرڳڌام راهي ٿي ويو هو. سندس گهرڻ ڀاڻي
پڻ اَڄ عاجز پئي لڳي- اُس ۾ جنسي پاڻ پئي ٿي.
ڏاڍو ڏک ٿيم ته هن پيرسن اوستا ۾ هوءَ هيئن پنڌڪي
رهي هئي. سو اَڳيان وڌي ويو سانس ۽ پاپوهه مان
پڇيومانس، ”اَمي، اَوهين ڇو هن مهل هتي بيٺا
آهيو؟“ بس پوءِ ته هوءَ اَڇي پلٽي: ”لانگ تي پيو پيم
جو پوسٽ آفيس ۾ پئسا رکايم. مهينو ڏينهن جو ساندهه
هر روز ايندي ٿيو اَٿم، پر جي ڪڏي پئسا پلهه پوَم.“ ’سو
ڇو؟‘ مون پڇيومانس. ”مارين ڪي صحي صحيح نٿي لڳي.
مان ٻه صحيءَ ۾ سڌارو ڪندي اَچان، پر اَچا سوڏو
ڪاٻه صحي ڪانه تي لڳي. اَلائجي پئسا نصيب ٿيندا،
ڪي متا ڪانئي ويندا؟“ اَمڙ جي ڳالهه ٻڌي پوسٽ
آفيس ۾ پيهه جو ڪارڊ جهٽ سمجهي ويس- وڌي
پوسٽ مان پئسا ايندا ئي مجهند ڏاري هئا ۽ هرڪو
پئسن ڪڍائڻ جي فڪر ۾ هو. مون مائيءَ کي دلداري

ويا ٽالهجو ڏيهس جو ورهاڱو ٿيو. ڏينهون ٻوءِ جو حالتون
وڃيون بدلبيون، ته ليٽ پٽسن ڪڍائڻ جي ٻه نوبت
اَچي سهڙي. ٻر پٽسا وڏي پوسٽ مان ڪڍائي حفاظت
سان گهر ڪٽي اَچڻ نهايت ڪٺن ڪم هو. ٽيوُن ٽائون
ٿيو شهر جي ٻرنين چيڙي تي، وڏي پوسٽ رهي ميل
ٻري، ۽ وچ واري ابراضي پٺاهڪيون سان ستي پيٺي
هئي. انهن جي ٽاڪائو نظرن کان موريءَ ٻچائي ليٺي
اَچڻ جانبازيءَ جو ڪم هو. دماغ ڊوڙائڻ بعد وات
سجهي آئي. ٽيوُ ٽائون پوسٽ ماستر کي وڃي واس
وڌم ته منهنجي رقم مولکي ستي پوسٽ مان ٽيوُ ٽائون
پوسٽ ۾ گهرائي ڏي. ساڻس جا ٻاراٽي هئي، سو
هڪدم 'ها' ڪيائين ۽ درخواست هڪدم ڏياري
موڪليائين.

پر درخواست جي جواب ۾ لڪو قوت لڪو ٻوڏ!
انهيءَ تي پوسٽ ماستر مولکي صلاح ڏني ته ڪاليج
مان موٽڻ مهل مان وڏي پوسٽ ۾ واسطيدار ڪلارڪ
سان وڃي ملان ۽ ڪيس ڪجهه "ها، ها" ڪريان ته
ڪم جو اُڪلاءُ جلد ٿي ويندو. مان پلا ٻچارو، سو
صلاح کي عمل ۾ آڻڻ آتڙيم نه پيو. وقت وہو ٿي فضول
وهامندو، سو آخر هڪ ڏينهن دل ٻڌي لنگهي ويس
ستي پوسٽ ۾. واسطيدار ڪلارڪ هڪ هندوُ ئي هو.
ڏوم-پائي ڏسي آلدو ۾ ساهه پيم. پڇيومانس ته درخواست

”ٽڪيءَ کي حاضر ناظر ڄاڻي، صحي ڪر، ته جهت رقم ڏيان ٿو.“ مائيءَ جا پنج هزار ڪن پاس بوڪ ۾ هئا. ڏاڍو زور ڪيو مانس ته سڄي رقم ڪڍائي وٺ، نه ته هٿ هيٺ ڪندين؛ مگر مائيءَ نه مڃيو. چي، ”ٻه هزار ڪافي ٿيندا. ٻئن کي ڪتان سٽس پنجي ويئي ته ڪوڙي ڪين ڇڏيندم. ٻن هزارن ۾ بمبئيءَ تائين وڃي هلندا. باقي پيسا اتي هلي وٺندس.“ ”تنهنجي صحي هتي ئي ڪاڻ ٿي ملي ته اتي وري ڪهڙي هلندي!“ ”ڪوشش ڪندس، پوءِ به ڪنهن نصيب.“ پوسٽ ماسٽر واه جو پال پلايو. انهيءَ ويل پيسا پيرسن عورت کي ڪڍي ڏنائين، جي هوءَ چشمن ۾ رکي، ڪيس دعائون ۽ آسيسون ڪندي گهر رواني ٿي ويئي.

ٻه ڏهن مونکي پوسٽ مان پيسا ڪيائڻا هئا ته جن کي پنهنجو سڏيو هو، سي ئي اڄ ٻٽڻي بيٺا ۽ بيک ڪڍي وڌائون. ڏاڍو صاحب جو نوڪريءَ سانگي سيوهڻ ڇڏي، گهر ٻار سوڌو اچي ڪراچيءَ رهيو هو، ته پنهنجي موچاري موري محفوظ رکڻ ڪاڻ هن ڪراچيءَ جي وڏي پوسٽ ۾ کٽي کاتو کوليو هو. ائين انهن کي ٻيو نه ته اڌ صدي سالن جي ته ٿي هئي. وقت پوندي گهر جي جاءِ ڪاري در ڪان گاڏي ڪاٽي ۽ آخر نيو ٽائون جي ڪليل ايراضيءَ ۾ ڇولا وجي جبهه ڪيو، ته ٻه پيسا ساڳي پوسٽ آفيس ۾ رهيا ۽ وٺندا ويجهندا

جو ڇيو هوماڻو. اوهان جا ڪاغذ موڪلي ڏنا اٿم.
هاڻي ليوُ ٽائون پوسٽ ماسٽر ڪان پڇا ڪريو." ليوُ ٽائون
واري موڪلي ڇٽي ڇڏيو هو ته جهن ڏينهن وڏي
پوسٽ وارو ڪلارڪ ڇوي ته مون ڪاغذ نيڪال ڪري
موڪليا آهن ته اوهين سڌا مون وٽ اچجو ته مان
اوهانکي هڪدم پيسا ڏيندس. سو مان ڪلارڪ جي
مڪاروائد مان دل گهريا وچن سٽڻي، سڌو بس ۾ چڙهي
ليوُ ٽائون پوسٽ آفيس ۾ اچي سهڙيس. پوسٽ ماسٽر
موکي ڏسي مشڪيو، ۽ وهڻ لاءِ سندس سامهون پيل
ڪرسيءَ طرف اشارو ڪيو. وٺس مس ته ڇوڙ لڳو،
"موکي ٺڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو ڪيئن؟"
مون سندس مطلب ڪين سمجهيو. اڻوجهائيءَ مان
پڇيومانس، "سو وري ڪيئن؟" ته ورنديءَ ۾ چيائين
"هاڻي شايد جعلسازيءَ تي سندرو ٻڌو ٿو ڏسجيو!"
منهنجا ته ماشائي ٽٽي ويا. آخر هو ڇا! ڪجهه رولو
هو ضرور، پر اهڙي ڪا نازڪ ڳالهه ڪانه ٿي ڏٺي،
جو ته پوسٽ ماسٽر مرڪي رهيو هو!! الڪري ڪجهه
ڏيو آهم، پر اندر جي آنڌ مانڌ صفا ڪين لٿي. سو
حقيقت جاڻڻ لاءِ ڪي قدر اتاولو ٿيندي پوسٽ ماسٽر
کي چيم، "اج پرولين ڇو پيا ٻوليو؟ سڌي ڳالهه ڇو
ڪين ٿا ڪريو؟" گنڀير ٿيندي هڪدم ڦهڪائي ڏنائين،
"سچ سٽڻ لاءِ تيار آهيو؟" هاڻي مس دماغ ۾ ونئم
ته هن هندوُ ياڻيءَ ٽي ڏاڻيون پاڻيون تي ڏنيون! البت

جي نيڪال ۾ ايڏي اينگهه ڇو ٿي رهي آهي ۽ روڪ ٽوڪ ڇو ٿي ڏنائين، ”مان ٻه هڪ ڄڻوئي ۽ آهيان. اُتاهه ڪم لڳو پيو آهي ۽ اڄا ٻه وڃي ٽو سٽ ٿيندو. جوکم ۽ جوابداريءَ جو ڪم آهي. ڪنهن کي پڇي، ڪنهن کي پڇان!“ پر رعب سان جو انگريزيءَ ۾ لس ڳالهائي ويوسانس ته ڪم ڪرڻ کان صفا لاٻري سا ڪاله وار ڀائين، پر زيارتون ڪرائي، حيران ڪري ڇڏيائين. لال جي پر جو آهيان، پر قلندر لال شهباز سوال اُڳهائڻ ۾ ايڏي ويرم ڪڏهن ڪين ورتي جيڏي هن هندوُ منشيءَ هوڏ ٻڌي هئي. ٽئين پيو جي روز زيارت ڪندي ٻه ڪم نه اُڪليو. ڏٺيءَ جي لالي مان جڏهن نه وريو، تڏهن تاب ۽ داب کان ٿي ڪم ونڃو پيو. هڪ ڏينهن خفي ٿي چيومانس ته منهنجي درخواست اڄ لڳو نيڪال ڪرين نه، آءٌ تنهنجي بالا عملدار کي ٽو وڃي ڏسان، پوءِ جيڪي ٿي گذري، تنهن لاءِ مونتي ميار نه رکج، مونکي ڏوهه نه ڏج. اِهو ڪرسنان السپيڪٽر منهنجو واقف آهي. هاڻ مس ڪري سندس دماغ جي پردي اندر لرزش چالو ٿي ۽ يقين ڏيارايئنم، ”اڄ ٿي ٽو اوهانجي درخواست نيڪال ڪريان.“

ٻڪ ڪرڻ لاءِ ٻئي ڏينهن پڻ کهي ويوسانس. هڪدم منهن مٿي ڪندي مرڪندي چيائينم، ”ڪاله

٢٦. نوڪريءَ جي تلاش ۾

بمبئيءَ ۾ خيرن سان پهتاسين. مهنو ماس ملٽري ڪئمپ ۾ ٽاٽي جون هوائون کاڌيوسين، پر آميءَ کي بمبئي پسند ڪين پيئي، ڇو ته ڪان پولي (هاٽوڪي پٽي) ۾ انجنيري پڙهندو هو. سو مهانگي موٽر-گراج ۾ بي هڪ اڌ ڪوٺي ۾ بيون گهر جي ڏانو جون سهولتون هٿ ڪري، پولي ۾ وڃي ٽالٽيڪا تي ويناسين. پوءِ اڇي آجيوڪا جي آتروپلا وراپو. آسان لاءِ نوڪريون سيڙيون نه ڪين رکيون هيون. ورڻي جو زوربار هلائڻ جو به حيلو جو گهٽ هو، سو هڻ پڄاڙ ۾ ٻڪ ٻوڙ جوني آسرو وڃي بچيو. توڪل جو ترهو پڌي لڪتس نوڪريءَ جي تلاش ۾. پارن ڪي مؤرويءَ ۾ ٽاناٽي ڇڏي، مان دهليءَ اڪري ويس. اُتي رهڻ ڪرڻ جي ته ترماتو به تڪليف ڪان ٿي، ڇو جو دهليءَ ۾ ته ممت مائٽ ايڏا نه وڃي گڏ ٿيا هئا جو رڳو هڪ به ڏينهن هرهڪ وٽ رهندي به مهنا اڪري وڃن ها. پر منهنجي ڏانو جي نوڪري ڪا لکمٽي رلي ڪين پٺي، جنهن تي فقط منهنجي هٿ رکڻ جي دير هئي. پروفيسريءَ جي پد ماٽڻ ڪان پوءِ ڪنهن رواجي نوڪريءَ ۾ نه منهنجي اَک پڌڻ واري ڪان هئي؛ تنهن ڪري لائق مرتبي لاءِ مڙيوئي اوسيڙو ڪيٽو پيو.

پر خاص گهڻو عرصو انتظار ڪرڻ جي غرض ڪان

گهبرائجي ويس. پر پوسٽ ماستر وري بہ مرڪندي چيو، "وڏي پوسٽ واري ڪلارڪ لکيو آهي، 'صحيون ڪين ٿيون ملن، پڪي سياٽپ لئي پئسا ڏيڻي سگهو ٿا.'" مان تہ دهلجي ويس. هڪ جي صحيءَ ۾ ڪو ڦير هجي تہ ٿي سگهي ٿو، هٿ تہ ڪوريءَ ڪي ئي گهمرو هو! پنجن ئي جون صحيون ڦريل!! هيءَ تہ ڏني واڻني لڳائي هئي، سا بہ ڏرم ياڻيءَ جي! منهنجي منهن جو پنو لهندو ڏسي پوسٽ ماستر ٺهڪ ڏنو. انهيءَ لئي ڏوراپي طور چيومانس، "مروان موت، ملوڪان شڪار!" چو تہ پڪ هيم تہ هن ڪمهل ڪير پنجاهہ هزار رپيا پنهنجي سياٽپ ۽ جوابداريءَ تي ڪيڻي ڏيندو!! پر مان پليل ثابت ٿيس. جنهن ئي وڏي پوسٽ مان پئسن جي ٿيلهي آئي تہ پوسٽ ماستر پهرين پنجاهہ هزار موڪلي ڪيڻي ڏنا ۽ باقي رقم صف ۾ بيٺلن کي حصي-رسيءَ پٽالڊڙ ڦاندڻي ڪري ڏني. هيءُ احسان ڪيئن وسرندو!!

شڪرانا ٻه مڃيا، پر سملي وڃي ڪيرا! آئي نه ڪو ٻئي
شر واقف نه هوم ٿي ڪوه! مان ٻه جو هوس شرم-حضور،
سو ٻنا سپاٽپ جي ڪنهن سان ڳالهائڻ اڪيم ڇو ٿو!!
فقط سملي جي هوا ڪائي اُچڻ جو نه سمونئي ڪوه هو.
سو اُچي اُلجهڻ ۾ پيس نه هاٽي ڇا ڪريان! پيو ڪو
چاڙهو نه ڏسي، لڄ لاهڻ جو اُجا ويچار ڪيم نه پوئي
مان خط اُچي سهڙيو: ”پروفيسر ٽي. ايم. آڏواڻي
ممبئيءَ ۾ ڪاليج ٿو کولي. الهاس ويا ڳي ۾ هوُ نوڪي
رکڻ لاءِ تيار آهي. نوڪي جي پيو ٻهتو آسرو هجي نه واهه،
نه نه فورن هليو اُچ. نوڪري تو لاءِ تيار رکي آهي.“
ٽنڊيو الهيءَ کي ڇٻو آهي. مان سملي جو آسرو پلي،
ممبئيءَ جي ٽڪيٽ وٺي هليو آيس، جتن ويهين جون
تي نوڪريءَ تي چڙهي سگهان.

١٩ جون پوئي ٥٠ان گاڏيءَ ۾ سوار ٿيس. فرسٽ
ڪلاس ۾ ڏاڍيڪو ٿي مس وينس نه سامهون پنهنجي
پرنسپال کي پاڻ طرف ايندو ڏٺم. منهنجي لڳ ٻئي
جايون خالي هيون، سو مان بااَدب اُٿي بيٺس ۽ کيس
پنهنجي پاسي ۾ وهڻ لاءِ آڇ ڪيم. هوُ ٻه ڪو ڳولا ۾ هو
نه اُهڙو ماڻهوُ ملي ويم، جنهن سان هولڊ 'اَلدر جا
اَڏما' اوريان. سو سامان سنڀالائي رکائي، هوُ اُچي
منهنجي پر ۾ ويٺو. گاڏي چڙي نه هڪ ٻئي کان حال
اَحوال ڏيڻ وٺڻ شروع ڪيوسين. ڪاليج جي ڏينهن

تي. فوجي ڪاٽي وارن کي پارتي فوجي اتهاس لکڻ
ڪاڻ کي ودوان گهربل هئا. انهيءَ نسبت اخبار ۾
اشتهار پڙهي خوش ٿيس ۽ بنا ويرم وڃائڻ جي درخواست
وڌم. انهيءَ نوڪريءَ ملڻ جو آسرو پڻ چڱو ٿي نظر
آيو، جو انهن جاين پرڻ لاءِ ڪن ماڻهن سان ڪجهه
ڏيت ويٺ هيم. سنڌيءَ واري ڪين چيو آهي،
”بيڪار کان بيگر ڀلي.“ بنا ڪرت ڪار جي پير ٿي
جڻ ٿپي پيا هئم. سو جڏن ٿي سمجهيم ته درخواستون
نپوڙجي واسطيدار عملدارن وٽ پهچي چڪيون هونديون،
تڏن ٿيڻ لنگهي ويس واقفڪار عملدار وٽ. هن جي
روش ۽ همدرديءَ مان پرکي ورتم ته نوڪري ملي ڪي
ملي. گهڻئي وڃائي، هن پنهنجي سپرنٽنڊنٽ کي پاڻ
وٽ سڏارايو. پر هن ته پٽ ۾ ڪير وارو قصو ڪري
وڌو. چي، فوجي ڪاٽي وارن اڃا ڪو پڪو فيصلو
ڪونه ڪيو آهي ته اهي جايون هڪدم ڀريون وڃن،
يا ڪجهه عرصو ترسي! عجب ڪائڻ لڳس ته پوءِ فضول
اشتهار وجهائي، ڇو خواهه مخواهه ماڻهن جو من ٽپايو
ويو هو!! سپرنٽنڊنٽ کي ته صاحب جهت واپس روانو
ڪيو، پر هن موکي صلاح ڏني، ”تون جي سملي
چڙهي ويندين ته ماڻهو سر مٿان آيل ڏسي، هوءَ منهن
موڙي نه سگهندا. ڪم ائين ته به راس ٿي ويندو.“
صاحب صلاح ته نيڪ ڏني، جنهن لاءِ مون سندس

ڏيو. شاگرد هڪ دفعو سو اسانکي ڳالهائيندو ڏسن ۽ ٻڌن سهين، پوءِ ڏسجو ته ڪيئن نه داخلا لاءِ ڪٺڪ ڪاهي ٿا اچن ۽ ڪاليج ڪيتري ۾ ٿو پرجي وڃي.“

”مونکي ته، اهڙا آرڪان نظر ٿا اچن. هتي جا ماڻهو اسانکي هڪ بوجو ڪري ٿا سمجهن. اسين پنهنجي پيرن تي بيهڻ ٿا چاهيون، پر هو اسانکان ڏهندا وتن.“

”سائين، اهو سندن اجايو ويچار آهي ته اسين سندن واسطي مان لڳمو لمائي ويندا سين. صبر ۽ سنتوش سان سڀ سٺائي ٿي پوندي.“

”اها ته ٿي فيسلوفي. ڪاليج سياڻي ڪلندا. جن کي ڪاليج پڙهڻو هوندو، تن هيلتوڻي داخلا وٺي ڇڏي هوندي. هن ڪان پوءِ ڪهڙا شاگرد پيدا ٿيندا، جي اسانجي ڪاليج ۾ اچي داخلا وٺندا!“

”سائين، معاف ڪجو. هيءَ آهي مهني جي پڇاڙي. ڪيترا اهڙا شاگرد پڻ هوندا جي پهرين تاريخ ۾ اکيون وجهيو ويٺا هوندا. اهيءَ وچ ۾ ڏهه ڏينهن هو وتندا ڪاليج پيٽيندا. جنهن ويل هنن اسانجا ڦٽا ڦت ليڪچر ٻڌا، تنهن مهل ٻين ڪاليجن ڏي هو اک کڻي نهارين ڇو ٿا! اسانجا پروفيسر ليڪچر جا پنجيتاليهه منٽ ئي ڳالهائڻ تي هريل آهن؛ هو ليڪچر پورو ڪرڻ ۾ پنج منٽ وڌيڪ ئي لڳائيندا. تنهن ڪانسواءِ اسانکي جي هتي منزل ڪوڙي آهي ته اسانجن پروفيسرن کي

۾ مان ونس انگريزي پڙهيو هوس. سندس پاڙهڻ جي فن ۽ فلڪ مون تي گهرو اثر ڪيو هو. پوءِ جڏهن پروفيسر ٻڌيس تڏهن هن منهنجو عمدو آءُ ڀاءُ ڪيو- ”تون هاڻي ٿئين اسانجو نئيو همڪار. شاگرد اُستاد جو اُستاد بڻجي، اِها اُستاد لاءِ خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه چئبي.“ اٺ سال جڻ ڪنوڻ ڪڙڪي ويئي؛ ٽپڙ سوئي، اچي بمبئيءَ وارد ٿياسين. هاڻ هو صاحب منهنجو پرنسيپال ۽ اَن-داتا بڻيو. اِها ڳالهه سندس دل وٽان هئي. هو الهيءَ جو ٿي خواهان هو ته ٻيا ڪيس پنهنجو پرورش- ڪندڙ ڪري ليکين. هن کي پڻ بمبئيءَ ۾ ڪا جاءِ ڪانه ملي هئي، سو اسان جيان گهر ٻار پوئي ۾ ٿي ٽانئيڪو ڪيو هئائين. موکي اِها خبر اڳي ڪانه هئي. خير.

ڳالهين ڪندي ٿئين ڪاليج جو ذڪر نڪتو. هو هڪدم گنڀير ٿي ويو. زبان مان اکر جڻ اُکلڻس ته پيا- حقيقت پڌائڻ کان جڻ هٻڪيو پئي. مان ڳالهه سمجهي ويس. چيومانس، ”سائين، بمبئي وارن لاءِ آسين ته نوان، اَسانجو ڪاليج پڻ نئون. سپاويڪ داخلائون ڏيڻ سان ۽ ساهي ساهي ٿينديون.“ منهنجي همدرداڻي نوع ڪيس گهربل ڌير ڏنو، جنهن ڪري ڪجهه ڇليو، ”اَڇا ته اَڍائي سؤ شاگرد ته داخل ڪين ٿيا آهن، اِلڪري اُلڪو ٿي پيئو اٿم. ڏسجي.“

”سائين سڀ چڱي ڪندو. ڪاليج سپاڻي ڪلڻ

٢٧. چناپنڊي

فلم جڳت جو نامي‌ور ستارو سنيل دت مون وٽ ٿي پڙهي ويو آهي. بي. اي. ۾ هن خاص اڀياس لاءِ اتهاس ئي چونڊيو هو. اُن سال اَسان وٽ اتهاس اسپيشل ۾ شاگردن جو عدد هونئن کان سرس هو. هن جو نه فقط اتهاس جي اڀياس ۾ اُتساهه هو، پر هوءَ ڏسڻ ڪرڻ ۾ پڻ اڳين سالن جي شاگردن کان وڌيڪ وڻندڙ هئا. سنيل دت سچ پچ نه بلراج دت هو- ب گهڙو، ڪڙيل منهن ۽ کليل رنگ وارو. هوءَ ساڌارڻ شاگرد هو. هونئن وري رکي وڌيو هئي، هر ڳالهه ۾ موچاري - اکه ۾، پنسي ۾، ويس وڳي ۾، رنگ روش ۾؛ وڏي ڳالهه نه پڙهڻ ڳڙهڻ ۾ پڻ سيني کان اڳري - هرڪو پيو ڏانهنس نهاريندو هو. پيا به ڪيترا وڻندڙ وديارٿي هئا- سروج، ڪيول، ڪندا، راج، سندر، ڪان، ڪندن، راجوءَ، وغيره، وغيره.

وقت گذرندي ويرم ڪانه ٿي لڳي. سال اُنين لنبري ويو جو لک ئي ڪانه پيئي. پرلمنري امتحان پڻ ٿي ويو. ودياريتين کي مارڪون مليون. مان جڏهن پروفيسرن جي ڪمري مان ٿي لنگهيس تڏهن منهن ۾ نهه نهه ڪندڙ ليڪچرن جو جهڳٽ گڏيم. سڀ اتهاس اسپيشل جون ڇوڪريون هيون. پڇيومان، 'آخر لڏو چا اَتؤ جو ايڏو خوش پيئون نظر اَچو؟' جواب مليو: "پرلم

جانفشاني ڪري پوندي. هتي جي پروفيسرن کان گهڻو نه ڪٽن نه ڇنڊو. هو جنسي جل ڦٽاڪا لڳا پيا آهن، پوءِ به اسان لاءِ ڏياري نه ٿيندي!"

صاحب جي منهن ۾ پاڻي اچي ويو. سندس ڇوري تي مرڪ ڇانئجي وئي. چيائين، "تنهنجي وات ۾ گلاب. تون نه چئين ٿو ته، اسانجي ڪاليج ۾ پهرئين ٽرم ۾ ٽي هزار کان مٿي شاگرد داخل ٿي ويندا، مان چوان ٿو ته جي فقط پنج سؤ ٿي داخل ٿيا ته اوهانکي مهانگائي الاونس پڻ ڏيندس."

ايتري ۾ ٻمبئي اچي وئي ۽ اسان هڪ ٻئي کان موڪلائي، پنهنجي پنهنجي ماڳ، ڏانهن وک وڌائي. منهنجي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي. پرنسيپال صاحب پڻ پنهنجو قول پاڙيو. اڄ جنهن هند ڪاليج سان ڪير ڪلهو هڻي سگهندو!!

”ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو هوندو“- ڪندا چيو. ’پر جي اهو پيپر مون وٽ جاچڻ لاءِ ايندو ته هن کي مارڪون سٺيون ملنديون، هوءَ ٿي پهريون نمبر بيهندي، ڇو ته هوءَ اوهان کان وڌيڪ هوشيار آهي.‘ انهيءَ تي سروج ٻڙڪو ڪاڻي اُٿي- ”ته مان اهو پيپر گم ڪرائي ڇڏيندس، اهو اوهان ڏانهن هرگز پهچڻ نه ڏيندس!!“

خير. انهيءَ ڳالهه کي گذرئي مهنو کن ٿي ويو. هڪ ڏينهن مان وٽس ڪاڪي چيتنرام کي ڪسٽمس ڪوارٽرس ۾ گڏجڻ، جو هن مونکي اهڙو نياپو موڪليو هو. ڪاڪي سان ڳالهيون ڪندي هن چيو، ”ٻاڙي ۾ هڪ ڪڪي رهندي آهي، سا اسان وٽ ڪنهن ڏينهن آئي هئي ۽ جڏهن ٻڌائين ته تون اسان وٽ اچڻو آهين ته چيائين ته- ’پروفيسر صاحب اوهان وٽ اچي ته مونکي ماٺو موڪليندا؟ مونکي ڪانئس ڪجهه پڇڻو آهي‘. سو جي چئين ته کيس ماٺوُ موڪليون!“ مونکي ان تي ڪهڙو اعتراض ٿي ٿي سگهيو. امتحان جي مند هئي- جهڙو ڪاڪي جي پوٽن کي ڪجهه سمجهائڻو هو، اهڙو هن کي پڻ ڪري سمجهائيندس؛ ان ڪري لڳن ۾ لهي ٿوروئي ويندس، مون سوچيو. ماٺوُ ويو ۽ جهٽ لينگر اچي سهڙي. اڙي، پر هيءَ ته رڪي هئي! مونکي ڪل ڪانه هئي ته رکي ٻ- ڪا اٿي

جون مارڪون مليون آٺون؛ اهي ڏسي گڏ گڏ ٽيون آهيون." اُنهيءَ تي چيومانس: 'اَجايون ۽ اَجهاڳيون مارڪون مليون اٿو ڇا، جو هيئن ٽينگ ٽپا پيئيون ڏيو؟' ورنديءَ ۾ ڪيول چيو، "آهيو ته اِئين مارڪون سٺيون ڏيڻ وارا، جو اِڏيون مارڪون مليون هونديون! شينهن جي ڪن مان پئسو ڇڏائڻ، اَوهان وٽان مارڪن هٿ ڪرڻ کان وڌيڪ آسان آهي!!" 'ته پوءِ هيئن ڪپڙن ڇو کين ٽيون ماڻيو؟' مون چيو. اِتي سروج پاڻهورو هٽندي چيو، "سر، هيل مان ٽي اِتهاس ۾ پهريون نمبر بيٺي آهيان. سيٺي کي اُنهيءَ تي اَچرج وٺي ويو آهي. پر ٽنهن هوندي به سڀ خوش آهيون." 'ڪير به پهريون نمبر بيهي سگهي ٿو؛ اِها ڪا ڪنهن هڪ جي ميراث ٿورئي آهي!'- مون ورندي ڏني. سروج چلندي چيو، "هميشهه رکيءَ کي ئي ته پهريون نمبر ڏيندا آهيو." 'اِها ته اَجائي ڳالهه ٿي ڪرين. ششماهي اِمتحان ۾ راج کين پهريون نمبر بيٺي هئي؛ اِهو ڪئن ٿيو؟' مون چيو. پر سروج کي سانت نه آئي. چوڻ لڳي، "اِهو شايد ڀل کان ٿي ويو هوندو!"- ايرکا جي آڳ سروج جي اَکين ۾ پڙهي رهي هئي. اِتي مونکي ڪجهه ياد آيو، سو پڇيومانس، 'رکي اِمتحان ۾ ڪانه ويٺي هئي ڇا؟' راج ورائيو، "ويٺي ته هئي." 'پر سندس پيپر جاچڻ لاءِ مون وٽ ته ڪونه آيو هو.'

آسمان سان ٻيا ڳالهيون ڪن، ۽ سونهن وڌي اُهڙا سُٻر آهن جو سندن ٿڙ جي گولائيءَ اندر مون جهڙا ڪيترا ماڻهو هوند ماپي وڃن- ديو-دار لڳا بيٺا آهن. سو مون جڏهن وک کڻي ٻهڙيون وڻ پار ٿي ڪيو ته اُچانڪ اَزغيبي آواز ٿيو- "سرا!" مونکان سڄ پڄ ڇرڪ نڪري ويو. ڇيم اُلائي ڪير ڪڏ پيو آهم. پر نه. جڏهن پاڻ سنڀاليم تہ رکي، جا اُن وڻ پٺيان بيٺي هئي، سا ٻاهر نڪري آئي. چيائين، "معاف ڪجو، مونکي ڪجهه اَڪيلو اَوهان کي ڇوڙو هو، تنهنڪري ئي هيئن اَوهان جو دڳ اچي جهليو اَٿم." 'ڇو، ڳالهه ڇاهي؟' مون چيو. "هن سوچ نه منهنجيون متيون ئي منجهائي ڇڏيون آهن. ولي ٿي هرهنڌ مونکي بدنام ڪندي- جي پروفيسر ڪيس گهٽ گهرندو آهي، تنهن ڪري ئي گهٽيون مارڪون ڏيندو اَٿس. يونيورسٽي امتحان ۾ پاڻيهي پتو پئجي ويندو. مونکي نه ڪجهه سمجهه ۾ ٿي ڪين ٿو اَچي. پڙهڻ تي جڻ دل ئي ڪين ٿي ٺرم. اَوهين ڇا ٿا سمجهو؟" رکيءَ جي ڳالهه ٻڌي منهنجا ته واجهه ئي ٽڄي ويا. پر ڌيرج ڪري ڪجهه سوچيم، تڏهن ڪپاٽ کليا- مار! ايڏي ابرڪا!! پر ان ڪري هڙو هوشيار ٻار هيئن دل صفا لاهي وهي، سو بہ ڪنهن ٻئي جي پارٽيءَ سبب. مان ڳالهه پاڻپي وٺي ۽ رکيءَ کي سربستيءَ ريت ڳالهه سمجهايم- "رکي ٻڌ. ڳالهه

رهندي هئي. پروفيسرن جو گهڻو ڪم جو جاچ رکڻ ۽ سندن گهڻا شاگرد ڪئي ٿا رهن. خير.

رکيءَ کان پڇيم، ”ڪر خبر“. چيائين، ”بي اي ۾ سنڌيءَ ۾ اوهان جو ڪتاب ’تاريخي مضمون‘ رکيل آهي، سو چيم ته اوهان کان ئي ڪٿي پڇنديس ته اُن تي امتحان ۾ گهڻو سوال اَچي ٿو سگهي. پلا هرهڪ ڪتاب تي سوال ملي ٿو هڪڙو، سو اُن لاءِ ڪيترو اَپياس ڪري، ڪيترو ڪجي!“ اِهيءَ تي مون چيومانس ”اِهو ته آسان آهي، پر مان ٿوروئي اوهان جو پيپر ڪيندس! منهنجي ڪتاب ۾ اِتهاسڪ جس به آهي ۽ ساهتڪ رس پڻ، اِن ڪري ئي هڪ اِتهاسڪ ڪتاب ساهتڪ اَپياس لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. سو جي تو ڪتاب جا اِهي گڻ ۽ خوبيون جهٽي ورتا ته پل ته امتحان ۾ سوال ڪيئن به اَچي ته به تون اُن جو جواب سنئون ڏيئي سگهندينءَ.“ پوءِ ڪتاب مان ڪي مثال ڪڍي ڪيس جهٽ ۾ ڳالهه سمجهائي ورتيم ۽ هوءَ جلد موڪلائي، هلي وئي.

مان پڻ ڪجهه وقت ڪاپيوءَ اُٿيس. ڪسٽمس ڪوارٽرس جو حاطو پار ڪري فوٽ-پاٿ تي پير رکيم ته رستي جي پاسن کان بيٺل اَجگر وڻن جي پاڇولن هيٺ اَچي ويس. اِهي وڻ ايڏا ته ڊگها آهن جو ڪنڌ مٿي ڪري ڏانهن نهاربو ته انهين محسوس ڪبو جڻ

٣٨. هيڪڙ گنهگار، هميشه جوابدار!

هڪڙي ڏينهن شيام جو ڀاءُ، منهن ڦلهڙو، مون وٽ لنگهي آيو. هو البت ڪجهه گهٻرايل ٿي لڳو. پڇيومانس، 'ڀاءُ، اَڄ ڪيئن وڏا پير ڪيا آئين؟' چيائين، "سائين، ڳالهه ئي نه پڇو. هڪ مصيبت مان مس ڪري جان بچائي آئم ته مٿان ٻي اچي نازل ٿي آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيل جند ڪيئن ڇڏائبي!" اُلهيءَ تي پڇيومانس، 'ڇو، وري ڇا ٿيو آهي؟' چيائين، "سائين، ڳالهه ته ننڍي ڇوڙي آهي؛ وهو ته ٻڌايانو."

ڀاءُ ءَ پنهنجي وارتا ٻيرانئي ڪري ٻڌائي: "سائين، ڪالهه پوليو امتحان هو. اَسين اَلمست، سو گوڏا کوڙي ته پڙهيءَ ڪين ڄاڻون. سڄو سال ڇرچي گهٽي ۾ گهاري، جڏهن ڪاتي ڪنڌ مٿان اچيو ڪڙڪي، تڏهن مس ڪتابن کي هٿ لايون. سو هيل به اهائي ڪار ٿي. ٻيا سوين جاڳي ڪن سبحان کي سڏ، ٻاڏائين ۽ بخشائين؛ اَسين اَکيون مهٽي وَڃون پراڻن پستڪن جا ورق ورائيندا. خاص ڪجهه سمجهه ۾ ڪين ٿي آيو، تنهن هوندي به جيڪي ڪجهه پڙهي سگهيو، سو نباهيم. پر ڏٺم ته وقت ڪٽي پيو. تنهن ڪري شام واري پيپر لاءِ ڪجهه لکيل پنا کيسي ۾ وجهي، گهران توڪل تي پاڙي نڪتس. صبح واري پيپر ۾ ته پت رهجي آئي، پر سانجهه واري پيپر ۾ ايمان نه پيو ٻجهي. ڪتاب سڄو

کي سمجهه، عقل ۽ اُپياس ۾ تون سروج کان صد بار بهتر آهين. هوءَ ٻار کي ڇا ۾ کٽي سمجهي، توکان امتحان ۾ ڪڏهن به گوءِ کٽي نه سگهندي. جنهن منهنجي سمجهه ۾ تو اچي نه هيءَ سڄو سانگ سروج ڪنهن مطلب سان سٽيو آهي. هن کي ڏٺيءَ ڊول ٻي لڳ، قد ۽ بت، ۽ رنگ روش ۾ جا ڪس لائي آهي نه هوءَ پڙهڻ ۾ هوشيار ۾ هوشيار وديارٿيءَ کان گوءِ کٽڻ تي گهري، جنهن ڪو نه ڪند کٽي ڏاهپس نهاري نه! اِنهيءَ لاءِ هوءَ سر توڙ ڪوشش ڪري رهي آهي. موکي پڻ ڇوايو اٿس نه ڪيس ڪي ڳالهيون سمجهه ۾ نٿيون اچن سي مان هوند ڪيس سمجهايان ۽ اهو احسان هوءَ ڪڏهن ڪين وساريندي. مان ضرور ڪيس سڀ ڪجهه سمجهائي ايندس. پر تنهن هوندي به ڪجهه ڪين وريو! سکٽي ايرڪا، ايرڪا ڪندڙ کي ئي جلائي ڀسم ڪندي آهي. تنهنجي سمجهه توڙي لکٽي ٻين کان ايتري قدر بهتر آهي جو تنهنجين ۽ هنن جي مارڪن ۾ بيو نه نه ڏهه سيڪڙو مارڪن جو فرق بيهندو ئي بيهندو. تون بي فڪر رهه ۽ دل لائي وڃي پڙهه."

رکيءَ چيو ميو. امتحان سگ سان تي ويا ۽ جڏهن نتيجو ظاهر ٿيو نه اچا ڪارا ظاهر ٿي بيٺا- رکي مڙني کان اڳري ئي ثابت ٿي.

ٿي هئي. مونکي ائين لڳو تہ سپروائيزر کي مون ۾ سخت شڪ آهي تہ مان امتحان ۾ نڪل ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي آيو آهيان. اک ٽيٽ ڪري مون کيس ٻہ چار دفعا تاڙيو ۽ هر دفعي اهائي خاطري ٿيندي ويم تہ هو ٻڪ اچي مون تي وٺ وجهندو. اهو ويچار ايندي ئي مونکي پگهر اچڻ شروع ٿي ويا. هڪ دفعو تہ ڪري منهنجو 'گناهہ' معاف ڪيو ويو هو، ٻيهر تہ پرنسيپال هرگز معافي ڏيڻ وارو ڪين هو- بس مان گريجوئيٽ ٿيڻ ڪولہ ٿيندس، ائين آرزوئي رهجي ويندس ۽ ساري زندگي ٿابا ٿي کائيندو رهندس! نہ، نہ، نہ!! دماغ سخت ٻوڙايم. آخر هڪ تجويز سجهي آيم- جيستوڻي پروفيسر اچي مونکان سوال جواب ڪري، تنهن کان اڳ ئي مان چولہ ٻاهر وڃڻ جي ڪالئس موڪل وٺي اهي ڪاغذ ٽائليٽ ۾ ليڪال ڪري اچان! واهہ جو نز طريقو سجهي آيو هوم!! گهڙي ڳڻ ڳوت بعد موڪل لاءِ سوال ڪيم. منٽ اڌ پروفيسر پڻ سوچيو- اهو وقت ورهيہ مثل ٿيڻ پيو. پر آخر اجازت ڏنائين. مان جئن ڪلاس مان نڪتس لئن ڊوڪندو ويس صحت خالي ۾ ۽ پنا کيسي مان ڪڍي، يڪدم ڪٽي گٽر حوالي ڪيم ۽ مٿان ڪٽي ٽانڪي وهايم. هيلتوڻي جو ساهہ مٺ ۾ هو، سو مس سامت ۾ آيو. پر مصيبتون اچن تہ هيڪاند ڀون ۾ ڪٺڪ ڪاهيو اچن. ٻاهر اچان

ورائي پورو ڪيم، ڪيسي وارا پنا به پڙهيم، ته به دل ٻيٺي ٻڏي. ورق ورق اُٿلايم ته به ڪو خاص فرق ڪين پيو. ٻيهر نيٺ ڪري ڪاغذ پٺي اندر مان ڪڍيم ته متان امتحان جو گهنڊ لڳو. تڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ، ڪتابن سان گڏ رکڻ بدران اهي کيسن ۾ ئي ڪٽي سوگها ڪيم.

”اچي امتحان ۾ ويٺس. ساڻ آندل ڪاغذن جي ڪا به سمجهه ڪانه رهيم. سائين، پيپر ته مليو، پر سوال هڪ به نه پيو اچي. من صفا بي ايمان ٿي ويو چي، ’ٻن وجهه امتحان کي، پٺي سال ڏسي وٺبو.‘ پر مان من جي چنبي ۾ ڪين ڦاٿس. ٻين واسن ۾، ڪنڌ هيٺ ٿي، هٿ ٺوڏن تي سڌو ۽ ٻه گهڙي، مان ڪجهه سوچڻ لڳس. ڪيتري مهل توڙي سوچيندو رهيو هوس تنهن جي لک ڪانه رهيم، پر جڏهن ئي منهنجي اندر پروفيسر تي پيٺي ته ڏٺم ته هو پڻ شڪي نگاهه سان منهنجي طرف ئي گهوري نهاري رهيو هو. مان هن کي هيٺ نهاريندو ڏسي، سراپجي ويس. مولڪي هڪدم چور ڪائي ويو. يڪدم يادگيري آيم ته منهنجي کيسي ۾ ڪاغذ پيا هئا، جي درحقيقت مولڪي ٻاڻ سان آڻڻ ئي نه گهربا هئا!!

”پر هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهيءَ سوال منهنجا حواس خطا ڪري وڌا. هڪڙو اڳ ۾ ئي بي گناهه بدنام ٿيو هوس ۽ متان هيءَ ٻي مصيبت اچي نازل



ديش جا شيدائي - ص ١٠٥



۽ پاسي واري غسل خاني مان سپروائيزر پڻ اچي وياپڪ ٿيو. مونکي ڏسي منهن هڪدم ڏامڻي ٿي ويس. چيائين، 'مان پرنسپال کي تو رپورٽ ڪريان.' سائين، مون ڪجهه ڪيموناس ڪين، پر اُن مهل کان مونکي ۽ ڦڦڙي وٺي وئي آهي. سائين، ڪيئن ٿا سمجهو، ڇا ٿيندو؟"


سچي حقيقت سڻي، مون ٻٻوءَ کي آٿت ڏنو- 'تو جهڙا شير پٽ، هيئن ڀڙڪي ويندا آهن! جي سڀ سچ تو ٻڌائين ۽ تنهنجو وار ونگو نه ٿيندو!' هاڻ مس ٻٻوءَ جي منهن تي جهيڻي مرڪ آئي. ٻٻوءَ، جمنا جو پٽ هو. جمنا اسانجي پاڙي جي ئي ڌيءُ هئي. هن جي گهر ۽ اسانجي گهر جو پاڻ ۾ گهرو رشتو هو. هوءَ شادي ڪري، ڌيءُ پٽ ڄڻي، گذاري وئي. ماءُ مئي ۽ پيءُ اڳـــ ۾ ئي پرائو- سا پـر ٻٻوءَ سان پڻ ٿي. ٻٻوءَ ننڍي هوندي کان ئي ڄڻ ننڍڪو ٿي پيو. ويتر جو پٽس ڪئي ٻي شادي، ۽ گهڙو ئي پڪو. شاٻس هجي سندس پڦيءَ کي، جنهن ڪجهه همت رکيس، جو هو ڪجهه پڙهيو ۽ مئٽرڪ پاس ڪري وڃي پوسٽ ملازم ٿيو. جئن ۽ هو جمنا جو پٽ هو تنهن ڪري هو جئن ئي ڪاليج ۾ داخل ٿيو تئن ئي منهنجي دلي چاهنا ٿي ته هو بي. اي پاس ڪري وڃي ڪٿي پاڻ ڪڙي. هڪ طرف ناناڻن مان نصيب ٿي هيس ٻرد باري،





محفل جو مور - ص ۳۰۱





”ساڻو ۽ سڄاڻ“، ڊاڪٽر سروپلي راڌاڪرشنن جي سنگ ۾ - ص ١٠٨



جڏهن جان
سان لڳي



جڏهن وطن جا وڙ
کياسين پار


مان



راج منتري ڪرٽسنگ
جي سنگ ۾




وهانءَ وقت



جڏهن مڱڻو طئي ٿيو

مان



ماستريءَ مهل

”اَوهين ڪملا کي
وڌيڪ ٿا ڀانيو“

- ص ۲۷۴

★








سنيل دت - جڏهن مون وٽ پڙهندو هو - هُو اڳاڙيءَ واري قطار ۾ کاٻي کان ٽيون ويٺو آهي - ص ١٥١


ـ ٻئي طرف کان ڏاڏاڻن وٽان ورثي ۾ ملي هيس
زفهمي. مونکي ان ڪري خاطري هئي ته ٻگري ملڻ
ي هوُ پنهنجي حوصلي سان چڙهي ويندو، پوءِ جي
ين کي اوچ نه ڏيارئين ته به ٺهيو، پنهنجو پاڻ ته ڪٽي
ندو نه! پر ڪاري ٻليءَ کا وات لتاڙي هيس، سو
ڪاليج ڪئنٽين ۾ ڪنهن ڳالهه تان ڪنهن سان تڪرار
ي پيس ۽ ٻئي ڀار اچي هٿين ٻجين پيا. پيو ته ٺهيو،
ٽي ڪرسيون ميزون، ڪوپ پليٽيون ڀ ڀري ڪري
ڏائون. هي مڙس سڳو سوڌو جهلجي پيو ۽ پرنسيپال
يس ڪاليج مان نيڪاليءَ جا ٽڪڙا حڪم ڪيا.
نم ته هيئن ته ڳالهه هٿن مان ٽپي وئي - هوُ اڙٻنگ،
اڳيئي هو، هاڻ پڙهڻ بنا ته هوُ بنهه هر ٻٽجي پوندو.
ڏهن ڪيس رلهي رلجي، سرچائي، پرنسيپال صاحب
ت موڪليم ۽ ڪالئس آزي نيزاري ڪرائي، جند
ڇڏرائيمانس. اڃا انهيءَ آفت مان مس آزاد ٿيو هو
ـ پروفيسرن جي خاص نظرن ۾ اچي، وري وڃي
ڙيو. مونکي انهيءَ تي ڏاڍو ارمان ٿيو.

ٻ ٻوُ اڙٻنگ ڪري هو، پر شايد انهيءَ سبب ئي
هوُ سچار پڻ هو. جيڪي هن مونکي ٻڌايو اُن مان سچ
جڻ شاهدي پئي ڏئي ته هوُ پل کان ئي ڪاغذ ڪيسي
ڪٽي آيو هو، ڪيس امتحان ۾ اهي ڪم آڻڻ جو اَصل
پچار ڪونه هو. اڳين شرارت سبب ئي سپروائيزر جو

★

ڪٽن مان
ڪيچ ٿيا





٢٩. اڱڪٽي.

سنڌ ۾ هئي سستائي، سو ٿوري ڪمائيءَ ۾ به برڪت هوندي هئي، ۽ شان مان سان رهي سگهبو هو. ڏيس پڻ هو پنهنجو، سو هر ڪنهن کي پنهنجو ڇنو ڄڻ هوئي هو. اها به وڏي غنيمت هئي ته ٻيو نه، نه مسواڙ جو بوجو نه ڪونه هو نه. پر مسواڙون پڻ ڪي گهٽيون ٿوريون ئي هيون. اسالڪي نن ڪشادن ڪمرن، ڪلٽي ڪشادي اڱڻ ۽ پڪيل دالاڻ ۽ الهيءَ ڪان سواءِ هرهڪ ڪمري کي جدا ٻني ڏنل ٿلهي يا بالڪنيءَ جا مهني ۾ ملندا هئا تلها بانيتاليهه رپيا اٺ آنا! اها آفرين هجي ڏاڏي صاحب کي جنهن قناعت ڪري پئسا ميڙي، ڪراچيءَ جي بندر روڊ ايڪسٽينشن تي شاندار بنگلو جوڙايو هو، نه پل پٽ پوٽا سک ماڻين.

سنڌ ۾ جي سستايون هيون نه پگهار پڻ پورا سورا هئا. ڪاليج ۾ ليڪچرار کي شروع ڪرائيندا هئا سڪٽن پنجهتر رپين تي! ڊگري ايم اي جي، سا به گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڪلاس، ۽ ڏيندا هئا مٺا رپيا پنجهتر!! پگهار ۾ واڌ پڻ پوري ئي هوندي هئي. پنجهتر مان پگهار وڌي ڏيڍ سؤ ٿيو، نه ڄڻ ڇيهه ٿيو. وينو واسانا ڳاءِ جڏهن کي اسسٽنٽ پروفيسر ڪن- پندرهان سال نه واهه جا ائين گذري ويندا هئا. مان جڏهن ڪاليج ۾ نوڪريءَ تي چڙهيس ته واڌ البت پيو لڳڻ شروع ٿيو

منجهس شڪ جاڳيو هو، پر ٻٻوءَ کي پنهنجو شڪ پڪو ڪرائي ويو هو. ان ڪري اُن ويل ئي مون پاڻ سان فيصلو ڪري ورتو ته هن کي ڪيئن نه بي ڏوهي ثابت ڪري، بي اي جو امتحان باقاعدي پاس ڪرائجو. مون کيس تسلي ڏني - "رک ڌڻيءَ تي، سڀ ڀلي ٿي پوندي. مان پاڻيهي ڪم ٺاهيندس."

چوڻ ته ٻئي ڏينهن مان ۽ اَسانجو وائيس پرنسيپال، پروفيسر گيانچند ساڳي بس ۾ گهر موٽي رهيا هئاسين. وجهه وٺي مون ساڻس ڳالهه ڇوري: "سائين، اهو کهڙو اِنصاف آهي ته هڪ دفعو جوابدار ته هميشه گنهگار." هن نيڪ مرد ورندي ڏني، "ڇو، اَڄ پرولين ۾ پيو ڳالهائين؛ آخر ڇا ٿيو آهي؟" مون کيس ڳالهه سربستيءَ رپٽ ڪري ٻڌائي ۽ آخر ۾ چيم، "جنسي شاهدي يا ثابتي نه آهي ڪانه، پوءِ هن کي اَڳئين اِلزام سبب هن نئين ڏوهه لاءِ ذميوار ڪيئن ٿا ٺهرائي سگهو! اِهو ته اَنرت ٿيندو، سورو ناحق!!"
وائيس پرنسيپال ڳالهه هڪدم سمجهي ويو ۽ اُن جي وڌيڪ اُپٽار ٿي ئي ڪانه.

ٻٻوءَ بي اي جي ڊگري باقاعدي ورتي ۽ اَڄ ايڪسٽينشن مارڪيٽ ۾ آفيس کوليو، ڌنڌو پيو ڪري. هاڻ ته هو لکن تان ٿو ليٽي. ڪڏهن ڪير ڪنهن کي ڪين ٿو ڏئي، پر کيس ڏسي، مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي.

جو اُلگ ڪلف وارو چاڪٽو ڪالر فقط ڇهين پئسي، ڇهه دفعا پائي ڪٽي ڦٽو ڪبو هو ته اَرمان اَصل ڪين ٿيندو هو. ساڳيو وڳو ٻئي ڏينهن پائيندي لس پس ٻرو ٻيو ولندو هو. ان ڪري ڪپڙن جو چڻ ڪاٿو ئي ڪين هو- هر روز نهڪندو وڳو، سيارو هجي يا سرءُ، اونهارو يا بهار. حق لـڳي آسانجون ڏراڪون ڪٽندي پاڪستاني مزورن جي ٻهه، ڇپلهه ٿي ڏٽي! ٻچن ٻيا، "سائين، اَندر شيهو پرلو اَتو ڪيئن!!" ٻر ڪچڻ ٻچڻ جو وقت هو ڪٿي! ڪن ٻُوساٽي، ٻُوٽ ٻڌي، ڪنڌ ڏوُڻ مان هو ڪم ڪيڏو. هوُ پل ڪٽي سمجهن ته شيهو ٿي ٻوپانون، ٻر ڪپڙن جي سڌن سواءِ ٻيو ڪي ڪين هو!!

هاڻي سنڌ ۾ جا راڄائي ڪمائي آيا هئاسين، ته هتي بمبئيءَ ۾ وري ٻنڌي ڪيئن پئون! سو مهني جي ڪچي پٽي لـڳي ميونسپالٽيءَ ڪان پٽ وٺي، ڪٽايم اوساري. جهٽ جاءِ تيار ٿي وئي. اَڌاوس ته فقط هيٺ ئي ڪرٽي هئي، مون ڪٽي ماڙي ۾ جوڙائي! ٽالو جو اَهڙو هوم!! پٽ مليو هوم ڪچي پٽي ئي، جاءِ جوڙايم پڪسري؛ مٿان پلستر ڪرايومانس ڳاڙهسري ڪڻ ڪڻ جو، چڻ جوڌپوري پٿر جي ماڙي جوڙائي هيم. اَندر وري ڪراچيءَ جهڙين ٽائيلس جا فرش، چيني جون گينديون، وغيره، وغيره، سڀ لڳارايم.

هو، جنهن ڪري اُن سالن اندر مان اسسٽنٽ پروفيسر ٿي ويس، پر پگهار رڳو رپيا ڏيڍ سؤ! وري به شڪر جو اختياريءَ وارن کي ڪجهه ترس پيو هو، جو مهانگائيءَ جو ڪجهه معاوضو مقرر ڪيو هئائون، جنهن ڪري در مهيني به سؤ رپيا اچي پئي پوندا هئا.

پر انهن ٻن سون ۾ ڏاڍي برڪت هوندي هئي، ۽ خرچ جي پورت ٿي ويندي هئي. نوڪري ڪئي جو ڪجهه سال ٿيا هئا ۽ شادي به جا سويلئي مڃائي هيم ته سڀاويڪ ڪٽنب ۾ پڻ اضافو ٿيو هو. انهن ڏينهن ۾ هيئنئر واري تاڪيد ڪانه ڪئي ويندي هئي ته "اسين ٻه، اسانجا ٻه"- ڪجهه شرم حياءُ هو، ٻ ڪ پردو هو؛ گهر جي ڳالهه هوڪا ڏيئي واشگاف هرگز نه ڪبي هئي، اُلٽو هرڪو وڏو ڀلائي آسيس ڪندو هو- "شل وڌين ويجهين." ڪنهن به ڳالهه جي چنتا اصل ڪانه هئي- حقيقت ۾ فڪر ڪرڻ جو ڪو سبب ئي ڪونه هو. پر جڏهن اندورو ديس جو بٽوارو ٿيو ته منهنجو پگهار هيئنئر جي ڀيٽ ۾ ٿورو هو، ته به پنج ٻار ته پرگهٽ ٿي چڪا هئا ۽ وڌيڪ اچڻ وارن جي آس پڄي ڪانه چڪي هئي. جاءِ پنهنجي ۽ ڪشادي، اَن، ميوو ۽ مکڻ مٿوُ؛ سستو ڪاٻو، مٽارا ٿيو پيا گهمندا هئاسين. تنهن ڪانسواءِ ڪپڙي لٽي جو شوق پڻ سرسبروئي هو. جيئي پڄي جاپان، خميص

هيءُ هڪڙو آڏواڻي صاحب ٽوروٽي هو جنهن کي منهنجي وڏي خرچ جي فڪر اچي ورايو هو. هڪ ڏينهن دادر واري تلڪ پل چڙهي جڏهن شواجي پارڪ ٽي ويس ته رستي ۾ اسانجي ڪاليج جو حسابن جو اڌياپڪ، پروفيسر ڪلڪارڻي گڏجي ويم. منهنجي چيڪي رهڻ ڪرڻ، ڪپڙي لٽي ۽ ٽڪسي، وغيره تي خرچ هن جو پڻ ڌيان ڇڪايو هو. اوپارين لهوارين لهندي هن ڪان رهيو نه ٿيو ۽ مونکان سڌو سوال پڇيائين، "تون جو هيڏو خرچ رکيو ويٺو آهين، تنهنجو آخر تون ڪيئن ٿو پورائو ڪري سگهين؟" مون پروفيسر ڪلڪارڻيءَ کي سچي ڳالهه سمجهائي- مان جو سنڌ ۾ سکي جيون گذاري آيو هوس، سا ڪنهن به حالت ۾ مون ڇڏڻ نٿي چاهي. مون نه رڳو پاڻ تي ٿي خرچ ڪيو، پر ٻارن کي، جي هاڻي پنجن مان وڌي ست ٿيا هئا، پڻ هرطرح سکي رکڻ جو يتن ٿي ڪيو. ٻار وڌندڙ روچي آهن، ته به سندن سک سهنج ۾ ڪسر ڪا نه وڌي هيم. مائٽن ۽ عزيزن اپس وڌائڻ جا مولکي ڪافي اشارا ڏنا، 'ٻارن کي نوڪري ڇو ڪين ٿو ڪرائين!' پر مولکي اهڙي ڳالهه آئري ڇو ٿي! مون ڪين اُها ۽ ايتري سکيا ڏيارائي جا هنن پاڻ چاهي ٿي، ڇو ته مون لئي چاهيو ته وڏي هوُندي ڪو مولکي ڏوراپو ڏين ته مون سندن لاءِ ڪي ڪين ڪيو هو.

اَسانجا مڪان اُسرندا ڏسي مڪاني ماڻهن جون اَکيون ڇرخ ٿي ويون- هيءُ ماڻهوُ ڪالهه آيا ۽ اَڄ جايون جوڙائي، سگهي ٿا، ٿي ويٺا! اَسين هت سون سالن کان رهندڙ، اِئين سڪڻا ئي رهجي وياسين!!

ڏٺيءَ جي آسيس ٿئي پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻيءَ تي، جنهن ڇوڄ پٺي مونکي پنهنجي ڪاليج ۾ کڻي ورتو. بمبئيءَ ۾ مهانگائي ڪا هئي! ڇا جاين جون مسواڙون، ڇا شين جا اَگهه ۽ نرخ!! پئسو ڪيڏ ته ڄڻ آڱريون پيون سڙن!!! پر پگهار اُهو ئي پلئه پيو جو ڀڄاڙيءَ وقت ڪراچيءَ ۾ ملندو هوم. چڱو چوکو جو ڇوڙي ماڻي ڏنو هوم، سو گهٽ ڪٿي ٿو پوان!! اُها ڪراچيءَ واري نور هلندي ئي آئي. خود پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻي پڻ اِنڪري ڪي قدر ورچجي پيو. شروع ۾ هن جو ڪٽنب پوني ۾ رهندو هو، ته منهنجو گهر بار پڻ اُتيئي هو. جمعي شام جو منهنجو صاحب، مٿي تي فيلٽ هئٽ ۽ پٺيان پٺگ سان پنيوالو ڪيو ٻ ڀڪن کئين Deccan Queen گاڏي پڪڙڻ ڪاڻ وي ٽي V. T. اِسٽيشن تي پڌار ٿو هو ته مان ڪيس ريل گاڏيءَ جي رفريشمينٽ-ڪار Refreshment Car مان ڪيڪ آڻيندو هوس ۽ ڪيس ڪيڪ چانهه جو نوالو ڏيندو هوس. اِها ڳالهه ڪيس ياد ڪين پيئي، ۽ منهنجي چاچي کي- جو سائنس گڏ پڙهيو ۽ پروفيسر ٿي رهيو هو- چوائي موڪليائين ته تنهنجو پائنيو ته ڏاڍو خرچائو ٿي پيو آهي!!

٣٠- چغلي

انھيءَ سال مان ڏاڍو خوش ھوس، جڻ ڪا وڏي ڪيپ ڪٽي ھيم. اِئين گڏ گڏ ٿيڻ مان وري ڪين سنيئران! بمبئيءَ ۾ ڪاليج ۾ پاڙھيندي ٽي سال پورا ٿي چڪا ھئا ۽ چوٿون سال شروع ٿيو ھو. نئون سال لوان مھالبا.

امتحانن جا نتيجا ڪڏھوڪو ظاھر ٿيا ھئا ۽ پيپرن چڪاسڻ جا پئسا گھڻيءَ ۾ سوگھا پڻ ٿي چڪا ھئا. پر منھنجي خوشي اِجا پني ھلي ۽ انھيءَ جو ڪارڻ پ ھو. سالن لاڪر وشو ودياليہ ۾ اھا ٽي دانھن ۽ پڪار ھلندي ٿي آئي تہ وشو- اِتھاس جا پيپر چڪاسيندڙ پيپرن تپاسڻ ۾ ڏاڍي دير ٿا ڪن؛ ايڏي اينگھہ، جو سڄي امتحان جو نتيجو وقت تي ظاھر ڪرڻ ۾ ھميشه وگھن ڪاھجيو پوي ۽ ڪڏھن تہ نتيجو مقرر تاريخ کان چگو پوءِ ٿي ظاھر ڪرڻو ٿي پيو. گذريل سال وشو- اِتھاس جي پيپر جو سرڪردو مونکي ئي مقرر ڪيو ويو ۽ ان ڪري پاڻ سان اِھو اقرار ڪيو ھوم تہ منھنجي آياءڪاريءَ ۾ اھڙي دانھن ڪُوڪ ڪرڻ نہ ڏيندس. تنھن ڪري ڪم جي پوري ورھاست ڪري، وقت بوقت تاڪيد ڪيدي، چڪاس جو ڪم وقت سر پورو ڪرايم. پوءِ تہ گوڏا کوڙي پيپر جي جدا جدا شعبن (Sections) جون مارڪون جمع ڪرايم، ۽ سڀ

باقي سوال هو هيڏي خرچ جو. اُن جو ته پڻ اُتر ڏيندي پروفيسر ڪلڪارڻيءَ ڪئي چيو، "دوست، جڏهانڪر مان بمبئيءَ ۾ آيو آهيان تڏهانڪر ريڳو پنهنجي ڪمائيءَ تي نه آهيان. هيلتوڻي ته باپ ڪمائيءَ تي هلندو آيو آهيان ۽ جڏهن اها ختم ٿيندي، تڏهن بيٺا ڪمائيءَ تي ٿيندس." سچ پچ ٿيو پڻ ائين ئي آهي.

بمبئيءَ ۾ اَچڻ سان گهر جي خرچ جو پُورائو ڪرڻ خاطر پنهنجي ٻگهار سان گڏ ٻيءُ جي ڇڏي ويل ملڪيت ڪي ٻـڻ ڪات پٽي هٿيو اٿم ۽ جڏهن انهيءَ ملڪيت وڃي ٿورو ورتو، تڏهن ٻارن ڪمائڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري هيڏي مهانگائيءَ هوندي به خرچ جو پورائو ٿيو وڃي ۽ دانهن ڪرڻ جو سوال ڪڏهن اُٿيو ئي ڪينهي. هيڏي ملڪيت هيٺن پاڻيءَ جيان خرچي ڇڏڻ تي اَرمان اَصل ڪين اٿم، مورڳو ڌڻيءَ جا شڪرانا ٿو مڃان جو سڪي جيون ماڻڻ ۽ ٻارن ۾ پڻ سڪي جيون گهارڻ جو ٻج ڇٽڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. هونءَ به پئسو آهي جل-ڌارا مثل، جي وهندو هليو ته واهه جو مزو ڪندو، پر جي ڪٿي سوگهو ٿي روڪجي ويو ته ڪانڪا ڪسائي ڪرڻ کان باز نه ايندو.

پڻ سرسيريون مليون هيون ۽ سراسري انهيءَ پڻ هونئن
کان بهتر ئي هو - وشو اِتهاس جي وشيه ۾ سؤ مان
ٻيانوي ٻار پاس ٿيا ۽ مارڪون به پوري پوري کنيون
هئائون. جيڪو پيو پڙهي، تنهن جا ڏند پيا ڇپن سان
لڳن - وسهڻ ۾ ڪين پيو اچين ته سچ، اِئين هوندو!
خود منهنجي وائيس پرنسپال، پروفيسر گيانچند، پڻ
مولڪي مبارڪون ڏيندي مولڪان پڇيو، "اِهو ڪيئن
ڪري سگهئين؟" جڏهن ڏس ڏنومانس ته ڀاڪر پائي
ٻني ٿپيندي، چيائين، "هن سال اَساڻي ڪاليج مان
سڀ سارا سٽ ڇٽا پنهنجين وشين جي پيپرن مٿان
مقرر ڪيا ويا هئا، تن مڙني کان تون ئي گوءِ کڻي وئين.
هيئين عمر ۾ سيني کان لنگهيو، پر ڪمال ڪري ڏيکاريءِ؛
سيني کان هوشيار نڪتين!" مان پروفيسر گيانچند وٽ
ڪراچي ڪاليج ۾ علم منطق پڙهيو هوس. اُستاد، شاگرد
جي ساراهه ڪري ۽ شاگرد شاد نه ٿئي!! پر هيڙو انهيءَ
پڻ آسانيءَ سان ئي اچي سگهيو هو. هڪ ته سوال
سڀ سنڌوان سڌا ڏنا ويا هئا ۽ وديارٿي پڻ پورهيو
ڪري پڙهي آيا هئا، پوءِ مارڪون ڪاٺين ڪسڪن ڪيئن -
مارڪن پنهنجو پاڻ وڃي سنڌن جهول ۾ جاءِ ورتي.
پيو اِيتري سا خبرداري رکيم ته ڪنهنجي به پيپر جا
ٻئي حصا - Sections - سخت جا چيندڙن ڏي نه وڃن -
جي هڪ ڪنهن سخت جاچيندڙ ڏي ويو ته پيو حصو

سرڪي نظر سان ڏسي جاچي، مگر مدي اندر سڄو نئين وشو وديالي جي رجسٽرار صاحب جي هٿن ۾ پهچائي آيس. وشو وديالي ۾ ننڍو وڏو عملدار مون ڏي اچرج مان پيو نهاري، ۽ عجب پيو کائي ته هيءَ اسرار ممڪن ڪيئن ٿي سگهيو هو جو وشو-اتهاس جي پيپر جو نتيجو وقت-سر پهچي ويو هو! مون لاءِ ته اها ڳالهه آسان ئي هئي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هوندو ۽ پاڻ تي ڪاتي وهائڻ کان به نه گسندو ته هو ٻين جو سهڪار سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهندو. ٻيا سڀ سر ڏيڻ لاءِ پڻ خوشيءَ سان سندس پالهن ٻيلي ٿي بيهندا. باقي جيڪو پاڻ کي وٺندو گهوٽ-پيءُ سمجهندو، ته سندس همراهن مان ڪوبه ڪنوار-پيءُ جي پري ڪڍڻ لاءِ تيار نه ٿيندو، ۽ ڪم رلندو ئي ونندو. تنهن کان سواءِ آسانکي پنهنجي ڪم لاءِ ٿالهي پڌو اجورو ٿي مليو، پوءِ به جيڪڏهن ڪم ڪرڻ تي دل نه وري، ته پوءِ هڏ-چور ٿي ڇنباسين - پئسا وصول ڪرڻ لاءِ چست، باقي ڪم کي پرو. اهڙي ڳالهه تان مونکي بنهه بخار چڙهيو وڃي. انهيءَ ڪري سچائيءَ سان محنت ڪرڻ تي سندرو ٻڌم، ته ڪم بلڪل ئي آسان بڻجي پيو.

منهنجي خوشيءَ جو ٻيو پڻ ڪارڻ هو، جو منهنجي نظر ۾ وڌيڪ وزنائتو هو. هن سال شاگردن کي مارڪون

ڪتاب بازار ۾ وڪامجي ختم ٿيڻ تي اچي پهتو هو،
اهو ڪنهن کان ڪيئن لڪائي سگهندس! پيو الزام هو
ته سوال سڀ مون پنهنجا ئي ڏنا هئا- پين پڻ همشيرڪن
جا سڀ سوال ٽوڪنا ڪيا ويا هئا. عجب جي ڳالهه
چئبي! هو پڻ حاضر هئا جڏهن پيپر تيار ڪيو پئي
ويو. جيڪڏهن سندن سوال وڌيڪ وزنائتا ۽ موزون
هئا ته مان اڪيلو هنن پڻ کي ڪيئن ٿي ريٽي سگهيس!
الهي جي اهائي معنيٰ ٿي ته هو اُن ويل ڇپڻ کي چنو
لڳايو ويٺا هئا ۽ ڪجهه به ڪچڙ لاء تيار ڪين هئا،
باقي پرپٺ چغلين ڇلائڻ ۾ حاذق نڪتا! تنهن کان سواء
جڏهن پيپر ڪڍائيءَ جو اجورو حصي رسيءَ جي حساب
موجب مولکان چڪي ورتو هئائون ته هيئنر پيپر بنسبت
شڪايت ڇا جي ٿي ڪيائون!!

شنوائيءَ تي جو سڀ اچي حاضر ٿيا سين ته پڪار پندڙ
پروفيسر کي پڻ سڏايو ويو. آرمان جي ڳالهه. اها هئي
ته هو پڻ سنڌي سڃاڻ ڪنهن مڪاني سنڌي ڪاليج
جو اڌيا پڪ هو. مان اوچ ڳات ويٺو رهيس ۽ فقط سوال
جي جواب ۾ ئي ٿي زبان چوريم. پر هو شڪايتي اهڙو
اچي ششدر ٿيو هو جو هر هر پئي بوڪ ڇڏيائين،
جنهن تي وائيس چانسيلر تنبيهه ڪيس ته ”تو تڏهن
ڪڇ، جڏهن توکان ڪجهه پڇيو وڃي، نه ته سالت ڪري
ويٺو ره.“ مان ڳورو گنڀير ٿيو ويٺو رهيس جو خاطري

ڪنهن نرم-دل ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو. اِن ريت نه ڪنهن سان سِتم ٿيو، نه سختي. هر ڪنهن جي رهجي آئي: ودياراٿين جي ٽوڙي، جاچيندڙن جي.

ٻه اَسانجي خوشي ٻين کان سٺي نه وئي. سو چغلي لڳي- الزام مڙهيا ويا ۽ سڏ ٿيو ته اَچي سمجهاڻي پيش ڪر ته تو خلاف ڇو ڪين سخت قدم کنيو وڃي. جنهن مهل وشو وديالي جي پٽيوالي تهمت جو خط مونکي اَچي ڏنو، تنهن ويل مان ڪلاس وٺڻ ٿي ويس. خط پڙهڻ سان هٿن مان جڻ ڪي ڪري پيم. پر ڌيرج نه وڃايم. ٿوروئي ويچار ڪرڻ سان چٽو ظاهر ٿي بيٺو ته مڙهيل ڏوهه بي بنياد ۽ جڙتوُ ئي هئا- ڪنهن شخصي بغض جو ڪارو وير چڪائڻ. اِنهيءَ ڪري ٽڏي سيڌي سان وڃي ڪلاس ۾ شاگردن کي پاڙهيم.

اُنهيءَ ڏينهن سانجهن جو هلياسين اِلزامن جو اُتر ڏيڻ. تهمتنامو پهرين پڙهندي مونکي خاطري ٿي وئي ته مون کا اَهڙي خطا ڪانه ڪئي هئي جنهن لاءِ ڏوهاري ٺهرايو وڃان. هڪڙي تهمت هئي ته جنهن وشيه تي مون پيپر ڪڍيو هو، تنهن تي منهنجو ڪتاب ڇپايل هو ۽ وشيه وديالي کي مون اَهڙو اِطلاع ڪين ڏنو هو. اِها ته سوري ڪوڙي ڳالهه هئي- جڏهن انهيءَ ڪتاب جو پهريو ڀاڱو ڇپجي رهيو هو ته وشو وديالي جي فارم ۾ ضروري ڪالم ۾ پهرئون ڀاڱو ڪيئن نه ڄاڻائيندس!

٣١. ڪملا

اُنهيءَ سال اِنٽر آرٽس جي ”سي“ ڪلاس ۾ ٽي ڇوڪريون ٻين کان اَلبت ڦڏوڙ پٽي نظر آيون. منجهانئن ٻه ڀينر ٿي لڳيون ۽ ٽين سندن سؤٽ. ڀينر، سؤٽ کان وڌيڪ ڪڙيون هيون - ٽهه ٽهه ڪري کلڻ، کليو ۽ ڳرائيءَ سان ڳالهائڻ، ڪنهن ڳالهه ٺـ، وڙهڻ تي ٻين کي موڙا مچڪا ڏيڻ، وغيره. باقي سندن سؤٽ سندن ڀيٽ ۾ چڱي ٺاميل ٿي ڏٺي. سندس مرڪڻ ڀيڻن کان وڌيڪ موهيندڙ هو ۽ هوءَ ڪانئن گهٽ ماڻهٽي پڻ هئي. هيون هڪ گهر جون نينگريون، مگر منجهن ڪيڏو نه فير هو! هيون مڙئي فضيلت واريون، پر ڀيڻن جو عجيب مزاج هو. سؤٽ جو سڀاءُ اُهڙو علحدو ڇو هو، سو سمجهه ۾ ڪين آيم. اُٿن گڏ، وهن گڏ، گهمن گڏ، کڏن گڏ، گذارين ٿي گڏ؛ پوءِ منجهن ايڏو تفاوت ڪيئن ٿي ٿي سگهيو! سڀاءُ سڀاءُ جو فير سمجهي، مون اهو سوال من تان ٽاري ڇڏيو.

پر جلد پنهنجو پاڻ ڳالهه اولهه ٿي وئي. ڪاليج ۾ ششماهي امتحان چالو هو. مون وديارٿين تي نظرداري پئي ڪئي ته اَچانڪ ٻه ڪڙيون ٽڙيون زالون اَچي ڪلاس جي ٻاهران بيٺيون. سندن اشاري مان سمجهيم ته هنن مونسان ڳالهائڻ ٿي گهريو. مان انڪري پنهنجي جاءِ تان چڙهي، ڪلاس جي دروازي وٽ آيس. پنهنجي

هيم ته بيقصور آهيان. سوالن جوابن مان صاف ظاهر هو ته دانهون بنه بي بنياد ۽ بيڪار هيون، ۽ اها چغلي سندي ڪاليجن جي پارٽ ۾ چتا پيٺي ۽ حسد جو ئي نتيجو هئي. اُن سان گڏ هٺندڙ کي سخت ساڙ هو جو مان هڪ ڳڀرو جوان هيڏي جوابداريءَ جي ڪم سنڀالڻ ۾ گوءِ کڻي ويو هوس ۽ سندس عمر ۽ آزمودي جي باوجود به کيس سندس پلون ڏيکاري، درستي ڪرڻ ڪاڻ کيس مجبور ڪيو هوم. ڪتاب جي ذڪر بنسبت وائيس چانسيلر کليو چيو ته آفيس جي اَلغرضائيءَ ڪارڻ ئي مون تي اهو الزام مڙهيو ويو.

شنوائي خيرن سان ختم ٿي ۽ مان پين وانگر ڏيري ڏيري هلڻ لڳس، پر هوُ مدعي پنج پائي اُئين کسڪي ويو جئن ڪاڙيءَ هيٺان ڪانءُ. سچائي الهيءَ مان ئي ثابت ٿي ويئي ۽ پت رهجي آئي.

۾ چڙهي، سندن گهر ويس. ڪملا مون کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويئي ۽ پر وڏي حب ۽ عزت سان ڪيڪاريائين. وقت وهامي رهيو هو. دير نقصانڪار ٿي هئي. انڪري پڇا ويم ڪملا کي چيم، "ڪملا، هي ڇا! امتحان ڇو ڪين ٿي ڏين؟ اٿ، تيار ٿيءُ؛ مان تو توکي وٺي هلان ..." ڪملا سمجهُو هئي. مون جيڪي ڪيس چيو تنهن سندس امتحان نه ڏيڻ جا عذر ڪافور ڪري ڇڏيا. هوءَ هڪدم اٿي ۽ ڪپڙا بدلائي، مون سان ڪاليج هلڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. مون آڻي ڪيس امتحان ۾ وهاريو. هن امتحان ڏنو. اهو سڄو ڪارنامو بي قاعدي هو، پر اُن ۾ وڏو فائدو سمايل هو، جنهن ڪري جيڪي ڪجهه مون ڪيو هو تنهن تي ذرو به هرج ڪين ٿيم.

ششماهي امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو، پر هڪ مسئلو اَڌورو رهجي ويو. روز مرهه موافق ڪلاس پئي ورتم نه ڪملا جي سڀاجهي صورت ڏسندي اهو مسئلو دل تي تري آيو. ڪملا سان آخر ويڌن هئي ڪهڙي؟ امتحان کان هوءَ هيئن ڇرڪي ڇو ٿي؟ ها، اهيءَ جو ڪارڻ هو. هن جهجهي محنت ڪندي به امتحان ۾ هڪ دفعي ڌڪ کاڌو هو. هاڻ هن جي دل تي وهم ويهجي ويو هو ته هرڪا ڳالهه سندس وٽ کان ٻاهر ٿي هئي!! سندس ڏيل ڏسي ڪوبه اهيءَ ڳالهه تي هولد

سچائپ ڏنائون. هوءَ ڪملا جون ڳڻيون هيون. هُن جو چوڻ هو ته "ڪملا پڙهيو آهي، پر امتحان کان هوءَ هميشه ڏهندي آهي. هونءَ ته دادا پاڻيهي وٽي اچيس ها، پر هوءُ هليو ويو آهي ولائت. هاڻي ڪملا اَچڻ کان ٻاهري واري ويٺي آهي. پتو پيو اٿئون ته توهانجو ڪملا تي چڱو پرڀاءُ آهي. سو جي توهين هلي چوندس، ته هوءَ اوهانجو چيو ڪين موٽائيندي. ۽ هڪواريءَ هوءَ امتحان ۾ اچي ويٺي ته پاڻمرادو سندس امتحان جي اَنڪ لهي ويندي. اوهانجي اَڄ وڄ لاءِ اَسان موٽر آندي آهي." مان وڏي سوچ ۾ پئجي ويس. مان هيئن امتحان جي اَڏ مان ٻاهر ڪيئن ٿي وڃي سگهيس! جن ماڻهن سان منهنجو ڪو خاص رستو ئي ڪونه هو، تن جي گهر مان ڪيئن ويندس!! اتي وري ٻيو ويچار آيم- منهنجي ڌيءُ جو نالو به ته ڪملا ئي آهي؛ جي منهنجي ڪملا کي به ڪا اهڙي اَڙڪ ٿئي ته مان هوند ڇا چاهيان؟ هيءَ ڪملا منهنجي ڪملا کان ڪري وڏيري هئي، پر سڀاجهڙي ته هئي نه!! پوءِ ڇا، منهنجو اهو فرض ناهي ته ٻئي ناتي نه به ڪٽي، منهنجي وديارٿي هئڻ جي ناتي ئي سهين، مان هن جي واهر ڪريان!!!

منهنجي ويچار پلٽو کاڌو ۽ منٽ ۾ فيصلو ڪري ورتم. مان خاص موڪل وٺي، هُن ٻن ڄڻين سان موٽر

پورڻ تي هن چندا ڪٺا ڪرڻ قبوليا، پر ٻاراڙيءَ ٽوٽي هوءَ مولڪي پنهنجي ناڪاميابيءَ جو ڇتاءُ ڏيندي ٿي رهي. تنهن هوندي به مان ڪيس همٿائيندو ٿي رهيس، ۽ هوءَ ڪم کي دل سان جنبي وئي. آهستي آهستي اوڳر ٿيندي رهي، پر ڪملا کي ڪا به سمڪ نه رهي ته سندس گڏ ڪيل رقم ڇڱي آنگ تي وڃي رسي هئي. هن کي هڪ ئي ويچار مونجهائي رهيو هو ته هوءَ ناڪامياب ٿي ويندي. جڏهن سيٺي جون رقمون اچي چڪيون ته ٻين جا پئسا ڏسي ڪملا جي منهن جو پنو ئي لهي ويو! پر جڏهن هرڪنهن جي رقم جي ڳڻپ ٿي چڪي ته ڪملا جي ڪٺي ڪيل رقم ٿي گهڻي ۾ گهڻي لڳتي!! ان مهل ڪملا جي منهن تي هڪ انوکي مرڪ ڇانئجي وئي!!

شتابديءَ وارن کي يادگار ڪاڻ اڃا به وڌيڪ رقم گهربل هئي ۽ انهيءَ لاءِ هنن رنگ-ڀون ۾ کيل ڪرڻ رٿيو. ان لاءِ ٽڪيٽون، اشتهار، وغيره هٿ ڪرڻ ڪاڻ والنٽيئر (بنا اجوري ڪارڪن) گهربا هئا. مون ڪملا کي يقين ڏيارڻ ٿي چاهيو ته هوءَ هر ڪم لاءِ قابل هئي. تنهن ڪري هن کي ئي هن فرض ادائيءَ لاءِ چيم. هن پهرين ته آناڪاني ٿي ڪئي، پر جڏهن ڪاليج جي شان جو سوال اُٿاريم ۽ چيومانس ”تون ڪولابا ۾ ٿي ته رهين ٿي، تنهن ڪري توکي ڪا خاص تڪليف

اعتبار ڪين ڪري، پر هن جو آتم وشواس ٽٽي چڪو
هو. ڇا آتم وشواس وري قائم ڪين ٿي ٿي سگهيو؟
ڇو ڪين! اهو ڪيئن ڪري سگهبو، سو پئي سوچيم
ته پٽيوالو سرڪيولر ڪڍي آيو. سرڪيولر ۾ ١٨٥٧ع واري
آزاديءَ جي لڙائيءَ جي شتابديءَ جي موقعي تي
بمبئيءَ جي آزاد ميدان تي هڪ عمدو يادگار کڙي
ڪرڻ لاءِ چندا گڏ ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيل هئي. پرنسپال
صاحب اوچو ڪي پنهنجي ڏيارڻ ڪاڻ گهٽي ۾ گهٽي
رقم ڪٺي ڪرڻ واري وديارٿيءَ کي لائق انعام ڏيڻو
ڪيو. ڪاليج پاران چندا گڏ ڪرڻ لاءِ مونکي مکي
ڪري رکيو ويو. ڪملا ۾ آتم وشواس واپس آڻڻ لاءِ
مونکي هيءُ سولو وجهه لڳو. اڌياپڪن تي فقط وديارٿين
کي پنهنجي وشيه پاڙهڻ جي جوابداري ڪانهي، سندن
سڄو ڪاريه سچ پچ آهي شاگردن کي ڏيڻ لائق،
جئين هو پنهنجي جيون جي بيڙي سوڌي
هاڪاري، وڃي ماڳ رسن. باقي رڳو ته اکر پاڙهڻ
مان ته ڪو خاص ڪڙ تيل نڪرڻو ئي ڪونه هو. ڪلاس
پورو ڪري مون ڪملا کي پاڻ وٽ سڏايو، ۽ سائس
چندا گڏ ڪرڻ جي ڳالهه ڇوريم. هوءَ اصل نه پيئي
مڃي. مون کيس سمجهايو ته هيءُ ڪم ڪيئن نه تمام
سهنجو هو- چندا فقط همڪلاسين کان ئي نه وٺڻا هئا،
ٻاهرين کان ڪا اوچو ٿوريائي ڪرڻي هئي! گهٽي زور

٣٢- پروفيسر تہ ويسر!

ٻار ويا هئا ناناڻي- ديولاليءَ ڪئمپ ۾. اُتان هڪ ڏينهن چٺي آئي. لکيو هئو، "گوپال کي ٽائفس ٿي پيئي آهي. لڳي ائين ٿو ڄڻ مدي جو تپ اٿس. توهان کي ڏاڍو ياد ٿو ڪري." بس، مونکي ويچار ويڙهي ويا. مونکي ياد ڪين نہ ڪندو هوندو! اُن ڏينهن مٿان پٽ ڄڻ پئي ورنو هوم. ديولاليءَ وڃڻ جي موڪل بہ اُلائجي ڪين ڏني هئي مائس!! ننڍڙو پاڪستان جو ٿيو، سو سڀ ڇڙوڇڙ ٿي ويا هئاسين- ڪٿو ڪٿي، ڪٿو ڪٿي. پر جڏهن ٿي خبر پيئي تہ ڪير ڪٿي آهي تہ سياويڪ پنهنجن سان گڏجڻ جي اُڪير ٿي. سس پاڻيءَ پڻ چئي ڏوڙئي- خود ننڍي ڌيءَ کي چاڙهي موڪليائين تہ ڏاڏلهن کي ڪين بہ سرچائي، وڏي ڀيڻ جي موڪل وٺي، ٻارن ساڻ گڏجي اَچج. مون لاءِ ناڪار ڪرڻ بہ ڏکي هئي. سس بہ تہ ويچاري بيوهہ زال هئي. پنهنجيءَ سان گڏجي هوءَ ڪيڏو نہ خوش ٿيندي! مون لاءِ موڪل ڏيڻ بہ البت ڏکي هئي- گهر ٻار ڪان سواءِ هونءَ بہ اُپاڙڪو ٿو ٿجي، پر جيستوڻي بمبئيءَ جي مٽي تي پاڻڻ ڏني ٽيستوڻي جا اَڪيلائي ٿي محسوس ڪئيسين سا بنگلاديش جا پارت ۾ شرنارٿي سمجهي سگهن تہ خير، باقي مڪاني ماڻهن ۾ اَهڙو اَحساس ڪٿي! اَهڙا ڪُند فهم آهن جو

ڪاڻ ٿيندي،" ٽڏهن مس مڃيائين، ۽ اهو ڪارڊ پڻ عمديءَ ريت سان ٿيو.

ڪملا اڳتي ۽ پهرئين سال پاس ڪئي، پر پوءِ بي. اي پڻ ٿي. ليڪن اهو ڏينهن پڻ اچي سهڙيو، جڏهن هوءَ شينهن ڪلهي ٿيڻي هئي. هن، جيجل ماءُ کي مون وٽ چاڙهي موڪليو. شاديءَ جو جشن پٽيل اسٽيڊيم Stadium ۾ وڏي پيماني تي ڪيو ويو هو. مان شاديءَ تي ويس ۽ جڏهن ڪيس واڌايون ڏيڻ لاءِ سندس سامهون آيس ته سندس منهن تي اهڙي ساڳي مرڪ ڇانيل هئي، جهڙي يادگار لاءِ وصوليءَ جي ڳڻڻ مهل نمايان ٿي هئي. سندس نيڻن ۾ هڪ انوکي چمڪ هئي، جا پڻ چئي رهي هئي، "واڌايون اوهانکي به هجن..........."

مان ڪاليج ۾ هوس ۽ چڱو سڃاڻندو هوم، انهن ڪري خاطري هيم ته جنهن ويل 'ليلي' کي خبر پئي هوندي ته هيءَ مدي جي تپ ۾ مبتلا ڇوڪر منهنجو پٽ هو ته هنجي علاج لوڙي پرگهور ۾ وسون ڪين گهٽايو هوندائين. انهن هوندي به پيءُ جو حاضر هئڻ ٻارن لاءِ وڏو ڏڍ آهي. انهن ڪانسواءِ منهنجو من جو ڳالهيون ڳالهيون ٿي رهيو هو، انهن ڪري ضروري هو ته موڪل وٺي هڪدم ڊيولاليءَ روانو ٿي وڃان، خاص طور انهيءَ ڪارڻ جو چٺيءَ ۾ چٽو لکيو ويو هو، "ڳلؤ اوهان کي ڏاڍو ياد ٿو ڪري."

پر موڪل ملڻ جو امڪان مونکي البت گهٽ ٿي لڳو، ڇو ته ڪاليج جا امتحان ويجها هئا. پيپر ڪڍڻا هئا، ود پارٽين جا ڪارا ڪيل ڪاغذ اپاسڻا هئا، وغيره. تنهن هوندي به اسانجو وائيس پرنسپال، پروفيسر گيانچند ڪيولراماڻي، مروت وارو ماڻهو، رڄ چڱو مڙس هو، سو ونس لنگهي ويس ۽ سڄي حقيقت کان واقف ڪيومانس. منت به ڪين ورتائين. هڪدم چيائين، "تون پيپر ڪڍي ڏي، پوءِ پل هليو وڃ؛ باقي سڀ ڪجهه مان پاڻيهي ڏسي وٺندس." اهڙي دل وٺندڙ به ڪو هجي! خير. مان پيپر ڪڍي، ڪيس سپرد ڪري، ماءُ کي ساڻ وٺي، ڊيولاليءَ راهي ٿي ويس. بخار برابر لٿو هو، پر پٽڙو بت ۾ چڱو ڍوڍو پئجي ويو

ٻڌڻ پيا ته ”آيا ڇو آهيو؟“ اهو به ڪو پڇڻ جهڙو سوال آهي يا جواب ڏيڻ جهڙو! ڪير پنهنجو جهڳو سميٽي، جنم-ڀوميءَ کي بي سبب اَلوداع ڪري ايندو!! ٻار آهن جگر جا ٽڪر، ڏيٺر ڇا، ڀٽ ڇا. انهن کان ڌار ٿيڻ جو ويچار ايندي ئي جسم ۾ جهڻسي وڃي ٿا پون. مون سان ته ائين آهي، ٻين جي خبر ڪين ۽ خاوند کي. ان ڪري ساهميءَ جا ٻٽي ۾ ڳوڙا ٿي پيا. ۾ پنهنجو دک د ٻائي، ٻارن کي ناناڻي وڃڻ جي موڪل ڏني هيم.

هيڏي نيڪ نيت رکي، سوارت ترڪ ڪري، هيءَ ڏکيو قدم ته کنيم، ته به مٿان هيءَ ماجرا اَچي نازل ٿي! خبر پئي ڏاڏيءَ جو هيٺئون ئي هارجي ويو. ٻير ٽپائي کنيائين ته ”جلد ڪر، مان ٻــه هلنديس.“ هڪڙو ئي سکيلڏو ٻٽرو، تنهن کي اچي مدي جو تپ ورائي، ان ئي منهنجي دل ٻڻ ڍهلجي وئي. خبر هيم ته منهنجي گهر-واريءَ جو خود مامو به ڊاڪٽر هو ۽ هوُ ٻڻ ساڳي ڪئمپ جي ساڳي ٻٽرڪ ۾ ئي ته رهندو هو. تنهن ڪانسواءِ چنيءَ ۾ ائين ٻڻ لکيو هئائون ته ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻيءَ جي صلاح سان دوا چالو ڪئي وئي آهي. ان ڪري چڱي تسلي ٿي ته ڊاڪٽري جاچ پڙتال ۽ ديک ڀال ۾ ڪا ڪس ڪسان ڪانه ٿيندي. ڊاڪٽر ڦيرواڻي ڊاڪٽري ڪندي بي اي پاس ڪرڻ خاطر وري اَچي ڪاليج پڙهيو هو جڏهن

چيائين، ”بي اي وارن جي پيپر ۾ سوال آهي پڇيا هئا ۽ جن نسبت شاگردن کي گذريل سال پاڙهيو هو!!“ منهنجا ته ٽانڪ لڳي ويا، ڪنن مان جنسي دونهان نڪرڻ لڳا. اَچانڪ وات مان نڪري ويم، ”هاءِ ويسر! تون به عجيب آهين!!“ ٿي ڏٺمهين بي. اي ۾ هر سال اَٽ ڪم ڪرائبو هو، ڇاڪاڻ ته يونيورسٽي امتحان ۾ سالن کان پوءِ ڪوئي ورتو ويندو هو. منهنجو سارو ڌيان وڃي پٽ ۾ ڪتو هو، سو سمڪ ئي ڪانه رهيم ته سوال ڪهڙي حصي مان ٿو ڪيان! منهنجي منهن جو رنگ نڪتو بدلبو ڏسي وائيس پرنسيپال صاحب فرمايو، ”پر سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويو. وديارٿين براپو اَعتراض اُٿاريو، پر جڏهن ڇيومان ته. اِٿهاس جو اهو حصو اَوهين اَڳي ئي پڙهي چڪا آهيو ۽ هن سال جي يونيورسٽي امتحان ۾ اَوهان کي اَهڙا سوال ڪرڻا ئي پوندا، ته وڌيڪ ڪين ڪڇيائون.“ اَهڙو ڳرو گنڀير ۽ مان مرجاڻا وارو هو اَسانجو وائيس پرنسيپال ۽ اَهڙي ٿيندي آهي پروفيسرن جي ويسر، پر فقط ڪڏهن ڪڏهن، جنهن ٿي ٺٺوليون ڪيون وينديون آهن. پروفيسر هرويرو اَهڙا وسورل ڪين ٿيندا آهن؛ ڇبو ياب و اَهڙو اِتفاق ٿيندو آهي، جنهن کي پروفيسرن ٿي رشڪ ڪائيندڙ ۽ حسد ڪندڙ ڪٽي ڳنڍي بڏلدا آهن، ۽ اِئين وٺندا آهن پروفيسرن کي بي سُود خوار ڪندا.

هو. مونکي موڪل ٿوري ملي هئي؛ هنن ڏينهن ۾ وڏي موڪل گهرڻ بي سود هئي. 'ليلي' ڊاڪٽر سان صلاح ڪيم. چيائين، 'جي ائين آهي ته پل ٻمبئيءَ وٺي وڃينس. فڪر نه ڪر. هتان مان توکي ڪئمپ جي ائمبيولنس موٽر جو بندوبست ڪري ٿو ڏيان. ويندين اُهين ٽي فرسٽ ڪلاس ۾؛ باقي گهر سنڀالي وٺي وڃجانس." سڀ بندوبست ٿي ويا- ڪئمپ مان اسٽيشن، ديولاليءَ کان دادر ۽ اُتان گهر سک سان اَچي پهتاسين. ٻمبئيءَ ۾ علاج لاءِ ڊاڪٽر گوبندرام ٻمناڻيءَ سان صلاح ڪيم. هُو ڏوکي ڊاڪٽر هو، نهٺو ۽ نماڻو. ڪراچيءَ کان ٽي گهڻو واقف هو. سندس نظرداريءَ هيٺ گلوُ بهتر ٿيندو ويو. ٽنهن وچ ۾ جاچڻ لاءِ ڦيڦڙن جا ڦوٽا لڳي ويا. ٻار جو هاڻي اَکين اَڳيان ٿيو ۽ ٺُوبندو ٿيندو ٿي ويو ته مان نسچنت ٿي ڪاليج جي ڪم کي جنبي ويس. سڀ ڪم سهنجائيءَ سان اُڪلي ويو. مان ڏاڍو خوش ٿيس ته رهجي آئي.

هڪڙي ڏينهن پروفيسر گياچند ۽ لوڪلو ويٺو هو ۽ مان پڻ ڪجهه قدر واندو هوس، سو وٽس لنگهي ويس. حال اَحوال ورتائين. ڪڪي جي صحت جو پڇيائين. ائين ڳالهين ڪندي چيائين، "فلاڻا، اِهو ڪيئن، پاڙهيو پر سوال پڇين ٿو هيل؟" مون ورندي ڏني، 'سائين، مون اَوهانجي پروليي ڪالهه سمجهي.'

معلوم ٿي ٿو وڃي ته آخر ودياٿي لکي ڇا ٿا سگهن،
ته ٻوءِ پيپر ڪي قدر ڀرمائيءَ سان ٿا جاچجن، ڇو ته
ٻيءَ حالت ۾ شاگردن جي صفا پرکي وڃڻ جو انديشو
آهي. ٻهراڻ پيپرن جاچيندي اَکَ ٻڻ اهڙو هوري ٿي
وڃي جو ٻوءِ سڄي صفحي تي سرسري نظر وجهڻ سان
هڪ ٿيءِ وٺي ٻئو ٻڌجيو وڃي ته ودياٿي ڪهڙي پاٺيءَ
۾ آهي؛ وڏي ڳالهه ته شاگردن جون چوڪون هڪدم
اُچيون اکين ۾ چڀن! نقص لهڻ ۾ اِلڪري آسانيون
اکيون خاص لکيون ٻڌجيو وڃن. انهيءَ ڪري اِئين
ڪين چئبو ته ودياٿين جي قابليت اِن ڪارڻ آساني
نظر تي اَصل چڙهي ٿي ڪانه! درحقيقت عام ريت
جو رواجي ودياٿي ساڳيو پيا لکن ته ڪٿي ٻه
ڪجهه نئون لکيل هوندو آهي ته اُن ڏانهن آسانيءَ ڌيان
هڪدم ڇڪجي ويندو آهي ۽ هرڪنهن نوانيءَ ۽
نرالائيءَ لاءِ، بشرطيڪ اِها حقيقت جي لحاظ کان صحيح
هجي ۽ جواب ۾ سهڻي نموني ٺهڪائي بيهاري وڃي
هجي، ته اُن کي عمدو داد ڏيڻ کان دل رهي ڪين
سگهندي آهي!! ڪلاولت جي ڪلا وٺرت وڃڻ جي
ناهي، ٻوءِ اِها سندس چتر ۾ نمايان هجي يا سندس
ليکا ۾! سچ ته نقص اکين ۾ هڪدم اُچيو چڀن ٿا ڇاڪاڻ
ته اَکيون سولهن سوپيا لاءِ ٿي واجهه وجهن ٿيون، پر
جي جواب ۾ اَهڙي ڪا خوبي يا حسن آهي ٿي ڪونه،

٣٣- اُک جو اِنصاف

اُسانجو گھڻو تڻو واسطو آھي ڏسڻ ۽ ڳالھائڻ سان؛ اک سان آھي اِنتظام رکڻو ۽ وات سان آھي ڳالھہ سمجھائڻي. اِن ڪري اُسانجي پيشي ۾ اک اُکثر طرح تيز رھي ٿي. اُسان کي نہ فقط اِنتظام ڪاڻ اک تيز رکڻ جي ضرورت آھي، پر اِھا ترڇي نظر پيپرن جاچڻ ۾ پڻ خاص طور ڪتب اَچي ٿي. ششماھي ۽ ساليانن اِمتحانن ويل پيپرن جا ٿھا اَچيو ڪڏ ٿين، جي ڏسي ھوند جان ڏکيو وڃي تہ آخر اِھي پورا ڪيئن ٿيندا! پر جنھن ويل پيپرن جاچڻ کي لڳبو آھي تہ اِئين اُکلي ويندا آھن جو خود پاڻ کي پاڻ تان پيو اَچرج لڳندو آھي!!

مدھنجا يار پڻ عجب ڪائيندا آھن تہ مان اُھڙو تڪڙو پيپر ڪيئن ٿو جاچي سگھان! ھنن کي اِھو ئي ويچار ويھجي ويو آھي تہ اِئين وديارٿين سان بلڪل بي اِنصافي ٿيندي ھوندي. حقيقت ۾ اِئين اَصل ڪينھي. پھرين پيپرن جاچڻ ۾ اَلبت وقت لڳندو آھي ۽ اُنھن سان شايد ڪجھہ قدر سختي پڻ ٿيندي ھجي. اِنھن جي حالت ۾ چاڪاڻ تہ بوجھہ ڪانھي تہ رواجي وديارٿين جو وت ڪيترو آھي، تنھن ڪري اُصول جي ٿي اوت وٺي، اِھي پيپر جاچڻا ٿا پون ۽ اِنڪري سياويڪ اِنھن سان ڪجھہ سختي ٿيندي ھوندي. پر جنن ٿي

نراليون هيون. ڪجهه ڏينهن ٿيا هئا ته منهنجي دوست نئين سال لاءِ تيار ڪيل ليون تصويرون ڏيکاريون ۾ سينگاري، رنگين ڇپيل هيون. انهن مان هڪ جي، جيڪو ٿي آيو، تنهن خوب ساراهه ٿي ڪئي، ۽ انهيءَ ڪارڻ منهنجي دوست کي خاطري ٿي چڪي هئي ته، اها تصوير مولڪين پڻ پسند ايندي. سو هڪ دفعو منهنجي واتان پنهنجي تصوير جي ساراهه ٻڌڻ جي آشا سان، مان جنهن ڪرسيءَ تي ويٺس، تنهن ئي مولڪان انهيءَ تصوير بابت رايو پڇيائين. سڀني طرح تصوير وڻندڙ هئي. منجهس ڪشمير جو دلڪش نظارو پيش ڪيل هو- ڀريان برف ڇانيل پهاڙن جي قطار، اُن اڳيان ڊگها ساوا وڻ ۽ بلڪل ئي اڳيان هڪ سندر ڪشميري ناري، جنهن جي پٺيءَ تي جهول ۾ ٻار هو. رنگ ۽ نظاري جي وچار کان چتر ڪافي ڪشش- ڀريو هو، پر تصوير ۾ ڏيکاريل ناري ۽ سندس پٺيءَ تي جهول ۾ ڏيکاريل ٻار ڏي ٻيهر نهاريندي منهنجو رايو بدلجي ويو. منهنجي دوست کي منهنجي منهن جي رخ مان شڪ ڪائي ويو ته ڪٿي مون ئي ڪا کسائي رهجي وئي ٿي ڏسجي. جڏهن مان تصوير ڏسي رهيس ته مرڪندي دوست کي چيم، ”دامن، تصوير رواجي طرح ته ٺاهوڪي ٿي لڳي، فقط اُن ۾ ناري ڪشميري ٿي لڳي، پر ٻالڪ امريڪي! جڻ اُن سمي جي تصوير

ته اُن حالت ۾ داغ ۽ ڏوڏا، وڏون ۽ خاميون ڍڪڻ کي سرخرو ڪرڻ ڪاڻ اَچيو آڏو ٻيهن!!

هڪڙي ڏينهن دوست جي پريس ۾ وڃڻ ٿيو. هن جي ڇاپخاني ۾ اَڪثر ريت ڪئلينڊرن لاءِ تصويرون ڇپبيون هيون، جي هر سال لکن جي اَنداز ۾ وڪامنديون هيون. دامودر سيٺ هر سال مشهور چترڪارن کان نوان نوان چتر خريد ڪندو هو ۽ سال بسال ايون تصويرون ڇاپيندو هو. مان به وقت بوقت پيو سندس پريس ۾ ايندو ويندو هوس، جو هوُ منهنجو ننڍي هوندي کان دوست هو. جنهن ته ڪيس خبر هئي ته اقص لهڻ ۾ منهنجي اَک ڪافي تيز هئي، تنهن ڪري اَڪثر ريت هوُ مونکان ڪنهن به تصوير بنسبت راءِ ڪين پڇندو هو. هن کي اها پڪ خاطري هئي ته جيڪڏهن ڪا به تصوير مونکي پسند پئجي ويئي ته اُن جي ڪليءَ طرح تعريف ڪرڻ کان منهنجي دل رهي ڪين سگهندي، جيتوڻيڪ ڪيس اها پڪ پليءَ پيت ڄاڻ هئي ته مون وٽان تعريف يا داد حاصل ڪرڻ ڪوسٿرو ڪم ڪين هو.

ڇاڪاڻ ته پيل چوڪ ۾ منهنجي دوست هڪ ٻه دفعو مونکان ڪن تصويرن بنسبت راءِ پڇيو هو ۽ مون ڪيس تلخ، پر تز، راءِ ڏنو هو، تنهن ڪري هن وري منهنجي راءِ وٺڻ کان بنهه بان ڪري ڇڏي هئي. پر اُنهيءَ ڏينهن جو مان وٽس ويس ته حالتون ڪجهه

۳۴- گستاخي معاف

جون جو مهينو شروع ٿيو مس، ته ڪاليج ۾ داخلا
لاءِ ڌمچڪر لڳي ويو. هونءَ ڪنهن ڪان چار پئسا ڪٽي
گهر ته شوم جهڙيون اکيون ڪيو ائين گهوري نهاريندو
ڄڻ ڦس پڇيس ته هوند آلبا گڏيون ڪڍي آٽي ڏي پري
ڪري. پر ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪرڻ لاءِ هرڪو هوند
ڪيترو به پئسو هاري ته دل ۾ ڪين ٿيندس، ۽ سو ٿي
ري جڏهن هند ڪاليج ۾. جنهن کي ٿي داخلا ملي سو
ليج مان هڙ ڪوليو، ڦي ڀري، رسيد ۽ ڪاليج ۾ گهڙڻ
جو پروانو هٿ ڪري، راهي ٿي ٿي ويو، متان ڪو
ڏيس ڏسي نه وٺي! هفتي اندر داخلائون ختم!!

ڪاليج جي ڪلرڪ ۾ اچا ڪجهه ڏهاڙا پيا هئا ته
ڄؤبولو مچي ويو. جن نون ودياٿين پنهنجي ايس.
ايس. سي امتحان ۾ ڪميل مارڪن جو سرٽيفڪيٽ
پيش ڪين ڪيو هو، تن تي پنج رپيا ڏنڊ! جنسي
ڻائيدوس مچي ويو. هڙو ظلم!! سرٽيفڪيٽ پيش
ڪرڻ جو شرط فارم تي نه ڇپيل ڪين هو. ڦي ڀرڻ
يل پڻ انهيءَ بابت ڪي ڪين چيو ويو هو. ڪاليج
ي رولن جي يادداشت ۾ انهيءَ بنسبت پڻ ڪجهه
ڪين چاڻايل هو. پوءِ ڀارن کي خيال ۾ اچي ڪيئن ته
مارڪن جو سرٽيفڪيٽ ڪاليج ڪلرڪ ڪان اڳ۔ ئي پيش
ڪرڻ جڳائي! ڦي ڀري، ڪاليج جو ڪارڊ هٿ ڪري،

ڪيمپبيل آهي جڏهن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ وېل آمريڪي سولجر پارٽ ۾ لڳل هئا.” رايو ٻڌائيندي منهنجي دوست جون اکيون لڳي ويون. هو اندر جو اندر ۾ پڇتائڻ لڳو ته ناحق رايو پڇيو ماس. پر ڪيس خاطري هئي ته مان جيڪي چئي رهيو هوس، سو سؤ ٽڪا سچ هوندو. منهنجو رايو ٻڌو ڪندي مون ڪيس چيو، ”منهنجي جي اکين ۾ مهاتمن ڏي نهارڻ سان سچ پڪي ظاهر ٿيو بيهي.” جڏهن هن ٽيئن ترت سان تصوير کي يڪبارگيءَ نظر مان ڪڍيو ته هو پڻ مونسان شامل راءِ ته ٿيو، پر اڳتي مونکان رايو وٺڻ جي پڇر ڇڏي ڏنائين.

هرج پئي ٿيو، پر سخت هدايتن ملڻ سبب هوءَ پڻ لاچار هو. پنج رپيا مون لاءِ بلڪل ٿي خسيس ڳالهه هئي، پر اُصولي طرح مونکي هيءَ ڳالهه اَصل ڪين آنڙي. اَندر وارو اِلهيءَ تي ٻوسري اُٿيو، ۽ هن ناحق خلاف آواز اُٿارڻ لاءِ ڪڙو ٿي ويو. پئي ڏينهن پرنسپال صاحب ڏانهن خط لکي تيار ڪري ويس.

مهربان پرنسپال صاحب،

اَوائل ۾ ٿي اِهو صاف ڪرڻ ٿو گهران ته، هيءَ ڪا پئيل ڏنڊ جي واپسيءَ لاءِ درخواست ڪانهي.

اَوهان جيڪو شاگردن تي پنج رپيا ڏنڊ وڌو آهي، سو ڪنهن به لحاظ کان مناسب نٿو لڳي. شاگردن کي مارڪن جا تفصيل پهچائي ڏيڻ جو اطلاع پوريءَ ريت ڪين ڏنو ويو هو. شاگرد داخلا وٺي، گهر هليا ويا هئا ۽ سندن پٺيان اِهو نوٽيس لڳايو ويو هو. اِلهيءَ ۾ هنن جو ڪهڙو قصور! تنهن کانسواءِ مارڪن جي سرٽيفڪيٽ ترت پيش ڪرڻ جي طلب به خاص واجب ڪينهي. اِهي سرٽيفڪيٽ يونيورسٽيءَ ڏي موڪليا آهن آگسٽ جي مهني ۾. پوءِ اَهڙي ڪهڙي گهاٽي پيئي هئي جو اُنهن جي فورن طلب ڪئي وئي! ٿيون ته ايترو ضرور ويچار ڪرڻ گهربو هو ته، هي پهرئين سال جا شاگرد، ڪاليج ۾ اَڃا نوان داخل

هرڪو ٽيچنگ ٽپا ڏيندو، گهر هليو ويو. ڪاليج ڪلڪ
کان اڳ، هُو وري ڪاليج اچن ئي ڇو؟ اچي وري
نوٽيس بورڊ ڇا لاءِ پڙهن!! ڪاليج اڃا کليو ئي ڪين
هو ته پوءِ نوٽيس وري ڇا جا!!! پر پرنسيپال صاحب
کي نوٽيس هٽائي ڇڏيو هو ته پندرهين تاريخ اندر
هرڪو مارڪن جا تفصيل ڪاليج آفيس ۾ پهچائي وڃي،
نه ته پنج رپيا ڏنڊ! هرڪو ڪاليج ۾ آيو ويهين تاريخ،
سو ڏنڊ جو نوٽيس پڙهي آپرس ۾ پڇي ويو- جي
ڪاليج شروع ٿي ڪيوسين ڏنڊ سان، ته اڳتي هلي
الائجي ڪهڙو وئل ڍهندو!!

هو ته سورو ناحق، پر ڪجهي ڪير! حق جا حامي
سڀ روءِ پوش هئا!! ڪلارڪن کي به هن باري ۾ هدايتون
اهڙيون سخت مليل هيون جو هُو پڻ لاچار هئا. ڪين
ڪهڙي به نسيبنگ کي ڏنڊ معاف اصل ڪين ڪرڻو
هو! خود وائيس پرنسيپال پڻ هن ڳالهه ۾ دخل ڏيڻ
کان ڪيٻايو!! ويچارا نو سؤ وديارٿي بي-گناهه قاعدي
جي ڀڃڪڙيءَ جي الزام هيٺ اچي ويا ۽ مٿن جرمانو
مڙهجي ويو!! ڪوبه سندن بدر ڪٽڻ جو جگر نه
پيو ساري.

مونکي پڻ پنهنجي پت جون مارڪون پيش ڪرڻيون
هيون، جي دپرسان ڏيڻ ڪارڻ مونکان پڻ ڏنڊ وصول
ڪيو ويو. ويچاري ڪلارڪ کي مونکان ڏنڊ وٺڻ ۾

ط فلاڻي کي ڏيکاريندس، فلاڻي کي ڏيکاريندس،
تنهنجي فائيل ۾ اٽڪائي ڇڏيندس ته پل ته مولڪان
وءِ جيڪي پرنسپال تي اچن تن کي پڻ تنهنجي
افعالن جو پتو پوي. تون منهنجي فيصلي جو پڇاڙو تو
ڪرڻ! اهي ڳالهيون تنهنجي آڏو اينديون.“ ’اُها
وهانجي مرضي. پل منهنجو خط جنهن کي وڻيو، تنهن
ي ڏيکارجو.‘ منهنجو من ته انهن تي چولڊو رهيو ته
منهنجو خط پڙهي هرڪو مٿس تي عجب ڪائيندو!!
خير، مان ته ڪانئس موڪلائي جلد موٽي آيس.
منهنجي خط، صاحب جي خود مختياريءَ واري مزاج
ي ضرب رسائي هئي. صاحب جن جا پ، ڏالا
ور ڏا هئا، تن مان هڪ کي ته منهنجو خط ڪين ڏيکاريائين.
ڏيکاريائين مورڳو وڃي پروفيسر رام کي، جنهن مولکي
اچي چيو، ”کهڙي ڏانگ تي پير پيو هوءَ جو هيترن
جي وڻي لڳو صاحب کي ڪڙي سچ جي سرڪي
ونائڻ جي همت ساڙي!“ مون نهه پهه ورندي
لي مانس، ’چو ته پين جي مڙسي ظاهر پٺي ڏني.‘
پر الهيءَ مان هاڻي مولکي پنهنجي مڙسيءَ جي پڻ
لڳيءَ پت سڌ پئجي چڪي آهي - مولکي جو سچ چوڻ
سبب پئسي ۽ پگهار جو چڱو رسيو آهي تنهن مان
اچا سوڙ و پيو سيڪجان، پر الهيءَ ڪارڻ مولکي تر ماتر
ه اَرمان ڪولهي ۽ نه وري اَتم سگوري ٿي. ايم لاءِ
ڪا شڪايت. پنهنجي مڙسيءَ جو ڪيتو لوڙڻ ۾
هرج ٿي کهڙو!

ٿي رهيا هئا ۽ اُچا اُلڙئي هئا، تنهن ڪري ساڻن اهڙي ٽڪر ۽ گڏو گڏ ڏنڊ ڏيڻ جي تعدي نہ ڪرڻ گهرجي هئي. هو ڪاليج جا نوان ڀار هئا، جن سان نرمائيءَ سان ورتڻ ئي واجب هو. منهنجي نظر ۾ ڪنهيل قدم ود ڀارئين جي من ۾ ڪاليج لاءِ ڪو وڻندڙ اثر پيدا ڪين ڪندو.

اَوهانکي هن خط ۾ جيڪڏهن ڪجهہ بہ اُگرو لڳي تہ اُن لاءِ آءٌ معافي طلبگار آهيان.

اَوهانجو پنهنجو،

ڇ. م.

خط پٽيوالي کي ڏنم، جو جهٽ وڃي صاحب کي پهچائي آيو؛ پر موٽ ۾ ليائو پڻ ڪٺي آيو- ”صاحب اَوهانکي سڏي ٿو.“ مان اوڏي ويل واندو هوس، سو وٽس لنگهي ويس. خط پڙهي، صاحب جو منهن ٽامڻي ٿي ويو هو. پر پاڻ سنڀالي، مونکي وهڻ لاءِ چيائين. مان ويٺس مس تہ مٿس اُچي مٿيو: ”ڏاڍو چالاڪ آهين. سڀ ڪجهہ ڇٽي، مٿان ٿـو لکين، ’ڪجهہ بہ اُگرو لڳيو تہ معاف ڪجو.‘ سمجهين ٿو تہ ڇا لکيو اَٿيئي!“ مون ڌيمي جواب ڏنو، ’جيڪي سچ سمجهيم سو ئي نہ لکيو اَٿم، پوءِ اُن مان پل اَوهين ڪهڙو بہ آنومان ڪيو.‘

”مونکي تہ تو مان اَهڙي اُميد ڪانہ هئي. مان تنهنجو

ڻ دلچسپ هئي، انڪري اها ڇوڄ سان پاڙهڻ ٿي
چاڙهيم. عيسوي سنه کان پنج ڇهه صديون اڳ، دنيا ۾
ر جتي ڪٿي سماج سڌارڪ ٿيو ۽ ڪيترن اسرپا ۽ هندن
انسان ذات جو ڪيترن ۽ ڪهڙو آڌار ڪيو. انهيءَ تي
ڳالهائڻو هو. وشيه اهڙي ته دلڪش هئي جا هڪدم
مولڪي ڪلاس ڏي گهلي هلي. منهنجي اها خوش
قسمتي آهي جو مولڪي ڪلاس ۾ انتظام رکڻ جا ڪي
۾ خاص مسئلا درپيش نه آيا آهن. ڪلاس ۾ گهڙڻ
سان مون اچي پنهنجي جاءِ ورتي ۽ ودياريتين کي
پنهنجين جاين تي نهي ڪي وهڻ جو وجهه ڏنم.
اچا پار آهن: ڪن کي اڳيان وهڻ ۾ مزو اچي ۽ ڪن
کي وري پٺيان وهڻ وڻي، جتي پروفيسر جي مٿن
خاص نظر نه چڙهي! ڪي ڪٿي نه وهي پاڻ ٻڌڻ
۾ من لائي سگهن، ڪن کي وري پڪو مٿان ضرور
گهرجي، نه ته ڳالهه سندن مغز ۾ وهي ڪٿان ٿي!!
ڪن کي سنگتي ۽ ساهيڙيون وٽجهيون کپن، پيا الڳ
وهڻ پسند ڪن، جتي پروفيسر جو هڪ هڪ لفظ چٽو
جهٽي سگهن. آهن اهي سڀ پراڻيون ڳالهيون، ڇاڪاڻ
ته جنهن مهل پروفيسر پاڻ ٿو شروع ڪري تنهن مهل
ٻڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. ٻئي سان
ڳالهائڻ هو سهندو ڪين ۽ انهن ماٺ ڪري وهڻ
ڪنهن کي ايندو ڪين. انهيءَ نهي ڪي وهڻ ۾

٣٥- چٽ-چور

پاڙهڻ ۾ پنهنجو آنند آهي. جڏهن هيڏا وديارٿي هڪ هنڌ اچي مڙن ٿا ۽ ڪجهه پرائڻ لاءِ هو منتظر ٿا نظر اچن، ته، ڪين پاڙهڻ تي دل ڪيئن نه ٿيندي! هونءَ ته جواني ديواني آهي، هو ماٺ ڪري وهڻ وارا ڪٿي آهن، ڪا نڪا حرڪت ڪين سجهندي ئي رهي ٿي؛ اهي جي سانت ڪري اِئين اچي ٿا وهن چٽڪ جاڻن ئي ڪين، تن کي ڪجهه سيکارڻ تي دل ڪيئن نه ورندي!! ويتر جو وديا گر جي من ۾ ڪنهن به قسم جو بوجو ڪينهي، ته هن جي لوچنت هئڻ ڪارڻ سرسوتي ديوي سندس مکان ۾ بوليندي ته ٻيو ڪٿان ڪڇندي!!! پروفيسر پڻ هڪ پير مثل آهي. هو جڏهن پاٺ ڪرڻ ڪاڻ پنهنجي مٿاهين جاءِ تي اچي ٿو ٻيهي، ته هو ڌڻ جي ڌڻيءَ مثل دل مان ٻولي ٿو، جو وديارٿين جي اندر ۾ يڪدم پهچيو وڃي ۽ دماغ ۾ هڪدم ويهجيو وڃي، ۽ هو ڪيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهن. جڏهن اهڙو وايو منڊل پيدا ٿئي ٿو، تڏهن پاڙهيندڙ کي پنهنجو لطف پوي ٿو ۽ پڙهندڙن کي پنهنجو رس ٿو اچي.

مان به اهيءَ ڏينهن گهران ساجهر ئي نڪتس ۽ ڪاليج ۾ پوري وقت تي اچي پهتس. گهنڊ لڳو ته ڪلاس طرف وک کنيم. اهيءَ ڏينهن پاڙهڻ جي وشيہ

ليڪچرر ڏانهن رهيو هو! اها قاعدي جي ڀڃڪڙي هئي، انتظام ڪي ٺوڪر هئي،.......... منهنجو چٽر سڄاڻ آهي سخت خاردار، سو هڙي بيهودي هلت ڪيئن تو برداشت ڪري! پوءِ ڀلا ڇا ڪجي؟ مون پنهنجي اندر واري کان پڇيو. ٿهه پهه اندر واري چيو ته هنکي سندس غفلت کان آگاهه ڪجي. پر سو به ڪيئن؟ جي ڪليو ڪلاڪ ڪيس چئبو ته جوان بگڙي ويندو- سڄي ڪلاس اڳيان جا سندس پسوڙ پڌري ڪبي ته جوڙلان نه وٺندس!! ڪير هيئن پنهنجي بيعزتي برداشت ڪري سگهندو!!! سوال ٿي اٿيو ته پيو ڀلا ڇا ڪجي؟ ها، هڪ رستو هو، نه ڪنهن اهڙي اشاري سان سندس ڌيان ڇڪائجي جو سندس عزت به رهجي اچي؛ پاڻ ۾ پڻ رخنو نه پوي.

پاڻ نه ڇالوُ ٿي رهيو. هاڻي اشارو ڪهڙو ڪجي، جو هن نوجوان، جنهنجو چت چورائجي چڪو هو، تنهنجو ڌيان مون طرف ڇڪجي. گهڻيئي حيلا هلايم، مخفي ٽيڪا ٽپڻي پڻ ڪيم، پر هوُ هن ليڪچرر ۾ اهڙو نه مگهن هو، جو منهنجا سڀ اشارا بي سود ٿي ثابت ٿيا. هاڻي ڪجي، سو ڪجي ڇا! مون نه ڏٺو ن ڪين گهٽايو هو نه هرڪنهن جي رهجي اچي، پر هوُ نوجوان سمجهي چو ٿو!! هيڏانهن منهنجو اندر وارو پڻ اڳيان وڌڻ کان پر ڪڍي بيٺو- هن بي شرم سمجهيو ڇا ٿي؟ اهڙن بيهودن کي وديا ڏيڻ مان ڪهڙو سوُد!

خاص ويهر ڪانه ٿي لڳي، سو جڏهن ٿي ڪلاس ۾ سانت
ٿي، ته مون پنهنجو پاڻ شروع ڪيو.

ٻار ٻڌڻ لاءِ تيار هئا ۽ مان پاڙهڻ لاءِ تيار. اڪري
پاڻ لس هلندو هليو. دماغ ڊوڙندو هليو، وات
ٻوليندو هليو، ڪنڌ ڦرندو رهيو ۽ هٿ هلندا ئي
هليا. ائين ٿي مهنجي چترسجان (اندر واري) ڪجهه
وگهن محسوس ڪيو. ود پارٽي ٻنهه سانت ۾ سڀ ڪجهه
ٻڌي ئي ته رهيا هئا، پوءِ وگهن ڪهڙو ٿي پيو! گهڻو ئي
پاڻ کي سمجهايم ته اهو تنهنجو خام خيال آهي، مگر
ان دليل سان مهنجو اندر وارو ڪين سڌو ۽ پاڻ ۾
سچ پچ پنگ ٻوڻ شروع ٿيو. جهٽ پٽ اکيون چؤطرف
چڪر لڳائي آيون ۽ ڳالهه هڪدم نوٽ ٿي ويئي. هڪ
ليڪو جو ڌيان پاڻ ۾ نه هو، ٻر ڪنهن ٻئي طرف.
هو وينو برابر مات ڪري هو، پر هو مون طرف ڪين
نهاري رهيو هو. هو ڪنهن ليڪو طرف ئي نهاري
رهيو هو، جا ڪجهه قطارون اڳيان وينل هئي. هن جو
سڄو ڌيان مهنجي پاڻ ۾ ئي هو ۽ ڪيس اهڙي ڪاٻه
سمڪ ڪانه هئي ته سندس ڪو همڪلاسي ڏانهنس
يڪ ٽڪ نهاري رهيو هو!!

پوءِ پلا ڇا، جي هڪ ڇوڪر جو ڌيان پاڻ ۾ ڪين
هو؟ هو نه ڪو ڪاهل ڇوڪر ڇٽيو. جڏهن هن کي
مون ڏانهن ئي نهارڻ کپندو هو ته هو نهاري وري هن

٣٦- انوکو اجُورو

سنسار آهي مايا جار. هڪ اُڪندا ٿي لهي، ته
ي جهٽ اَچيو ورائي. ڪراچيءَ مان لڏي بمبئيءَ
پيرا ٿيا سين ۽ نهي نڪي مس وينا سين ته مس بائيءَ کي
اَچي چنتا ورايو ته سندس لنڊي ڏيءَ اَلائجي ڪڏهن
شيندهن ڪلهي چڙهندي- اڻ تڻ اها ٿي ته پنهنجي
جيٺري ڏيءَ اُڪلائي وڃان. ڏٺيءَ سندس پڌي.
هن دل گهريو ليا ٽو ڪليائڻ ڪئمپ ۾ ٿي ڳولي هٿ
ڪيو، جتي پاڻ رهندي هئي. مڱڻو ٿيو ته هوءَ
خوشيءَ ۾ نه پيئي مائي! الهيءَ لاءِ سبب به هو- ڇو ته
سيئي سنڌيڻ لاءِ پاڻ پالڻ ٿي ڪافي ڪنن هو، تڏهن
ڏسي وائسي ڳچيءَ ۾ ڳت وجهڻ وڏي جرئت واري
جو ڪم هو! پر شادي وهنوار اهڙو منو آهي جو ڏکئي
وقت ۾ به ماڻهو شادي مدائڻ ڪان منهن لٽا موڙين-
پيل بمگولا پيا بوسن ته شادي- ڪار نه ۾ ڄڻ وگهن پوئي
ڪين. پر بمبئيءَ ۾ حالتون هرو ڀرو اهڙيون ڏکيون ڪين
بڻيون. قسمت واري هئي منهنجي سالي، جو ماڻس
سندس لاءِ ملوڪ گهوٽ هٿ ڪيو هو- شڪل جو
سهڻو، قد بت جو وريل ۽ وڏي ڳالهه ته ڪسٽم جي
عمدي سرڪاري نوڪريءَ وارو. نئون نائي ڏسي،
مس بائي پيئي نري!!

سک سان مڱڻو طئه ٿيو ته مس بائيءَ کي اَچي پيءَ

منهنجو ڳالهائڻ اوچتو بند ٿي ويو. منهنجو ٻچيل پاڻ اِهو ٿي هو ته ياشڻ کٽي بند ڪجي. منهنجي هيٺن اوچتو مات ٿي وڃڻ لئي هرڪو واتڙن جيان مون طرف نهارڻ لڳو، پر مان ته مرڪي رهيو هوس. هاڻ ته سڀني جي حيرت جي حد نه رهي ۽ هو هڪ ٻئي طرف نهارڻ لڳا. هو جوان آچا پڻ پنهنجي طرف ٽڪ ٽڪ نهاريندو ئي رهيو- سندس دليا ۾ ته ڪا زلزلڪ يا رخنو پيو ٿي ڪين هو! هڪ ٻئي ڏي نهاريندي، سڀ ٻروڙڻ ٿي هرڪنهن جي منهن تي مرڪ ڇانئجي وئي!!

منٽ ٻه اِئين گذري ويا. ڪلاس ۾ سن سناٽو قائم ٿي رهيو- جڏهن پروفيسر پاڻ شانت هو، ته شاگرد ڪيئن ڪين! اِنهيءَ سناٽي آخر هٽي وڃي هند ڪيو. مات مڙس کي محسوس ڪرايو ته رنگ ۾ ڪجهه ڀنگ پئجي چڪو هو. طلسم جو اثر مس ڪري ٽٽو- ڇوڪر ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿيو- مولکي مرڪندو ڏسي، سندس اکيون زمين ۾ جهڪي ويون. ڪلاس ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو. جڏهن مات ٿي ته ياشڻ وري چالو ٿيو ۽ گهنٽ وڄڻ لئي اِهو سماهت ٿيو. آچا ٽوٽي جڏهن ٻه اِهو ليڪچر مولکي گڏ ٻو آهي ته مرڪندو ضرور آهي، پر سندس نظرون وري ٻه زمين ۾ کپي ويندڙيون آهن.

گھمائڻ جو مقصد هو ڪيس ٿالهي ٻڌي خرچي ڏيڻ-
ـڪي ساري سوني ڪنٺي!! اسان ۾ اها رسم هئي، ۽
رواج جو آب ڪرڻو ٿي هو، نه ته اجايا الومان لڳڻ
جو ٿي انديشو هو. سنڌو صاحب شايد ڳالهه مون لاءِ
۽ پاڻ لاءِ سولي ۽ هلڪي ڪرڻ ٿي گهري. پاڻ ۾ گڏيا
ـه هئاسين ۽ آءٌ جي ڪيس اهڙي ڪنٺي ڏيندس ته ڏيان
ـه اولو ٿي لهي پوندو. ها، ڪنٺي ائين ٿي ڏيئي ڇڏيان،
ڄڻ ڪا هڪ ٻانڌيءَ ٻالهي هئي! سس ٻائي ڇا چوندي!!
ڪم ڪجي شان مان سان. سو ڪيس ڪجهه قدر وڌيڪ
ـر پيڻ سان سنڌوءَ گهمڻ لاءِ هلڻ ڪاڻ مس تاريخ ۽
ٽائيم مقرر ڪيو.

اهو ڏينهن اچي سهڙيو. سنڌو صاحب پڻ سنت ٿي
ـهڇي ويو. پهرين پهرين هلياسين سات ٻيلو ڏسڻ. سنڌوءَ
جو چوڻ هو ته سات ٻيلو سندس اکين ٿي ڏٺل هو. باز
آڻڻ لاءِ چيومانس، "مون سان گڏ جي هلندين ته نظارو ٿي
ـرالو پسندين. پاڻ امين ٿيو." سات ٻيلي پهتاسين ته مون
ـد رٻان کي مهنت صاحب لاءِ ليايو ڏنو. درٻان جهٽ
موٽيو ۽ اسانکي مهنت صاحب جي حضوريءَ ۾ هلڻ
لاءِ آزي ڪيائين. پوءِ اڳيان پاڻ، پٺيان اسين. هن
ـمانائتي مرحبا تي سنڌو صاحب کي البت اچرج لڳو.
ـر ڪڇيائين ڪين، ۽ اسين هلياسين مهنت صاحب
ـسان ملڻ. مهنت صاحب جي ٻينڪ تي پهتاسين ته

ٽاٽ ٽاڪيو- ”منهنجي ننڍي ڀائيءَ سان مردانا سهڄ ڪير
ڪندو!“ منهنجو سهرو ته ڪڏهوڪو، ڪراچيءَ ۾ ٿي
گذاري ويو هو. آخر وات سڄهي آيس. نيائو موڪلايائين
مون ڏي- ”گل جي گهوٽ جي خاطريءَ جي جوابداري
اَٿو اَوهان تي.“ ذميواري جڻ بُرسر ٿي چڪي. ننگ
نباهڻ جي خيال کان سنڌوءَ سان وڃي گڏيس. چيومانس،
”مهب، ڪڏهن هلبو گهمڻ ڦرڻ؟“ ڳالهه دل سان
جڻ خاص ڪانه آئيس- 'بمبئي ته ڏٺي پيئي آهي،
وڌيڪ ڏسڻ جو باقي آهي ئي ڇا!' منهنجي سؤمان
کي جڻ صدمو رسيو- ڪلياڻ جو ماڻهوُ بمبئيءَ واري
کي چئي، 'بمبئيءَ ۾ رکيو ڇاهي!' منهنجي پيڻيوني
پڻ ڪراچيءَ ۾ اَهڙيائي اِت هنئي هئي، پر جڏهن
ڪنفي گرانڊ جي آئيس ڪريم جي چاٽ چکيائين،
هوا بندر جي روپهند بيلارام پارڪ ۾ ٽهليو ۽ ٽاج محل
جي ٽازو چالوُ کيل سنيما-گهر ۾ راجا هرشچندر جو
کيل ڏٺائين، تڏهن مجبورن ساک پرٽي ٿي پيس-
”بيشڪ اِهي لطف مون اَڳي ڪين ماڻيا هئا“ سوهيل
وري ڪيئن پاڻ کي هيٺ ڪندس!! الهيءَ ڪري
سنڌوءَ کي هرڪايم- 'اَهي هند ماڳ، ڏيکاريندو سانءِ
۽ اَهڙا لطف وٺائيندو سانءِ، جو اَڳ، ڪڏهن نه ماڻيا
هوندءِ.' سنڌوُ صاحب گهڻو ٿي ٽٽايو، جو اَهڙيءَ حالت
۾ سندس لاءِ گهر اَويرو پهچڻ جو اِمڪان هو. هن

عجب ٿيو ڪائي نہ. اسان سان هيءَ وڏن ماڻهن وارو
سلوڪ ڇو ٿي ڪيو ويو! سندس من اهڙو پڄي آيو
جو مولڪي پاسيرو ٿي چيائين نہ "اوهين بہ ڏڪڻا طور
ڪجھہ رکو نہ!!" مون ورندي ڏنيماس تہ "لون ڪو
اُلڪو نہ ڪر، مون خاصي رقم اڳي ئي پياري ڇڏي
آهي!!! مڙس جي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن
موڪلائڻ وقت مون مهيت صاحب کي پرڻائين پرنام
ڪيو. هُو اڃا سوڊو پاڻڻ ۾ رڌل هو، تہ بہ مولڪي
اشاري سان سنيوءَ کي وٽس موڪلڻ لاءِ چيائين، ؛
جڏهن هُو اُتي پهتو تہ مهيت صاحب کيس هٿ ۾ ٽاريل
ڏني، پکر پهراڻي!!!! پاهر نڪرڻ تي سنيوءَ پاڪر
پائيندي، چيم، "دادا، اوهان بيشڪ ڪٿيو." هھڙي
مرحبا مولڪي ڪڏهن خواب خيال ۾ بہ هوند ڪانہ
اُڇي. سندس منهن تي هڪ سوال اُڀري اُچي بيٺو
جنهن تي سربستي ڳالھہ ڪري ٻڌائيماس تہ ڪيئن
رقم پياري هيم، جو اڄ هيڏي آب مان جان پاڳي
ٽليا هئاسين.

سال ٿيا تہ ڪنهن صاحبلوڪ، جو ڪنهن زماني ۾
سنڌ ۾ ڪلڪٽر ٿي رهيو هو، تنهن پنهنجي هڪ ليک ۾
ظاهر ڪيو تہ ساڌ ٻيلي جو اوائلي اتهاس ڪڪ اڌ-بس،
من گھڙت ؛ بي بنياد ڏند ڪٿا مثل هو، ڇو تہ اُن
۾ جنهن انگريزي ڪلڪٽر جي وڪنڊي مهراج (جنهن ئي

هن اُسانجو عمدو آڌرڀاءُ ڪيو. مون مهنت صاحب سان پنهنجي سنڌ وارن جي واقفيت ڪرائي، جنهن تي ڪيس نهايت خوشي ٿي. اُتان خوش خيرعافيت پوري مس ٿي ته بجلي گهنٽيءَ جي سڏ تي مهنت صاحب جو منتري ۽ ڀنڊاري جهٽ اچي سهڙيا. هڪ کي ساڌ ٻيلي جو سير ڪرائڻ ۽ ٻئي کي پرساد ورتائڻ لاءِ اک جي اشاري ۽ زباني طرح خاص ۽ ڇٽيون هدايتون ڏنائين. پوءِ مهنت صاحب فرمايو ته جيئن ته سندس روزاني وياکاڻ جو وقت اچي پيو هو، جنهن لاءِ منڊپ ۾ ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا، تنهن ڪري هو اُسان کان ٽڪڙو موڪلائڻ لاءِ لاچار هو.

پهرين منتري اُسانکي ساڌ ٻيلو گهمائڻ لاءِ وٺي هليو، تفصيلوار سڀ سمجهائيندو هليو. اُها ڏهين ۾ وٺي هلي ڏيکاريائين جا ٺڪيڻي مهراج ڀارت جو رٿن ڪندي مهالڪشمي مندر ۽ حاجي عليءَ جي زيارتگاهه نزديڪ، سمنڊ جي ڪناري تي، سؤ ڪن ڪجهه سال اڳ، هن اُتي استاپن ڪئي هئي، جا دکيل تي قائم هلندي آئي هئي. پوءِ آياسين ڀنڊاري ۾. هونءَ ته ساڌ ٻيلي ۾ فقط سڪو ٻوڙو ۽ ڇٽي پرساد طور ملندي آهي، پر اُسانکي نه فقط پنهنجي لاءِ نج گيهه سان تيار ڪيل لذيذ پستن باداميون وارو پرساد مليو، پر گهر لاءِ اَلڳ، هڪ دڪ-ڀڃن ڊولو پڻ عطا ٿيو. منهنجو سنڌو

عهدو ڀڻ ڄاڻايل هو- فوجي ڪئپٽن ۽ شڪارپور جو ڪليڪٽر. صحيءَ بنسبت سمجهاڻي ڏيندي جج صاحب لکيو هو ته هيءَ ڪليڪٽر صاحب جنهنجو نالو در حقيقت ڪئپٽن فرينڪ ويلس هو، سو صحي اِئين ڪندو هو جڻ سنڌس نالو هو پاڪ ويلس! ساڌ ٻيلي جي اِتهاس ۾ ڪئپٽن پاڪ ويلس جو نئين ذڪر آيل هو، پر اِهو نالو سرڪاري يادداشت ۾ ملڻو نٿي ڪوله هو، ڇو ته اُتي ڪئپٽن فرينڪ ويلس نئي ڄاڻايل هو، جو نئي سنڌس صحيح نالو هو. اِتهاس جي حقيقت جا اِئين ظاهر ٿئي ٿيئي. مون هيءَ ڳالهه پنهنجي انگريزي ليک، "ساڌ ٻيلي جو ساڌوُ" ۾ ڏني هئي، جو بمبئيءَ جي نامياري اخبار 'بامبي ڪرانيڪل' جي هفتيوار پرچي ۾ سنه ١٩٣٨ع ۾ ڇپيو هو، پر ساڌ ٻيلي جي مهنت صاحب جو ڏيان منهنجي سنڌيءَ ۾ هفتيوار هندستان اخبار جي آگسٽ ٢٧، سنه ١٩٥١ع واري اَنڪ ۾ ڇپيل ليک ٿي ڇڪايو هو ۽ هن بروقت ڪاشيءَ مان ٿي مولڪي اَهڙو اَحوال لکي ڀنيو هو. ڇنيل ٻج جو فصل اِجهو اِئين لڻي رهيو هوس!!

سنڌ وارو ساڌ ٻيلو اُچي وسايو هو) سان نڪر جو ذڪر
ٿي آيو، اُهڙي نالي سان ڪو ٻہ ماڻهوءَ سرڪاري دفتر
جي يادداشت ۾ نظر ڪين ٿي آيو. اهو صاحب جنهنجو
ساڌ ٻيلي جي اتهاس ۾ نالو ٿي آيو، سو هو ڪئپٽن پاڪ
ويلس ۽ پر سنڌ جي ڪلٽرن جي يادداشت ۾ اُهڙو نالو
هو ئي ڪونہ! مون جڏهن هن صاحبلوڪ جو الزام پڙهيو
تہ ساڌ ٻيلي جو اتهاس هڪ اُفسانو ئي هو، تڏهن ڳالهہ
نهايت نگري لڳيم. تن ڏينهين ۾ مان سنڌ جي اتهاس
جي ڦولهہ ۾ رذل هوس، جنهن ڪري ڪيترا ئي پراڻا
پستڪ نظر مان ڪڍيا هئم. هڪ دفعي ڪنهن ڪهني
ڪتاب جا جهونا ورق ورائيندي منهنجي نظر هڪ
ورق جي هيٺئين حصي ۾ سنهن اُکرن ۾ ڇپيل سٽن
تي وڃي پيئي. اهي سٽون هڪ جهوني خطن رستي
سرڪاري لکپڙهہ جي ڪتاب ۾ ڏنل هيون. تنهن سمي،
اُنگريزي راڄ جي بلڪل اُوائلي دؤر ۾، سنڌ جو وڏي
۾ وڏو جج، جج اُئڊووڪيٽ جنرل جي نالي سان
سڏيو ويندو هو. هن پنهنجيون سنڌ جون يادگيريون
تازيون رکڻ ڪاڻ، جهونا خط گڏ ڪري، ڪتابي صورت
۾ ڇپايا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ ستن لڏ، پر صرف ٽن
ضلعن ۾ ئي ورهايل هئي- ڪراچي، حيدرآباد ۽
شڪارپور! اهو باريڪ ڇاپي وارو خط شڪارپور جي
ڪلٽر، جج صاحب ڏي لکيو هو ۽ صفحي ۽ هيٺان سنڌس

هڪ ڏفعي اسڪول روايي جبليءَ جي جشن ملهائڻ
جو فيصلو ڪيو. اهو جلسو لڳاتار چار ڏينهن هلڻو هو.
ٽي ڏينهن ته سک جا گذري ويا، تنهن ڪري چوٿين
ڏينهن جشن تي گهڻا مهمان ويهڻي ويا، ته دروازي جي
واڳ، ڪن بزرگن ماسترن ماسترياڻين جي حوالي
ڪري، ڪجهه وقت کيل ڏسڻ خاطر مان وڃي ڪرسيءَ
تي ويٺس. اڃا ڪجهه مهل مس گذري ته ڇانگ،
ڇوڪرن جي هلڙ مچائيندي، هال تي ڪاهي آئي ۽
ماسترن ماسترياڻين کي ڇڙو ڇڙ ڪري، اندر پيهي آئي.
گوڙ جي آواز تي مان هڪدم اٿي ڪڙو ٿيس ۽ اڳيان
وڌيس، ٻالهن جي ڇلانگن سان زوريءَ اندر گهڙي
آيلن کي اتان ڪڪ پر ٿي وڃڻ لاءِ چيم. اتي پروفيسر
گلوُ پڻ وڌي آيو، جنهن تي هاڻ ماسترن ۾ پڻ ڪجهه
ساهه پيو ۽ انهن اڙٻنگن کي ٻاهر اماڻيوسين. اهي
ڇوڪر ۽ جوان، جي انهن پيهي آيا هئا، اُن مان جيئي
بچي ڪنتري دارونءَ جي ڏپ پٽي آئي. پر گيچ ماڻهوُ
سامهون ٿيندا ڏسي، سندن حشمت ٽٽي پيئي. ٻاهر
وڃڻ سان سندن مکيءَ، جنهن تي چڪيءَ جو خمار
البت وڏيڪ چڙهيل هو، تنهن دڙڪو ڏياري موڪليم
ته "اَڄ تنهنجو خير ڪونهي."

خير، کيل ته ختم ٿيو. مون پنهنجن يارن کي پاڙي
۽ رهندڙ پروفيسر هٿ گهر ڏياري موڪليو، ڇو ته

٣٧- ٻٽي راند

شودا ته هر ڪنهن شهر ۾ ٿيندا آهن، پر بمبئيءَ ۾ سندن ڪاٿو ئي ڪونهي. جيڪو گهر کان رسي، سو ٻڌجي دادا- ڪو گهر جو دادا، ڪو پاڙي جو دادا، ڪو سنيما جو دادا، وغيره، وغيره: پيٽي ئي ڪانهي، جڻ ساري شهر جو ڪارخانو هلي ئي انهن دادن تي ٿو. انهن سورن سبب ويچارو پرنسيپال گوبند رام اسڪول جو ساليانو جلسو ئي ڪين ڪندو هو. هڪ دفعي چيومانس ته هتي بمبئيءَ ۾ ٺري ٺڪاءَ ڪانسواءِ اسڪول خير ٿا وڌن ويجهن. انهيءَ سبب ئي سنڌي اسڪولن ۾ انهن ساليانن جلسن جي اوت ورتي آهي. باقي اوهين ٻڌندي ڇو پيا آهيو؟ ورنڌي ڏنائين، "هتي جي دادن کي ڪير منهن ڏئي! جلسي تي وڏيرو گهرائڻ جو مرض پڻ وڌي ويو آهي. جي مان ٿو دادن جي نگاهه ڪريان ته مکيه مهمان جي انتظاري ڪير ڪري! جي مان ٿو مستري مهمان جي اردليءَ ۾ رهان، ته ٻاهريون دروازو ڪير سنڀالي!! ٽوڪي ڪولوابا جي اڙٻنگن جي ته سڌ آهي." ڳالهه مونکي دل سان ضرور لڳي. جڏهن ته پروفيسر ٻڌجڻ کان پهرين هڪ سال پرائيويٽ هاءِ اسڪول ۾ (ڪراچيءَ ۾) ماستري ڪئي هيم، انهيءَ ڪارڻ هن اسڪول لاءِ البت هڏ ڪڙ ڪندو هوم. تنهن ڪري دل ٻڌي چيومانس، "چڱو، در مان سنڀاليندس." انهيءَ آڌار تي اسڪول ۾ جلسا ۽ جشن شروع ٿي ويا.

ٺهاريو. منجهن کي ٻنهه ٺول پئي لڳا ۽ کي سدوان سدا
پراڻا پاپي پئي ڏنا. انهن مڙني مان هڪ مولڪي هڪدم
سڃاتو. مولڪي پاڻ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ودياڙٿي کي قدر
سڃاڻپ ۾ آيا. پوءِ هن اوپرو جوان جو يڪدم اشارا ڏيڻ شروع
ڪيا ته سڃاڻيءِ ڪ منهنجو ڌيان ڏانهس ڇڪيو. هڪدم ته
چئي نه سگهيس ته هو ڪير هو. ٿورو سوچڻ تي ٻري
آيم ته مون هنجو فوٽو دادر جي ڪنهن سنڌي هاءِ
اسڪول جي مئرن جي ساليانې اُنڪ ۾ شيواڌاري
شاگردن ۾ ڏٺو هو. پر سوال هو ته هن مولکي ڪيئن
سڃاتو! وري دماغ ٻوڙايم. ليڪن سڀ سمجهي آيو—
هيءُ اهو ئي جوان ته هو جنهن اسڪول جي جبلي
جشن جي آخرين ڏينهن لئي مولکي دڙڪو ڏياري
موڪليو هو ۽ پوءِ جلسي ختم ٿيڻ تي پين سان ميڙاڪو
ڪري، مولکي ڏسي وٺڻ لاءِ، سينو ساهي اچي بيٺو
هو!! ها، هاڻي ته چٽو سڃاتومانس، اهو ساڳيو شاهينگ
شو ئي هو. پر هينئر ته شرافت جي ساکيات صورت
پئي لڳو— پلماناسائيءَ جڻ سندس منهن مان ڇٽي رهي
هئي. اشارن سان اهائي پيو ڏيکاري ڏئي ته هو راهه
ويندي ئي قاسجي ويو هو! هو ته ڪاليج پڙهندو ئي
ڪين هو!! ان مهل سندس آزي نيزاري ڏسڻ وٽان
هئي— ميز هيٺان هٿ ٻڌي پيو ٻاڏائي، "سائين، هيءُ
دفعو سو گناهه بخشيو، منهنجو پاڇو ٻ وري هن طرف

مونکي ته شايد هوُ دادا لوڪ هٿ نه به لائي سگهن ها، جو مان انهيءَ پاڙي ۾ خاص ايندو ويندو ڪونه هوس ۽ پر هوُ جي منهنجن يارن کي مونسان گڏ ڏسن ها ته هنن ويچارن لاءِ ته وڏو آزار ٿي پوي ها، ڇو ته هوُ هرروز اسڪول ويندا ئي هئا. مون بنسبت هنن گهٽي ڪجهه پڇا ڳاڇا ڪئي، پر خاص ڪو سڳـــ ملي ڪونه سگهين! مون پرنسيپال کي پوليس واري کي ٻڌائڻ ۽ مون لاءِ ٽئڪسي آڻڻ لاءِ چيو. ٻاهر ٻارهان چوڏهان جوان تيار بيٺا هئا، پر جئن ته پوليس وارو ۽ ٻيا ڪجھ ماڻهوُ حاضر هئا، تنهن ڪري مان بي فڪر ٽئڪسيءَ ۾ روانو ٿي ويس.

ڪيترا ڏينهن لبري ويا ۽ قصو جڻ صفا ميسارجي ويو. هڪ ڏينهن مان ڪاليج ۾ جئن ڪم پورو ڪري هيٺ لٿس ته پرنسيپال صاحب، وائيس پرنسيپال ۽ ٻه ٻيا مربي پروفيسر پڻ آفيس مان نڪري رهيا هئا. وائيس پرنسيپال مونکي ڏسي، سڏ ڪيو ۽ چيائين، ”ڇوڪرن جي ڪمري ۾ جوُئا ٿي رهي آهي. تون پڻ اَسان سان گڏ جي هل، ته پتي والد ڪندڙ کي پڪڙيون.“ سو هلياسون جوُئاري جهلڻ.

ڇوڪرن جي ڪمري ۾ جو گهڙياسين ته اَسان کي ڏسندي ڪجھ شاهينگ ته ٽڙي پکڙي ويا، باقي جوئاري سڀ سٽي سگهي سان جهلجي پيا، جو هوُ ته والد ۾ ٿي مڪوُ هئا. پرنسيپال ڏانهن سخت نفرت جي نظر سان

سان هو. گهٽڻ جو اهو ئي ويچار هو. ٻر منهنجو چوڻ
و ته اهڙي حالت ۾ پوليس حوالات ۾ منجهائڻ کير
جوئا جي الزام هيٺ ڪاليجي ڪڪن کي گهلي
جهي، ته ڪاليج جي بدنامي ٿي پوندي. ڪاليج
ي پرپا ٿئي آچا ڪجهه سال مس ٿيا هئا، سو گلا
هوڙي! مون الڪري اها صلاح ڏني ته، هن ڀهرئين
فعي جوئا جي نڪريءَ لي هيءُ اوچتو ۽ ڪامياب
عملو ڪافي هو. ان ڪري سڀني کي سخت تنبيهه
ڪري، ڇڏي ڏنو وڃي. منهنجي صلاح مڃڻي کي پسند
ڀيڻي ۽ ائين ئي ڪيو ويو- سخت ڇنڊ ڪئي، ڪين
ڇڏيو ويو. پوءِ ڏسو ها 'دادا' جون دعائون! ڏٽيءَ
ر دعا جا هٿ ٻگها ڪندي، ڪن ۾ رفع ٿي ويو.

ڪين ورندا واهن دفعي منهنجي پنج رکون هاڻي ساري ٻمبئيءَ
۾ ڪوبه اوهان جي وار ونگي ڪرڻ جو ست ڪڏاچت
نه ساڙيندو. اَهڙو خواب به نه لهي سگهندو!! ٻندهه
نواز! ٽانگ تي پير پيم جو اوهان سان اسڪول جي
جلسي تي ڦٿايم، نه نه ڀُڄڙا ڏينهن نه ڏسڻا پوَندم ها!!!
مونکي ڪهڙي سڌ ته اوهين اهڙي ٻڌي ۽ مٺيا جا
مالڪ آهيو! هتي اوهان ڪانسواءِ ڪوبه نظر ڪين ٿو
اچيم جو مون جهڙي دردي تي ڪا ڪهل ڪندو!!
مان ٻعد و آهيان برابر ڳندو، پر جي هڪ دفعو موٽي
مهر جي نظر ڪيو ته پوءِ مون غلام جي فرض ادائي
ڏسجو!!!" مون پٺي ھڻ ڏانهن نهاريو، ٽنهن وچ ۾
پرنسيپال صاحب خود پاڻ هرهڪ جي پڇا ڳاڇا شروع
ڪري ڇڏي. وري جو ڪٽي چوطرف نظر ٻ وڙايان ته مار!
هو ڪولوابا وارو دادا وڃي پنيان سڙڪندو، جنهن
سندس پڇا ڳاڇا ٻچاڙيءَ جو ٿئي نه من انهيءَ وچ ۾
مونکي مٿس ڪو قياس اچي ويو ۽ مان ڪيس ڪو
دلداريءَ جي دلاسي جو اشارو ڏيان. مون ڪيس فقط
سانت رهڻ جو اشارو ڪيو.

جاچ پوري ٿي. اُئين برابر هو ته گهڻا جوئاري
ٻاهريان ئي هئا ۽ هڻن ٻنو گناهه ڪيو هو- ٻين مثل
جوئا ڪرڻ جو ۽ ٻنا موڪل ڪنهن جاءِ ۾ گهڙي اچڻ
جو. انهيءَ ڪري ڪين پوليس حوالي ڪرڻ بلڪل ٺي

”پر سائين، مان تہ اُٿي هوس ئي ڪونہ“، ڀرام
رڪندي چيو.
’شيڪسپيئر ڪيئن چيو آهي تہ مرڪڻ سان پڻ
شيطان ظاهر ٿي پوندو آهي. تون بہ، تہ تنهنجو باچو.
ڙُ چيندو، تنهنجو جوڙ ٻوال، تنهن ئي تہ پارٽيءَ ۾ ڦيٽاڙو
ڙدو، پوءِ بہ چئين ٿو تہ توکي ڪنهن بہ قسم جي
خبر ڪانهي!’
”سائين، اهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو قصور. اهو تہ
ڀيڻي جو ڪم آهي.“
’هُو جو توسان هميشه جت آهي، تہ هن لاءِ پڻ
ون ئي تلاهي ليکبين تہ.’
”سائين، مون تہ اَڳي ئي سمجهايو ٿي ماس، پيو
عيش چئو، ليڪن ڪريان.“
’واهہ واهہ! بس!! پارٽي ڦٽائي، فقط سڪٽي سمجهائڻ
ان چا ورندو؟’
”مون تہ اوهانکي چيو بہ، تہ جيڪي پيو ڪجهہ
چئو، اهو مان ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان.“
’پيو بہ، تہ پروفيسر صاحب کان معافي تہ وٺي اَچو
، ۽ ڪيس يقين ڏياري اَچو تہ اَڳتي وري ڪڏهن
، ائين نہ ٿيندو.’
”حاضر سائين. سياڻي ائين ئي ڪبو. بس، پوءِ
تہ اَسان سان ناراض نہ ٿيندا نہ!“

پاسيرو ٿـي وڃي بيهندا هئا. پر جـي چرچگيٽ جي "اي" روڊ تي پريم دادا جي پير رکڻ سان رستو صاف ٿي وڃي، ته اها حيرت پري ڳالهه ڪين چئبي! پروفيسر جو هوس ته سمجهڻ ٿـي گهرجن تـه هيءَ اسرار ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو هو. پروفيسرن کي ڪڏهن غلط فهميءَ جو شڪار بڻجڻ جو حق ڪونهي، ڇو تـه هر ڳالهه کي سمجهڻ ئـي سندن مرڪ آهي. سو مون سمجهڻ ٿي چاهيو هيءَ پريم دادا جو اسرار!!

هڪڙي ڏينهن انهيءَ لاءِ موقعو ٿـي آيو. ڪاليج ۾ ڪم پورو ڪري گهر ٿي ويس، ته منهن ۾ پريم گڏيم. منهن گهنجائيندي، حجت مان چيومانس، 'پريم هيءَ ٿهي ٿو؟' هڪدم چيائين، "سائين، ڇا؟" 'ڇڻ خبر ئي ڪانه اٿيئي! منهُنُ نگـــ.' "سائين، پرولين ۾ پيا ڳالهايو، مولڪي ته سمجهه ۾ ڪجهه ڪين ٿو اَچي. وري ڪهڙي اَربع خطا ٿي وئي اٿم؟" 'سمجهه ۾ اَچي به وڃيءَ، ته به پيو پڇين.' "سائين، ڇا؟" 'تـه ڪا خطا ڪئي اَٿيئي!' "نه، سائين، منهنجي ته ملائڪن کي به ڪا سڌ ڪانهي ته اهڙو ڪجهه ٿيو آهي، جو مونتي هيئن ڏمريا نظر پيا اَچو."

'ڪالهه جو پروفيسر آنوءَ جي پارٽي ڦٽائي آيا، سا سهڻي ڳالهه آهي!'

ٿا!! مان ته جڻ وڏي مصيبت ۾ اڙجي ويس. حال ۾ ڪنهن سان اوري نه پيو سگهان- گهر وارن سان ڳالهه ڪرڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي پئي سمجهيم ۽ ٻاهر جيڏن مان ساٿ ملڻ جو آسرو خير ئي نظر آيو. ٻه سال ته جئن تئن ڪري لڻين ڪاٽيم، پر وڌيڪ جالڻ مون لاءِ محال هو.

”مون هنن ڪسي ڪجهه وقت لاڪر جاچيو هو- ڪين ڪا پنهنجي خاص مرضي ڪانه هئي، هوءَ ٻاهرئين ڏکي سان ئي ٻين ڪي ڪاٽي ويندا هئا. ليڪن هڪ ڏينهن ٻاهر سان فيصلو ڪيم- ”ڪڻ ڪلو ته، ڪئينٽي پلو.“ پئي ڏينهن ڪان، ڪر موڙي، سندن سامهون بيهڻ شروع ڪيم. شروعات ۾ هوءَ ڪجهه قدر ڪامياب ويا، پر جلد مون پڻ قدر ڪئيو ۽ بدن ۾ بيهڻ ورپس ۽ توري گهڻي ٻاهرين مدد پڻ هٿ ڪيم، لڏهن سيگهه ڪري هوءَ هٿي ٻاسيرا ئي ويا. مس جند آزاد ٿي.

”ٻازن ۾ جا طاقت آئي ته ٻاهر ڪي ٻاڻيءَ وارو مڙس سمجهڻ لڳس، ۽ انهيءَ مجاز مان خود ’دادا‘ بڻجي پيس! سائين، سچ پڇو ته هاڻي پنهنجو ٻاهر مان ڦاٽجي ويو آهيان. دنگو فساد نٿو ڪريان ته جڻ آرام ڪين ٿو اچيم. ماڻهوءَ جي مون نسبت ڇميون گوڻون ٿا ڪن، تن ڪان اڻواقف ناهيان. پر وس ڪين ٿو هلي. خود منهنجن مائٽن کي منهنجو فڪر ٿيڻي ويو آهي.

'پر پريم، ڳالهه ته ٻڌ - تون هڙئي شريف گهر جو ٻار، سو هن ڪيچل ۾ ڪيئن اچي پيو آهين؟"

"سائين، رستي تي اهو ڪيئن ٻڌايانو؟ والدا هجو ته هوٽل تي هلي چانهه به پيئون ۽ اهو قصو پڻ سڻايانو."

سو ويجهو ئي ڪنهن هوٽل ۾ لنگهي وياسين ۽ ڪنڊ پاسيري ميز وڃي والاريسين. چانهه ۽ جلد اچي ويئي. چانهه مان جڏهن ٻاڦ جي لاٽ اسري، تڏهن پريم پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي:

"سائين، مان ته جڏهن ڪاليج ۾ داخل ٿيو هوس تڏهن گهڻو ٻالو ڀولو هوس. شاهوڪار گهر جو ته هوس ئي سو مولڪان جو گوپال، گوردن ۽ گلاب هڪ سال مٿي پڙهندا هئا، تن مولڪي ڦاٿيو ۽ اچي منهنجي ڪلي پيا. ور ور ڪريو اچيو مولڪي ونندا هئا ۽ ستائيندا هئا. تڏهن مان قد جو ڪچهه لاٺيرو هوس ۽ ڳيرو پڻ هوس، سو هو مولڪي هلاڪ ڪرڻ لڳا. مان منجهي پيس ته هنن مان جند ڪيئن ڇڏايان! هو قد جا سپ هئا ٻ گهيڙا، ڪلها پيا مچڪائيندا هئا، جنهن ڪري هرڪو ڪانئن ڀري پيو پڄندو هو- مان ڪريان، سو ڪريان ڇا! نيٺ ٻيو ڪو چاڙهو نه ڏسي، ڳنڍي ڪٽي ڪوليم. پوءِ ته شيطان جي جڻ ٻيگهي مچي ويئي. مفت جي مال ئي مڙس مچي پيا. هڙو سٺيو لقمو هو هاڻ هٿن مان ڇڏين ڇو

۳۹- ڪندن

مان جو ڪاليج ڪنهن ۾ چاليهه پنجاهه ويس تہ روزمره موافق ڪندن پڻ چانگ ڇوڪرن جي ونيو، آئي ويٺو هو. پر اڄ هو هميشه وارو ڪندن ڪين ٿي لڳو. چرچي گهڻي لي کليائين برابر ٿي، پر اڄ هو گهڻو ڏڪيل ۽ ملول ٿي لڳو. هونئن جو هو سڀ ڳالهه کليءَ طرح، پڌري پٽ، بي ڌڙڪ ۽ بنا حجاب جي ڪندو هو، سا رونق اڄ ڪندن ۾ نظر ڪانہ ٿي آئي. اڄ سندس منهن ۽ مزاج گهڻو ڦريل هئا. مونکي عجب لڳو تہ هن ڪل-مک ۽ خوش مزاج جوان کي اڄ ٿي ڇا ويو آهي! هو سڀ ڪجهه اُلمنيو ٿي ڪري رهيو هو- سندس ڪلڻ، ڳالهائڻ ٻوڙي ورڻ مان اهو سڀ صاف ظاهر ٿي ڏنو.

ڪندن هاڻ ڪاليج جي چوٿين سال ۾ هو. هو هر طرح ڪامياب ويو هو. سڀ امتحان سال بہ سال پاس ڪيا هئائين. راندين، ٻوڙي ناچ ڳالي، وغيره ۾ پڻ چڱو ڀاڱو موڪيو هئائين. وٽندڙ سڀاءَ سبب هو هر هنڌ محفل جو مور ٿي رهيو هو. پراون کي پنهنجو ڪرڻ تہ سندس چپٽين جي راند هئي. سندس روش ۽ ٻول ڪيس ڇوڪرين ۾ خاص طور پيارو ڪيو هو. نہ رڳو ايترو، پر هن ڪنهن نازنين جي پيار جي موٽ پيار ۾ ٿي ڏيئي ڇڏي هئي. تنهن هوندي بہ ڇوڪرون

ڪوشش پيا ڪن مولڪي هٿان ڪڍي وڃڻ جي. آفرين ته اُوهان کي هجي جو ٻين جي نفرت هوندي به، اُوهين مولسان هميشه عمدي نموني ئي هليا آهيو. سائين، اُوهين کا دعا ڪريوم ته پاڻ کي پاڻ کان نجات ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيان!!"

جلد پوءِ پڌم ته پريم کي پٽس ڏندي سانگي اميريڪا موڪلڻ جي پربند ۾ آهي. سالن لاڪر پريم ڏسڻ ۾ ڪين ٿو اچي. پيو چا به هن بنسبت ڪٿي چڱي ته به اهڙو ڀاسڻو ٿي پوندو ته پريم اندر جو ويل ڪين هو. اِن ڪارڻ دل مان اهائي دعا ٿي نڪري ته هوُ جتي به هجي، شل شاد هجي.

ء ڏيندهن راس هڪ ڪيوسين، ٻه موت ۾ آسان کي
ي - مانو ڪيو ويو آهي!! ڪاليج ۾ ناچ گانا، ڪيل تماشا،
جلسا جشن ڪنهن ڪيا؟ اوڏيءَ ويل 'ڪئڊن' 'ڪئڊن'
ٺي پيئي، ۽ هاڻي ڪمند جي چوُڻ موافق ٻهار ڀا پيا
و ڇون. سائين، ڪاليج ۾ اُنڌيرو آهي اُنڌيرو ڇڳائيءَ
جو اُصل قدر ڪونهي!"

انهيءَ تي مون چيومانس، 'آخر ڪهڙو وئل وهي چڪو آهي؟ هيئن سڪٽا هٿ ڇو پيو ڇنڊين؟ ٻروليون ۾ ڇو پيو ڳالهائين؟ چٽيءَ طرح ڳالهه ڪر نه! آخر ٿيو ڇا آهي؟' هاڻ مٽرس ڪجهه قدر ماٺو ٿيو. تڏهن سيني چيائين، "سائين، هيئن نه ويو ڪين وڃو آهي! ڇاڪاڻ نه مون ڪونه ٻاسيو نه آزادي اُلسؤ جي موقعي تي ٻاسي پيدا ڪنهن اُچلايا هئا، تنهن ڪري مون لاءِ ناموس جا سڀ دروازا بند ڪيا ويندا!! حق نه هرڪنهن کي پلشه پوڻ گهرجي نه! ماڻهوُ مرڪي تو مان کي. سڄي راجيه جي درياهي سيڪراڻن Sea Cadets ۾ مولکي اُول نمبر ڏنو ويو آهي ۽ اُسانجي ڪمائيءَ ڪاليج وارن کي لکيو آهي نه منهنجو ڪاليج وارا جيڏو شان ڪن، اوڏو ٿورو. ڪاليج وارن منهنجو مان ايڏو ڪيو آهي، جو هرهنڌ منهنجي اُچڻ تي بندش وڌي وئي آهي! هاڻي دنيا ۾ مان ڪهڙو منهن کڻي گهمندس!!"
ڪئڊن جي ليڊن ۾ ليو ٽري آيو. مون ڀاڪر پائي، ڪيس

سندس سنگ پسند ڪنديون هيون. اڄ پڻ ڇوڪرين جو جهنڊ ساڻ هوس. پوءِ ڪيئن ڪهڙي ماجرا ستائي رهي هئي! هيءَ ته عجيب اسرار ٿي لڳو.

مون ڪندن کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ ڪانئس سندس ملولائيءَ جو ڪارڻ پڇيو. پهرين ته هو گسڪاءُ ڪرڻ لڳو ـ ”سائين، اوهين ڀلجو ٿا، مون سان ڪا به ويڌن ڪانهي.“ منهنجي زور ڀرڻ تي اڪڙو عذر ڏنائين ـ ”رات آرام ڪجهه قدر گهٽ ڪيو اٿم، شايد ان سبب چهرو انهين ٿو لڳي؛ نه ته ٻيو سڀ خير آهي.“ پر مونکي ڳالهه دل سان نه ٿي لڳي، سو چيومانس، ”هاڻي استادن جو استاد ٿيڻ ٿو چاهين!!“ ته به هو نه ڀڳو: ”سائين، مان ته ساڳيو ئي آهيان. الائجي ڇو اوهان کي اهو خيال اچي ويو آهي.“ هاڻي مون پنهنجو آخرين داءُ لڳايو، ”تون پاڻ کي اهڙو سياڻو ٿو سمجهين، جو استادن کي به منجهه لٿو ڏين. مون کي سڀ سڌ آهي؛ مون فقط اهو سڀ تنهنجي واتان ٿي ٻڌڻ چاهيو.“ ڪندن وڌيڪ لڪائي نه سگهيو ۽ اچي پلٽيو ـ ”سائين، چڱائيءَ جو سمو ئي ڪونهي. سچا سارا چار سال ڪاليج سان وهيا سين ۽ انهيءَ جو اجورو اهو مليو جو اڄ مونکي خارج ڪري ڇڏيو اٿن! جنهن ڪاليج جو نالو ڪيو شاگردن، ڪي استادن! انعام ۽ ٽرافيون ڪير کڻي آيو؟ ڪاليج کي مٿي چاڙهڻ

ڪاليج مخزن ۾ اهو ڪيئن ڇپو درج ٿئي.“ ڪندن
ائڙن جيان چيو، 'سائين! هاڻي وري ڇا ٿي سگهندو؟
ڪاليج مخزن ڇپجي ٿي ۽ ورهائجڻي آهي، پوءِ فوٽو
ڇا ڪندا؟'

”ڏس ڪندن! منهنجي ڪم ۾ دخل تون ڏين نه!
جڏهن چوانءِ ته تون ائين وڃي ڪر.“

'جئن اوهان جي مرضي. فوٽو هيٺ ڏيئي ٿو آڻي
ڀالو“- پر سندس وساهه اچا سوڙو جهيو نه ٿي.

تصويرن جو آخرين صفحو اچا اٿهيءَ ڏينهن ٿي ته
ڇپجڻو هو. فون ڪري اهو روڪايم ۽ ڪندن جي فوٽي
جو بلاڪ تڪڙو تيار ڪرائي ورتم. باقي ٻچيل فوٽن
جي صفحي جي سيني بلاڪن کي ٿورو سرڪائي،
ڪندن جو بلاڪ صفحي جي بنهه وچ تي ٺهڪائي
ڇپارايم. مخزن سا هڪ ڏينهن دير سان نڪتي، پر
جڏهن نڪري نروار ٿي، ته ڪندن ڦوليو نه سمايو! خود
پرنسيپال صاحب پڻ هن جو فوٽو ڏسي گد گد ٿيو ته
آخر سيپ رهجي آئي!! ڪندن منهنجا شڪرانا مڃي
وڃي پيا نه، پر مون لاءِ اها ڪافي خوشي هئي ته ڪنهن
ڪاريگر شاگرد جو شان رکڻ ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيو هوس.

دلداري ڏني: 'ڪندن دليا ۽ هرويرو اُلڪ ۾ ڪينهي، ديڙ شايد پولڊي هجي، اهو ٿي سگهي ٿو.' ورندي ڏيندي ڪندن چيو، "سائين، هاڻي ڇا ٿيندو! ساليانو جلسو به ٿي ويو. پرنسيپال صاحب جي مک مان ساراهه جا ٻه اکر به ڪين اُڪليا. ويل ويٺي، سا وري ته ڪين ايندي!!"

ڪندن دلدار شاگرد هو، هن کي هن ريت ٽوڪتا ڪرڻ واجب نٿي لڳو. اهڙا آلرٽ نئي شاگردن کي پرڪائين ٿا ۽ بدانتظاميءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ٿورائي دل ڪشادي ڪري جي ڪنهن شاگرد جي حقي ڪاميابيءَ جو اظهار ڪجي ها ته ڪهڙو نه شائانتو ٿئي ها! لاشڪ وديارٿي ڪاليج لاءِ بلهار وڃي ها!! هاڻي ڪندن جو زهر اڄ مون اڳيان ظاهر ڪيو هو، سو هوءَ هرهنڌ وٺندو پکيڙيندو ۽ ڪاليج بدنام ٿي ٿيندو رهندو. ان ڪري مونکي البت ارمان ٿيو. اِلي مونکي هڪ رمز سجهي آئي، جنهن دواران سمجهيم ته ڪاليج جو شان پڻ برقرار رهندو ۽ ڇوڪر جو به لائق مان ٿيندو.

ويچار ايندي ئي مون ڪندن کي چيو، "هرويرو دلگير ڇو ٿو ٿين! ويل اچا ويٺي ڪينهي. ٿو خلاف پرنسيپال صاحب مونکي ڪي به هدايتون ڪين ڏنيون آهن. تون مونکي درٻاهي سيڪرانن جي پوشاڪ ۽ پنهنجو فوٽو آڻي ڏي، باقي مان ٻاڻيهي ڏسي وٺندس

اُن سال مان ايس ايس سي امتحان ۾ ماڊريٽر هوس
۽ هيءُ جو پرنسيپال جي قد بت جو مشهور معروف
ماڻهوُ هو، سو منهنجي 'سنيپال' هيٺ رکيو ويو. مون تي
اُن جو ڪو خاص اثر ڪونہ پيو، جيتوڻيڪ اڪري
جوابداري ڪجهہ قدر جاتي محسوس ڪيم. پر اهيءَ
ي تہ منهنجا ڪلها گنا ئي پيا آهن، ۽ ڪنهن کي
وري راهہ تي آڻڻ جي طرز ڏٺيءَ جي پاڻ تي رحمس
ڪري سمجهندو آهيان. رسم موجب سيني پيپرن
جاچيندڙن کي، جن کي منهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪم
ڪرڻو هو، تن کي چٺيون لکيم، جن ۾ ڪين جاچڻ لاءِ
ڪهڙا ڪهڙا پيپر ايندا، انهن جا تفصيل ۽ ضروري
هدايتون موڪليم. هن صاحب کي ڪٽي ٿي ڪؤنس، سو
جواب ۾ پنهنجي هٿ سان لکيل ٻہ وڏا صفحا خط جا
ري موڪليائين، جن ۾ ڏيڍ صفحو پنهنجي ساراهہ جي
ڪن پرڻ ۾ صرف ڪيو هئائين ۽ باقي اڌ صفحي ۾
ڪ ڪيو هئائين تہ سندس جهڙي آزمودگار پيپر
جاچيندڙ ڏانهن موڪلي موڪليل هدايتون نہ ڪيڻ گهربيون
يون! اهڙيون هدايتون موڪلڻ لازمي آهي ۽ انهن
ي اپٽار ڪرڻ بي سود ۽ فضول آهي. پر هن پرنسيپال
ايد سمجهيو هو تہ لائين نيڪاٽپٽيءَ سان 'ماڊريٽر کي
ائي ويندس'، سو مولتي رعب ڄمائڻ جي ٿي ڪيائين.
هوُ بلڪل ئي پليل هو! مون بہ پري خط لکيو ماس تہ

٤٠- اڄائي هوشياري

ٻچڙن جاچڻ ۾ پنهنجو لطف آهي ۽ ٻچڙن جاچيندي پاءُ صدي سالن جي ته گذري چڪي آهي، پر انهيءَ مان اڃا بيزار ڪين ٿيو آهيان، ڇاڪاڻ ته ٻچڙن مان سندن لکندڙن جون انوکيون هستيون ۽ ڪارناما پيا ليئا پائيندا آهن ۽ پڌري ٿيڻ جي پيا ڪوشش ڪندا آهن. منهنجي اندر واري ڪي هن لڪ-ڇپ راند مان خاص ذائقو ايندو آهي. تنهن کانسواءِ بي-لغام شاگردن ۽ جاچيندڙن جو هوش جاءِ آڻڻ ۽ ڪين پنهنجي پوري جاءِ محسوس ڪرائڻ پڻ وڻندو اٿم. سمجهندو آهيان ته جي ڏٺيءَ قد ۾ فوٽ اَڌ جي ڪس لائي اٿم ته قطرو عقل ۽ جرئت جو وڌيڪ بخشي ڇڏو اٿائين، ته وٽ نسينگن جي نڪ مان ورلاهيندو، پر هميشه فهميندي لوڻي ۾. تازو جڏهن ڊاڪٽر چيرين Cherian چيم ته ”هيل هن پرنسيپال جي ٻچڙن جي جاچ اوهين پاڻ هموار ڪريو“، (جيتوڻيڪ ٻه دفعا اڳـ، ڊاڪٽر چيرين ٿي هن جي ٻچڙن جاچ جي نظرداري ڪئي هئي، پر هوءَ شايد انتظام ۾ اڳڻ ڪان ڏڪيو هو، ڇو ته پرنسيپال هو،) ته مون هڪدم ”ها“ ڪئي، جو ڪجهه سال اڳـ، هڪ اهڙي جبري ٻچڙن جاچيندڙ سان ڪم پيو هوم ۽ هن جا اهڙا نين ڪڙڪائي ڇڏيم ۽ ڪيس هميشه لاءِ ٿپي ڏاهي ڇڏيم، جو اڃا سوڌو وٽم ٿو سلام ورائيندو.

ھر ھڪ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هليس - "مارڪون اڄهل
ٽا ڏنو؛" 'پهرين هڪڙو چٺو تو جاچي ۽ مارڪون پيو
چٺو تو درج ڪري،' وغيره، وغيره. مڙس منهنجا
خط پڙهي جنسي بالڪل ٿي پيو. هن نڪته-چيني تي
عذر-بازي ڪندي انگريزيءَ ۾ خط لکيائين ته "پهاڙيءَ
وارو جاچيل پيپرن جو پارسل مان پاڻ ڪٺي ايندس."
ته به تسليءَ ڪانه ٿيس، سو هڪ ڪنڊ ۾ سنڌيءَ ۾
لکيائين - "منهنجو پيڙو پورڻ تي سنڌرو پڌو اُٿو چا!"
جواب ڏيندي مون کيس آٿت ڏنو ته "اهڙي ڪا خاص
ڳالهه ڪانهي جنهن لاءِ اوهين پولي کهي اچو."
منهنجو خط ڪٺي وڃي منهنجي پڦات کي پاڙهيائين،
جنهن پڻ چيس، "مون اوهان کي چيو ڪين ته منهنجو
ماروت ڏکوئيندو سو آهي، مگر ڪنهنجي هاڃي ڪرڻ
مان هوءَ ڪين جاڻي."

پر ته به مڙس باز نه آيو؛ سو لکي موڪليائين:
"مان ضرور ايندس. خرچ ۽ اهنج جي کهڙي ڳالهه
آهي!" مقرر ڏينهن، گاڏيءَ جي وقت تي مون
سندس انتظار ڪيو. پريان ڏٺم ته هوءَ پيرين پنڌ، پارسل
بغل ۾ ڪنيو، ڌم ڌم ڪندو پيو اچي! ۽ منهنجو پڦات
سندس پيلهه ٿي آيو!! اچڻ تي خوب کيڪار ڪٺي مان.
پڦات کان پڇيم، "تو ڪيئن پنڌ ڪيو آهي؟" جواب
کي ٽاريندي، مرڪندي چيائين، "لوس ته پڌايانءِ تو."

ٻن مان ڏيڍ صفحو پنهنجي ساراهه سان سينگاريو اٿو،
ٻيو ٻه ٽي ڇٽو ته پنهنجي ساراهه ڪاڻ ٿو ڪرين!! تنهن
کانسواءِ هدايتن جي باري ۾ لکيومانس ته هدايتون
هر ڪنهن لاءِ ضروري آهن سيڪڙن نوڙي آزمودگارن
ڪاڻ، خاص طور آزمودگارن لاءِ، ته متان هو پنهنجي ٿي
خمار ۾ ڪٿي شاگردن سان ناحق نه ڪري وهن! ”اوهان
جيڪي اوهانکي هدايتون نه موڪلڻ لاءِ دليل پيش
ڪيا آهن تن مان مونکي ڪوبه دل سان ڪين لڳو،
باقي هڪ سبب سجهي آيم جو شايد ڪارگر ٿئي
ها، سو آهي اوهانجي بزرگ عمر، جنهن جي جاڻائڻ
کان اوهان ڪنارو ڪيو آهي.“ آخر ۾ ذهن نشين
ڪرايومانس ته ”اوهانجو آزمودو ته اوهانجي خط مان ٿي
ظاهر آهي - لفافو اهڙو وزندار هو جو مٿس لڳايل
ٽڪليون اُن جو ملهه ادا ڪري نه سگهيون ۽ لاچار
ٽپاليءَ کي مونکان جرمانو وصول ڪرڻو پيو!!“ خط جو
ملڻس ته مٿس جا ٽپ ٿي نري ويا. ڦڇي منهنجي
ڀقات (جو سنڌ اسڪول ۾ سينئر ماستر هو) وٽ
رنائين - ”تنهنجو ماروٽ آهي، ڪين مصيبت.“

ڳالهه ڪٿي رهي. نستر جي نوڪ تي ٽي آسمان
ڪٽي ڏنو هٿائين، ته اڳتي هلي، الائجي ڇا ڪندو!
ٻر مونکي ته پنهنجي جوابداري سنڀالڻي ٿي هئي. جئن
وٽائس جاچيلن پيپرن جا پارسل ايندا ويا، تئن مان

ڇوڪرن بورڊ وارن جي ڌيان تي آڻيان، تڏهن مس پيو. پر ڪلاڪ ڪن جي موڪل ڏني، ويو شهر مان ڪمڪار لاهڻ. موٽڪي ۾ آندل پارسل جاچڻ جو وجهه مليو. سو پڇاٽ جي منهن ساموهون پارسل کولي، ويٺس جاچڻ. مارڪن جي لسٽ مان ڏٺم ته، ڪنهن شاگرد کي هڪ سوال تي ٻنهه ٻڙي مارڪ ڏني ويئي هئي. پيپرن جاچيندڙن کي منهنجي خاص هدايت هوندي آهي ته جيستوڻي شاگرد جو جواب صفا غلط نه هجي، تيستوڻي هن کي هڪ اڌ مارڪ ضرور ڏيو. سو چڪاس ڪرڻ خاطر اهو پيپر ڪڍي کوليم ته ڏسان ته ڇوڪر ڇا لکيو هو جو هڪ مارڪ به نصيب نه ٿي هيس. پڙهي ورائي جڏهن گهربل سوال جي جواب تي آيس ته منهنجي حيرت جي حد نه رهي! جواب عاليشان ڏنل هو، جنهن تي پرنسپال صاحب شاگرد کي سڀني سارين ڏهن مارڪن جي نوازش ڪئي هئي، پر ٽوٽڪڙن پيپر جي پاهرئين پاسي توڙي مارڪن جي ياداشت ۾ هڪ جو انگ ڏيڻ وسري ويو هوس! ڇوڪر جو جڻ گهڙو ئي پڪو؛ حق حلال جون ڏهه مارڪون ٿي ويون خاڪ!! پڇاٽ کي ڪاغذ ڏيکاري پڪ ڪيم ته مان ته ڪا ڀل ته ڪين ڪري رهيو هوس. هن کي پڻ حد ارمان ٿيو. مون ڀل سڌاري، ٻيا پيپر اظر مان ڪڍي، سارو ڪم اڪلائي رکيو ۽ انتظار ۾ رهيس وڏي ماستر جي، ته اچي ته رسو ئي ورتائون.

پرنسيپال ڪرسي والاري مس، ته اچي ڏوراهين ۾ پيو؛ "مڇيءَ مان ڪنڊا ڪيندا آهيو...." عادت جي مجبوري ٿي کيس ٻولائي رهي هئي - هوشياريءَ کان هُو باز نه آيو، نه آيو. پر مان پڻ مڇڏ آهيان، سو ٺهه پهه ورندي ڏنيمانس - "ماستر صاحب، مڇيءَ مان ڪنڊا ڪڍڻ کان سواءِ اُن مان سواد ڪهڙو ايندو! هيل توڏي ته لمن ڪنڊن ڏانهن ٿي اوهانجو ڌيان پئي ڇڪايو اٿم، ته ٻهرجي ويا آهيو؛ هاڻي وٺو هيءُ ڇيندڙ ڪنڊو - فلاڻي شاگرد فلاڻي ٻن مارڪن واري سوال ته ١٨٥٨ع ۾ انگريز سرڪار ڀارت ۾ راڄ جون واڳون ڇو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان ڇڏارائي پنهنجي هٿن ۾ آنديون، جي جواب ۾ سبب ڄاڻايا آهن اُهي جن ڪارڻ انگلنڊ جي پارليامينٽ سنه ١٧٧٣ع ۾ ريگيوليٽنگ ائڪٽ پاس ڪيو. اوهان انهيءَ جواب کي ٻن جدا هنڌن ٽڪ مارڪ ڪري، شاگرد کي ٻنهي غلط جواب لئي سؤ سيڪڙو ٿي مارڪون عطا ڪيون آهن!! هاڻي ڇئو. پيپر ته مون وٽ ٿي آهن؛ ڇئو ته ڪيئي ڏيکاريانو." مڙس جا جنسي ڇيهه ٿي ڇڄي پيا! منهن جي مهڪ ٿي اُڏامي ويس!!

ڏوهه ته ڪڏهوڪو معاف ڪري ڇڏيو هومانس، سو ڇيومانس ته منجهند جي مانيءَ هئي گڏ ورتائيندا سين. مڙس مڇي نه پيو، جڻ مون کا اربع خطا ڪئي هئي. جڏهن دڙڪو ڏنومانس ته "پلا مان اوهانجون ڪيل

۴۱- قدر-شناسي

مون وٽ پرنسپال ٽي ايم آڏوڻيءَ جو هٿ لکيل خط آهي، جو مون سانڍي رکيو آهي. سٽون صرف ٽي لکيل آهن، پر مون لاءِ اهي پڻ ڪافي آهن. مول سٽ ۾ لکي ٿو، "تون ئي اهڙو ڪارڊ، ان طرز سان نباهي ڄاڻين." اها چٺي هن مون کي سندس جنم-ڏڻ تي موڪليل واڌاين جي ڪارڊ جي موٽ ۾ لکي هئي. ڪجهه سالن کان ڪاليج جي پروفيسرن ۾ اچي شوق جاڳيو هو ته "صاحب" کي سندس جنم-ڏڻ تي مبارڪون ڏجن. بس، پوءِ جنم-ڏڻ آيو ناهي ۽ هنن جي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي سرجوشي شروع ٿي ناهي! مون کي اهڙين چٽاڀيٽين ۾ ڀرو وٺڻ نه آئڙندو آهي ۽ نه ورڻي ڪو اهڙو اُرٿي اٿم، جيتوڻيڪ انهيءَ سبب 'صاحب' جي چت تي گهڻو اٽو چڙهڻ جو شرف حاصل ڪين ٿيم ۽ هنن جي اَيام-ڪاريءَ ۾ خاص وڌيس ويڇيس ڪونه. پر اُن سال مان هوس پُوني ۾ ماڊرن سو عمدن ڪتابن جا دڪان پيٽيندي، هڪ تي واڌاين جا ڪارڊ ڏٺم. دل جا اٿم ٻاراڻي، سو هڪ تصوير وڻي ويم- ٽڏن رنگن ۾ سبز فضا ۾ هڪ وڻ جي ٽار تي ٻه پکي ۽ وچ ۾ سندن ٻه ٻچڙا ويٺل هئا. اندر واڌايون پڻ سهڻي انداز ۾ درج ٿيل هيون. تڏهن اچانڪ دل جي تاڪيءَ تي ٽڏي ٽپڪي وئي- ياد آيم ته

آخر هوءُ آيو. ويٺو مس ته چيومانس، ”سائين، اوهان ڏک ڪيو ته مان مڇيءَ مان فقط سڌا ڪنڊا ڪڍي رهيو هوس ۽ هان، وٺو، هيءَ ڪنل ڪرڳهو ڪڍي رکيو اٿم.“ پوءِ ڏسي، اکين اڳيان آندي اڇي ويس ۽ مڙس پڳهر ۾ شل ٿي ويو. ڏٺم ته هن حالت ۾ هن کان هڪ گرهه به ڪين کپندو ۽ مالي اجائي زيان ٿيندي! سو مون ڪيس سڀ سهوليت ڪري ڏني، ڪڍهن اڳڏر ۾ ساهه پيس ۽ روٽي ورتائين. ڪجهه آرام ڪري، شام واري گاڏيءَ ۾ هوءُ ماڳـــ موٽي ويا، پر پرنسيپال صاحب منهنجو ساڻس ڪيل سهڄ اچا توڻي ته نه وساريو آهي، ۽ هوءُ اهو مون وساريندو.

جنهن ڪري لفافي بند ڪرڻ تي ڪؤنر ٻاهر وهي آيو ۽
لفافو بدزيبو ٿي پيو. هيڊ ڪلارڪ لفافو آڻي مولکي
ڏنو. هن سمجهيو ته حڪم جي اهڙي عمدي پيروي
ڪئي آهي جو 'صاحب' آفرين ڏيندو! مولکي ته مورڳو
منيان ڦٽي ويئي ۽ خوب چنبڙ ڪڍي ماٺس!! هنن کي
ڪوبه ڪم سهڻي نموني نباهڻ بنهه ڪين ٿو اچي-
آهن ٿلهي چمڙيءَ وارا، سو هو ڪائين به ٿلهو، اڪلائين
به ٿلهو ۽ ٿلهو ٻڌڻ، پڻ اُرچڻ ڪاڻ ٿئين! هيڊ ڪلارڪ
ٿورو ٿي ته ڌيان ڏني ها ته آخر خط ڪنهن ڏانهن
وڃي رهيو آهي ته شايد سندس دماغ تي اُنجو ڪجهه
اُثر ضرور ٿئي ها. پر نوکي هنن ڳالهين جو ڏايو ڏانءُ
آهي، انڪري هيءَ ڪم هاڻي توني ٿو رکان. اميريڪا
جي واٽومل فائونڊيشن وارن آڇ ڪئي هئي، پنجاهه
هزار رپيا اُسانکي ڏيڻ جي، انهيءَ شرط تي ڪاليج
هال تي نالو سندن مرضيءَ مطابق رکيو ويندو. مان
اها آڇ موٽائي رهيو آهيان- انهيءَ لاءِ پيو نه، ته لک
رپيا ته ضرور اچڻ کپن. پر جيڪڏهن پنجاهه هزارن
جي آڇ ٿـي، جا اسين قبول ڪرڻ لئا چاهيون، تـه
انهيءَ جو مطلب ڪينهي ته جواب غير-زيبائتو موڪليون-
'نه' ڪجي، سا به نزاڪت سان. تنهن ڪري ٿي هن
ڪم جي نوکي پارت ٿو ڪريان. دل ۾ نه ڪجانءِ."
مولکي به ڳالهه دل سان لڳي. هڪدم خاطري ڏني ماٺس

'صاحب' جو جنم-ڏڻ سياڻي ئي نہ آهي. هيءُ ڪارڊ ساڻس واهہ جو ٿي ٿهڪيو. گهوٽ ڪنوار جي وچ سندن ٻہ ٻار؛ ڪيس ٻہ ئي نہ پٽ هئا. بس ڪارڊ خريد ڪري، سرنامو لکي، بروقت وڏي ٽپال آفيس جي دٻي ۾ لفافو داخل ڪري آيس، جنهن مهل سر وڃي ڪيس ملي. ڪارڊ پهچڻ شرط جواب ڏنائين- جيڪي ڪجهہ دل ٻولايس، سو ڪٽي درج ڪيائين- گهڻي سارہ جي نہ ضرورت هئي ۽ نہ مهل.

پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻيءَ جي اِها خوبي هئي- هوُ سونهن ۽ نزاڪت جو ڪوڏيو هو، ۽ اهڙن ڳالهين جو وٽس وڏو قدر هو. هڪ دفعي پٽيوالو چاڙهي موڪليائينم تہ "مون وٽان ٿي وڃ." ويوسانس تہ هڪ خط ڏنائينم- "هن خط لاءِ خاص لفافو تيار ڪرائي، خط هن سرنامي تي ٽپال رستي روانو ڪر." عجب لڳم. هوُ جهٽ ڳالهہ پروڙي ويو. چيائين: "ڀائي، تون دل ۾ چوندو هوندين تہ 'صاحب' پٽيوالن جو ڪم مونکان ٿو وٺي. سچ تہ پٽيوالا توڙي ڪلارڪ بنهہ بيڪار آهن- سمجهن ئي ڪجهہ ڪين ٿا. لفافو هوم- هيڊ ڪلارڪ کي تاڪيد ڪيم تہ خط سهڻي نموني بند ڪرائي، ٽپال ۾ روانو ڪرڻ کان اڳ مونکي ڏيکارج. هيڊ ڪلارڪ ٻوجو لاهي وڌو هيڊ پٽيوالي تي. هن وري لفافو پٽڻو بند ڪرڻ خاطر اُن تي ڪوُلر جي خوب ورڪا ڪئي،

٣. پرنسيپال، ٤. وائيس چانسيلر ۽ ٻئين صفحي تي
لکيم- ”اَچا ٻه بخت ڀلا جي تصويرون لاءِ.“ جڏهن ڏٺهن
پرنسيپال ٽِي ايم آڏواڻيءَ کي وڃي وائيس چانسيلر
جي ڪرسي والارڙي هئي، تنهن ڏٺهن سعيو ڪري
ساڃهڙ ٿي ڪاليج ۾ پهچي ويس ۽ ٻيا ڏيڍ پٽيوالي هٿ
اهو لنڊو پارسل 'صاحب' ڏي ڏياري موڪليم. مٿن
۾ پٽيوالو موٽي آيو. هو حد سرهو پئي لڳو. ايندي
شرط چيائين، ”صاحب ٿو سڏي.“ منهنجو 'صاحب' جي
مکان ۾ پير رکڻ ۽ هنجو مونکي ڇڪي ڪٽي ڀاڪر پائڻ-
”لاشڪ تون ئي سينٽي کي شهه ڏئي وئين. مونکي
تو مان اها ئي اميد هئي. گلدستا ۽ گل آخر تـ
ڪومائجي ويندا، مٺايون پيسٽ وهيڻيون ٿينديون،
هڪڙيون تصويرون ئي آهن جي هميشه ڇٽيون رهنديون
۽ هر هميشه نئين لوڙ سان ياد تازي ڪنديون
رهنديون.“ گڏ گڏ ٿيندي چيائين: ”هيءَ فوٽا تـ
مون وٽ ٻه ڪينهن. تنهنجو آلبم ڏسندي، جهٽ
سرسوتيءَ کي سڏيم. ٻهريون صفحو کوليندي پڇيومانس،
'هيءَ ماڻهو سڃاڻين ٿي؟ گانگٽ مڃين واري سان تون
هولڊ شادي ڪرين؟' ڪجهه قدر شڪ ڪائي ويس، پر
پڪ وري ٻه ڪاڻ ٿيس. وري ٻيو صفحو کوليم- مڇُون
ڇٽ، پر سر تي لنبي ڪاري ٽوپي سوار! هاڻي سمجهي
ويئي. ڪلي پيئي. جڏهن ٻيو پرت ورائي ٽئين تي آياسين

ته ڪم سندس دل وٽان ئي ٿيندو. اُنهيءَ ڏينهن ئي
اِهو لفافو عمدي اَنداز ۾ اَميريڪا روانو ٿي ويو!

پوءِ ٿيو پرنسپال ٽي ايم آڏواڻي، بمبئي يونيورسٽيءَ
جو وائيس چانسيلر. خبر سا ڪاليج ۾ آئي، بس،
خوشامد جو آبشار چڙهي پيو. دل منهنجي ٻه سوڪي،
پر ٻاهر ڪي پرپايم - تون جيٽامڙو، لهر ۾ لڙهي ويندين!!

پر صاحب کي سوکڙي ڏيڻ کان دل نه رهي - پر
سوکڙي سالڊ جهڙي! پرنسپال ٽي ايم آڏواڻي،
منهنجي گرو-پتا، پرنسپال ڊي ٽي ماڙيوالا جو همڪلاسي
هو ۽ ساڳئي ئي ڪراچيءَ جي ڊي جي سنڌ ڪاليج
۾ ساڳئي ئي سال ٻئي نوڪريءَ تي چڙهيا هئا، منهنجو
گرو-پتا اَلبت ڪجهه مهنا اَڳ ۾ ئي، ۽ ٻئي اُنيٺي
وڏيا ويجهيا هئا. اِن ڪري مون وٽ جام فوٽا هئا
جن ۾ پرنسپال ٽي ايم آڏواڻي منهنجي گرو-پتا سان
گڏ نظر اَچي رهيو هو. اِنهن مان ٻه چونڊي ڪڍيم -
هڪڙو تنهن زماني جو جڏهن هُو بي اي پاس ڪري
ڪاليج ’فيلو‘ بڻيو هو، ۽ ٻيو جڏهن هن پروفيسر جو
پد حاصل ڪيو هو. ٻيا ٻه فوٽا جنهن هند ڪاليج ۾ سندس
اَپامڪاريءَ جي سمي جا چونڊيم. هڪ نئين، پر سهڻو
آلبم هٿ ڪيم. ڦولون ڀرت ٿالي، وغيره لاءِ ڇڏي،
چار فوٽا چئن اَلڳ، پر لاڳيتن صفحن تي چنبڪايم ۽
هرهڪ کي لائق سرو پٽ ڏنم - ١. شاگرد، ٢. اُستاد،

٤٢- ونود جو جنم

جيئن آهي ڪيل- هڪڙو ٻوڍو ٽو لهي، نه ٿه ٻهه
بو ٽو چڙهي. جيجل ماءُ جڏهن مون ڏي ليڻ ڪٽي
هاريندي هئي نه سندس آشائن جو گهڙو نمتار ٿي
يندو هو، ۽ آشائن سان گڏو گڏ آسيسون پڻ هونديون
يون. اهو وقت آيو جڏهن اهو ديڙهيون پائيندڙ
وڌ پولو ليت سامانجي، پنهنجي ڌڻي ڌني گهر آيو!
تين پيڙهيءَ جي جڻ پيڙهه پيئي. ماءُ جيجل خوشيءَ
جنسي ڦولي نٿي سمائي! سندس آشائن لئون موڙ
حاصل ڪيو- شال هن سڪيلڌي مان ڪي ڪيچ ٿين!
س، ماءُ چئي ۽ پت پنتي پوي. پوري ٻارهين مهني
ونا جايم. ماءُ سور ڪاڌا، پوءِ جيڪي جمي- پت يا
يءَ. پهرين ڌيءُ، پت سمان ئي نه ليکبي آهي!!
سان وت هونءَ ٻه پٽن ڌيئن جو پيڊ ڪولهي. سو چنب
ڀهڙي گول منهن واري مونا سيني جو ڪيلوُٽو ٻٽجي
ٿي. جيڪو ايندو هو، سو ڪيس ڪٽي ڪيلائيندو هو،
سندس ڪلڻ ٿي ڏاڏو ۽ نانو، پيءُ ۽ ماءُ، عزلي جا ليڻ
ري پولدا هئا.

اها ساڳي مونا جڏهن مٿوڪ ۾ آئي تڏهن ماٽس
ها پير جنسي ٿپي پيا- "توهين نه تڏو مانجهالدو ڪيو
ينا آهيو. مونا ڪيڏو نه قد ڪڍيو آهي، نه ٻه اَٿو
ڪا چنتا! ليا ٽيون آهن پرائو وکر، ٿن ڪي جيترو ترت

۽ هڪدم چيائين، ’اوهان مونکي ڇا سمجهيو آهي؟
شابس هجي توهانجي سمجهه کي. ڪتاب فوٽا ڳولي
ڪڍيا اٿيم، انهن مان منهنجا الڳ ڪرائي، ترتيب وار
اِهي اَٽڪائي، هرهڪ کي عمدو سرو ڏنو اٿيم. پيو
ڪوبه اهڙي جاکوڙ ڪين ڪندو ۽ نه وري انهيءَ طرح
سان سوکڙي سينگاري پيهاريندو. تون ئي هيءُ ڪم
نباهي ڄاڻين.“

هن مبارڪ ڏينهن ملاقي، صاحب سان ملڻ لاءِ
منتظر هئا. ان ڪري ولبڪ نه روڙڻ ڪاڻ جلد ئي
ڪيس پورٽام ڪيم ۽ موٽ ۾ هن منهنجي پٺي ٺپڙي.
انهيءَ کان وڌيڪ هارڊڪ قدر- شناسي ڪهڙي ٿي
ٿي سگهي!!

ڻيندي، ڇٽي ڪيڏي موڪلڻ لاءِ وڃڻي ڪيم. ٻ
خط ٽپال ۾ فِي الحال ڪين وڌا. ويچار هوم ته شام جو
جڏهن ٻار مولا وٽان ٿي موٽندا ته مان پاڻ خود اهي
ٽپال حوالي ڪري ايندس.

ٻار پاڻيهو ڏسڻ لاءِ ويا، ٻر موٽيا ٿي ڪونه. ٽپال
ڪرڻ جو ٽائيم ٿي اچي پيو، مگر سندن پتو لادارد.
مون کي سمجھه ۾ نه پيو اچي ته هُو ڇو ڪين آيا هئا،
جڏهن کين خبر هئي ته سندن اچڻ کان پوءِ ئي
مان ٻاهر نڪرڻ وارو هوس! من ۾ غوطا پئي کاڌم ته
ٻرهان ٻارن کي ايندو ڏٺم. ويجھو اچڻ تي سڀني جا
منهن لٿل نظر آيم. پڇيومان، ”خير ته آهي؟ ڇو ڪملا،
جا توهان سان گڏ هلي هئي، سا ڇو ڪونه موٽي آهي؟“
منٽ اڌ ته اکر به ڪين اُڪلين. منهنجي اُڻ تڻ چوٽ
چڙهي ويئي. ليت ڏيري وملا سڀ ڪجھه ٻڌايو:
”مولا جو صبوح کان سور جي دانهن پئي ڪئي، سو
سندس تڪليف ايتري قدر وڌي ويئي هئي جو آخر
وٺي واري ڊاڪٽرياڻيءَ راءِ ڏنو ته ’ڪيس مونکان زور
آهي؛ کيس هنا ديري کنهن وڏي اسپتال ۾ وٺي وڃو.‘
لاهيءَ تي ڪملا سرجوشي ڪري ڊاڪٽرن سان فون تي
ڳالهايو. جيتوڻيڪ آرتوار هو ته به ماهر سرجن ڊاڪٽر
ٽريش ٻاريڪ، جو اُن ويل ساهري گهر ويٺو هو، تنهن
ڪملا کي چيو ته تون پيڻ کي اُئمبيولنس ۾ کڻارائي
جي. جي. هاسپيٽل ۾ اچ ته مان آيو رهيس......“

پرائو ڪجي، اوتُرو پلو." پر منهنجي ڪنڌ ڪي نه هو وهاڻو. منهنجا وڏا وينا هئا؛ وڏي اون تہ ڪين لڳڻ ڪپندي هئي. آخر اها اون به لٿي - مونا مڱائيسون! شيواجي پارڪ واري لٿين جاءِ ۾ وڃي ويناسين ته شاديءَ جي تنهن تاريخ مقرر ڪري ڪيس ڇوڄ سان پرڻايوسين- لاڏا، آتش-بازي، موتُرون، بين باجا، سريلا سنسڪرت سلوڪ، اَگني ديوتا کي پرڪرما، سوکڙيون، سهڄ- ڇوڪري شيئهن ڪلهي چاڙهي ڏنيسون. اِهو مون لاءِ لاشڪ وڏو ڏينهن هو.

پر اِنهيءَ کان به وڏي ڏينهن اَچڻ ۾ ويرم ڪين ورتي. ورلدي سال نيمگر هئي اپريل مهني سان، سو ناني جو شرف پڻ اَچي در تي سهڙيو. پهاڙيءَ جا ڪجهه ڏينهن مونا خاص مزي ۾ ڪين هئي ۽ ولود وقت کان ڪجهه ڏهاڙا ساجهڙ ٿي جائو. چوطرف واڌايون ورڇ وئيون. مون کان هونءَ به وياج وڌيڪ مٺو لڳندو آهي، تنهن ڪري ڏوهٽي جي جنم تي خوشيءَ جي حد نه رهي. ڏاڏاڻس وٽ جيڪي ڏهيو واپريو، تنهن جي مونکي سمڪ ڪانهي. باقي مان ته جنبي ويس مائٽن کي خطن لکڻ ۾ - بابو ۽ اَميءَ کي ته بروقت تار رستي واڌايون ڏنيم، جو پر پيو هون- پوٽيءَ کي پٽڙو جائو هون! پين مٽن مائٽن کي چٺيون لکيم ۽ پنهنجي براهمڻ کي جنم جي پوري وقت جو اطلاع

ساڳي منڙي مونا وڃي وڃڻ وهيڻي ٿي هئي!! اهڙو ويچار ايندي حواس جنسي گم ٿيڻ لڳا- هاڻ مونا جو ڇا ٿيندو؟ اُها مونا جنهن لاءِ اوجاڳا ڪيا هئين، پنهنجا سک نياڳي، ڪيا هئين، جنهن جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي سمائيندي هئين، جنهن کي ڇوڄ مان سنهيرائي سينگاري گهوٽ ڪرڻو ڪيو هئين ته هوءَ پل وڃي سکن جي سيجا ماڻي، سا وڃي اسپتال پئي ٿي هئي!! هيءَ هيڏي پرورش سڀ وٺوت وڃي- انهن پور پڇائيندي پگهر لڪرڻ شروع ٿي ويا! مان پنهنجي آڏ پر پڻجي ويس!!

اُني اُچانک من تي ويچار ترڻي آيو ته اي پندا، تون ڇو پيو پاڻ ولوڙين! تون ڇو پيو ايڏو وڏو سوچ ڪرين!! آسرو اُلک جو وقت، جنهن کي تنهنجي هڙ ڳالهه جي لک ٿي پوي. اُلهيءَ تي پرميشور جي نام جون پنج پوڙيون جي ڪنت هيم، سي پڙهم سان پڙهيم. وڏو تيرج اچي ويم- اُها سگهه ۽ شڪتي، جنهن جي زور تي آتاهه اسپتال ۾ ته رڳو مونا کي ڳولهڻ آسان پڻجي پيو، پر اُهي دوائون جي ملڻ مشڪل هيون، سي سوليون هت اچي ويون، جيڪا جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڪنهن جنگ جوان کي پڻ هولد ڊپري ڪري وجهي، جنهن ۾ ڏينهن رات جنسي هڪ ٿي ويا هئا، سا سڀ سهنجي ٿي لڳي ۽ ڇهن هفتن جي سخت پورهيا بعد

ڳالهه ٻڌي، منهنجي هٿن مان جنسي ڪي ڪري پيو! منهنجي اميڙي موٽڙي! جي. جي جهڙي اَجگر اسپتال ۾ مونکان ڪيٽن ڳولي ليندي!! وڏم وڃائڻ جو نہ وقت ئي ڪونہ هو. ٽپال جا خط اُئين ئي ڇڏي، ڪپڙا بدلائي، مان نڪتس مونا جي فڪر ۾.

مان نہ وڏي مونجهاري ۾ اچي پيو هوس. هاڻي ڇا ٿيندو، اِهو خيال ڪندي ئي من وسامڻ لڳو. ننڍي هوندي کان هيل توڻي مونا جي تصوير اکين اَڳيان تري آئي تہ ڪيٽن نہ ڪيس لاڏ ڪوڏ سان پاليو تاتيو هوسين، ڪيٽن نہ ڪيس گهمڻ وڻي وٺدا هئاسين، ڪيٽن نہ ننڍي هوندي اَڌ رات جو جاڳي وٺي رئڻ شروع ڪندي هئي تہ نرم بسترو ڇڏي، ڪيس ڪلهي تي ليٽائي، پٺي ٿپڙي، ڪيس ننڊ ڪرائبي هئي؛ ڪيٽن نہ اَڃا هوءَ پورو وهڻ بہ ڪين سکي هئي تہ سندس فوٽو ڪڍائڻ لاءِ ڪيس فوٽوگرافر جي دڪان تي کڻي ويا هئاسين؛ ڪيٽن نہ هن مونا جي ڇنڇلتا کي ڏيکي ريجهي، مٽ کن هڪ هنڌ ٿامائي ٻيهاري، سندس عاليشان فوٽو ڪيئرڻيو هو؛ ڪيٽن نہ هوءَ اسڪول وڃڻ کان ڪيٻائيندي هئي؛ ڪيٽن نہ پوءِ ايس ايس سيءَ جو امتحان ڏنو هئائين؛ رالديڪن تاهڻ جي هنر ۾ سندس حرص وڌيو؛ ڪيٽن نہ سندس مڱڻو ٿيو هو ۽ آخر وڃي شينهن ڪلهي چڙهي هئي! هاڻي اُها

٤٣- ويهين صديءَ جو هيام!

هڪڙي ڏينهن پنجين ماڙيءَ تي پيريڊ پاڙهي آيس ته پروفيسرن جي ڪمري ۾ خشڪيءَ ۽ تشنگي دور ڪرڻ لاءِ، جو ڏيڏر واري ’ٽان ٽان‘ جو پڙلاءُ ڪن تي پيم. چوٿين ماڙيءَ تي علم حياتيات جو تجربي گهر آهي، سو سمجهيم ته مٿان اُتان ڪو ڏيڏر ڪا صدا ڪندو هجي ڪنهن شاگرد کي ته، ”سيکهه ڪر، جهٽ لاءِ سڀي ڪڏيندم ساهه، ته هيءَ اون ۽ انتظار لهي، هڪ هڪاٽي ٿئي ته لهي ٽانگهه.“ پر اُهڙي ڪا ڳالهه ته هئائي ڪانه. ڏيڏر جو آواز ڪجهه هيٺيرو پئي ٿيو. تڏهن پڪ ٿيم ته ڪو شاگرد ٿي ڏيڏر وڄائي رهيو هو. چيم ته مار! ٻارن جي ساڃهه ٻاراٽي هلي اچي!! پر ته ٻيلي، هيترن سالن ۾ ڪجهه ڦيرو ضرور آيو هوندو!! سو دل ٿيم ته اهو تماشو ڏسان.

اَسين جڏهن ننڍڙا ٻار هئاسين، تڏهن ٽين جا ڏيڏر وڄائي، پاڻ وندرائيندا هئاسين. سالن کان پوءِ جڏهن مان پروفيسر ٿيو هوس ته ڏيڏرن جو ٽئون رولشو ڏسڻ جو وجهه مليو هوم- ڪاليج جي شاگردن کي ڪنهن پروفيسر جي گفتار پسند نه پوي، ته هوُ ڏيڏرن جي ’ٽان ٽان‘ شروع ڪيو ڇڏين. اُهيءَ ڪي ته ڪيترا سال ٿي ويا. هاڻ ضرور ڪجهه سڌارو، ڪا ترقي ٿي هوندي، ڪين اَڃا سوڌو پروفيسرن کي تنگ ڪرڻ جو اهو سولو نمونو هلندو پئي آيو!

ڇوڪر ڪـي ساهري پرڻو ڪري آياسين ۽ اُئين ٿـي سمجهيوسين تہ، لڳن مان ڪـي ڪين لهي ويو هو. پرميشور لڄ رکي، نہ تہ ٻندي جـي وس آهي ڇا! سهارو سائينءَ جـو ڪافي آهي، جو ڪڪ ٽاري ۽ ڪوهہ ٻوڙي ٿو. ويساهہ سو ڪو رکي، پوءِ سندس ٻيڙائي پار!!

ڳولي لهڻ سٺو ڪين هو. پر منهنجي اندر وارو اها ڳالهه ڪٿان ٿو ٻڌي! ڪن سولا ڪري، ڏاڪا لهندو آيس. ايندڙ آواز مان سڃاتم ته ڏيڍر ڏائي طرف وڌي رهيو آهي. تمام سٺو! پروفيسرن جو ڪمرو پڻ ايڏانهين ته هو. ڏيڍر وڌي پروفيسرن جي ڪمري جي دروازي جي بنهه ٻاهران اچي ٿامجي ويو. شايد هوءَ پروفيسرن جي ولدر ڪارڻ ٿي اچي اٿي سهڙيو هو، جٿن پولڙن وارا بازيگر اچي ٻيهندا آهن ته من ڪنهن سٺيي گراهڪ جي سندن ڪيل ٿي دل سرڪي! پر ته، سامهون لئبرريءَ جو دروازو به ته هو!!

الهيءَ هنڌ ٿي شاگردن جي ٻيهه پڻ ڏاڍي هئي. جوئن وانگر مس ٿي وک کڻي سگهياسين. ڇپي ڇپي ٿي شاگرد گلوءِ جهنڊ لڳايو بيٺا هئا، جنهن ڪري جتان ڏيڍر وڃڻ جو آواز اچي رهيو هو، اتي پهچڻ ۾ البت وقت لڳو. اڪو اهو ٿي هو ته متان ڪٿي ڇرڪو نه پهچان ته هيءُ بازيگر ڪنهن ٻئي طرف نه ترڪي وڃي! نه بيلي. هوءَ پنهنجو رنگ رچائي ٿي رهيو هو؛ اُن ۾ ٿي مڇوءَ هو!! هن کي دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جي سمڪ ٿي نه رهي. رهي به ڇو! ڇوڏاري ڇوڪرين ٿي ته ساڻ هنيس!! مان جو اتي پهتس ته، بمبئيءَ جي پوليس واري وانگر مون به وڌو هٿ ـ ته سندس ڳٽر ۾، پر هٿ جي ڪرائيءَ ۾، جنهن ۾ ڏيڍر هوس. مڙس

پروفيسر هونءَ ته ڪڏهن سان سلڻ وارا نه آهن ته
شاگرد ڪلاس ۾ ساٿن ڪهڙا وٺل ٿا وهائين، ڪهڙا
ڪلور يا تعديون ٿا ڪن؛ پر هيءَ جي ڏيڏر جا آواز
ڪلاس کان ٻاهر ٻڌڻ ۾ ٿي آيا، سي ضرور ڪڏهن
ڪڏهن ٿي سهين، ڪلاس ۾ پڻ ضرور ٿيندا هوندا.
اهي خيال پچائيندو مان چوٿين ماڙي تان لهي ٽئين تي
پٽي آيس ته ڏيڏر جو آواز چٽو ۽ لڪو ٻڌڻ ۾ اَچڻ لڳو.
هاڻي خاطري ٿيم ته، ڏيڏر ٽئين ماڙي تي ئي هو. پر
اُن کي ڳولي لهڻ محال هو. تازو گهنڊ لڳو هو. پيريڊ
جو پورو ٿيو هو، ته سڀني ڪلاسن مان شاگرد نڪري
ٻاهر ٿيا هئا. مس ڪري بند خلاص ٿيا هئن. پروفيسر
پڻ اَلائجي ڪهڙي معجون کائي ٿا اَچن- پيريڊ جا
پنجيتاليهه ئي منٽ ڳالهائيندا رهن، جي ڪٿي ٽڪجن
يا ڪٿي هٽڪن، سو اَصل ڪين. ڳالهائين وري اِئين
جڻ سندن سامهون دنيا جا مڙيئي فيلسوف اَچي پيڙا
ٿيا هئا!! ويچارا اَڄ جا وديارٿي هلن رڳو ڪوڪاڪولا
تي، پائين سنگين ۽ ٻنا اِستري ٿيل چولا، سندن هڙ ٻانهون
پيئون ڏسجن، سي ويچارا ڇا سمجهندا پروفيسرن جي
صاف گوئي! سو پيريڊ پوري ٿيڻ تي جو هربلو ٿيو
مچي، سو سنڌ جي جمعي واري ملاخري کان ٻه گوءِ
ڪڍيو وڃي. هڪڙي پيڙ ۽ گپا گيهه، پيو ڇوڪرن ۽
ڇوڪرين جي پاڻ ۾ ڳالهائڻ جي ڇنڇاڻ، تنهن ۾ ڏيڏر

پتو لڳائي آيو هو ته آخر مان هوس ڪيئن لڏهن ڪري
جوش گهڻو پرو ٿي ويو هوس، ۽ ڪارڊ موٽائي ڏيڻ
ڪاڻ هوُ منٿون ڪرڻ لڳو. مون کيس سيان ٿي اَچڻ
لاءِ چيو، پر هن کي ڪنهن چيو ٿي ڏنو ته جي ڪارڊ
اَج ٿي واپس هٿ ڪري نه سگهنديس، ته خير ڪونهي!
اِلهيءَ ڪري ڏاڍي التجا سان آزي نيزاري ڪرڻ لڳو.
مون کيس سمجهايو: ”ڏس، تو بہ گناه ڪيا آهن-
هڪڙو ڏينهن پڻ وڃايو، ٻيو ڪارڊ بنسبت ڪوڙ
ڳالهايو. مونکي لڄ ڪري تو ۾ سخت ڪاوڙ آهي. اَج
چئين، ڳالهه سڀاڻي اوڻ ڪنداسين؛ اِلهيءَ ۾ تنهنجو ٿي
ڀلو آهي. جي گهڻو تنگ ڪندين ته پرنسپال صاحب
وٽ اينٽي هلندو سانءَ ۽ اِلهيءَ جـو اُگرو نتيجو نوڪي
سمجهڻ گهرجي.“ ڇوڪر سمجهي ويو. باقي رهيا پروفيسر.
هنن جي مرضي هئي ته ڇوڪر کي سخت سيڪنت ملڻ
گهرجي. هن شايد سندن ڪلاس ۾ ڏينهن وڃائي کين
سخت هلاڪ ڪيو ٿي ڏنو! پر هن کي هوُ پڪڙي نه
سگهيا هئا. مون کين دلاسو ڏنو ته فيصلو سڀاڻي ڪبو
۽ سندن صلاح کي خوب وزن ڏنو ويندو.

صبوح ساڻ ڇوڪر اَچي سهڙيو. مون ته فيصلو
اَڳيئي ڪري رکيو هو. هوُ ويهين صديءَ جو شيام ٿي
ته هو! هن پاس جي مرليءَ بدران ٿين جي ڏينهن سان
بندرابن جي گوپين بدران ڪاليجي ڇڪين جي ٿي

منجهي ويو. ٽڙڻ ٽاٻـڙڻ لڳو. ڪاليج جو ڪارڊ گهريومانس ته، ڪوڙ ڳالهايائين- "اهو لئبرريءَ وارن وٽ آهي!" مداريءَ جو کيل ڏسندڙ نينگريون پڻ ٻُسري ويون- "ڪاليج ۾ تورو ٿي هيٺن ٿيندو آهي!" 'پُر هيءُ آهي ڪير، اسان ته ڪڏهن ڪين ڏٺو به ڪينهي!!' "هيڏرو بندرو، پاڻ کي ڏس ته ڪهڙي نه چيز پيو سمجهي!!! وڏي ڪا ڪيپ ڪٽي آٿائين!!!"

لئبرري به ته سامهون ئي ته هئي. جوابدار کي اوڏانهن وٺي ويس. پڇا ڪئيسين ته لئبرريءَ وارن چيو، "اسين ڇو هن جو ڪارڊ پاڻ وٽ رکنداسين!" هاڻي ته ڇوڪر جي منهن جو رنگ ئي اڏامي ويو. ٽڙي ڪيڻ تي ٿي پهه سٽر جي کيسي مان ڪارڊ ڪڍي ڏيڻو ئي پيس! هوءَ پنهنجي ڪلاس جو چونڊيل عيوضي هو. جي ڪاليج جي جنتا جي عيوضين جي ههڙي درگتي ٿي ڪٽي ويئي ته، خود جنتا جو ڇا ٿيندو هوندو؟ جوش ۾ ٻڙس ويو "وڏن" سان صلاح مصلحت ڪرڻ.

مان پروفيسرن جي ڪمري ۾ آيس ۽ اچي ڏوگهو چاڙهيم. منهنجي هٿ ۾ ڏيڍر ڏسي، ليڊا پروفيسر ڏاڍا سرها ٿيا ته ليٽ شاهينگ ڦاٿو هو! جنهن ئي جوابدار ڇوڪر ڪارڊ واپس هٿ ڪرڻ ڪاڻ منٽن ۾ موٽي آيو ته هيءُ پروفيسر پڻ ميڙاڪو ڪري اچي بيٺا. ڇوڪر

٤٤- راشٽرپتيءَ جو نالي ثاني

مان الهيءَ سال اتهاس جي خاص اڀياس واري پيپر ۾ ماڊريٽر مقرر ڪيو ويو هوس. جڏهن موڪلي پيپرن جاچيندڙن جي يادداشت ملي، جن کي منهنجي زير نظر پيپر جاچڻا هئا، تڏهن اُن ۾ هڪ نالي منهنجو هڪدم ڌيان ڇڪايو ۽ دلچسپي وڌائين- اُهو نالو هو پروفيسر راڌاڪرشنن جو. اڙي! هن جو نالو اسان جي راشٽرپتيءَ جهڙو ئي ته هو!! ڊاڪٽر ايس. راڌاڪرشنن کي اول مون ڪراچيءَ ۾ ٻڌو هو ۽ سندس ڀاشڻ مون تي گهرو اثر ڪيو هو- دماغ جون دماغ سان ڳالهين جو پهريون دفعو آزمودو مليو هوم. سو جڏهن ڏٺم ته مون وٽ جيڪو پيپر جاچيندڙ هو سو اسان جي راشٽرپتيءَ جو نالي ڀائيوار هو، ته سڀاويڪ اُتڪنٺا اُڀري ئي ته— ڇڪاس لهجي ته منجهس ٻه راشٽرپتيءَ واري ڪا مٺيا هئي، ڪين فقط نالي ۾ لهال هو.

پيپرن جاچڻ جو ڪم چالو ٿي ويو. راڌاڪرشنن وٽان پڻ پيپرن جا پارسل باقاعدي ايندا رهيا. سندس ڪم بلڪل ئي دلپسند هو، جنهن ڪري منهنجو بوجو ڪافي جهڪو ٿيڻ جو جهجهو امڪان ٿيو- گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيپر- جاچيندڙ جو مٿي جو سور ته گهٽيو! پر جهٽ ڏٺم ته راڌاڪرشنن فقط پهرين سو واهه جو جوهر ڏيکاريو، پر سندس پويان پارسل وڌو مٿي جو

۾ راس رچائي ھئي!! اُن کي سيڪنڊ گھڙي ڏني!!! ھوُ پنھنجي ڪئي تي پشيمان ھو- اکيون ڏرائيءَ ۾ ئي ڪتل ھُئيس. ٻال ڪرشن وانگر ھوُ چرڻ چئي رھيو ھو- 'مٿن لھين ماکڻ کايو.' مون کيس ٻنھي معاف ڪري ڇڏيو- پشيمانيءَ کان وڌيڪ ٻي گھڙي سيڪنڊ ٿي سگھي ٿي!! ڪاڻ کيس موٽائي ڏنم، باقي جڏھن ڏيڻ لاءِ واٽ وڏائين تڏھن سو چيومانس: ”تو ھيڏي ساري وٽ اھو سونھين تو! مونکي لڏيڙو ڏوھڙو آھي، اھو ھن کي ئي ڏيندس!!“ ڇوڪر نينگ ٽپا ڏيندو روانو ٿيءَ ويو.

ڪونہ پيو. پنجين ڏينهن منجهند ڌاري هوءَ اچي پرگهٽ ٿيو. ٻانيءَ کي جا پنهنجي سڃاڻپ ڏنائين تہ هوءَ تہ هڪدم ڍلجي وئي. مان اُن وقت ويو هوس گهر، ماني کائي ڪجهہ آرام ڪرڻ. شڪر جو ٻانيءَ کي عقل اچي ويو ۽ کيس منهنجي گهر جو ڏس پتو ڏنائين، في الحال تہ ٻلا ٽاري ڪئي هائين. پر ٻانيءَ اهڙي تہ هٺبي تي وئي هئي جو جڏهن مان راڌاڪرشڻ کي وٺي موٽي وِٽس آيس تہ بہ زردو رنگ اڃا ڪجهہ قدر مٿس چڙهيل هو!

پروفيسر راڌاڪرشڻ ڏس پڇائي، منهنجي مڪان تي آيو ۽ جڏهن ڏيٺ ويٺ ڏٺي بس ڪيائين تڏهن مون کيس تڏي سيمي آڻ ياڻ ڪري وهاريو، جنهن پل تہ هوءَ ڪجهہ قدر ٺري! سندس ڳالهہ ٻولهہ مان ظاهر ٿيو تہ هوءَ ولائت جي ڊگريءَ وارو هو. مولڪي الهيءَ تي البت اچرج لڳو تہ ولائت پڙهيل پروفيسر هيءُ صرف اٻائي سٽين جو ڪم ڪيئن سوڪار ڪيو هو!! جڏهن ڏٺم تہ هاڻ هوءَ ڳالهہ سمجهڻ لاءِ تيار هو، تڏهن سندس هڪ جاچيل پيپر کيس هٿن ۾ ڏنم. هن پيپر تي مٿاڇري نظر ڊوڙائي، ۽ جيستائين مان کيس ڪجهہ سمجهايان ٿي سمجهايان، اُن کان اڳي ئي هن ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيو. چيائين تہ "اوهين جيڪي بہ مولڪي ڇوڻ ٿا گهرو، اهو سڀ مولڪي سڄهي ٿو. هونءَ تہ

سور ثابت ٿي پيا. هڪدم پوءِ چڱي ٻوڙائيءَ ماڻس-
سندس ڪم ۾ جدا جدا قسمن جي خامين ۽ نقصن
ڏانهن سندس ڌيان ڇڪائي، کيس خبردار ڪيم. پر
مڙس سڌري ڪين سڌريو. شايد سڀو ڪم اڳيئي
اڪلائي چڪو هو ۽ درستي ڪرڻ ڪانئس يا ته پڳي
ڪين ٿي، يا ته کيس ائين ڪرڻ ۾ خطرو ٿي ٿيو!!
لاچار مڪ-ماڊريٽر کي دانهن ڏنيم. پر ٿي مثال
ڪڍي ڏيکاريامانس ته ڪيئن راڌاڪرشنن اڳهل مارڪون
ڏيئي رهيو هو. هوءَ ٻائي (مڪ-ماڊريٽر) مثال ڏسي
ڏمرجي ويٺي ۽ چيائين ته تار ڏيئي فورن پوليءَ گهرائيندس
ته پيپر هتي ئي اسان سر اچي جاچي! تار جهٽ رواني ٿي
ويئي. مان وري اچي ڪم تي ويٺس ته ٻائيءَ جو خيال
اچي ڦري ويو- چوڻ لڳي ته فقط پنجن مثالن مان ڪين
وراندو، تار ڪرڻ ئي ته گهرجي هئي! اُبهرائي ڪيائين
پاڻ، ۽ دوش مڙهڻ ويٺي مونتي!! زنانو نمونو شايد
ٿيندو ئي ائين آهي. شام ٿوٽي، جيسين ڏينهن جو
ڪم ختم ڪري اٿون، تيسين سندس سر ساڳيو ئي
هلندو آيو- هن کي تار ڏيئي ته گهرائڻ گهربو هو.
سندس پريشاني دور ڪرڻ ڪاڻ آخر مون کيس آٿت
ڏنو، "پل ته هو اچي، مان کيس پاڻيهي منهن ڏيندس؛
اوهين شانتيءَ سان ويهي لقاءُ ڏسجو!"

خير. چار ڏينهن گذري ويا، پر راڌاڪرشنن جو پتو

پيپر سختيءَ سان جاچيا هئائين يا جن کي اٺاسيون
مارڪون ڏنيون هئائين، اُنهن جي حالت ۾ ڪلاس
ضروري درستيون ضرور ڪرايم.

پوءِ گڏجي آياسين مک-ماڊريٽرياڻيءَ وٽ. پهريان
ته هن کي ڏسي پاڻيءَ جي منهن جو رنگ بدلجڻ لڳو،
پر جڏهن ٻڌايومانس ته، راڌاڪرشنن پنهنجيون سڀ
ڪميون پنهنجيون محسوس ڪيون آهن، تڏهن مس منهن
۾ پاڻي آيس. قصو ان ريت ٿاهي، راشٽرپتيءَ جي ٿالي
پائيوار کي راتو واهه بمبئيءَ روانو ڪري ڇڏيم، جو هن
جو چوڻ هو ته هوُ حياتيءَ ۾ پهريون ئي پيرو پوني آيو
هو ۽ جتي نه هن جي هتي ڪا به واقفيت ڪانه هئي،
تنهن ڪري هڪدم گهر پيرو ٿيڻ تي گهرايائين.

جڏهن سڀ پيپر جاچجي چڪا ته مڙئي ماڊريٽرن
جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن مارڪن مطابق
پهريان پنجن نمبرن جي اڳيڙ ڪندي ظاهر ٿي پيو ته
اُنهن مان ٽي نمبر اُهي هئا، جن جا پيپر پروفيسر
راڌاڪرشنن، ڀارت جي راشٽرپتيءَ جي ٿالي ٿائيءَ ئي
جاچيا هئا ۽ جن لئي مون پنهنجي بارڪ لظر ڦيرائي،
سندن ڪنيل مارڪون حقي ٺهرايون هيون!!

مان اَهڙو خود-دار آهيان، جو ڪنهن جي وٽڻ جو نه
آهيان. مونکي منهنجي ولائتي ڊگريءَ تي وڏو فخر
آهي. پر اَوهان جيڪو ڀاڙيءَ وارو خط مون ڏي
لکيو آهي، جنهن ۾ ثابتين ۽ سندن سان منهنجا نقص
۽ خاميون ظاهر ڪري، مونتي ليوهان تهمتون مڙهيون
اَٿوَ، تن مونکي پشيمان ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي-
مونکي اَهڙو دسي وڌو اَٿوَ، جو پاڻ سامهون پڻ ڪنڌ
ڪڻڻ جهڙو ڪين رهيو آهيان. اَوهين جيڪي چوڻ
گهرو ٿا سو سؤ ٽڪا سچ آهي. آءٌ اَوهانکي آفرين ٿو
ڏيان جو اَوهان منهنجو هٿ پڪڙي مونکي سچي راهه
ڏيکاري آهي. اَوهان جهڙو سؤلهون مونکي جيڪڏهن
نصيب نه ٿئي ها ته، مان هٿ ٿان اَصل هيٺ ڪين
لهان ها، ۽ آخر پاڻ کي اَلائجي ڪهڙي بوهي يا اوڙاهه
۾ ڪاهي وجهان ها. آءٌ اَوهانجو نهايت ٿورائتو آهيان
۽ منهنجا اَوهانکي سلام آهن. مون سندس هستي ٽوڙڻ
نه ٿي چاهي. الڪري کيس وڌيڪ ليڇو نوائڻ کان
روڪيم، ۽ هن ريت ڪٿي تمام ڇوٽ ۽ ڪٿي بلڪل
اُني ٿوريون مارڪون ڏيڻ جو ڪالهس ڪارڻ پڇيم. هن
مونکي سچ ٻڌايو ۽ ڏنم ته حالتن کيس جهڪيءَ وچان
ڀيڇون ڄاڇڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. مونکي سندس حالتن
تي ترس آيو. مون کيس دلداري ڏني ته مان کيس
ڪو به ضرر ڪين رسائيندس. باقي جن شاگردن جا

هوليءَ جو دل ملهائڻ شروع ڪيو. ٻهريون دل
ڪولواٻا جي گورو نانڪ اسڪول جي حاطي ۾ ملهايو
يو، جتي فقط ٻه سؤ ماڻهو آيا، جن کي نماڻي نمولي
ولدرايو ويو ۽ گهر ۾ تيل پڪوڙن ۽ بازاري ڊبل روٽين
ي ڇهر ونائي ويئي. وقت گذرڻ سان ماڻهن جو
ن ميلي ۾ چاهه ويو وڌندو، جنهن ڪري گورو نانڪ
سڪول هال مان تامل سنگم هال ۽ پوءِ دادر جي
ڪشادي ٻاسلوا اسڪول هال ۾ اهو شغل ٿيڻ لڳو.

ورهاڱي ڪانپوءِ اَساڄي ماڻهن لاءِ ولدر ورونهه ۽
ڪ ٻئي سان گڏجڻ مسجڻ جا وسيلا اَڪثر ڇڊا ٿي
جي رهيا هئا، ۽ انهيءَ ڪارڻ ماڻهو هوليءَ جي دل
ي وڏي چاهه ۽ چوج سان اَچڻ لڳا هئا. دل ۾ شريڪ
ڻ ڪاڻ چندو بلڪل ٿي گهٽ رکيو ويو هو، جئن
ريب توڙي شاهوڪار دل ۾ ٻارين ٻچين اَچي سگهن.
لدر جي پروگرام سان گڏ ڪاڌ خوراڪ جو پڻ خاصو
ندوبست ڪرڻ ۾ آيو، ۽ خرچ جو پورائو خاص اَڳارپل
چندن مان ٿيڻ لڳو. پر وقت لنگهڻ سان نظر آيو ته ڪن
نڇن هن ڪاري ۾ پنهنجي من-مانڻي ڪرڻ ٿي چاهي.
الهون اَچڻ لڳيون ته ڪيترن کي، خاص طور ڪئمپ
رهندڙن کي دل جو لوتو ٿي ڪوله ٿو پهچي! ڏوراپا
لڻ لڳا ته دل شايد شاهوڪارن لاءِ ٿي آهي- "ڪلباڻيءَ
ا وڇائت ۽ ملند جا جابلوُ، شهر جي عالم سان شرڪت

۴۵- هوليءَ جو ڏل

اُنهيءَ ڳالهه کي ڏهاڪو ورهيه ٿيا هوندا جو ودالا اسڪول جي پرنسيپال "منگهي" پمپاڻيءَ هڪ ڏينهن دادي راميءَ کي ٻهاري ڇيو، "دادي، هيءُ پروفيسر جو اسڪول جو هال سيوهاڻين جي هوليءَ جي شغل لاءِ ڪري ويو آهي، سو ايڏا سيوهاڻي ايندا ڪٿان؟ خود گوپال گربخشاڻيءَ پڻ عجب پئي ڪاڍو ته پروفيسر صاحب هال ۾ هزار ڪرسين وجهڻ جو آرڊر ڪيئن ڏنو هو! هزار جو ته ڪو پيٽ ٿيندو آهي!!"

دادي ويچاري منجهي پيئي. ته به پاڻ سنڀالي، ورندي ڏنائين ته، "سائين، سيوهاڻين جو هوليءَ جو ڏل سنڌ کان وٺي هاڪارو آهي. سيوهڻ ۾ اهو شغل شهر کان ٻاهر، اسٽيشن جي پوئينءَ پار لال (لعل شهباز قلندر) جي باغ ملهايو ويندو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ اهو ميلو ٻرنس باغيچي ۾ لڳندو هو. باقي هتي جي مونکي خاص خبر ڪانهي. پروفيسر صاحب پڻ تخمينو لڳايو هوندو، هو پنسا وئرت وڃائڻ وارو ڪينهي. بس باقي چار ڏينهن ته آهن. پاڻ اَچي ڏسجو نه!" هوليءَ جي ڏينهن اسڪول جي هال ۾ ڪا ڪٿ خلق اَچي پلٽي! ٻج ڇنڻ جي جاءِ نه رهي!! گوپال آهي سيوهاڻين مان پرڻيل. قبولڻو پيس ته بيشڪ سيوهاڻين پاڻ ملهايو هو.

سنڌ مان لڏي اَچڻ کان جلد پوءِ سيوهاڻين بمبئيءَ

خاطري هئي ته ايڏو پئسو ڪامورن پاڻون وٺان ڇڏڻ
ڇيڙن دوارن ڪنو ڪرڻ ناممڪن هو- لکي پئسا
مڙن، لکي دل ٽٽي!!

خاص ڪاميٽي نه ٿي، پر ڪاميٽيءَ وارن مونکي
چيو، ”توئي له دل جو رپگت ڪاهي وڌو. هاڻي
تنهنجو مٿو، تنهنجو ڪٺو. سڄي ڪاريه ڪي تون وڃي
مدهن ڏي، اسين فقط توسان ’ها‘ ۽ ’ها‘ ملائيندا سين.“
مون اڳي اهڙي ڪنهن ڳالهه ۾ ڪڏهن به هٿ نه وڌو
هو. سو ٻهرڻ البت منجهيس. پر پنچايت جي عهديدارن
جي للڪار جا قبولي هئيسين، سو دل ڪري ٿي
ڏيکارڻو هو!!

مان ڇا ڄاڻان ماڻهن وٽ هٿ ٽنگڻ مان! سو
ٽالڪ ڪي ڪنيم ساڻ ۽ سندس پڇاڻ وارن پن ٽن سڄڻن
وٽ لنگهي وياسين. هاڻ منهنجي آنڊي ٽٽي. ٽويو
ڪٺي اڪيلو ئي لکري پيس پنڇن ۾. مونکي هرويرو
ايڏي اميد ڪانه هئي. شاباس هجين- فقط ٽيهن ڄڻن
جهت ۾ سڄا سارا پندرهان سؤ رپيا ڪڍي ڏنا! ۽ دل
۾ شريڪ ٽيڻ جا ڪوپن الڳ ڳڏائون!! پئسا ته اڇي
سهڙيا، پر منجهه ڪنهن ڪي ڪين ڏنم ته آخر اوڙ
ٽي ڪيتري هئي يا مڙيائي سڄ ٽي هئي، جڻن
عهديدارن ٽي چاهيو.

پوءِ ورتم ڪيل تماشي جي ڪاريه ڪي. اٽي پڻ

ڪرڻ جي لائق ٿي ڪئي آهن. اِڪري ڄاڻي ٻجهي
کين رئيو ٿو وڃي.“ آخر هڪ هندو سس پس ٻڌيم ته
اُن سال مورڳو دل ملهايو ئي کين ويندو!! مان اِنهيءَ
تي اَلبت پسري ويس. ڪير هو جنهن کي دل بند
ڪرڻ جي سمرتي ٿي هئي! منهنجي زبان بند ڪرڻ
جي خوب ڪوشش ڪئي وئي، پر جنتا جي آواز کي
ڪير ٿي ٻوساٽي سگهيو!! ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾
پنچات جي ڪارباري سڀ ٻچ دل نه ڪرڻ جي رٿ
آندي- واهه جي زواوري چئي! اِن لاءِ ڪارباري
طوفان وڏا عذر پيش ڪيا ويا- بهانو ڏيڻ لڳا ته پنچن
جا چونڊيل مڙئي عهديدار اُن ويل والدا کين هئا،
جيتوڻيڪ چولب مهل کين خبر هئي ته هوليءَ جو دل
ڪڍڻو ئي هو! پئسا ڪٺا ڪرڻ پڻ مشڪل هئا، چاڪاڻ
ته ماڻهن سڀ پئسا لڙائيءَ جي چندن چيرن ۾ چاڙهي
ڇڏيا هئا. اِن ڪري اُپت کان وڌيڪ خرچ جو پورائو
ڪرڻ محال هو!! هاڻي ڏي مڙهن! اَهڙيون اَڻکون
اَڳيان آنديون ويون، جن جو مقابلو ڪرڻ ئي مشڪل!!
پر هوليءَ جو دل بند ڪيئن ڪيو ويندو؟ ڪاروباري
ڪاميٽيءَ جي پنجن ميمبرن جو رخ ڏسي، کين ليڪو
نوائڻ ڪاڻ، پنچات جي عهديدارن پاڻ ڇڏائي،
هوليءَ جي دل ملهائڻ لاءِ هڪ خاص ڪاميٽي ڪڙي
ڪرڻ جي رٿ تي خاص اعتراض کين ورتو. کين

ممڪن ٿي سگھندو آهي. پر ڪوبہ هتان ڪٿي! ۽ ڪنهن ڪان سواء اندر گھڙڻ جي اجازت هئي ڪانہ. ٻي معنيٰ ٿي موٽي وڃڻ پڻ سندن لاء ڏکيو ٿي هو. منٿون شروع ٿي ويون. "پيسا وٺي، اسانکي اندر تہ اچڻ ڏيو نہ. پل ڇپو ڇورو نہ ملندو تہ بہ هلندو، پر پائون سرلو تہ ٿيڻ ڏيو نہ؛ ساڻن گڏجڻ ڪان تہ اسان کي نہ واجھيو!" سندن ليلڻ جي بيزاريءَ هٽي وڃي هنڌ ڪيو. ڪين اندر آندو سين تہ سهين، پر ماڻهو جنسي ڳاهٽ ٿيڻ لڳا.

ڪيل شروع ڪرڻ جو وقت اچي پهتو. مان ۽ منهنجا ساٿي عارضي طور ٿي نہ ڪم ڪري رهيا هئاسين. جڏهن سارو مالداڻ منبجي ڇڪو، تہ مون وس جون واڳون شنجڻ جي چوليل عهديدارن کي سونپي ڏنيون. ڪين بہ ڪا اهڙي حيرت وٺي وئي جو هو ٻاڻ تہ شهہ-نشين ٿي چڙهي وڃي ويٺا، پر اهو حوصلو جاء نہ رهين تہ جنهن هيءَ سارو نڪسات تيار ڪيو هو، تنهن کي پڻ سان مٿي وٺي هلي وهاريون! مان پنهنجي جاء هيٺ وٺيو ويٺو رهيس. پر قدر وارن مٿي منهن ڪرڻ ٻدران مون طرف ٿي پٺي ڦاريو!! محنت جو اهو اجورو ڪافي هو. اهڙو پڪيدار دل ڊاسلوا هال بہ سيوهاڻي وري ڪين سنڀرن!!

آنا ڪاني شروع ٿي ويئي؛ سهڪار ملڻ بدران مقابلي ڪي اُني منهن ڏيڻو پيو. پر هاڻي مان منجهان چوٿو! جيڪي آڏو آيا تن کي ڪٿو چيم ته جيڪڏهن منهنجو سهڪار ڪرڻ نه ٿا چاهيو ته پاسيرا ٿي بيهو. وائڙا ٿي ويا، پر مشهوري ڪنهن کي ڪين گهرجي! انهن ڪري لاچار ڪڙو ڪائڻو پين، ۽ جهٽ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي اچي بيٺا- ڏنائون ته ليات جا ڪلاڪار جي هولڻ ساڻن ماڻا ڪندا هئا، سي سڀ منهنجي سڪٽي لياپي تـي اَچي سهڙيا هئا!

پوءِ موڪلڻ شروع ڪيم لوتا. مون وٽ غريب شاهوڪار جـو پيد ٿئي ئـي ڪوئه. سو هرڪنهن کـي سندس سرنامي تي ليندي- پتر نپال رستي موڪلي ڏنم، ته مار! سڀ ڪوپن هٿون هٿ وڪامجي ويا!! هونءَ ڪوپن ايترا ته ٻچيل رهندا هئا جو هال ۾ گهڙڻ مهل ٻه ٻه سو ڪن اُتي نيڪال ڪيا ويندا هئا.

ڪاڏي پيٽي جو عمدو بندوبست ٿـيو ويو ۽ آخر هوليءَ جو ڏينهن اَچي سهڙيو. هال ۾ جو اَچون ته حيرت جي حد نه رهي! سڄو هال نمتار ڀريو پيو هو- ڪوپن جو خلاص ٿي ويا هئا!! انهن کان سواءِ اَڪيچار ماڻهو هال ٻاهران بيٺا هئا- ڪين ڪوپن هئا ئي ڪين! ويس وڳا ۽ ليل قليل ڪري ٺهي نڪي آيا هئا، اِنهيءَ آسري تي ته ڪوپن هلي هال ۾ وٺنداسين، جئن هر سال

هلائڻ جي فرصت نہ هجي، جڏهن اُوهان هوليءَ جي دل پذيري ظاهر ڪيو هو، تہ پڻ جاء خالي ڪرڻو؛ آهڙي حالت ۾ آءٌ اِها جوابداري کڻڻ لاءِ تيار آهيان. پر مونکي ڪيئن بہ ڪري جو ڪيرائڻو هون، سو پاڻ پاسيرا ٿي ويا ۽ ٻين چونڊن ۾ مان سيڪريٽري چونڊيو ويس. ڪاروباري ڪاميٽي پڻ ٽئين سر چونڊي ويئي.

هيءَ ٽئين جوابداري جا سر تي نازل ڪئي هئم، سا مون لاءِ ڪافي ڏکي هئي - هڪ تہ ٻيا ڪم ڪار ٻون اَڳي ۾ ئي جهجها هئم، جنهن ڪري فرصت خاص هئي ڪانہ؛ ٻيو تہ ماڻهن کي پنچائت جو ميمبر ڪرڻ ڪاڻ وات وجهڻو ٿي پيو ۽ اُن لاءِ پڻ پيرا ڪرڻا ٿي پيا، جيتوڻيڪ ساليانو چندو هو فقط ٻہ رپيا! اهي پند ۽ اُٿنيون، منهنجي ڪٽنب جي پرم پرا کان ٻري هيون- منهنجي پيءُ، چاچي توڙي ڏاڏي انهيءَ ويچار کان ئي تہ گوشہ-نشيني ڪرڻ ئي واجب سمجهي هئي!! ٽيون تہ جهجها پئسا گڏ ڪرڻ جي درڪار هئي، جيڪڏهن پنچائت جي مُول مراد پرثواب ڪرڻي هئي، جا هئي پنچائت لاءِ ڪو نجو هال يا گهر ميسر ڪرڻ. انهيءَ لاءِ ٿوٻو ڪڍي در در پنڪڻو هو ۽ ٻہ ڳالهيون ٻڌ ٽيون پڻ هيون، پر ورچڻو اَصل ڪين هو. اهي سڀ ڳالهيون منهنجي طبيعت جي خلاف هيون. پر هڪ دفعو "ها" جا ڪئي هيم، سو پنٽي هڻڻ وارو مان بہ ڪين هوس.

۴٦- ماڻهوُ اچي هوُن مان ڪڪ ٿيا!

هوليءَ جو دل جو عمدي رهت تي گذريو، ۽ رهين ڇهه سؤ ٻاڇيُن پڻ ٻچيا، تہ ايرڪا جي آڳ پنچايت جي چونڊيل عهديدارن ڪي ڀڄرائي ڇڏيو، تہ هيءُ ڪير جو اُسانجي مرضيءَ خلاف هوليءَ جو دل ڪري وڃي، ۽ سو بہ هن ڪامياب نموني! هيءُ ڪير جو پنچايت مان ڪوڙي ڪٽڻ سواءِ ايڏي اوڳر ڪري، جو خرچ لٽي سوين جي ٻچت ڪري وڃي!! هنن جو پنچايت ۾ پنهنجي آپيشاهي قائم ڪئي هئي، جي پنهنجي هٿ تان ڪين لهندا هئا ۽ اُئين ٿي سمجهي وينا هئا تہ سڄ چڙهي لهي سندن چوڻ تي ٿو، تن اُئين ڄاتو هو تہ پنچايت هلائڻ ۽ اُن جو ڪم سنڀالڻ ڪو اُهڙو سٿرو ڪم آهي ڪِٿن! هوليءَ جو دل پيل ڪري ويو، ڏيوُلس واڳون پنچايت جون تہ ٻڪ ٻڌي پولندو!! ڪٿا پروفيسر، ڪٿا پنچايت!!! سو آڄ ڏياري موڪليائون تہ جي پنچايت جو سيڪريٽري ٿيڻ چاهين تہ ٻهريون حق ڏيهندو. موڪلي پنهنجا ٻيا ٿي ڪم ڪافي هئا، سو مان پنچايت جي پڳ ٻهرڻ لاءِ اُهڙو تڪڙو تيار ڪين هوس، پر جيڪڏهن هنن هيئن للڪاري، پنهنجي ساري سر ڪرڻ تي گهري تہ ٻوءِ هنن کي پليل ثابت ڪرڻ ڪاڻ مان بہ ڪمر ڪشي ٻيٺس. چوائي موڪليومان تہ جي اُوهانکي پنچايت جي ڪاريہ جي ٻافضيلت

چوندا: ”آخر پنچات اسان لاءِ ڪري ڇا ٿي؟“ منهن
ٻن ڏينهن مان ٿي ڇا سگهندو، سو ڪڏهن ٻاهڻ کان
پڇيو اٿن! سو ڳوٺاڻن کان چندي اُڳاڙڻ ۽ ڪين پنچات
جو ميمبر ڪرڻ ڪاڻ ڪڙي ٻڌايم. شاباس هجين جو
ڪنهن به پئسن ڏيڻ کان ناڪار ڪانه ڪئي، ڳوٺ ڪن
جزوي جڻن کا اُٿلڪي آناڪاني ڪئي. ٻلا ٽازو جو
هوليءَ ۾ غريب شاهوڪار کي پنهنجن هٿن سان ليڙيل- ٻتو
روانا ڪيا هئم، سو سڀ قوليا ٿئي سمايا- پوري پنچات
کين ياد ڪيو هو، سو هاڻي اُن ”وڏي اَمان“ کان
ڪنڌ ڪيئن ڪڍائين! سوا چار سؤ گهرن مان ٻي سؤ
ته پنچات جي ڏوريءَ ۾ اَچي ويا. شايد اَڃا به وڌيڪ
ميمبر ٿي سگهن ها، مگر بمبئيءَ ۾ ايڏو وقت ڪنهن
کي ٿو ملي جو ڪولابا کان ڪلياڻ ۽ چرچگيٽ کان
ڏهيسر تائين هرڪنهن کي رسي سگهي! اها به ڏٺيءَ
جي نظر هئي جو اهي ٻي سؤ ميمبر ٿي ويا.

وڏي مراد ته هئي هال يا جاءِ هٿ ڪرڻ جي،
جنهن لاءِ جهجهي رقم گهربل هئي. انهيءَ لاءِ منهنجي
جوان دوست الميند مينگهراج پنچات جا ”مربي“ ۽
”دائم ميمبر“ ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي- ’دائم ميمبر‘
کان هڪ سؤ ۽ ’مربيءَ‘ کان اڍائي سؤ ڏيهن جو مٿو
وصول ڪرڻو هو. جڏهن انهيءَ باري ۾ پنچات جي
پوري سڀا ۾ ٺهراءُ بحال ڪرايو هوم ته گهڻن ئي مونکي

منهنجي آنٽي لڳندي برابر ڏير سان آهي، پر هڪ دفعو اِها لٿيءَ سهڻن، پوءِ هرڪو اُن جي جلال تـي اُچرج پيو ڪائيندو! منهنجو اُتساهه ٽڪڙو يا سٽرو اصل ڪين جاڳي، پر هڪ دفعو ڪنهن ڪاريه لاءِ سو شوق جاڳيم سهڻن، پوءِ اُن کي پهاڙيءَ جي منزل تي رسائڻ کان سواءِ سانت ئي ڪين ايندي!! سو پنڊپات جي سيڪريٽريءَ جو عهدو جو سويڪار ڪيم، سو ڪم کي هڪدم جنبي ويس. "لٿيءَ ٿڏيءَ ڪاهه، ڪاڻهي ويل وهڻ جي،" اِها ويڙن ڪري پاڻ تي هموار ڪيم.

پنڊپات کي زور وٺائڻ ڪاڻ پهرين ته ضروري هو پنڊ ۾ ميڙڻ. رؤلشي ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ ته هرڪو حاضر آهي. اِن ڪارڻ ئي هوليءَ جـي ڏل ۾ هرڪو اُچيو شريڪ ٿئي. پيلا جتي هوليءَ لاءِ چندي جـي نرخ کان ملبيدو وڌيڪ ملهه وارو ملي، ۽ تنهن ڪانسواءِ کيل تماشو رؤنگ ۾، ۽ ڏيک ويک مفت، ته اُن تي ڪير ڪين اُچي پرگهٽ ٿيندو! لڄو لوتو نه ويندن ته وڏا ڏوراپا ڪي لدا ـ "غريب وسريا پيلا آهن، اَڄ ڪالهه بيٺلن جي ئي بوٽ ـ پالش ٿي ٿئي." باقي پنڊڻن کان پنڊپات جو چندو ڪٺي گهر، ته يا ته منهن صفا موڙي ويندا، يـا هٿرا پيلا پيا ٿيندا ته ڳنڍي ڪيٽن ڇوڙيون، جيتوڻيڪ ڏيٺا ٺلها ئي ٿي پين! ويتر جن تي بمبئيءَ جي بي ـ حيائيءَ جو رنگ چڙهي ويو هو، سي ته موڙيو منهن چاڙهي

جو مولکي پنهنجي ڪابه سمڪ ڪانه رهي. مون کي لنوليون ٽيڪ لڳيون، مون کي ڇهڪنا ٿي ويا، مولکي ٺهڪڙا مچڻ لڳا، مگر مون لاءِ سرڙ ئي آنند رهيو.

هڪڙي ڏينهن رستي ۾ جهولو دوست گڏجي ويم. ڪيتري عرصي کان پوءِ هن سان گڏجڻ ٿيو هوم. هڪ ٻئي کان خوب خبرچار ورتيسين. ڳالهيون ڪندي هن چيو: ”تو بنسبت خبرچار پيئي ملندي آئم ته تون ڪيڏو نه پنهنجن جي ڀلي ۽ پنچات جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ خاطر ڀاڄ پتوڙي رهيو آهين. شاباس هجيئي. اَج ڪلهه ڪير ٿو ڪنهن لاءِ هڏ ڏئي! ٻر خبر اَٿيئي ته ماڻهو توکي سڀ ڪجهه ڏين برابر خوشيءَ سان ٿا، پر هوُ هاڻ تو مان ۽ تنهنجي چندن واري چؤلڙيءَ مان تنگ اَچي چڪا آهن. چون پيا: ’جتي ڏس، اُتي چيتن ۽ سندس چندن اَڳارڻ واري چؤلڙي پيئي وسي.‘ اُن مهل ئي مون فيصلو ڪري ورتو ته ميڙو متو ڇڏجي- هاڻي وڏيڪ وقت سيڪريٽري ٿي نه رهندس. ان ڪري ٻين ساليانين چونڊن ۾ ڪنهن ٻئي کي ئي وارو ڏنم.

ٽوليون ڪيون ۽ هيسيون اڏايون- اسان جا گهڻا ٽٽا ماڻهو نوڪرين وارا، سي ڪٿان ايڏي رقم ڀريندا! ٻيو سڄو مدار دل تي ٿي آهي. ڪنهن اهو ڪم هٿ ۾. ٿوري ئي عرصي ۾ ماڻهن جو مون ۾ ايڏو ته ايمان ٻڌجي ويو، جو جلد سڀ کان سرسيرا 'دائم ميمبر' ٺهجي ويا! منهنجن "دوستن" جا نه جنسي ڏند چپن سان لڳي ويا- هيءُ نينگڙو ديوان ڪٿي نه پهچي ويو هو!!

ٻه پنجاه جي وڏي ۾ وڏي گهرج هئي گهرجائو ڪٽنبن جي سهائتا لاءِ جهجهي رقم. ان لاءِ درمهني سوين رپين جي دڪار هئي. ڳالهه ته مشڪل پئي لڳي، ٻر آڻ ٿوريائي ميٺي هئي! قدم اڳتي ئي وڌائڻو هو. سو ڪنهن وک وڌي. جنهن وقت به ويس تنهن واهه جو سهڻو سواگت ڪيو. شايد ڪاري اهڙو هو يا شيواداري اهڙو هو! ماڻهن تي ماهيانا چندا مڙهي آيس، ۽ مڙني مرڪي اهي ڏيڻا ڪيا. ڪيگل ناڻي جا درمهني اچڻ شروع ٿي ويا- اهڙو گهرجائو ڪٽنب نه رهيو جنهن وات وڌو ۽ ڪيس مالي مدد کان ناڪار ٿي.

سڄا سارا ٽي سال گهٽيون ڪڇيندو ۽ گهر ڀيٽيندو رهيس. ڪنهنجي ڪان ٻڌيم- ٻار، جيءَ جهڙڻ جي ڳالهه ڪرڻ لڳا، دوست منهن لهڪارجڻ جو ذڪر ڪرڻ لڳا، دشمن 'ڌڙڻ' جي آشا رکندا رهيا، ٻر مان هلندو ئي هليس- پنجائي ڪاري ۾ اهڙو مڙو رهيس

هوءَ چؤطرف نهارڻ سان هڪدم خيال ۾ آيو تہ هيءَ ڪم ڪملا جو ئي هوُندو!! ولائت ۾ جنم-ڏن کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. هوءَ جا تازو امريڪا مان ٿي موٽي هئي، تہ اهو رواج ڪاٿس سٺو وسرڻ جو ڪين هو. ولائت مان پڻ هوءَ ہروقت ياد ڪري هرهڪ کي سندس جنم-ڏن تي شب اچائن جو سهڻو ڪارڊ ضرور موڪليندي هئي.

سوفا تي وهندي مون چيو، ”ها، ڪراهو خبر؛ مون بسبب ڪهڙو بهث هلي رهيو هو؟ چا چئي......“ ڪملا مولکي اڌ ۾ ڪپيندي چيو، ”پهرين جنم-ڏن جو ڪيڪ تہ کٽيو. سب الهيءَ لاءِ ئي تہ ترسيا وينا هئاسين.“ ڪيڪ ڪپيندي، مون چيو، ”اوهان کي سٽس ڪيئن پيئي تہ مان اڄ جلد واپس اچي رهيو آهيان؟“ اتي گوپال بہ اٿي آيو. هوُ چوڻ لڳو، ”مون تہ ڪين چيو تہ دادا اڄين جلد موٽڻ وارا ناهن. اسين سوير جا پالڏي، سو 'سوپل سمهجي، سوپل اٿجي' واري بيت جي پيرويءَ طور مان تہ آسرو پلي، وڃي بستري تي ليٽيو هوس؛ چيو هو مان تہ جي دادا جي اچڻ تائين لنب ڪٽي وڃيم، تہ منهنجو ڪيڪ جو حصو رکي ڇڏجو. ڪملا واهہ جو لذيذ ڪيڪ وٺي آئي آهي. ڏسندءِ ئي واٽ پئي پاڻي ٿيو.“

ڪيڪ جو مهورت ڪندي، مون ڳالهہ جو سلسلو

٤٧- ٻاڻ ڀتوڙين ڪوءِ!

اَلائجي ڇو مان اِهيءَ ڏينهن هميشه کان ڪجهه سويل-سويرو گهر موٽي آيس. گهر ۾ گهڙيس ته ڏٺم ته ٻار ڪمر ڪيو ويٺا هئا. منهنجي گهرواري پڻ گهر جو ڪم ڪاج سولائي اُڪلائي، پڻ اَڇي اُني سهڙي هئي. مونکي سويرو آيو ڏسي ٻارن کي ڪي قدر عجب لڳو. سڀني منهنجي خاصي مرحبا ڪئي. موٽيءَ چيو، ”دادا کي اَڳيئي ڪيڪ جي سرهاڻ پهچي ويئي، تڏهن ته اَڄ جهٽ ۾ گهر موٽي آيا آهن! هونءَ هن کان اَڳا ۾ ڪلاڪ اَڌ دير سان ٿي ته ايندا آهن.“ اِتي ڪملا چيو، ”دادا کي پڪ اَڌ پنڌ ۾ ياد آيو هوندو ته اَڄ سندس جنم-ڏڻ آهي، اِنڪري ٿي اَڄ جلد گهر موٽي آيا آهن.“ مٿان وملا چيو، ”دادا، وهوءِ اوهان جي ٿي ته چرچا ٿي رهي هئي.“ مان اَلبت وائڙو ٿي ويس ته ٻارن آخر سٽيو ڇا آهي! اِهو ته برابر ياد آيم ته اِنهيءَ ڏينهن منهنجو جنم-ڏڻ هو. پر اَڳي ته اِهو ڪنهن ياد ڪين ڪيو هو. هرڪنهن کي پنهنجو ٿي جنم-ڏڻ ياد رهندو آهي؛ مال منايون، سُوکڙيون سوغاتون، ڀيون سڀ هنديون آهن؛ اَڄ منهنجو جنم-ڏڻ ٻارن کي ڪيئن وِچار ۾ آيو؛ ڪيڪ اَڄ ڪيئن اَڇي سهڙيو هو! اِها ڳالهه مونکي بروقت سمجهه ۾ ڪين آئي. ٻارن جو پابوهه ڏسي، اندر وِچ ٻنا، ساڻن ٿي ويهي ويس.

ڇھٽيو پون. پدن ۾ ڪيڏو نہ ھڏي ويا آھن، تنھنجو
نہ ڪين فڪر ئي ڪونھي." ھاڻ ڳالھہ ڇڻ ھٿن ڪان ٿي
ويئي، ان ڪري الزامن جو اثر ڏيندي چيم: مونکي
تہ عجب ٿو لڳي! ڪنھنجو پلو ڪندي لڳين مان ڪي
لھي ٿو وڃي چا!!"

ڪملا: دادا، پلي ۾ برابر وڏي پلائي آھي، پر
سڀ ڳالھہ وقت آھر ڪرڻ ۾ سپني ڪان وڌيڪ پلو آھي.
مھي اڳتي ۾ ئي گھر جي ڪم ۾ ڳيٽي پيئي آھي،
مٿان جي اوھانجي چنتا جو بوجو مٿس پوندو تہ ھوءِ
نہ ڪٿي ڍھي پوي!

لموُ: پر ايڏي ڳھڻ جي ضرورت ڪھڙي آھي. ٻين
جي ڪمن ڪرڻ جو دادا ٺورو ئي ذمو کنيو آھي!

الي وري مونيءَ ٽپ ڀڙھيو: دادا کي ڪپي ناموس.
الھيءَ لاءِ ئي تہ ھيڏي ھڻ ٻچار ٿا ڪن!!

مان: ھا، ھونءَ پڻھين ڪي سچاڻي ڪيرا! تون ٻئہ
منھنجن شترن والکر ٿو سمجھين. تنھن ڏينھن ڪين
ھڪڙي خط رستي لکي موڪليم: 'تون اھو سارو ڪم
ٻين جي شاباس کڻڻ لاءِ ئي تہ ڪرين ٿو.' اوھين ھڪ
ڳالھہ اصل ڪين ٿا سمجھو. ٻين جي سھائتا ڪرڻ ۾
ڪيڏو نہ آنند اُتپن ٿئي ٿو- جڏھن ڪنھن ودياارٿيءَ
کي پستڪ پلئہ پون ٿا، جن جي خريد ڪرڻ جي ھوُ
سمرٿي نٿو ساڙي؛ جڏھن ڪنھن اپلا يا اناٿ کي ڪا

جاري رکيو: ”چئو، گوپال، تون آسرو ڀلي، ڇو وڃي سمهين پيئين؟ مان وقت تي سويلي کين موٽي ايندو آهيان!“

”توهانجا ڪم ڪي ڪٿا آهن، جو سويلي موٽي اچو. ورلي سو ائين ڪندا آهيو، سو به تڏهن، جڏهن طبيعت ڀلي سمجهندا آهيو. هونءَ توهان جا ڪم ڪي پورا ٿين جا آهن به!“ ڪملا: ’دادا، اوهانکي پنهنجو ڪجهه خيال ضرور ڪرڻ گهرجي. اڄ اوهان پنجونجاهه ورهيه پورا ڪيا؛ هاڻي هيڏي هل-هلان ڪين هلندي.‘ منهنجي گهر-واريءَ لاءِ جڻ سونو وجهه ٿي آيو. ٿيهه يڪ چيائين، ”الهيءَ جي ڪين ڪهڙي چنتا يا پرواهه. ڏسين نه، بدن ۾ ڪيڏو نه لهڪار جي ويا آهن! پر ڪنهن جي ٻڌن ٿورو ئي ٿا!! نه، ولائت واريءَ جو ڪو قدر ڪن، باقي گهر جا هليلا نه آخر ۾ ڪينهن.“

ڪملا: دادا، مهي سچ ٿي چوي. لاڳيتي جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڪنهن ڏينهن جيءُ جهوڙي وجهندي. اوڏيءَ ويل ڪير ڀيه اڳيان ڪين ايندو. اوهانکي ڪري پنهنجي چنتا ڪانهي، پر اسان صدقي من به رليون خيال ڪريو.

گهرواري: ”سندن سوڳي وڏو ڀقات پڻ کين اِها ساڳي ڳالهه چئي ويو، پر هوءُ ڪنهنجي ٻڌن چو ٿا! جيڪا ڳالهه ٿا هٿ ۾ ڪڻن، تنهن کي ڏينهن رات

اِهي ڳالهيون مون کان ڀُٽيءَ لٿيون وسرن. اُوهين ٿي
نه چوندا آهيو نه ماڻهن کي جڏهن خبر پوندي آهي نه
اُوهين منهنجا يار آهيو نه. هوءَ ڪيڏي نه ڀاڀوهه مان
اُوهان سان ورتندا آهن، اُوهانجي ڪيڏي نه خاطري
ڪندا آهن! اِها ٿوري ڳالهه آهي!! اُهڙو ڀاڳوان ٻٽجڻ
هرڪنهن لاءِ ٿوروني رتيل آهي. اِن ڪري مولتي
ٿيل ڀلايون مولکي ٻين جو ڀلو ڪرڻ لاءِ آيارين ٿيون.
مان ڪيڏو نه ڪٺي ڀاڻ ڀتوڙيان ٿو، نه ٻه اُلله ر ٻ اِهو
اَرمان رهجيو وڃيم نه ڀلاين جو ڪجھ عيوض ڏيڻ ٻ ٻـ
اَچا جڻ ڪامياب ڪين ٿيو آهيان.

هاڻ ٻارن کي وڏيڪ چوڻ جو جڻ ڪجهه نه رهيو
ءِ اِنين ٻينڪ ٻرخواست ٿي.

ٽوريائي مالي مدد ملي ٿي؛ جڏهن ڪنهن پوري ساري ڪٽنب کي لنڊي چندي پوڻ سان هوليءَ جي دل تي ٿالي شوڪن سان گڏجڻ مسڄڻ جو ۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ٻيهڻ جو وجهه ملي ٿو، تڏهن سندن منهن تي جا موڪ اُڇي ٿي، سا سڀ ٽڪن ۾ لاهيو ڇڏي! ٻين لاءِ ڪجهه ڪرڻ ۾ جيڪو آنند سمايل آهي، سو ٻين کان ڪجهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪينهي. ڪو ڪنهن لاءِ سو ڪجهه ڪري ڏسي!

ڪملا: مان اِئين ڪين ٿي چوان ته ٻين جو ڀلو نه ڪريو؛ منهنجو رڳو ايترو چوڻ آهي ته پاڻ پتوڙيو، پر ڪنهن حد اَندر.

وملا: ٻين جي سهائتا ڪرڻ سان جي اَوهان کي آنند پراپت ٿئي ٿو تہ اَوهان اِهو حاصل ڪيو ۽ دل پوري ڪيو نه! هاڻ جڏهن ايڏو پاڻ پتوڙڻ مان هاڃي رسڻ جو اَنديشو آهي، تہ اَهڙو ڪم ڪجي ئي ڇو! آنند ماڻڻ جا ٻيا مارگ ڪي ڪٿا ٿورائي آهن!!

مان: هيءَ جو مان پاڻ پتوڙيان ٿو، اِهو بہ موکي اُڃا گهٽ ٿو لڳي. وَس پڄيم تہ اُڃا وڌيڪ ڪجهه ڪريان. سو اِنهيءَ ڪارڻ نہ، تہ لاچار ڪيم نہ، تہ اُن مان فقط آنند ٿو پرايم. اُن جو ڪارڻ ڪو ٻيو ئي آهي. مون سان ڏاڍيءَ جي پال پلايا آهن، ڪوڏيءَ مان ڪيچ ڪيا اَٿس، هر ڳالهه ۾ سوڀارو ڪيو اَٿائين،

ڪتب ٻوار ۽ پيار جو اُچي ذڪر ڇڙيو. ٻار اِلهيءَ راءِ جا هئا ته هيءَ جو سرڪار ”لڌو ڪتب، سڪي ڪتب“ جو پرچار ڪري رهي هئي، سو واقع ٺي ٺيڪ هو، ڇو ته ڪتب ۾ ٻار مقرر اَنداز ۾ محدود هئڻ ڪارڻ هر ڪنهن کي سڪي جيون ڪاٽڻ جو وجهه ملي ٿو ۽ ٻارن کي مائٽن جو پيار پڻ نصيب ٿئي ٿو. مان ٻارن سان سهمت راءِ نه هوس، خاص طور پيار جي ڳالهه ۾. منهنجو اهو دڙو ويچار آهي ته پيار جو هڪ اَکٽ ڀنڊار آهي، جو ورتلدو ٿي رهي ٿو، نه رڳو پهنجا ٻار ورتڻ سان، پر سڏورن ٻارن جي سنگ ۾ اچڻ سان پڻ. مون کين سمجهايو ته اَهڙو ڪو ڇڏو ٻار ليندو، جنهن کي مائٽ نه گهرندا هوندا! پيپيءَ اِلهيءَ ويچار کي هڪدم رد ڪد ڏنو، ڇو ته هوءَ هيئنئر تازو ٿي ته ٻي اي ٿي هئي. چوڻ لڳي، ”رستن تي هيڏا ريل ڇيل ٻار اَلگ اُگهاڙا، پيٽ بکيا، هٿ ٽنگيو بيٺا ٿي آهن. هنن جا پيءُ ماءُ جي کين پاليندا هجن ته هو ڇو جيڪر هيئن پنڪندا رهن؟“ مون کيس ورلدي ڏني ته ”اَهڙا مائٽ سيني ٻارن کي اِئين ريل ڇيل ڇڏي ٿا ڏين- ڪنهن کي ٻئي ڪان وڌيڪ کين ٿا گهرن. مائٽن لاءِ ته ٻار ساڳيا ٿي آهن، ۽ هو هر ڪنهن سان ساڳيو ۽ هڪجهڙو ٿي ورتاءُ ٿا ڪن. غريب مائٽ ٻارن کي گود ۽ گهر وساڻ ڪان ٻاٻر رکين ٿا، ۽ پر اِها روش

۴۸- ”اوهين ڪملا کي وڌيڪ ٿا ڀانيو“

اُهو موڪل جو ڏينهن هو. سڀ والدا هئا، سو اَڇي وهڻ واري ڪمري ۾ ڪٺا ٿيا هئا. شايد سپتاهڪ سنڌي پروگرام ٻڌڻ تي دل هئين، ڇو ته اِها پروگرام جي مهل هئي. ڪملا کي ولائت کان آئي مهنو کن گذري چڪو هو. هوءَ جڻ نئين پراڻي ٿي چڪي هئي. جيتوڻيڪ سڄا سارا پنج سال اَميريڪا جي نش شهر نيويارڪ ۾ گهاريا هئائين، ته به سياءَ اَنوسار هوءَ پنهنجن ۾ پنهنجي ئي هئي. ولائت جي ترڏُلهن جو متس خاص رنگ ڪين چڙهيو هو، جنهن ڪري جهٽ نئين پراڻي ٿي وئي هئي. اَڄ اوڏيءَ ويل هوءَ گهر ۾ ڪانه هئي- ڪنهن سنڌ ساهيڙيءَ وٽ نڪري وئي هئي. بمبئيءَ ۾ عام ريت ڪنهن سان گهرو گڏجڻ موڪل ڪانسواءِ خير ڪو ٿو ٿئي. ڪملا کي في الحال نه فرصت ئي هئي، پر ساهيڙيس کي موڪل جي ڏينهن کان سواءِ فرصت ڪٿي!

جيستائين آل انڊيا ريڊيو تي سنڌي پروگرام چالو ٿئي ئي ٿي، ليستائين واٽ جو ريڊيو شروع ٿي ويو. ايشور، انسان ٻڻ ڪنهن خاص مٽيءَ مان ٺاهيو ٿو ڏسجي! هن جو مغز هلي ئي هلي پيو ۽ اُن ۾ جا ويچار ڌارا اُٿڻ ٿئي ٿي، تنهن ۾ اَهڙي ڪا تڪ رهي ٿي، جو اِها واٽ دواران چليو پوي. اُنهيءَ ڏينهن

آهيو، مون لاءِ ٻار سڀ هڪ سريکا، پوءِ مان ڇو ۽
کهڙي ڪارڻ ويڇا وجهي، ڪن کي ٻين کان وڌيڪ
ڀانئيندس؟"

هاڻي ٻارن کان سنڌي ريڊيو پروگرام ته صفا وسري
ويو ۽ هو پنهنجي ئي پروگرام ۾ رڌجي ويا. هاڻي ته
سڀئي اچي ڪُليا، ڏوراپن جي ٻڇ شروع ٿي ويئي.
هرڪو پنهنجو پاسو پڌائيندو رهيو- ڪنهن ڪپڙن
بنسبت دانهن ڪئي، ڪنهن خرچيءَ تان دانهن ڏني،
ڪنهن پڙهڻ بنسبت شڪايت ڪئي، ڪنهن ٻيو
ڪجهه وچتر ٻوليو، ۽ مون ٻڌ وچ ۾ ڪڇيو اصل ڪين-
وگهن ٻنهه ڪين وڌم. دل ۾ چيم ته ڀل ته سڀ غبار
ڪڍي ٻاهر ڪن ۽ هينئون ٺارين ۽ مونکي به پتو پوي
ته سندن من ۾ ڇا ٻيو وهي واپري. مان ته انهن ئي
سمجهندو هوس ته مان سيني کي هڪ جهڙو ۽ هڪ
جيترو ٿو گهران، ڇو ته هو سڀ منهنجا ئي ته آهن. پر
انسان خطا جو گهر آهي، ڀل چوڪ هرڪنهن کان ٿي
سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪجهه مونکان ٿي ويو
هجي ته ٻارن جي دانهن ئي سرسري نظر وجهي، پنهنجو
نمونو بدلايان، جئن اڳتي ڪين دانهن يا ناسخاطريءَ جو سبب
نه رهي؛ ڇو ته جڏهن منهنجي من ۾ اهڙو ڪو ويڇاندر
ڀاءُ هوئي ڪونه، ته ٻارن جي من ۾ اهڙي شڪا اڀرڻ
ٿيڻ ۽ رهڻ ڏجي ئي ڇو!

هوءُ سيئي ٻارن سان ٿي ٿا اختيار ڪن. ٻاقي ٻيا، ٻارن
کي لاڏ ڪوڏ سان لپائين ٿا ۽ ڪين اُپرندو اُسرندو ڏسي
ڪيڏو نہ گد گد ٿا ٿين! پنهنجو ئي ڪٽي مثال وٺو نہ.
اُوهين ٻارن ۾ ست ڄڻا آهيو. اُوهان مان ڪنهن کي
ڪا ڪس لڳي آهي ڇا، ڪنهن کي گهٽ گهريو ويو
آهي ڇا؟"

بس، اُهڙي سولي وجهہ لاءِ نہ هوءُ ڄڻ سيڙ ٻا ويٺا
ٿي ڏٺا. ٻيءَ چيو نہ "توهين ٻہ تفاوت رکندا آهيو."
ٽيءَ، پيڻ جو مطلب ڇڏو ڪندي چيو، "اُوهين ڪملا
کي ئي گهڻو پائيندا آهيو." موٽي نہ ڪڏهن خواب
خيال ۾ بہ ڪين هو نہ مان ڪن ٻارن کي ٻين کان
وڌيڪ ٿو گهران! مڙني کي سندن مرضيءَ مطابق تعليم
حاصل ڪرڻ جو وجهہ ميسر ڪري ڏنو هوم، خرچي
ڪين سندن درجي پٽاندڙ ڏيندو هوس، ڪپڙي لٽي،
کاڌي خوراڪ، هرڳالهہ ۾ ۽ هر نموني هرڪنهن کي
پنهنجو حق نصيب ٿيندو هو. ايتري قدر جو ٻوڻي ۾
هر روز جي کاڌي جو پروگرام مقرر ڪرڻ جو پڻ واري وٽيءَ
تي هر ڪنهن کي حق سونپي ڏنو هوم. تنهن هوندي
بہ ٻا ستاطريءَ جي ڏانهن! مان سمجهان نہ پيو سگهان
نہ ٻارن کي پيار ڪيئن نہ ڪبو آهي ۽ هڪ کي ٻئي
کان گهٽ يا گهڻو ڪيئن ۽ ڇو گهربو!! اُنهيءَ ڪري
مون ڪين وراڻيو ڏني نہ اُوهين اُنهيءَ ۾ بلڪل پاڳل

شيون دادا جي ڪم آڻڻ کان ٻاهر آهن، تنهن هوندي به چوي ٿي ته، اهي ملڪ دادا جون آهن، جنهن کي وڻين تنهن کي ڏئي. اهي ئي ڳالهيون آهن جي ٻاڻ وٽائين ٿيون. مائٽن لاءِ ٻار هڪ سرکا ئي آهن، هوُ هر ڪنهن کي هڪجهڙو ئي چاهين ٿا، پر سياءُ اَڳُوسار هرڪو ٻار پنهنجي اَلوکي نموني ٻاڻ وٽائي؛ پيارو ڪري ٿو. ٻار، جي ٻاڻ کي پنهنجي نرالي طبيعت مطابق اهڙو پيارو بڻائي نٿا سگهن، سي انهن ئي سمجهڻ لڳن ٿا ته مائٽ ٻين ٻارن کي ڪائن گهڻو ٿا گهرن. اَوهين سڀ اَسانکي ڪملا جهڙا ئي پيارا آهيو، نه ته جنهن پيٽ ٻار پٺيءَ تنهن هوندي ئي نموءَ جي ٻانهن گهري هٿي نه ڏيئي نه چڏيائس ها! اهڙي حالت ۾ نه فقط سنڌس نيپاج ٿي منهنجو خرچ ٻڏي پوي ها، پر سنڌس ڏهيج جو بوجو پڻ وچي پيٽ تي پوي ها، ۽ اَجوڪو ڏک ڏوراپو به نه پڏڻو پوي ها! ٻار آهن جگر جو ٽڪر، تن کي نه پالڻو ئي رهيو۔ دل پاڻ جي ئي نـ آهي، پوءِ پل هوُ ڪيترا به کٽي هجن. گومي ڪين چوندي آهي، 'جيڏا وياءَ اوڏو هنياءُ.' آهي رڳو ٻارن جي اَک جو ڦير!"

جڏهن سڀ شڪايتون پيش ٿي چڪيون ته ڪنهن وڏي سوچ ۽ دوستيءَ جي ڪا ضرورت ئي ڪانه پيئي. مون قصو ٽوڙه ڪرڻ ڪاڻ سمجهاڻي ڏيندي ٻارن کي چيو، ”سچ ته توهين ۽ صحيح آهيو ۽ مان ۽ صحيح آهيان. اوهان ۾ حسد ۽ سوارٿ آهي، جو ڪملا ۾ اصل ڪونهي. اوهان ۾ ساڙو پڻ ڪو آهي، جو هن ۾ صفا ڪونهي. مون هن کي هاسٽل ۾ وڃي رهڻ جي موڪل ڏني ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽريءَ لاءِ ڪجهه سمو ٽوڪلو پڙهڻ بلڪل ئي ضروري هو، ٻيو ولائت وڃڻ لاءِ ناڪار ڪئي، ماس جيسٽوڻي ڪيس ڪا اسڪالرشپ ملڻ نه پيئي هئي! پر هن نه ڪڏهن لڪ چپو ڪيو ۽ نه ٻيءَ ڪنهن ريت ناراضپو ڏيکاريو، يا ڪا دانهن ئي ڪئي. آهڙو ٻار، جو حال پائي ٿي هلي، اُن ڏانهن دل ڪيئن نه وَرندي. پر نموءَ کي بي ايس سي پاس ڪرڻ تي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ رڳو فيصلو ڪجهه ڏينهن ترسي ڏيڻ لاءِ چيم ته ڇوڪري ناراض ٿي پيئي ۽ اَڄ سوڌو پيئي ڪڏهن ڪڏهن ڏک ڪيدي آهي، جيتوڻيڪ ڪيس ايم ايس سي پڙهڻ جي آخر، پر وقت سر، موڪل ڏنيم ۽ اهو امتحان پاس پڻ ڪيو اٿائين!! تنهن کانسواءِ ڪملا، جا ولائت کان موٽي آهي ته سڀني لاءِ الڳ الڳ سوغاتون کانسواءِ ٻيو جيڪي ڪجهه کڻي آئي آهي سو ڇئي ٿي ته سڀ دادا جو آهي. جيتوڻيڪ سمجهي ۽ ٿي ته اهي سڀ

علميت، عبارت توڙي صورتخطي، ڪنهن ۾ ٻه ڪنهن قسم جي ڪسائي ڪانهي ۽ آءٌ هونئن ڪيس سؤ سيڪڙو ئي مارڪون ڏيان ها، پر شاگرد ۽ اُستاد جي سنڌي جي لحاظ کان ٻيالي سوالن جي جوابن ۾ لاچار هرهڪ ئي هڪ مارڪ ڪٽي آئم، ته متان ماڊريٽر صاحب هيڏيون مارڪون ڏنل ڏسي، جوش ۽ ڏپ وچان ڪٽي ناانصافي نه ڪري وهي!!

هن مان اِئين اَلومان ڪلڻ ته سڀ پيپر جاچيندڙ سخاوت جا صاحب هوندا آهن، سو اِئين آهي جئن ٻيو مان ٻين جي اُميد رکجي. ڪي ممتحن ته اَهڙا نحس ٿيندا آهن، جو ڏٺي پناهه ڏئي! شل ڪنهن اَهڙي منحوس وٽ ڪنهن جو پيپر نه وڃي هٿ چڙهي!!

پر سال مان هوس يونيورسٽيءَ جي اتهاس جي پيپر جو مکيه ماڊريٽر. دستور موجب ٻين ماڊريٽرن جيان منهنجي نظر هيٺ پڻ چار پروفيسر، پيپر جاچيندڙ هئا. اُنهن مان هڪ هو پروفيسر پٽڻو. هن کي مون پاڻ وٽ رکيو، جو هُو منهنجي گهر جي نزديڪ ئي رهندو هو. هُو هفتي ۾ ٻه ڀيرا سنجها ٽاڻي جاچيل پيپر منهنجي چڪاس ڪاڻ کڻي ايندو هو ۽ ڪيس هر دفعي لازمي هدايتون ڏيندو رهندو هوس. ان ڇئن دفعن ۾ مون اِئين پروڙيو ته هن جا پيپر مڙيوئي زمين کان ڪجهه قدر مٿي هئا- هُو ڦٽيو ٿي هوا ۾ اُڏامندو، ۽ منهنجي هدايتن تي عمل

٤٩- نجس ڪنجوس

سنڌ ۾ هوس ته مس ڪري مئٽرڪ (اڄوڪي ايس ايس سيءَ) جا پيپر جاچڻ لاءِ مليم. اڃا ٿي سال مس لنگهيا ته، ٿيو ديس جو ورهاڱو. هونءَ ته، فقط امتحان سانگي بمبئيءَ جو ديدار نصيب ٿيندو هو، هاڻي ته مورڳو بمبئي هميشه لاءِ اچي وسائيسين! پيو به هڪ فرق پيو. خود پيپر ڪڍڻ جو شرف سنڌ ۾ رهندي، البت ڪافي عرصي پڄاڻان نصيب ٿئي ها، پر بمبئيءَ ۾ ڏيرو ڏمائڻ سان اهو وجهه سال اندر ئي پلئه پيم! حوصلو ڏاري پيپر اهڙو ڪڍيم جو اهو اڃا تائين نموني طور پيو ڪتب اچي!! ان ڪري هاڪ پڻ چوطرف پکڙجي ويم. اڃا چالهين ۾ ئي پير ڪين پاتم ته بمبئي يونيورسٽيءَ جي اتهاس وڀاڳ جي بورڪ آڏ ياڪن ۾ شمارجڻ جو شرف حاصل ٿيم.

پر هيڏي قدر جو پيو پڻ ڪارڻ هو- مان مارڪن ڏيڻ کان ڪيٻائيندو اصل ڪين هوس! هڪ دفعي مئٽرڪ امتحان ۾ اتهاس واري پيپر ۾ هڪ وديارٿيءَ کي ست مان چاونجاهه مارڪون ڏيڻ ۾ به ڪين هٻڪيس! نه رڳو ايترو، پر جڏهن ته خبر هيم ته منهنجي مٿان جو ماڊريٽر هو، سو بنهه ٻچڙو ڪنجوس آهي، تنهن ڪري اُنهيءَ هوشيار وديارٿيءَ جي باري ۾ هن جي پيپر تي خاص نوٽ چاڙهي موڪليم ته شاگرد جي

"ڏاڍو فرق ڪيئن ٿيندو؟" ڪيترو ئي سمجهايومانس، پر مڙس مڙي ڇو ٿو؛ هٿ تان هيٺ لهي ڪيئن!! ڏنم نه جواب چڙهيو آهي اُت تي، سو سولو باز نه ايندو. ڪيس ٿڌو ڪرڻ جي خيال کان چيومانس، "اُلهيءَ تي ٻئي واري ئي وري وِچار ڪنداسين. هِي الحال ڳالهه کي اِتي ئي ٿا ڇڏيون."

پڇُو نه ويو هليو، پر مسئلو ڏاڍو پيچيدو بڻجي ويو. امتحان جي قانون موجب ماڊريٽر کي فقط هدايتڪاريءَ جي اختياري آهي، پر هدايتون عمل ۾ آڻڻ ۽ مارڪن ۾ درستي ڪرڻ پيپر جاچيندڙ جي ئي وس ۾ آهي. ممتحن ۽ ماڊريٽر جي وچ ۾ متڀيد ٿيڻ جي حالت ۾ مکيه ماڊريٽر کي ئي آخرين فيصلي ڏيڻ جو اختيار آهي. هاڻي پڇُوءَ جو ماڊريٽر ٻه مان ۽ مکيه ماڊريٽر ٻه مان - سندس ضد ئي ٻهڻ جي حالت ۾ هوُ اپيل جي وجهه کان جڻ والجهيو ٿي ويو! مان ته قانون موجب پنهنجي هلي، پرمک - ماڊريٽر جي حيثيت ۾ مارڪون مرضيءَ مطابق وڌائي ٿي سگهيس؛ پر ڪيس جا پٽ هٿي ۽ انهن کانسواءِ هوُ جو مڪاني رهواسي پڻ هو، سو هوُ سولائيءَ سان مٿي اختياريءَ وارن وٽ شڪايت ڪري، ڏيڍ ڏوس جي الزام هيٺ منهنجي خلاف ممڻ مچائي ٿي سگهيو. خواهه مخواهه پنهنجي خلاف ڪنهن کي ڇيڙڻ، عقل جي ڪوتاهي ئي ڄاڻبي؛ پر

ڪرڻ ٻُڌران اُنهن جو اُلڪهن ڪندو! مولڪي سندس
روش ٻنهيءَ پسند نه آئي. اَهڙن ٽسينگن ۽ ٽالپرن سان
منهنجي اَصل ڪين پوي. سندن ٽڪ مان ور لاهڻ
جو جنسي جڏون اُٿم. هن کي پوري ٻير تي آڻڻ ڪاڻ
اِهو سمجهڻ ضروري هو ته هوُ کهڙي ڪارڻ هت ۾
ٽي ڇڏيو! ٻيا مان پتو پيو ته هوُ وڏي ٻهچ وارو هو-
سندس ماءُ ٻنهنجي ڪاليج ۾ انگريزي ڪاٿي جي
سرڪردي هئي ۽ تنهن ڪان سواءِ هوءَ يونيورسٽيءَ جي
ڪاروباري سڀا جي ميمبر پڻ هئي. رٽيو ويو هو ته
هن ڳڀرو جوان کي يونيورسٽيءَ جي اِتهاس وڀاڳ جو
سرمور ٻڌائيو!! اَهڙن آسرن سان ڪنهنجو من نه وڌندو!!!
پر انهيءَ ڪارڻ مان سندس مزاج برداشت ڪرڻ لاءِ
هرگز تيار نه هوس. ويچار هوم ته وجهه ٿهي اَچڻ تي
سندس مغز ٽڪاڻي آڻيندس- پل نه ياد ڪندو ويو
ته ڪو مرد مؤلائي مليو هوس!!!

ٽرلدي دفعي جو هوُ جاچيل پيپر مون وٽ کڻي
آيو ته سندس اَڳي جاچيل پيپرن مان ڪيس هڪ
ڏيکاري، چيومانس، "پٽوُ، هيءُ پيپر ته واهه جو لکيل
آهي، پر اُن جو ملهه ٻڌاهه مان تو فقط اوُڻويهه مارڪون
ڪيو آهي! اِهي ته تمام ٿوريون مارڪون آهن. اِهو
پيپر ٽيهه مارڪون ته واهه جون لهي!" منهنجو ايترو
چوڻ ۽ مڙس جا ڪن ڳاڙها ٿيڻ. هڪدم وراڻيائين،

مولڪان زوردار ٽهاڪا ڪيائون ته ٻڌاءِ ته اِهو سُست-دل پيپر جاچيندڙ ڪير هو. ٽالو ته مون کين ڪونه ٻڌايو، پر هاڻ مون پنهنجا هٿ وڌيڪ پختا سمجهيا، جو هيئنر مون کي واهه جو هٿيار هٿ اچي چڪو هو.

ٻئي دفعي جو پٽُ مون وٽ آيو ته هن پيپر جو ٽيئن سر ذڪر ڇيڙيو. مون کيس پاٻوهه مان سمجهايو ته هوُ شاگرد سان نسورو ناحق ڪري رهيو هو. پر پروفيسر پٽُ ٻڌهه ٻنڌ ڀهڻ نڪتو. بس هاڻ آگني-باڻ ڇوڙڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارهو ڪونه هو. مون پٽُ صاحب کي اپيل بورڊ جي ڪراءِ فيصلي کان واقف ڪيو. هاڻ مس ڪري ڳالهه ڪي قدر سندس دماغ ۾ ويٺي. پر مڙس ته ڦڏو! ڇوڻ لڳو ته ڇٽن پنجن مارڪن جي ڀل ٿي سگهي ٿي، جو هن پيپر کان اڳ ڪيترا لاڳيتا پيپر ٻڌهه جدا هئا، جنهن ڪري ممڪن آهي ته اُنهن جي بد تاثير کان هن پيپر کي ڪجهه ڪسر لڳي هجي- پر هيءُ پيپر پنجويهن کان، ڪنهن به حالت ۾، وڌيڪ مارڪون کين لهي! پنجويهن مارڪن تي ٺاهه ڪرڻ لاءِ مان به تيار ڪين هوس. هڪ دفعو سا ڀل ٻاسيائين سهين، پوءِ ته مان به ڇڏڻ وارو ڪين هوس!! ٻچيوماس، ”سوالن جي جوابن جي وچور ٽوڪي لکت ۾ ڏني وئي آهي. پيپر تنهنجي هٿ ۾ آهي. هاڻ ٻڌاءِ ته وڌ پارٽيءَ ڇا ڪين ڏنو آهي، جو تو فراخ دل هوندي به هن

پٽوءَ کي سڏي پيو ٿي آڻڻ لاءِ پروقت ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي ڏني. انڪري وڏي سوچ ۾ پئجي ويس.

ليڪن هڪ واٽ سجهي آئي. ٻئي ڏينهن تي سب ماجسٽريٽ هفتي جو واءُ سڻاءُ ڏيڻ خاطر مون وٽ آيا هئا. هو جڏهن آيا ۽ حال احوال ڏيئي پورا ڪيائون ته مون کين چيو، "مان اوهانکي اڄ اهو شرف ڏيڻ ٿو گهران جو اوهانکي جيون-ڀر ۾ شايد وري نصيب نه ٿئي. هڪ وڌيارٿيءَ جو پيپر منهنجي نظر ۾ ڇهٽيهون مارڪون لهي، مگر ممتحن اُن کي فقط اوڻويهن مارڪن جي ئي لائق ٿو سمجهي. انهيءَ ڳالهه ۾ منهنجي وچ ۾ وڏو متڀيد ڪر کڙي بيٺو آهي. هونءَ ته پرمک-ماجسٽريٽ جي حيثيت ۾ آخر ريت فيصلي جو مونکي ئي اڌڪار آهي، پر انهيءَ سبب پيپر جانچيندڙ کي ماجسٽريٽ جي فيصلي خلاف جو اپيل جو حق مليل آهي، اهو مارجي ٿو وڃي. پر مان ڪيس انهيءَ وجهه کان وانجهڻ نٿو گهران. انڪري آءٌ اوهان سڀني جو هڪ اپيل بورڊ کڙو ٿو ڪريان. اهو پيپر آءٌ اوهانکي پڙهي ٿو ٻڌايان - اوهين اَمين ٿيو ۽ ڪٿ ڪريو ته هيءُ پيپر ڪيترين مارڪن جو حقدار آهي." انهيءَ تي مڙيئي ماجسٽريٽ کڙا ٿي ويا ۽ خاص ڌيان سان پيپر ٻڌائون. پيپر پوري ٿيڻ تي هڪراءِ فتوا ڏني ته اهو پيپر ٻيو نه، ته پنجٽيهه مارڪون ته ضرور لهي ۽

ڪانسواءِ جوابن ڏيندي هن هڪ ٻه وزندار تفصيل ڪين وساريو آهي، پوءِ ٻه حقيءَ مارڪن کان ڪيس وانجهيو اَٽيشي!!!“ ڳالهه ته دل سان لڳيس، پر دل جو جو ننگ هو ۽ طبيعت جو لڄس، سو جڻ ڪسندي پنجوڙهن مان رڙهي، مس ٻنهي لائين پهتو. پس اڳتي وڌڻ کان بنهه لاٻري واري ويٺو، جڻ اپيل بورڊ جي فتويٰ موجب هلڻ ڪري سندس عزت ۾ خلل ٿي پيو! مون پڻ ڪيس پاٽيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ ڪين ٿي چاهيو، سو ٻنهي لي سؤدو پڪو ڪيوسين. مونکي خوشي ٿي ته ڪنهن وديارٿيءَ سان ناحق ٿيڻ کي روڪڻ ۾ گهٽي قدر ڪامياب ويو هوس. شل ته ڪنهن الدوري سان پلؤ اَڙجي!!

ڪي ٻري ڏيڻ تي سنڌرو ٻڌو آهي؟" وڏيرو ٻهرين ته وسميءَ ۾ پئجي ويو، پر جلد پاڻ سنڀالي، چيائين، "هن ودياريءَ سوالن جي جوابن جا فقط ٽپ ڄاڻايا آهن، باقي اُنهن جو وستار خير ڪو ڪيو اٿس. اهي ٽپ شايد هوءَ ٻر زبان ياد ڪري آيو هجي! اُنهن جو وستار جو نٿو ڪري، اُن مان اهو ئي اُنومان ٿو لڳي ته هن ڳالهه سچ پچ سمجهي ڪانهي، فقط طوطي واري تنوار ئي ڪئي اٿس، جنهن لاءِ پنجاهه سيڪڙو مارڪون سرسريون ئي ليکبيون." پنوءُ واهه جو ڏاهو لڳو. پر مان پڻ ميڏ هوس. رد قد ڏيندي پڇيومانس، "پنوءُ اهو ته ٻڌاءِ ته هرهڪ سوال جي جواب ۾ هن شاگرد فقط ٽپ ڄاڻائيندي گهڻا صفحا لکيا آهن؟" ورندي ڏنائين، "چار پنج صفحا ضرور لکيا اٿس." تنهن پڇيومانس، "هاڻ تون ئي امين ٿيءُ. هرهڪ سوال جي جواب لاءِ ودياريءَ کي فقط اڌ ڪلاڪ ئي ته ڏنو ٿو وڃي. خود تون اڌ ڪلاڪ ۾ اهي ٻ گها صفحا هوند گهڻا لکي سگهين؟" جواب ڏنائين، "ها، پنج صفحا ته واهه جا لکي وڃان." بازي جڻ هارائي چڪو. پڇيومانس، "جتي تون وستار سميت ايترا ئي صفحا لکي سگهين، اُتي جي ودياريءَ ايڏي مقدار ۾ فقط ٽپ ئي ڄاڻائي ته هوءَ ڇا نه ڄاڻندو هوندو! قدر، قدر جي ماڳ، مورڳو مٿس جزيه مڙهي اٿيئي!! تنهن

ڏٺومانس ته جلد لڏڻو ٿي وڃن ٿا. هو ڪيس پرون پيا پئي ته هاڻ ڪا جوابي ته ڪانه هئي جو جل ڦٽاڪي جيان اُڀري اُٿيو؛ جي پنهنجي سر هلي چلي سگهجي اها ته ڌڻيءَ جي وڏي مهر چئجي. چوي پيو، ”آسيس ڪر ته اُٿي وهي پاڻهي سگهان.“ منهنجو من پرچي آيو- هڙو شير مڙس هيئن دل هاري وهي، ساڻس ضرور ڪا وڏي ويڌن هوندي! بمبئيءَ ۾ بيمارين جو ڪاڻو ئي ڪونهي. شهر ۾ ايندي ويندي ڪي ماڻهو ڏسجن ٿا ته جنسي سياٽ ونيو وڃي. ماڻهو بئيءَ دنيا ۾ سوچ لوچ جون ڳالهيون ڪندا آهن، پر لوچ ته لڳي پيو ته هتي، هن دنيا ۾ ئي آهي. بيمارين وڳهي هجي ۽ ڪاهي وٺ ماڻهو ڏسي پڪ ٿيو وڃي ته لوچ ۾ به ته ساڳي ئي پيڙا ته هوندي!! رت جو دورو بمبئيءَ ۾ ته جڻ هر ڪنهن کي آهي. هڻ پچار ۾ پيو ڇا ٿيندو. صبوح جو اُٿڻ سان هڪ ته پي ڳالهه جي اُڻ تڻ لڳي ئي پيئي آهي؛ پوءِ به رت جو دورو ته وڌندو ته پيو ڇا ٿيندو! پر مونکي اها ڪل ڪانه هئي ته رت جي دوري ۾ ڪي هيءَ حال ٿيندا آهن!! ساڻي جو حال ڏسي حد اَرمان ٿيم. هونءَ ته خيال ڪيو هوم ته ساڻي وٽان ٿي، گرانٽ روڊ تي ڪتابن جي دڪان تي ڪجهه نوان ڪتاب نظر مان ڪڍندس. پر سندس هيٺي حالت تي اَهڙو ته قياس آيم، جو ساڻس

٥٠- هيڏانهن، هُو ڏس!

عام طرح چوندا آهن ته ساليون شينهن کي پڻ پياريون ٿينديون آهن، پر هيءُ ته ساليءَ جو سوال هو. مهينو سوا ٿيو هو ته سالو ڪو نه گڏيو هوم. اڳيئي ناچڱائيءَ جي دانهن پئي ڪيائين، سو هيترو وقت جو ڪو نه ڏٺو هو مانس، ته البت خيال ٿي پيو. پر رهيو پيو هو پري، سو وٽس کڻي وڃڻ ڪان اڳي سوچيم ته ساليءَ ڪان ڇو ڪين سڌ لهان ته پاڻس جي هيتري وقت کان نه گڏجڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هو. تنهن ڪري لنگهي ويس هن وٽ. اتان پتو پيم ته رت جو دؤرو وڌي ويو هوس، ۽ ڊاڪٽر گهر ۾ آرام وٺڻ جي هدايت ڪئي هيس. انهيءَ خبر پوڻ تي وٽس وڃڻ ضروري ٿيو.

هڪڙي ڏينهن وقت ڪڍي، نڪري ويس ساليءَ وٽ. ساليءَ کي ڏسي مونکي اعتبار ئي ڪين آيو ته هُو ڪو ايتري ۾ ايڏو ڏٻرو ٿي ويو هوندو! مڙس ساڻو ٿي ويو هو، منهن مان رت صفا ڇڏي چڪو هوس، ۽ وائڙو پئي لڳو. شڪر جو سڃاتائين سهين، پر آواز اُڪليس نه پيو. ڏوراپو ڏنومانس ته ٻڌايو به ڪين ڪيءَ ته ٺيڪ نه هئين. ورندي ملي، ”مڙس ٿي هٿن مان ويو، سو منجهي پياسين. جڏهن ڪجهه مٺو ٿي نه پيو لڳي ته ڪنهن کي ٻڌايو موڪلڻ خيال ۾ ڇو ٿو اچي.“ خير. آهستگيءَ سان حال احوال ورتومانس ۽ ڏي

سي اُساڻجي سڄڻ ڇو ٿا!! ٽئڪسيءَ جا واڇوري مثل هلي رهي هئي، تنهنجي رفتار اوچتو پوري ٿي وئي، ڇو ته پريان لالا چوڪ وارو ڳاڙهو سگنل روڪ ڪرڻو ٿيو بيٺو هو. ڪار ڏايا لڳم ۽ اَندر جو اَندر ۾ خوب حرف پڙهيا مانس، پر ٽئڪسيءَ جي رفتار پوري ٿيندي ئي رهي. سگنل کي جو ڳالهايم، تنهن مان ورتو برابر ڪي ڪين، پر اَندر جو غبار ڪي قدر ضرور گهٽيو.

جئن ئي ٽئڪسيءَ جي رفتار پوري ٿيندي وئي ته مون بي خيالو ڪنهن کابي طرف نهاريو. اوچتو منهنجي نظر هڪ موٽر سائيڪل تي پئي، جنهن تي هڪ جوان جماعت ليڊنگس بيٺل ويٺي هئي. مون وانگر ڇوڪري پڻ کٻي نهاري رهي هئي، جنهن ڪري سندس منهن مونکي ڏسڻ ۾ ڪين ٿي آيو، پر بوِل پيرنگ مان اِئين پئي لڳو ته هوءَ سياڻي هئي. جي منهنجي ٽئڪسيءَ رفتار گهٽائي هئي، ته هن موٽر سائيڪل پڻ پنهنجي وک پوري ڪئي هئي. اَلانجي ڇو، ڇوڪريءَ کي ڪهڙو خيال آيو، جو منهن ڪري ورايائين. هڪ پل ئي تي نظر پوڻ ۾ دير ئي ڪانه لڳي. هن مونکي هڪدم سڃاتو ۽ موٽر سائيڪل هلائيندڙ کي منهن ڇهڙي پائيندي، چوڻ ۾ چيائينس، "هيڏانهن، هوءَ ڏس!" هُو واٽ تي چوطرف نهارڻ لڳو، پر ڪيس ڪجهه به اَنوکو نظر ڪين آيو. تنهن تي ڪنڌ ورائي پڇيائينس،

ڳالهيون ڪندي وقت جي سڌ ئي ڪانه رهي.
اوچتو جو واچ تي نظر پيم ته مار! دڪانن جي بند ٿيڻ
۾ باقي ڪا ٿوريائي مهل هئي. مان انڪري تڪڙو
اٿيس، جو هڪ ڪتاب ضرور ڪڻندو هوم. جهٽ ۾
ساليءَ کان موڪلايم. ڇڏي ئي نه پيو. سو ٻيهر اچڻ
جو انجام ڪري پاڻ ڇڏايم، ۽ پوءِ هيٺ اچي بس تي
بيٺس. ڪڏهن ڪڏهن ڪفايت جو ويچار اچي
ورائيندو آهم، نه ته هونءَ ته مون جهڙو هٿ-ڦاڙ ڳوليو
لڀي. سو اڄ پڻ انهيءَ ويچار جي جنون هيٺ بس لاءِ
ترسيس. پر ڪڏهن ڪڏهن ائين پڻ ٿيندو آهي ته
جنهن ڳالهه جي اڻ تڻ هوندي آهي ۽ جنهن لاءِ اتاولائي
ڪبي آهي، تنهن ۾ دير ئي پوندي آهي. هونءَ ته
انهيءَ مهل بسيون جلد جلد اينديون رهنديون آهن ۽
اڪثر ريت خالي ئي هونديون آهن. پر اڄ بسين کي
ٻه اهڙو ڪو چٽو لڳو هو، جو سندن وات نهاريندي
نيڻ سور ڪرڻ لڳا جي ڪري ڪا هڪڙي پائي بس ڪٿي
پيدا ٿئي! مولڪي ٻه هئي تڪڙ؛ ڏٺم ته بس لاءِ ترسڻ
هاڻي بي سود هو، تنهنڪري ٽئڪسي ڪيم. ٽئڪسيءَ
واري کي پڻ ٽئڪسي تڪڙي هلائڻ لاءِ تاڪيد ڪيم.
هن ويچاري ته سڌ اونايو، پر هو جي چؤسولن تي
بي-جان بجليءَ وارا سگنل هنيا اٿن، تن سان ڪير
پڄي! هو ته کهڙي ٻه ٽسينگ جي پڌڻ وارا ناهن،

سندس سويمور تان ڪٽي ويو هو، پنهنجي لئين جيون
آڻڻ خاطر. هيءَ سڄو وقت ڇوڪر مرڪيو ٿي، پئي ؟
شرمايو به پئي، شايد اِهيءَ ڪارڻ جو ڪجهه ڏينهن
لاڪر هن ڪاليج ٻنگ ڪري، هن لئين سنگ جو
لطف پئي ماڻيو، جو ڪيس هاڻ ڪڪي رهيو هو.

"ڇا، ڪٿي آهي؟" وري به ڇپن ۾ اکين جي اشارن سان سمجهايائينس، "هو...... هيڏانهن...... ٽئڪسيءَ ۾...... منهنجو پروفيسر!" هن دفعي هن معنيٰ ڀري نگاهن سان منهنجي طرف نهاريو. هيئنر پڻ سندس ڪوشش ڪامياب ڪانه ٿي، ڇو ته ٽئڪسي فقط هڪ ته ڪانه هئي، لڪي ڪي اوڏي مهل پروفيسر ڪو ڪڙو ٿي پاسڻ ڏيئي رهيو هو، جو هن کي هڪدم ڪٽي سگهڻجي! ڇوڪر الڪري ڇوڪريءَ کان اڳا پڇ پڇ پئي ڪٿي ته سگنل گاڙهي مان بدلجي نارنگي ٿيو ۽ هڪدم ئي مٽجي هرو ٿي ويو، جنهن ڪري ٽئڪسيءَ توڙي موٽر سائيڪل پڻ وک کڻي ۽ پئي هڪ ٻئي جي نظرن کان دور ٿي ويون.

گرانٽ روڊ جي پل لهي، هيٺ ٿي ٿياسين ته وري ٽئڪسيءَ جي رفتار پوري ٿيڻ لڳي ۽ منٽ اڌ ۾ موٽر سائيڪل منهنجي ڪٻي طرف اچي سهڙي. هن دفعي هوءَ ليندگر مون طرف ئي نهاري، ڇوڪر کي ڪن سن ۾ ڇئي رهي هئي، "هو ڏس...... هن ٽئڪسيءَ ۾...... منهنجو پروفيسر." هاڻي ڇوڪر کي مونکي سڃاڻڻ ۾ دير ڪين لڳي ۽ هن مونکي ڏسي مرڪيو. بس، کابي طرف وارو سگنل جهٽ ۾ ئي مٽيو ۽ هو جوان، ڇوڪر کي لئمنگٽن روڊ تان نوجيون سوسائٽيءَ طرف ائين اڏائيندو ويو، جڻ پرٿوپراج سميڪتا کي

مڙس زٻون ڏيندي ٻر ٽي پيو. چاڪاڻ ته ماستر جو پٽ هو، تنهن ڪري ٻيءَ جو پرماڻ ڏيڻ لڳو ته ڪيترن هنڌ زهر جي ضرورت ناهي. لاچار چيومانس ته ڪتاب لکيل منهنجو، تون ڇپائيءَ جي حق ڳنهڻ جو حقدار، تون ڪيئن ڪا ڦيرڦار ڪندين؟ توکي حق ئي ڪهڙو آهي فيصلي ڏيڻ جو ته زهر ڪٿي ڏجي يا نه! باقي رهيو درستين جو سوال- سو ته سياڻ جو سوال آهي. آچاريه جو آهيان؛ سو ڪن هنڌ سڌارو سجهندو ئي رهندو. ڪمپازيٽر انهن درستين ڪرڻ کان ڦرڻ ويندا آهن ۽ خفي ٿيندا آهن، چاڪاڻ ته اها ڳالهه سندن مزاج جي خلاف آهي.

انهن ڇوڪڻ ته سڀ ڪمپازيٽر ۽ پريس وارا سڪٽيءَ ڪنيءَ ڪارڻ پيا اُپامندا آهن، سا فتوي ساڻن سراسر بي انصافي آهي. مونکي ڪي اهڙا ڪمپازيٽر به مليا آهن، جن منهنجي آزمودي جي آڌار تي سڌاري جون صلاحون ڏنيون آهن، جي بلڪل ئي جائز ۽ درست هيون ۽ مون اهي سويڪار ئي ڪيون آهن. شايد انهيءَ ڪارڻ ئي آخر ريت منهنجو ڪم راس ٿيندو رهيو آهي. جڏهن به ڪنهن بيتل ماڻهوءَ جو ڪم روڪجي وڃي، ته سندس ڪاهه مون تي. سرڳي هاسيمل جي زال جي نمت آتم واٽين جي ڇولپري وقت سر ڇپجي ئي نه پيئي سگهي! ڏس ملبس ته هلي آيو مون وٽ ۽

٥١- گورو ۽ آچاريہ

هرڪنهن هنر واري کي پنهنجو پنهنجو مزاج آهي ۽ تنهن ۾ سنڌي پريس وارن کي وري پنهنجو انوکو. انهيءَ نرالي طبيعت ڪارڻ ٻئيءَ جي ڪنهن پريس واري کي ڪن تي سماءُ سو پوي ته ڪنهن سنڌي ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ منهنجو هٿ آهي تہ ڀورين ته انهيءَ ڪتاب کي هٿ ۾ کڻڻ کان ئي ٽهندو. پر انهيءَ ڪري منهنجو ڪم ڪڏهن به رڪيو ڪينهي ۽ ڪتاب نڪري نروار ضرور ٿيندو آهي. پوءِ ڀلا منهنجي ڪم کان ڪمپازيٽر ڪيئن ڇوٽا؟ چاڪاڻ ته ڪٽراڳي آهيان- هڪڙو ته مان زبر زير ڏيڻ تي زور رکندو آهيان، ۽ ٻيو ته پڇاڙيءَ سوڌو درستي ڪرڻ کان ڪين ٽهندو آهيان. زبر زير آهن مصالحن مثل؛ انهن کانسواءِ پڙهڻ جو لطف نڪريو وڃي- ڪڏهن ڪڏهن، خاص طور نئي ٽهيءَ وارن لاءِ پڙهڻ ئي جنسي آزار بڻجيو پوي. پوءِ ڀلا ڪمپازيٽر اهي نشانيون ڏيڻ کان ٽهن ڇو ٿا؟ چاڪاڻ ته انهيءَ ۾ محنت آهي ۽ اڄ ڪالهه جاکوڙ يا جفاڪشي ڪنهن کان پڄي ڪانه ٿي. سڀ جو ٽالپر ٿي ويا آهن! سڀ ٿي ويا آهن رئيس، ته گڏهه ڪير هڪلي؟ هڪ دفعي ڪنهن ناتو چڙهيل پريس واري کي ڪتاب جو دستخط ڏيکاري، ڪانئس ڇپائيءَ جو اگهه پڇيم. جيڪي چيائين، سو ڏيڻ قبوليم، ته به

ويو. پوءِ ته هوءَ ماٺا پيا ڪن، پر ڪين جا خبر هئي ته پروفيسر سان رد بدل مان ورندو ڪين، تنهن ڪري جلد اگهه، وغيره، طئه ڪري ورتوسين. ٻدو پڻ گهرايو ويو ۽ ڇپائيءَ جو ڪم شروع ڪيو ويو. پهريان اٺ صفحا ڇپجي پڻ ويا ۽ ٻين اٺن پيجن جا پروف مون ڏسي، زالن کي نظر ثانيءَ لاءِ موڪليم. پر پروف موٽي، ڪين موٽيا. مورڳو نياپو آيو ته ”اسين اوهان سان گڏجڻ ٿيون چاهيون- اسين اوهان وٽ اچون يا جي اوهان کي تڪليف نه ٿئي ته اوهين ودالا هليا اچو.“

مون ئي ودالا وڃڻ واجب سمجهيو. مان جو اتي پهتس ته ٻئي ساهيڙيون ڳوڙهي فڪر ۾ پئي ڏٺيون. سندن شڪلين مان بي آرامي ۽ پريشاني بکي رهي هئي. مون وهڻ سان کائن پڇيو: ”آخر ٿيو ڇا آهي؟ اهڙي ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي جو هيئن سوچ ۾ پيئيون نظر اچو؟“ پهريان ته کانئن ڳالهائڻ ئي نه پيو اڪلي- سخت ٻڌتر ۾ هيون ته ڳالهه سربستيءَ ريت ڪجي ڪين نه؛ پر پوءِ آهستي سندن مک ڪجهه ٻولڻ لڳو. شروع ۾ ته مونکي سمجهه ۾ ڪجهه ڪين آيو، پر آخر ڳالهه صاف ٿي بيٺي- هيڪندي چيائون، ”سواميجن پروف واپس ڪرڻ نٿا چاهين......“ مون ٿهه پهه ورندي ڏني، ته ”پوءِ ڪتاب ڇپائڻ جي پچر ئي ڇڏي ڏيو.“ منهنجو ائين چوڻ ۽ سندن منهن ٿي-ي

ڇواپري ڇپجي نروار ٿي!! ماسترن جي گائيڊ Guide ۾ به آهڙو رولو ڪاھجي پيو- شڪليون ئي لهي ويون. واٽ وڌم ته قصو ٺهي ويو.

هن سبب هڪ ڏينهن ڪي زالون مون وٽ ڪهي آيون. هڪ جو وينجهڙائيءَ ۾ ڏٺي گذاري ويو هو. سندس مرضي هئي ته ڏٺيءَ نمت ڪجهه ڌرمي شيءِ ويچار ۽ ڪرم جو ڪتابڙو ڇپائي پڌرو ڪريان- ان دوارن جنتا جو ڀلو ڪلياڻ ٿيندو. پنهنجي گوروجن سان ڳالهه ڪيائين، جن خود ڪجهه درشٽانت لکرائي ڏيڻ جي ذميواري پاڻ تي هموار ڪئي. ڪتاب جو دستخط تيار هو. باقي هئي ڇپائيءَ جي مشڪلات. اها جوابداري هنن مونتي مڙهڻ ٿي چاهي. ڪتاب سهڻو ڪري ڇپائڻ جو ڪم مون هيڄ پائي هموار ڪيو، ڇو ته ڌرم ٻلي پيو ڪجهه خاص ته ڪين ٿا ڪريون ۽ ٻه شبد سيني جي ڀلي خاطر ڇپائي ڏيڻ جو سڀورو ڪم ٻه نه ڪبو، ته جيون جڻ وئرٿ ويئي. تنهن ڪان سواءِ منهنجن لڱن مان ڪجهه لهي ٿورو ئي ٿي ويو. هيءَ هڏ ۽ چم ڪنهن ڏينهن آخر بيڪار ٿيو پيو رهندو، ڀلا ڇو نه اهو ڪنهن جي ڪم لائجي! مون جو هيءَ ڪم چوڄ پائي پاڻ تي ڪنيو، سو زالن کي نهايت خوشي ٿي ۽ اڳواٽ ئي منهنجو آڀار مڃڻ لڳيون.

خير. پريس وارن سان ڇپائيءَ جو بندوبست ڪيو

پاس لاءِ لڇمڻ سر تيار ڪيل دستخط، سواميجن کي
اظر مان ڪڍڻ لاءِ پڻ ڏنو ويو هو. هنن کي اها
خاطري هئي ته سندن وچن ۾ ڪنهن کي به ڪا ڪمي
نظر ڪين ايندي ۽ ڪنهن به خاص سڌاري يا ڦيرڦار
جي ضرورت نه ٿيندي. پر جڏهن پروف سندن سامهون
آيا ته گوروجن فرمايو، ”منهنجي وچن ڦيرائڻ جي
ڪنهن کي جرئت ڪيئن ٿي؟ اهڙو ڪتاب ڇپجڻ ئي
نه گهرجي.“ آچاريه ته پنهنجي خوشيءَ اهڙيءَ فيصلي
سان آڳي ئي سهمت ٿي چڪو هو.

سرهائيءَ جو چانڊڪي وڃڻ. پر منهن ۾ ڪنهن ڪارڻ وري سندن شڪل تاڻجي ويئي- "اوهان کي هيڏي تڪليف ڏنيسين. هاڻي خريد ڪيل پڻو ڪيڏانهن ڪجو....." مون کين دلداري ڏيندي چيو، "انهيءَ جو اوهين ڪو الڪو نه ڪريو. پڻو سولائيءَ سان نيڪال ڪري ڇڏبو. منهنجو بوجو پاڻ گهٽيو، نه ته ڪتاب پوري ٿيڻ تائين ڳهٽو پوبم ها. ارمان رڳو ايترو آهم ته اوهان جي من جي منشا پوري نه ٿي ۽ ڪجهه اجايو خرچ ٿيو." انهيءَ لي وڌيڪ ڳڻتي ۽ چنتا جو ڪو وڌيڪ ڪارڻ ڪونه رهيو، ۽ اڇي ڳالهين ۾ پياسين.

هيءَ جو قصو اوچتو اُٿو ٿي ويو هو، سا ڳالهه جهٽ سلجهائجي ويئي. سواميءَ جن کي شروعات ۾ ٻڌايو ويو هو ته پريس جو ڪم مونکي سونپيو ويو آهي. کين اها ڳالهه پسند آئي جو سندن مرلي پٽ، جو مون وٽ ڪاليج ۾ پڙهي ويو هو، تنهن کين يقين ڏياريو هو ته "ڪم قابل هٿن ۾ سپرد ڪيو ويو آهي." سواميءَ جن پنجاب جا رهاڪو هئا، جنهن ڪري درشنائتن جي ٻولي ڳر ڳرڏاڻي لڳي پيئي هئي. منهنجو دستور آهي ته ڪنهنجو به ڪم ڪٽان، ته اهو سني ۽ سهڻي نموني نباهيان. انهيءَ ڪري مون دستخط ۾ ضروري ڦيرڦار ضرور ڪئي، جا زالن کي نهايت وڻي. آهڙي ٿي خاطري سواميءَ جن جي فرزند ارجمند ڪي پڻ هئي.

پنچاس جي ڪاري ۾ ڪا ڪمي ڪانه ٿي هئي، اڪي ڪي انهيءَ ڪري ڪنهن کي ڪا ڪس نٿي لڳي هئي. پنچاس جو ڪاري باقاعدي هلندو نٿي آيو هو.

ساليانى ميڙ ۾ عهديدارن جون چونڊون ٿينديون هيون. مون نه ڪل - ڪلاڻو ظاهر ڪيو هو نه مون کي جيڪا پائرن جي شيوا ڪرڻي هئي سا مون لاڳيتو ٽي سال سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ڪئي هئي ۽ منهنجي صحت وڌيڪ وقت هڻ پٽ ڪرڻ لاءِ چيو ڪين ٿي ڪيو، اڪري آءٌ وري سيڪريٽريءَ جي چونڊ لاءِ ڪين بيهندس. پر انهيءَ جو اهو مطلب نه هو تہ توڙ توڙي نباهيندس ڪين ۽ عهدو ڇڏڻ ڪارڻ پنهنجي جوابداريءَ کان منهن موڙي ڇڏيندس. مان، پنچاس جو ساليانو ميڙ، پريزيڊنٽ جي آب مان جو ميڙ ڪري ليکيندو آهيان. ان ڪري پريزيڊنٽ صاحب جو عمدو سواگت ڪرڻ لاءِ هيل مون مخمل جي ڪرسي گهرائي هئي - جا اَڪثر ريت شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ راجا لاءِ ٿي گهرائي ويندي آهي - نه پر نه هوُ شد مد سان ساليانى ميڙ جي ڪارروائي هلائي ۽ صحيح معنيٰ ۾ ميڙ جو مور ٿئي! عام ريت مکيءَ لاءِ ڪا خاص ڪرسي ڪين ڪين گهرائي ويندي هئي. مون پريزيڊنٽ صاحب جي عزت ڪرڻ ڪارڻ ئي ائين ڪيو هو. حقيقت ۾ پريزيڊنٽ ڇڏڻ جي پڻ مون ئي ڪيس آڇ ڪئي هئي،

٥٢- محفل جو مور

خيون سان ٻيو هڪ سال پُورو ٿيو. اُج پنچايت جو ساليانو ميڙ هو. هيءُ سال اَڳين سالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سوڀارو ويو هو. ميمبرن کان ساليانا چندا وقت سر اُڳاريا ويا هئا، ۽ ماهياڻي مدد ۾ پڻ ڪنهن وٽ بقايا رهجي ڪانه ويئي هئي. معزز ميمبرن جو تعداد ڏينهون ڏينهن پوءِ وڌندو ئي رهيو هو ۽ ماهياڻي مدد جي رقم اَڳي کان وڌيڪ ئي اُڳري رهي هئي. گهرجائُو گهرن کي سهائتا وقت سر موڪلي پئي ويئي ۽ ڪاروهاري ڪاميٽيءَ جون ميٽنگون باقاعدي ٿينديون ئي رهيون، جن ۾ پنچايت جي بهبوديءَ نسبت خوب سوچ ويچار چالو رهيو. هوليءَ جو دل پيڪي سان ملهايو ويو ۽ ساليانو پڪنڪ شد مد سان ٿي گذري هئي. پنچايت هر حالت ۾ هري ڀري رهي، ۽ پنچن ۾ پنچايت جي ڪاربه نسبت ڪافي دلچسپي رهي. سڄو سال پنچايت جو ڪاربه هر طرح عمديءَ ريت هليو ۽ ان ڪارڻ سرهائيءَ جو سبب هوئي هو.

پر هڪ اَڌ خامي رهجي ضرور ويئي. پنچايت جو ساليانو ميڙ هونءَ کان ڇڱو اوڀرو سڏايو ويو هو- فبروريءَ بدران جون ٿي ويئي هئي. پر انهيءَ ۾ مولڪي ڪابه اَرمان يا اعتراض جوڳي ڳالهه نظر ڪين آئي- ساليانو ميڙ برابر ديرسان ئي ٿي رهيو هو، پر ان ڪارڻ

لاءِ اُوسيل آهيان.“ هن اِنهيءَ تي عجب مان پڇيو، ”مکي صاحب اُچڻو آهي ڇا؟“ هاڻ خيال ۾ آيم ته ڪي سچڻ ڪجهه مڙيو ٿي سٽي آيا هئا. تنهن هوندي ڀ مون پڇيو، ”پريزيڊنٽ جو سيڪٽر مولکي گڏيو، تنهن ته مولسان ڪا اُهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي. مون ته ڪيس برف جي بندوبست لاءِ موڪليو آهي.“ جواب مليو ”هوُ سامهون ٿي ته اَچي رهيو آهي، پڇي ڪري پڪ ڪريوس.“ هن جي ويجهو اُچڻ تي ڪانئس پڇيم - ”ڇو، دادا ڪين ٿا اَچن ڇا؟“ اُن جي ورنديءَ ۾ سندس منهن تي معنيٰ ڀري مرڪ ڇانئجي وئي ۽ کيسي مان خط ڪڍي، ڪٽي ڏنائين. چڙ ضرور آيم ته - منهنجي شاگرد پڻ مون سان کيڏ ڪئي! پر جهٽ پاڻ کي پلي ورتم، ڇو ته خيال آيم ته جنگ ۽ جهيڙي ۾ سڀ ڪجهه مباح آهي - پٽ ضرور پيءُ جو ٿي پڌر ڪڍندو، اُستاد جو درجو نرالو ٿي آهي. هاڻ صاف ظاهر ٿي بيٺو ته پريزيڊنٽ جا حمايتي مولکي ڪيرائڻ جو ٿي سندرو ٻڌي آيا هئا، ڇو ته کين شايد خاطري نه هئي ته مان ڪو پنهنجو پد ڇڏيندس، جيتوڻيڪ مان اَهڙو اعلان پنهنجي خوشيءَ ڪري چڪو هوس. خير. منهنجي دل لڏي اَصل ڪين، جيتوڻيڪ هن اوچتي حملي ڪري ڪجهه لغار ضرور لڳي.

ميڙ جو عارضي مکي چونڊي، ڪارروائي شروع

جو هُو ڪيترا سال پنچات جو وائيس پريزيڊنٽ تہ
ٿي رهيو هو، پر جڏهن وائيس پريزيڊنٽ جو عهدو
رد ڪيو ويو، تہ ڪنهن بہ سندس قدر ڪري ڪيس
پريزيڊنٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ورتي هئي، جا
ڳالهہ مونکي اَصل ڪين ٿي آئڙي.

مخمل جي ڪرسي ٻيٺي رهي، مگر مکي ڪين
آيو، ڪين آيو. پنج ايندا رهيا، هونءَ ڪان بہ سرسيوا-
اُهي مهالدا جي ڪڏهن سالياني ميڙ تي ڏسبا بہ
ڪين هئا! تہ بہ مونکي ڪنهن سنّاءَ جو شڪ نہ جاڳيو.
ها، ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ پريزيڊنٽ صاحب مونسان
سالياني ميڙ جي ديرسان سڏائڻ جي باري ۾ خط و
ڪتابت شروع ڪئي هئي ۽ مون سندس خطن جا
بروقت ئي خاطريءَ جهڙا جواب ڏنا هئا تہ سالياني ميڙ
جي ديرسان سڏائڻ لاءِ منهنجي وس ڪان ٻاهر
حالتون ئي جوابدار هيون، ۽ مون سمجهيو هو تہ اِهو
قصو اِتي ختم ٿي چڪو. مان ڪيڏ ۽ چالبازيءَ مان
خاص طور ڪين ڄاڻان، جنهن ڪري ورودين جي پڪش
ٻالون جي جهجهي اَنداز ۾ اَچڻ تي پڻ منهنجي من ۾
شنڪا ڪين جاڳي. جڏهن هو سڀ اَچي چڪا تہ
مدڇهائن هڪ سعيو ڪري اَچي مونکان پڇيو تہ 'ميڙ
جي ڪارروائي ڇو ڪين ٿا شروع ڪريو؛ ڪافي دير
ٿي چڪي آهي!' مون کيس ورندي ڏني: "مکي صاحب

وڳ وڏائل ڏسي ٻنهي خوب خوش ٿيا. خلاف ڌرڪي جوڙا عهديدار چونڊڻ لاءِ ٻه ٻچائي آئي هئي، پر الهيءَ تي پاڻي ڦري ويو، جو پنچات جو ڪاري، جنهن لوڙي هلايو ويو هو تنهن مان ثابت ٿي چڪو ته مڙهيل تهمتون ۽ اَعتراض فقط نڪر ٻڌڻ لاءِ ئي اُٿاريا ويا هئا. منهنجي قدر شناسيءَ جي اَعتراف ۾ مونکي ئي جهجهن ووٽن تان مکي؛ ڪري چونڊيو ويو! محفل جو مور ٿيڻو هڪڙو هو، پر ٿي اُهو ئي ويو، جنهن کي ٻاهڻ جو سناءُ سٽيو ويو هو!! رنگيءَ جا رنگ جي اهي آهن!!

ڪئي ويئي. مخالفتي، جي منهنجو ترو ڪيڻ لاءِ تيار
ٿي آيا هئا، سي بي تاب ٿيڻ لڳا. مولڪي هڪل ٿي تہ
"ٻهرين خط پڙهيو وڃي تہ پريزيڊنٽ صاحب ڇا ٿو
چئي." اُن جي جواب ۾ مون چيو، "هر ڪا ڳالهہ
قاعدي قانون موجب ڪئي وڃي تہ سڀني لاءِ بهتر
ٿيندو. سڀني منهنجي ٻٽ-ڀرائي ڪئي. مان جهٽ
جهٽي ويس تہ پريزيڊنٽ پنهنجي خط ۾ مولڪي ڏي لويو هو
۽ اِن ريت مولڪي اُڏائڻ جو سانباهو ڪيو ويو هو. اِن
ڪري خط جو موزون جواب ڏيڻي، خلاف ڌر جي مراد
مٽيءَ ۾ ملائي، من ٺارڻ جي دل ٿيم. پر انهيءَ لاءِ ڪجهہ
ويرم گهربي هيم. سو ٻهرين گذريل سالياني ميڙ جي
ڪارروائيءَ جو وچور بحاليءَ لاءِ بلند آواز ۾ پڙهيم. تنهن
ڪان پوءِ سال اندر گذر ڪري ويل ٻنڌڻن بسبت غم-
خواهيءَ جو ٺهراءُ پيش ڪيم، جو يڪراءِ بحال ٿيو. تنهن
وچ ۾ منهنجي من جي ماندائي گهٽي پري ٿي ويئي
۽ مان حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر طرح تيار ٿي ويس.

هاڻي پريزيڊنٽ صاحب جو خط ٻنڌڻن کي ڇڏي
آواز ۾ پڙهي ٻڌايم ۽ سڀني اجازت سان مون تي مڙهيل
الزامن ۽ مون خلاف اُٿاريل اعتراضن جو مون تڏي
سڀني جواب ڏنو. ٻنڌڻ منهنجي جواب مان پروڙي
ويا تہ گنگا ڪهڙي طرف وهي رهي هئي. اُن ڪانپوءِ
سال جو پوتاميل پيش ڪيم. ٻنڌڻن جي هر ڏس ۾

۽ ميرا مهالبا پيا نظر اَچن!! ڀل وارن ۾ جولٽُون ۽ ليکُون پيئون سُرن ۽ سُر ڪائين، پر ڇا مجال جو جوان ۽ جوانڙيون ڪٿي ڦٽشن ڦيرائين!! الهيءَ ڏينهن وارو اظارو ڏسڻ وٽان هو. هڪڙو پيريڊ پاڙهيو هوم ۽ ٻئي پيريڊ لاءِ پيو ٺ ٺ ٺ ڪلاڪ لوسٽو هوم، سو ڇيم ٺ دادا ڪيولرام وٽان ٽي اَچان. تاج محل هوٽل واري سڙڪ وٽي اَڳتي هليس ٺ هڪڙو پولڙي وارو ڏٺم. پولڙي واري جي ٻاسي ۾ هڪ اَميرڪن هٽي ڀٽو هو. پولڙي ڪي گلي ۾ سهڻي زلجيرو پيل هٺي، جنهنجو ڇيڙو پولڙي واري وٽ سوگهو هو. پولڙو هٽيءَ جي ڪلهي لي ويٺو هو ۽ هٽيءَ جي وارن مان جولٽُون ڪڍي رهيو هو! هاءِ ري ڦٽشن هاءِ!!

هونءَ ٺ جيڪي جنهن کي وٽي سو ڀل ڪري، هوُ پنهنجي مرضيءَ جو مختيار آهي، پر هڪ ڳالهه جا هولٽٺهار طبقي وارن ٺ سوچڻي ۽ ٺ وري ويچاري آهي سا اِها ٺ سندن لٽين رنگ ۽ ڍنگ جو سندن ويچار ڌارا ٽي وڏو اَثر پٽجي رهيو آهي- هوُ جنهن لموٽي هلن ۽ ڳالهائين ٿا سو پنهه فضيلت پريو ڪينهي، هوُ جنسي خطري جي لشاني ٻڻجي چڪا آهن!! ڇاڪاڻ ٺ وار وڏا، جي هر ڪنڌ- ڌوُڻ سان پيا سندن اَڳيان جهوُميين، ۽ ٻ گهيين ڪڙٽن سان بوٽ پائي جو قد ڪڍيو اَٿن، ٺ هنن جي ٻازن ۾ جڻ لٽيين جان اَچي ويٺي

٥٣- آسانکي مٿان هٿ لاٿو اٿوَ!!

وقت بوقت فئشن ڦرندا ٿي رهن ٿا. هينئر فئشن چالو ٿيو آهي ٻوُزن ٻٽڻ جو- وار وڏا، ڪڙيون ٻ ڏهيون پاڇا ويڪرا...! ڏسندي جنسي هيبت وٺيو وڃي!! ڪڏهن ته ائين پيو لڳندو آهي ڄڻ پهڻن وارو زمانو واپس وري آيو آهي!!! انهن وڏن وارن ۽ ويڪرين پتلونن تي هوند اچرج نه به وٺي ۽ نه وري ڪو اعتراض ٿي ٿئي، پر هر ڳالهه لاءِ ٻوڇار ڪپي، جا هاڻوڪن نئين نوجوانن ۽ نينگرين کان پڇي ڪٿي ٿي چئبو ڪين هو، ”وار نه ڦٽي، نه نه ڪوُڙاءِ ڪٽي.“ هينئر وار ايڏا ته وڏا رکايا ٿا وڃن جو ڦٽي ٿي ٻيڪار ٻڻجي چڪي آهي! وارن کي هرڪو مٿجهن آڱريون وجهيو پيو لساري، ۽ جي وار ليٽيو مٿهن تي اچيو پون، ته وجهندي ٿي چورٽو، ڇلانگ ماري، ٿڪي ڪٽيو سر مٿان اُڇلائين!! هزارها سال اڳ-، پڻ وار وڏا رکايا ويندا هئا، اُنهن جي وڏي ڊيک ڀال ٿيندي هئي- ميٽ مري، اُن سان وهنجبو هو ۽ وار سڪڻ بعد تيل مک ڏيئي، سينڌ ڪئي ٻي هئي. ائين ڪرڻ سان هرڪو سهڻو سٽيو پيو لڳندو هو ۽ هرڪنهن کي پيو وڻندو هو. پر هينئر فرصت ٿي ڪٿي آهي وارن سنوارڻ جي! سنان ٿي هرروز ڪين ٿو ڪري سگهجي، سو وڌيڪ ڪجهه ٿي ٿي ڪين سگهندو!! جيڏانهن نهار اوڏانهن اُٽيا مٿا

ڪلاڪاريءَ ۾ ٿِي مڇو هئا. پر هيءَ بي-انتظامي مولڪان
سٺي لڳي ٿي ۽ مان سندن طرف وڌي ويس. مولڪي
پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، سندن منهن تان مرڪ هڪدم
موڪلائي ويئي - هوُ منهنجي آدر سٽڪار لاءِ گڏيئي
ٿي بيٺا. نزديڪ ايندي ڪين ساڌارڻ لوع ۾ چيم، "هيءَ
هلت ٺهي ٿي! پرنسيپال جي ڪمري ٻاهران بيٺا مخول
بازي ڪريو!!" هنن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو، پر منهنجي
چوڻ جو مٿن ٻيو ڪو خاص اَثر ڪين ٿيو. هنن جي
ذهن لئي جا منهنجي ڳالهه ڪانہ ويئي ته مون پنهنجي
آواز ڪجهه ڪي قدر بلند ڪيو: "هتي اَچا بيٺا ڇا ٿا
ڪريو؛ وک کڻو، اَڳتي وڌو." اِها ڳالهه ڪي قدر
سندن دماغ ۾ ويئي، پر سندن سردار پسري ويو- "آواز
ڪي ايڏو مٿي ڇو ٿا ڪڻو، اَسين وڃون ٿا." چيائون ته
سهين، پر بيٺا اُتيئي رهيا. هنن کي جو هيلتوڻي ڪنهن
به ڪڏهن ڪجهه ڪين چيو هو، سو هنن کان هيل
پڻ ڇرڻ ڪين پڳو. عادت جي مجبوريءَ ڪارڻ
منهنجي حڪم ۽ صلاح جي ٻجاوري جا ڪانہ ٿي ٿئي
ڪين وک کڻائڻ خاطر منهنجون ٻالهون ڪجهه قدر ڪڍي
ويئون. سندن سردار کي هيءَ ڳالهه اَصل ڪانہ آئڙي -
هوُ مرضيءَ جا مختيار، تن لئي هيءُ ڪير هو جو حڪم
هلائڻ هليو هو! اَهڙي ڪا ٻي ناجائز هلت به ڪا ٿي
سگهي ٿي!! سو ٺوڪي چيائين، "مٿان اَسانکي هٿ
لائو اَٿوَ!" مولڪي ڪاوڙ اَچي ويئي ۽ مون پڻ هڪل

آهي؛ هوءَ ڪنهن کي بہ پاڻ جهڙو ڪين ٿا سمجهن- هلن تہ ڪلها پيا مٽڪائين، ڳالهائين تہ ڄڻ نرگهٽ کان ونڻ ٿا چاهين!! سندن ڪايا ڪارڻ سندن ڪلا ڪانئن ڄڻ صفا موڪلائي ويئي آهي. "جهڙو تن، تهڙو من"، واري ڪار ٿي ويئي ٿي ڏسجين.

سندن جهنگلي هلت ڄڻ ڇيهہ ڪري ڇڪي آهي- جانورن جيان جيڪي جٽي ٿو وٽين، تيئن ٿا ڪن، ڪين اهو ويچار ۾ ئي ڪين ٿو اچي تہ هر ڳالهہ وقت سر ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ سونهندي آهي، ۽ چالاڪ تہ ڪين پنهنجي وحشي طاقت جو گهمنڊ آهي، تنهن ڪري ڪوبہ ڪين چوي ڪجهہ ڪين ٿو، جنهن ڪري مورڳو وڃن ٿا مٿي تي چڙهندا.

تازو هڪ اهڙو لقاءُ ماڻڻ جو وجهہ مليم. تنهن ڏينهن ڪاليج جي لفٽ مان هيٺ اچي لٿس تہ ورانڊي ۾ پرنسيپال جي ڪمري جي ٻنهہ پاهران ٽي جنگ جوان بيٺل ڏٺم. البت عجب لڳم تہ، هيءُ هتي هيئن ڇو بيٺا آهن! پر پيهڻ تي تہ ڪل پندش آهي ئي ڪانہ. تنهن ڪري خيال ڏاڍو پيو. انهن ئي منجهائن هڪ، هٿ پوٽ تي رکي، سيٽي وڄائي- اها سيٽي بيشڪ انهين طرز واري هئي، جا ٻڌي، وڄائيندڙ جا جوڙيدار نهايت خوش ٿيا- سندن مهانڊا ئي ٽڙي پيا. ٿي سگهي ٿو تہ، هنن مونکي ڪو نہ ڏٺو هو، ڇو تہ هوءَ پنهنجي

٥٤- ھٿ ٿي ھرڻايم

جيئن سان گوپال ٻولي مان اڳئيري پاس ڪري آيو ۽
جهٽ ئي نوڪري مليس. جڏهن ئي نوڪريءَ ۾ پڪو ڪيائونس
ته ماءُ جي ممتا منهن ڪڍيو- باقي وڃي وني ڏيارس!
پار وهيانوو ٿو ٿئي ته. ماءُ جي آشا ۾ قدم وڏا وڌيو
وڃي، پر هٿ ته مورڳو ٻين کي اَچي لات ورايو-
’گوپال کي ڪڏهن تا مڱايو‘، ”ڪڏهن تا انهن گهر ۾
آڻيو؟“ ’هاڻي پار وهاري ڇڏڻ جو زمانو ٿورو ئي آهي!‘
”هيڏا سال گوميءَ گونگي منهن گهر ٻڌي هلايو آهي،
ونئي ڏيوس ڪا سٺي سگهڙ انهن ته، ڪا ولدر ته
ٿيس ۽ ڪم هاج ۾ ٻڻ ڪا سهنجائي ٿئيس.“ دل ۾
چوندو هوس، ”مان ۾ ونديس پيڪي، مون ۾ اهڙي
سگھ“، ۽ مرڪي ڳالهه ٽاري ڇڏيندو هوس. پر ماڻهو
ڪٿي تا مانن ڪن ۽ کي ته ٻنهه ڇهڻي پيا- ”پٽ
ڪريو، کي ڪائيندا، جيڪي طلبيندا، سو ملندو.“
اَچرج لڳم ته پٽ منهنجو ۽ ٽالکه لڳي آهي ٻين کي!
سوچڻ ئي سمجهيم ته اهو پڻ ڪي قدر سياڻپ هو.
ٻياڻيون ته هر هنڌ آهن ئي آهن. وڏتر جو ڪاڻ ڪ خوارڪ،
پڙهڻ ڪڍڻ ڇوڪرن نوڙي ڇوڪرين جو ٽي ويو آهي
ساڳيو ۽ ڏيک ويو آهي وڌي، ته ڇوڪرين جي
قد ڪڍڻ ۾ وارو ئي ڪين ٿي لڳي. حق ته ي ماڻهن
کي فڪر ونيو وڃي ته ڇوڪريون ترت شيئهن ڪلهي
ڪريون.

سان چيو، ”جڏهن چيومانؤ ته هتان هليا وڃو، ته اَڃا
ٻيٺا ڇو آهيو!“ ترت وَراڻيائون، ”وڃون ٿا پيا.“
”ٻيٺا اِتيئي آهيو ۽ سمجهو پيا ٿا، اَڳتي وڌي رهيا
آهيو. عجيب روش ڇٽي اوهان جي! پوءِ به زور اِنهيءَ
تي ته ’مٿان هٿ لاٿو اَٿوَ‘“ اِئين چوندي مان اَچي
ڪُل ۾ پيس. مان ٿڪ ۾ اِن ڪري اَچي پيس جو چيم
ته مهاتما گانڌيءَ جي سچي مدد جڻ وُرت وٺي
هٿي- هڪڙن اَڇوتن جوئي اَڃا سوڌو پورو اُڌار ٿي
ڪين سگهيو هو ته مٿان هيءُ ٻيا اَڇوت اُٿي ڪڙا ٿيا
هئا- ’مٿان اَسانکي هٿ لاٿو اَٿوَ!‘ منهنجي ڪل ڪين
منجهائي حيران ڪيو. سنڌ سردار اِنڪري ڏاڍي
حليمائيءَ سان مولکان پڇيو، ”سائين، ڪلو ڇو ٿا؟“
ورنديءَ ۾ جيڪي خيال ۾ آيو هوم سو ڪين ٻڌايم.
ڳالهه ٻڌندي، هوُ ٻئي اَچي ڪل ۾ ڇنڪيا ۽ سٽ ڪڍي
اُتان روانا ٿي ويا.

منهنجا وڏا مائٽ ۽ ڇوڪريءَ وارا، ٻئي هئا دهلي ۾، سو ٻڪ جي رسم دهليءَ ۾ اَدا ڪرڻ واجب سمجهيم. دهليءَ ۾ رهندڙ ويجهن عزيزن، وغيره کي ”مصريءَ“ تي اَچڻ جو دل گهريو نيوتو ڏنم ۽ پاڻ کي ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ تاڪيد ڪيم. باقي رهيا بمبئيءَ وارا مِتر- اُهي اَنداز جي لحاظ کان جي هئا جهجها، سو اُنهن کي ڇپيل ڪارڊ رستي خوش-خبري پهچائي ڏنيم. سڀني اطلاع مان اَج ڪلهه پيٽ ڪٽان تو پوڄي! سو واڌايون پڻ ”لسيون“ ئي مليون!!

رڳيون لکيون واڌايون مليون ها، ته به ٺهيو- ٽيڪا ٽپڻي ۽ سوال اُلوهان ساٿوڻي مينهن مثل اَچي نازل ٿيا- ”شاديءَ جا ڪارڊ سي ڏنا پڏا اَٿئون، باقي هيءُ مڱڻي جا ڪارڊ ته نئون نخرو آهن؛“ ’اَسانجو ماسات اِنهيءَ ڪري ئي ته مڙني کان نيارو آهي.‘

واڌايون ڏيندي ماسيءَ پڇيو، ”چو، مصري دهليءَ ۾ ورتي اَٿيئي؟ پوءِ روڪ ورتي هونداءِ!“ والدي ڏنيماس، ”چو، دهليءَ ۾ مائٽ ڪينهم ڪيئن! تنهنجا ڀاٽيجا ڀاٽيجيون، منهنجا اَمي بابوُ، سؤٽ ڀڳات، گوميءَ جون مائٽياڻيون ۽ ساهيڙيون؛ پوءِ روڪ ڇاجي؟ ڪجي پڳي مصري سڀ هڪ هنڌ ۽ هڪ ئي وقت؛ اَجايو خرچ ۽ پاڻ پتوڙ نهي تورپائي اُٿي. توکي سڌ هئڻ گهرجي ته، مان، گومي ۽ گلوُ ڏي-وٺ جي خلاف آهيون. باقي رهيو بمبئيءَ ۾ رهندڙ مِترن مائٽن جو

پر ٻنهين کي وري پنهنجا حساب لڳائڻا ٿا پون.
اَڄ ڪلهه جوان ڇوڪريون اَڪثر طرح آهن نازڪڙيون ۽
نخريليون - چاهين ٿيون گهر ۾ هوندي ڪو ٻيو آڻي وات ۾
وجهين! گهر جي سهيڙ ۽ ڪم ڪاج جو سندن شان
وٽان ئي ڪين هن. مائٽ پڻ سڀ سوچين ٿا- پٽ پالي
پاڙهي وڏو ڪيوسين صرف پرائي جائيءَ جي سک
سهنج لاءِ ڪيئن! اسان ۾ ته ڪجهه لهڻو، ڪين نه!!
مائٽن جي پڻ ڪجهه وقت رڳو ٿاري نه! شاديءَ کان
پوءِ ڇا ٿيندو، سا ته خبر خاوند کي!!

پر مون وٽ ته اهڙي ڪا ڳالهه هئي ئي ڪانه. گلوءَ
سان سندس شاديءَ جي ڳالهه ڪيم ته، چيائين،
”دادا، ننڍڙي ڇوڪري پئي آهي. ڏهي وڃي ٿورائي
آهي ۽ پڙهڻ پاڻ ته ڪٿان.“ مونکي سندس حجت بلڪل
ئي واجب لڳي، جنهن ڪري مان ڪنڌ کي وهاڻو
ڏيئي ويهي رهيس ۽ ماڻهن کي جيڪي چوڻو هو، سو
هو چوندا ئي رهيا. ڪجهه وقت پڄاڻان پٽ کان وري
پڇيم ته آنا ڪاني ڪانه ڪيائين. ماڻس سان ڳالهه ڪيم
ته جنسي ٿري پيئي، جنهن ڪري مان پڻ ڦوليو نه
سمايس! هاڻي خاص دير ڪانه لڳي- ڇوڪرين جون
هوهنڌ لڳيون پيون آهن چانگون، سو گلوءَ لاءِ ڪنوار
چونڊڻ ۾ گهڙي دير لڳڻي هئي! گوپال کي جهٽ
ڪٽي مڱايوسين.

'بابا، اها ته تي اوهانجي پسند آهي. اسانجي وچ ۾ انهيءَ باري ۾ اڳا سوڌو ڳالهه ڇڙي ئي ڪانهي. مون ته پاڻ گوپيءَ کي چٺو ڪري لکيو هو ته، خود مڱڻي جي مصري پڻ واجبي نموني هڻڻ گهرجي - اڄ مير ۽ ڏيکاءَ جو نه سوڌ آهي ۽ نه سبب. مان شادي هڪ سوڌو ڪري ڪين ٿو سمجهان. ڪنوارپڻا سڀ ساري ڏيئي ڪيڏي ڏين، اها ڪافي ناهي ڇا! انهن سان ٻي ٻول چول ڪهڙي ڪبي!! اوهانجو مت ٿي شايد اهو ٿو ڏسجي ته ڪنوارپڻا لڏ به ڏين ۽ لڏائي به!!!'

”بابا، تون عجب انسان ٿيئين! سيٺن کي سهڄ ڪرڻ ڪان به ٿو روڪين!“ 'اوهين ته ڳالهه ڪري ويا. هڪڙو اڳلو ناٺو هاري، ٻيو آءٌ پاڻ پٽيان! سڀ شيءِ مان ته ڪين ڏيهيندس ۽ ضرور مٿن مائٽن ۾ اهڙا واهڻي پوندي. ڪو مائٽ ڪولابا ته، ڪو ڪلياڻ- ڪو اولڌ-پر، ڪو سولڌ پر. اها ڳهل ٻه گهوري، پر لنهن هوندي به ڪير ڪٺي سرچي! لڪ موڙ پيٺي پوندي- ڪنهن کي وزن نه لڪائيندو، ڪنهن نه ڪي جنس نه مڪانيندي. راهه ڳناهه تي ڪنهن جي هڙ ڦرائڻي ۽ پاڻ کي پڻ هلاڪ ڪرڻو!!'

ٻين پڻ گهڻو ڪجهه چيو، پر اهو ڪين ٿي ليکه ۽ باقي اسين پنهنجي سر خوش ۽ ڪنوار وارا پنهنجي پر پوسن.

سوال. سو مائٽ آهن منهنجا، ان جو وات مٺو ڪرائڻ جي ذميواري منهنجي ئي آهي! انهيءَ لاءِ جي پنهنجي هڙ ڦوريم ته اُن ۾ هرج ئي ڪهڙو! اهو ئي ڪنوار وار چئو پيئن!!“

ماروت وري چيو، ”ڏاڍو ڳجهڙو نڪتين! نڪا خبر نڪا چار. اسان کان ته سڀ ڪجهه ڪُوئي ڇپندو آهين!!“

’ٻائي، اوهين ته سڀڪا ڳالهه پاڻيهي ته مونسان ڪندئون آهيو. ڇاڪاڻ ته مون ۾ پڇ پڇ جي عادت ئي ڪانهي ته اوهان کي اڻ تڻ ٿي ٿيندي آهي ۽ جڏهن ته اوهين مونکي پنهنجو خير خواهه ئي سمجهندئون آهيو، تڏهن ڪري مونسان ڳالهه ڪرڻ ۾ ويرم ڪين لڳندي اٿو.‘

”اها ته ڳالهه ٺيڪ ٿي نرالي. پر آخر ڇوڪري ڏٺوَ ڪٿي ۽ پسند ڪيئن ڪيوَ، ڪا پڇا ڳاڇا به ڪيوَ، ڪين سڀ شب ۾ طئه ڪري ورته؟“

’ٻائي، ٻيئي ڄاڻون هر ڪڏهن وٽ وينديون آهن، پوءِ ڏسڻ جو ڏيک تماشو نهي ٿو ڇا! باقي رهي پڇا ڳاڇا. ڇوڪري آهي دادي پوڄيءَ جي ڏوهٽي، تڏهن لاءِ ڪهڙو پڙهو گهمائڻو هو؟“

”پڦات، تون ايشڪ مڙني کان ڳوءِ کڻي وئين!“

ماميءَ جي پيڻ وري چيو، ”روز شيءِ ايندي هوندءِ، نت نئين! اسان ۾ ته اَٽ ڏينهن سالده، ٽولن جي ڌم لڳي پئي هوندي آهي، سو تڏهنجي گهر ۾ ته ٽوڪرن ۽ مٺاين جا ڍير لڳي ويا هوندا!!“

هوٽل ۾ مشڪل ٿيندي." هيءَ ٻڌون اندرو ڏسڻ وٽان
هو؛ سو ٻاروت کي چيم، "حاضر، گهر ۾ شاديءَ تي
نه ضرور اچبو، باقي هوٽل ۾ ٻهڄڻ کي ڏسي وٺبو."
منهنجي اَڌوري هاڪار تي ٿي راضي ٿي گهوٽ ڪنوار
اُٿي کڙا ٿيا، جو کن ٻين کي ٻه، لولو ضرور ٿي
ٻهڄائڻو هون؛ ۽ وري ٻه اچڻ لاءِ زور ڀريندي، منهنجي
’ها، ضرور اچبو‘، تي وڪ کڻي لڪري ويا.

گوريءَ مولڪي گهر ۾ شاديءَ تي اچڻ جو لولو نه
ڏلو هو، پر ماءُ جي موڪل کان سواءِ!! هونءَ نه اِلهيءَ
۾ هن ڪا اَربع خطا ڪاله ڪئي هئي، پر ٻمبئيءَ جا
گهر ۽ جايون آهن ڪٻڏڙيون، جتي جهجها مهمان ماپائي
سگهجن! سو شاديءَ جو لولو کن چڱن مائٽن کي ٿي
ڏلو ويو هو. شاديءَ تي نه مولڪي وڃڻو ٿي هو، پر
الهيءَ لاءِ ملئل لينڊ رکيم پيٽ ۾، نه ڪئي حسد ۽ اپرڪا
نه پڙڪو ڪائي اُٿي- هيءَ کهڙو وڏو مانت اچي لٿو
هو، جو اَسانکي والڃهي، هن کي لولو ڏلو ويو هو!!
ڪکر ۾ ڪڙو نه وڃڻ جي خيال کان پنهنجي ليح لوٽي
جي ڳالهه ٻڌه ڪنهن سان ڪين ڪيم.

شاديءَ واري ڏينهن ساجهر ٿي منڙي لنب ڪري،
سهي سنيوري آيس ناناڻي گهر. وڏي پڙهجي پوري
ٿي هئي ۽ هري ۽ سندس مڱـــا، اَڳي ديوتا کي
پرڪرما ڏيئي، گهوٽ ڪنوار ٻنهي جي پوئين ڦيري ۾

٥٥- سلڪ جو سوُٽ

الهيءَ ڏينهن گوُري ۽ گهوٽس، ليڊي- ٻٽر هٽن ۾،
اَچي اَسان وٽ لٿا. گوُريءَ جي ڀاءُ هريءَ جي شادي
هئي. ناناڻن وٽان شاديءَ جو نوتو اَچي ته ناڪار ته
ڪرڻي ڪانه هئي؛ سو هڪدم ڪارڊ پڙهيم ته ڪڏهن
۽ ڪٿي ٿيڻو هو. شادي ڀورين تاريخ تي هئي ۽
شاديءَ جي شان ۾ شغل ٿيڻو هو ڪوهه. ڪاف آي-
هوٽل اوبيراءِ- شيراٽن ۾! پر مهنجي ٻنهي ڀورين تاريخ
پورا پنجٽيهه رپيا پيلي- ڪاري موٽر لي ڪير سهسائي!
مان ته الهيءَ لاءِ تيار ڪونه هوس!! سو ٺهه پهه
چيو مان: "ڀائي، جي موٽر موڪليندا ته حاضر اَچبو،
باقي ڀورين تاريخ پنجٽيهه رپيا ڀاڙا ڪرڻ جو ته
في الحال ويچار ڪونهيم" گوُري سمجهُو لڳي؛
هڪدم چيائين، "واهه ڀقات صاحب واهه! ڀورين سڄو
نوتو وٺي ته پورو ڪريو- فقط ڪارڊ پڙهي، چوُٽ مان
ڪڍي "نه" ڪيو. شادي ڏينهن جو اَيائي ٿي ٻجي
گهر ۾ ٿيندي، اُتي ته سولائيءَ سان اَچي سگهندا-
گهر ويجهو ئي ته آهي." الهيءَ لي ڇيومانس، "گوُري،
ڪوٺي ته ڪرستان آهي، سا ڀاپوڻ جي ويڙهيءَ واري
شادي سوڪار ڪندي؟" هڪدم ورندي ڏنائين،
"ڀورين گهر ۾ هندوُ وڌيءَ آنوسار ويڙهي پڙهبي، پوءِ
ديول ۾ ڪرستان ڪريا موجب شادي ٿيندي ۽ پوءِ ٿي

توکان پنهنجي شادي پلجي وڃڻي آهي ڪيئن!! گهوٽ ۽
تنهنجي گهر تي منهنجي پُٽ ۾ مرڪي رهيو آهي!!!

هاڻي ڏڻ مڃڻ جو وارو آيو- پاڻيءَ ڏڪڻا وٺندو وڃي
۽ سلوڪ اُچاريندو، سلوڪ جي آراڌنا ڪندو وڃي.
پر هرڪو جيڪو ڏيڻي وارو نوٽ رکندو وڃي، سو
اَڳيئين کان وڌيڪ ميرو! ”مهراج، هيءَ نوڳي نوٽ
ڪارج ڪيئن سڌ ڪندا!!“ ”سائين، بزار ۾ اهي نه
هلندا. اَج ڪالهه نوان نوٽ اظر اچن ڪٿي ٿا- اهي
نه پيئين نمبر وارن نوابن پاڻ وٽ قبض ڪيا ٿا ڏسجن!
اَساڻو ڪم رقم سان، پوءِ اها کهڙي به رنگ ۾ هجو
ڪين ڪٽي هجي!!“ هاڻي گهوٽ جي اَهڻ جو وارو
آيو. هن ڏڻ نه مڃڻ شروع ڪيا، پر بدا ڏڪڻا رکڻ جي!
الهيءَ تي مون پاڻيءَ کي هڪل ڪئي، ”مهراج، چست
ٿيءَ؛ ڇو تو پاڻ کي ڪس لايو. ڏڪڻا پهرين وصول
ڪريو. وقت-سر وصولي نه ٿي ته اوهانجو حق ڇٽو.“
اَهنر اَڳي ئي ڪو نتل هو، مٿان جو مون ٽيڪا ٽپڻي
ڪئي ته، منهن ڏامڻي هٽي ويس ۽ جهٽ ۾ رڙ يهو
ڪيڏي ڪيائين پاهر.

مولڪي ديول ۾ شاديءَ جو رولشو ڏسڻ جو نه
چاهه هو، نه ويچار. سو گهر ۾ شاديءَ جي سماپتيءَ
تي جڏهن بيا ديول ۾ وڃڻ جي تيارين کي لڳي ويا ته
مون پنهنجي گهر ڏالهن رک ڪئي. رستي تي آيس

هئا. جهٽ ڦيرو پورو ڪري، جاين مٿائي، جوڙو اَچي وهاڻوءَ واري سيج تي ويٺو- ڇوڪريون واڌايون وري ويئون ۽ تاڙين جو ٺهڪو ٻنا پهر جي ڪچ ڏيهر تائين جاري رهيو. شاديءَ جي باقي هڪ ٻه رسم اَدا ڪرڻ لاءِ وڃي رهي. تاڙيون پيريون ٿيون ته براهمڻ ڇوڪريءَ جو هٿ ڇوڪر جي هٿ ۾ ڏنئي، اهو سندس ڪرم تي رکارايو- فوٽو نڪري ويا، لاڏا ڳائجي ويا، پر ڇوڪري واٽن جيان نهاريندي ئي رهي!! انهيءَ تي مون ٻاپڻ کي ڪڙو ڪيو- "مهراج، ڪنوار کي سندس ٻوليءَ ۾ سمجهايو نه، ته آخر هن ڪارنامي جو پرڀوجن ڪهڙو آهي." تڏهن براهمڻ ٽوٽل ٽاٻڙيل اَنگريزيءَ ۾ ڇوڪر کي ٻڌايو تہ، گهوٽ سوامي توکي چوي ٿو ته "تون جهڙي به آهين آءٌ توکي اَگني ديوتا جي حاضريءَ ۾ ۽ مٿن مائٽن جي بيٺي پنهنجي خوشيءَ ۽ رضا سان پنهنجي اَرڌ-انگني ڪري سويڪار ٿو ڪريان ۽ سوڳند ٿو کڻان ته آءٌ توکي انهيءَ پد تي سديو قائم رکندس ۽ هر هميشه توکي سکي ۽ خوش رکڻ جو يتن ڪندس." ٻاپڻ، گهوٽ جو هيءُ سريشٽ سنديش ڪنوار کي سمجهائي، باقي رهيل رسم پوري ڪرڻ شروع تي ڪئي ته پنيان وينل ڪنهن مائٽياڻيءَ هڪل ڪئي ته "مهراج، ڇو ڪنوار کان اَهڙو قول ڪين ٿا ڪرايو؟ انهيءَ تي مون دخل ڏنو، "فلاڻي، توکي ڇا ٿيو آهي!

ته ڇوڪرن پيٽي پٽ بال راند ڪئي. ٻار ڇڱا وڏڙا هئا. مولڪي نزديڪ آيل ڏسي هنن منٽ ۾ راند مهمل ڪئي، ته ڪٿي هن ’بزرگ‘ کي ڪو ڪاٻار وارو ايذاءُ نه رسي. مان جنهن وٽانئن ٽپي لنگهيس ته منجهانئن هڪ، ٻئي کي چيو، ”ڏس، ڏس، هن کي ڇوريءَ آيل ولائتي ڪپڙي جو سوٽ پيو اَٽڪيئي! ڏس، ڪپڙو ڪئن نه پيو چلڪي!!“ اهو ٻڌندي منهنجي منهن تي مرڪ مڙي آئي- ديش جي دشا اَهڙي ڦري چڪي هئي جو ديسي شيءِ پرديسي تي ليکي وئي! مولڪي ته، هت اُٽيل اڄ سلڪ جو سوُٽ پيل هو، پر انهين ڏهيءَ وارن جو ولائتي ٽيريلين پيل ڪپڙو عام جام تي واپرايو، ته ڪين منهنجي سلڪ جو سوُٽ نرالو ئي لڳو ۽ پڪ هين ته، اهو ضرور ٻاهر جو ئي هوندو. ويتر جو وچڙائيءَ ۾ سرڪار لڪچوريءَ مال آڻيندڙن خلاف ڪاٽ ڪهاڙا کنيا هئا ۽ اَهڙين خبرن ۽ گرفتارين جو اَخبارن ۾ هرروز ڦهڪو پئي پيو، سو ڇوڪرن انهين ئي سمجهيو ته هيءُ نرالي وستو ولائتي ئي هوندي ۽ پڪ ئي پڪ لڪچوريءَ آئٽم هوندي!! پر شڪر جو تازو ممبئي پوليس ان لڪچوريءَ آئٽم مال ڪم آڻيندڙن تي ڪن نؤ- سوديشيءَ جي شيدائن جي ڪيل عقوبتن خلاف ترت ۽ ٽڪا قدم کنيا هئا، نه ته هوند منهنجو سوُٽ ته کهه پيو، شايد خود آءٌ به سچي لڳين سالم، گهر موٽي ڪين سگهان ها!!